# سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

سنڌيڪار
ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

## سنسڪرت - پراڪرت ۽ ٻين هندستاني ٻولين سان ڀيٽيل


مصنف

**ارنيسٽ ٽرومپ**

ترجمو

**ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ**

ٽرانسلٽريشن ۽ نظرثاني

**ولي رام ولڀ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين**



## سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختياري اداري جو ڪتاب نمبر (285)

سنڌي ترجمي جا حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

| | |
|---|---|
| مصنف: | ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ |
| ترجمو: | ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ |
| اُلٿو ۽ نظرثاني: | ولي رام ولڀ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ڇاپو: | پهريون: 2011ع، ٻيو: جنوري، 2017ع |
| تعداد: | 2000 |
| قيمت: | -/600 روپيا |
| ناشر: | پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، چيئرمئن سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو |
| پاران | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

**Catalogue Reference**
Trumpp, Dr. Ernest
Sindhi Boli-a- Jo Grammer
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-079-1

Sindhi Boli-a- Jo Grammer

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Ernest Trumpp |
| Translation: | Dr. Amjad Siraj Memon |
| Transliteration & Revision: | Valiram Valabh & Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | 1st: 2011, 2nd: January, 2017 |
| Quantity: | 2000 |
| Price: | Rs:600/- |
| Composed by: | Syeda Parsa Rizvi |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Prof. Dr. Abdul Ghafoor Memon Chairman, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Ali Hussnain Process & Printers Hyderabad. |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

## ناشر نوٽ

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جرمن مشنري هو، جيڪو هندستان جي مختلف علائقن ۾ ڪم ڪندو رهيو، هن هندستان جي مقامي ٻولين تي به ڪم ڪيو. سنڌ ۾ هو ان زماني ۾ آيو، جڏهن سنڌ جي عالمن سنڌيءَ جي حوالي سان ڪم پئي ڪيو. ڊاڪٽر ٽرومپ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي ڪم ڪيا، انهن ۾ ٻه وڏيڪ اهم آهن، هڪ شاهه جي رسالي کي مرتب ڪري جرمنيءَ مان ڇپرائڻ ۽ ٻيو سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي ڪتاب لکڻ. ڊاڪٽر ٽرومپ دروازي ٻولي تي به ڪم ڪيو ۽ بروهي ٻوليءَ جو گرامر لکيو.

ان وقت اڃا سرڪاري سطح تي هڪڙي سٽا واري الف – بي رائج نه ٿي هئي، هن سنڌيءَ جي حوالي سان جيڪا الف - بي جي سٽاءُ رکي، اها آخوند عبدالرحيم وفا عباسي گنبزي واري هئي. ٽرومپ هن ۾ ڪي مختصر تبديليون ضرور ڪيون هيون.

ان وقت تائين سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪو نظريو پڪو پختو هو، سو اهو ته سنڪسرت سنڌي ٻولي جي ماءُ آهي ۽ پراڪرت ان جي پيڻ آهي. ڊاڪٽر ٽرومپ سنڌيءَ جون ٻئي لپيون يعني عربي سنڌي ۽ ديوناگري سنڌي ڄاڻيندو هو، پر انگريزيءَ ۾ لکيل سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۾ هن سنڌي لفظن لاءِ ديوناگري خط اختيار ڪيو، هي هڪناياب ڪتاب هو، جيڪو گم ٿي وڃڻ جي ويجهو هو.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي شروعاتي رٿائن ۾ اهڙا ناياب ڪتاب هٿ ڪري ٻيهر ڇپرائڻ جي رٿا هلندڙ هئي، ان رٿا هيٺ ڊاڪٽر ٽرومپ جو هي گرامر ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. محترم ولي رام ولڀ ديوناگري لفظن کي اُلٽو ڪري موجوده لپيءَ ۾ آندو ۽ ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ انگريزي متن جو سنڌي ترجمو ڪيو هو.

پهرين ڇاپي جي ڇپائيءَ لاءِ ”اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف هيريٽيج آف سنڌ“ وارن مالي سهڪار ڪيو هو. هي ٻيو ڇاپو اٿارٽي پنهنجن وسيلن مان ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.

اسان کي اميد آهي ته سنڌي ٻولي خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي ڪم ڪرڻ وارن لاءِ اڳ وانگر هي ڪتاب هڪ وڏي وٿ ثابت ٿيندو.

15 جنوري، 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

# پيش لفظ

سنڌي وياڪرڻ (گرامر) جو هي ڪتاب، جيڪو هن وقت توهان جي هٿن ۾ آهي، جيتوڻيڪ ڪافي اڳ ۾ مڪمل ڪري چڪو هئس، پر ڇپرائڻ جي وسيلن جي اڻهوند جي ڪري، اهو ڪتاب اڳ ڇپجي نہ سگهيو ۽ آخرڪار اهو ممڪن ٿيو بہ تہ هندوستان جي ملڪ صاحب جي خاص مهربانيءَ جي ڪري، جنهن هن کي ڇپرائڻ لاءِ تمام گهڻي فراخدليءَ سان وسيلا مهيا ڪري ڏنا آهن.

منهنجي خيال ۾ منهنجي ڪوشش اها رهي آهي تہ هي وياڪرڻ جيترو جامع ٿي سگهي اوترو بهتر ٿيندو ۽ ان ڏس ۾ مونکي اميد آهي تہ پڙهندڙن جي خواهش ۽ طلب آهر هر ڳالهہ هن ۾ کين ملي سگهندي.

ٻولي سکندڙن لاءِ بهتر اهو ٿيندو تہ هر سڀ کان پهرين سنڌي آوازن/اچارن جي نظام کي سمجهن ۽ پوءِ ئي اهو ممڪن ٿيندو تہ هو مرحليوار ٻولي ۽ وياڪرڻ جي مختلف طريقن جي حصن جو مطالعو ڪن. ان ريت هو سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ جو اندازو بهتر نموني لڳائي سگهندا. اڳتي ڏنل تعارف اهڙن پڙهندڙن لاءِ آهي، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد (Origin) ۽ سڀاءَ کي وڌيڪ باريڪ بيني سان ڏسڻ گهرن ٿا.

اميد اٿم تہ جيڪي حوالا مون استعمال ڪيا آهن، انهن سان پڙهندڙن کي سنڌي ادب کي بهتر طور سمجهڻ ۾ مدد ملندي. (اهي حوالا گهڻي ڀاڱي منهنجي ڇپايل "شاهہ جو رسالو" مان ئي ڪنيل آهن). ان ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيئي قول ان ۾ شامل ڪيا اٿم، جيڪي مون پنهنجي اڳوڻي سنڌ جي دوري دوران گڏ ڪري رکيا هئا.

آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو تمام ضروري آهي تہ مقبول سنڌي قصن/ ڪهاڻين ۽ بيتن کي چڱي تعداد ۾ جمع ڪري هڪ انتهائي جامع ڪتاب تيار ڪجي، جنهن مان پوءِ تمام سٺو حصو چونڊ ڪري سگهجي. ٻي اهم ضرورت آهي هڪ جامع سنڌي لغت جي، جيتوڻيڪ مرحوم ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي ڊڪشنري ڪافي سٺي آهي، پر پراڻن نسخن کي پڙهڻ لاءِ ناڪافي آهي. اميد آهي تہ بمبئي پريزيڊنسي جي لغت جي موجوده ڊائريڪٽر مسٽر پائيل، جيڪو انتهائي محنتي ۽ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو آهي، جون ڪوششون پڙهندڙن جي ضرورت جو پورائو ڪنديون، جنهن لاءِ مسٽر پائيل جس لهڻي.

سنڌي ٻولي ڪا آسان ٻولي نہ آهي، بلڪ ان ۾ پراڪرتن کان وڌيڪ باريڪيون ۽ ڏکيائيون موجود آهن. ان جي باوجود سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻن ۽ ماهرن بہ پاڻ ملهايو آهي، جن جي ڪري هيءَ زبان هر دور ۾ پنهنجو وجود قائم رکندي ٿي اچي. جديد آريائي لهجن جي اڀياس لاءِ بہ سنڌي هڪ انتهائي اهم ذريعو آهي. ان ڏس ۾ هڪ طرف سنڌيءَ جو سنسڪرت- پراڪرت سان تہ ٻئي طرف لاڳاپيل ٻولين سان تعلق سمجهائڻ لاءِ ڪن جاين تي سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن تہ جيئن اتر هندوستان جي ٻولين جو هڪ تقابلي جائزو وٺي سگهجي، جنهن کي هيئنر تائين يڪسر نظر انداز ڪيو ويو آهي.

مرحوم ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جو وياڪرڻ جيتوڻيڪ هڪ قابل ستائش ۽ قابلِ تحسين ڪم آهي، پر (مسٽر واٿن جي سنڌي وياڪرڻ وانگر) نامڪمل ۽ علم نحو ۾ ڪٽل آهي. آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ جيڪي خاميون مٿي ڄاڻايل صاحب جي بي وقت رحلت جي ڪري رهجي ويون هيون، اهي هن ايڊيشن ۾ بهتر انداز ۾ اچڻ سان اڳيون خاميون وساري سگهبيون. انگريزي پڙهندڙن کي بلاشڪ هن ۾ اظهار جون غلطيون نظر اينديون. اهڙين غلطين يا چُڪن لاءِ آءٌ معافيءَ جو طلبگار آهيان، پر مون کي يقين آهي تہ اهي غلطيون ان ڪري بہ

درگذر ڪيون ويندڀون ڇو تہ جنهن ٻوليءَ ۾ مون پنهنجي خيالن کي ميڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اها منهنجي مادري زبان نہ هئي.

جڏهن هيءَ وياڪرڻ ڇپجي رهيو هو تہ منهنجو سِک گرنٿ جي ترجمي جي حوالي سان هندوستان وڃڻ ٿيو هو، پر هن جي ڇپجڻ وقت آءٌ پروف رڳو هڪڙو دفعو ڏسي سگهيس. ۽ ڇو تہ ڪنهن بہ وياڪرڻ ۾ بي شمار نقطا ۽ نشانيون هجن ٿيون، تنهن ڪري ڇاپي جي چڪن جي درستگيءَ ۾ غلطيون ڪرڻ جو اعتراف ڪريان ٿو. پڙهندڙن کي گذارش ٿو ڪريان تہ پلنامو ڏسي غلطين کي پڙهڻ کان اڳواٽ ئي درست ڪري ونن.

ريوٽلنگن
4 جون، 1872

اي. ٽرومپ

## مترجم پاران

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو هيءُ گرامر سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي گرامرن مان آهي جنهن جي اهميت کان ڪو انڪار ڪري نٿو سگهي پر گڏوگڏ ان جي ٻولي ۽ گرامر جا اصطلاح بہ آڳاٽا هئڻ ڪري ڏکيا ۽ موجوده دور جي اصطلاحن کان بنهہ مختلف هئا، ان ڪري جديد ڊڪشنرين ۾ نٿا ملن جنهن سبب هي ترجمو تمام ڏکيو ۽ وقت طلب رهيو. . . پر منهنجي خوشقسمتي جو منهنجي گهر ۾ لسانيات جا، خاص ڪري گرامر جا ماهر موجود هئڻ سبب مون کي گهڻي رهنمائي ملي. جنهن گهر ۾ بابا سائين (سراج الحق ميمڻ) ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جهڙا ٻوليءَ جا ماهر موجود هجن (جن جو والد ۽ منهنجو مرحوم ڏاڏو محمد يعقوب ’نياز‘ پنهنجي دور جو وڏو گرامر ۽ لغت نويسيءَ جو ڄاڻو ۽ عالم هو، جنهن ڊڪشنري آفيس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ورهين جا ورهيہ جامع سنڌي لغات اسڪيم ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون) اتي ترجمي جي ڏس ۾ پيش آيل ڪابہ مشڪل مون لاءِ مشڪل ڪانہ رهي. گرامر جا اصطلاح گهڻوڪري اڳ موجود سنڌي گرامر جي ڪتابن مان ورتا ويا آهن ۽ جتي ڪو مونجهارو هو تہ ان لاءِ ڊاڪٽر صاحبہ کان مدد ورتم. ان کانسواءِ جتي مون ڪيترين ٻيون لغتون ۽ ڊڪشنريون پيٽيون اتي پنهنجي مامي مرحوم عبدالحسين ميمڻ جي انگريزي- سنڌي ڊڪشنريءَ بہ منهنجي گهڻي مدد ڪئي. ٻوليءَ جو عشق ۽ ترجمي جو فن پوءِ اهو شاهہ لطيف جي بيتن جو هجي، ڊاڪٽر صاحبہ جي ٿيسز جو هجي يا ارنيسٽ ٽرمپ جي گرامر جو هجي، لڳي ٿو تہ منهنجي genes ۾ وڏڙن وٽان آيل آهي. مون کي ان ڳالهہ جي بہ خوشي آهي تہ هن خاندان جي ٽين پيڙهيءَ ۾ اها سعادت مون کي حاصل ٿي آهي تہ آءٌ پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ جي خدمت وارو تسلسل جاري رکان.
آءٌ محترم محمد ابراهيم جويي جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هي ڪم منهنجي هٿ ۾ ڏسي مونکي تمام گهڻو همٿايو ۽ چيائين تہ ”بابا هي تہ وڏي عرق ريزيءَ وارو ڪم هٿ ۾ ڪنيو اٿو“. سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا جا بہ ٿورا ضرور مڃيندس جنهن ڪيترن ئي ڏکين لفظن ۽ گرامر جي اصطلاحن جون سمجهاڻيون ڏنيون ۽ ترجمي لاءِ سهڻيون صلاحون ڏنيون،
مون کي اميد آهي تہ پڙهندڙن کي بہ منهنجو هي پورهيو پسند ايندو.

**ڊاڪٽر امجد سراج**

15 فيبروري 2011ع

فهرست


**تعارف** 13

• سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان تعلق 13

• سنڌي حروفِ علت جو سرشتو 14

• سنڌي ورنجن جو نظام 21

**سنڌي آئيوتا/الف ب**

**حصو پهريون**

سنڌي ۾ بناوتن جي جوڙجڪ 56

**باب پهريون**

• سنڌي اسمن جون پچاڙيون 56

**باب ٻيو**

• بنيادي بناوتون 63

**باب ٽيون**

• ثانوي بناوتون 71

**باب چوٿون**

• اسم تصغير جي جوڙجڪ 83

**باب پنجون**

• مُرڪب اسم 85

**باب ڇهون**

• اسم جي جنس 89

**باب ستون**

• مذڪر بنيادن مان مونث ٺاهڻ 94

**حصو ٻيو**

• اسمن جو گردان/ڦيرو 97

**باب اٺون**

• جمع جو ٺهڻ 97

• حالتن جي بناوت، حالتن جا جوڙ يا نشانيون 101

• اسم جي تشڪيلي صورت 107

**باب نائون**

• صفت 119

**باب ڏهون**

• عددي صفتون 126

**باب يارهون**

• ضمير 146

• ضميري صفت 161

• ضميري پچاڙيون 165

**حصو ٽيون**

• فعل 179

**باب ٻارهون**

• فعلي بناوتن جي جوڙجڪ-امر ۽ ڪردنت(اسم مشتق) 179

(اسم مشتق)

**باب تيرهون**

• زمانن ۽ شخصي ضميرن جي جوڙجڪ 200

**باب چوڏهون**

• معاون فعل 209

**باب پندرهون**

• باقاعده فعل جو گردان 220

**باب سورهون**

• مرڪب فعل 238

**باب سترهون**

• ضميري پچاڙين سان فعل 241

**حصو چوٿون**

• ظرف، حرف جر حرف جملو ۽ حرف ندا 258

**باب ارڙهون**

• ظرف 258

**باب اوڻهيون**

• حرف جر 266

**باب ويهون**

• حرف جملو 271

**باب ايڪيهون**

• حرف ندا 274

**علم نحو**

تجزياتي حصو 277

**حصو پهريون**

• اسم 277

**باب ٻيو**

- اسم جي جنس بابت 279

**باب ٽيون**

- عدد 281

**باب چوٿون**

- اسم جون مختلف حالتون 283

**باب پنجون**

- ضمير 295

**حصو ٻيو**

- فعل 302

**باب ڇهون**

- مصدر 302

**باب ستون**

- اسم مصدر 303

**باب اٺون**

- اسم مشتق يا ڪردنت 304

**باب نائون**

- فعل جا زمان 308

**باب ڏهون**

- صيغا 313

**ترڪيبي حصو**

- جملن جي تشڪيل ۽ جملن جو ميلاپ 316

**حصو ٽيون**

- سادو جملو 316

**باب يارهون**

- فاعل ۽ خبر (ڏيندڙ لفظ) 316

**باب ٻارهون**

- فاعل ۽ خبر ڏيندڙ لفظ جو ٺهڪي اچڻ 318

**باب تيرهون**

- ڪنهن ويجهي يا ڏور مفعول سان جملي جو وڌاءُ 319

**باب چوڏهون**

- فعل جي خبر ڏيندڙ لفظ خود فعل هجي ته ان جي سمجهاڻي سان جملي جو وڌڻ 321

**باب پندرهون**

- خبر ڏيندڙ فعل جو حذف ٿيڻ 322

**حصو چوٿون**

- مرڪب جملو 323

**باب سورهون**

- جملن جي هم آهنگي 323

**باب سترهون**

- هم آهنگ جملن جو ٺسي هڪ جملو ٿيڻ 324

**باب ارڙهون**

- جملن جي ماتحتي 326

**باب اوڻيهون**

- ماتحت جملن جا مخفف 329

**باب ويهون**

- بيان جو اڻ سڌو انداز 330

ضميمو-I 331

- سنڌي ڪئلنڊر (جنتري) 333

ضميمو-II

- عربي- سنڌيءَ جي مختلف اکرن جو جائزو
- گرامر جا اصطلاح 333

# سنڌي ٻوليءَ جو گرامر

# تعارف

## سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان تعلق

سنڌي ٻولي نج سنسڪرتي ٻولي آهي ۽ ٻين سڀني اتر هندوستاني ٻولين جي ڀيٽ ۾ ٻاهرين اثرن کان نسبتاً آزاد رهي آهي. قديم پراڪرت جي وياڪرڻ جي ماهرن پلي ئي اپڀرنش لهجن کي (جن مان جديد سنڌي ٻولي ڦٽي نڪتي) سڀني کان گهٽ درجو ڏنو هجي، پر جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جي سنڌس ڀينر ٻولين سان (وياڪرڻ جي حوالي سان ) ڀيٽ ڪريون ته بلاشڪ اها سڀني کان مٿاهين ڏسڻ ۾ ٿي اچي. ان جو قديم پراڪرت سان تمام ويجهو تعلق ٿو ڏسجي، بنسبت ان وقت جي مراٺي، هندي، بنگالي ۽ پنجابي زبانن جي، هن وياڪرڻ جي حوالي سان اهڙيون خاصيتون پاڻ ۾ قائم رکيون جيڪي ٻيون همعصر ٻوليون نه رکي سگهيون، ڇاڪاڻ جو جتي هندوستان جون لڳ ڀڳ سڀئي ٻوليون جن[1] تباهين جو شڪار آهن ۽ جتي تباهه ٿيندڙ انهن ٻولين جون ذيلي شاخون مادري زبان جي صورت، ۾ به غائب ٿينديون وڃن، عين انهيءَ جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ پنهنجو مقام قائم رکيو آهي ۽ پنهنجي سڀني جزن جو بچاءُ ڪندي پنهنجي لاءِ وياڪرڻ جو اهڙو نظام پيدا ڪيو آهي، جيڪو هن جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ هڪ لازمي اضافو آهي ۽ جيڪو هن جي ڀينر ٻولين کان تمام گهڻو اڳتي نڪتل آهي.

قديم پراڪرتن جي تباهيءَ جي دور ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي مقام جي حفاظت ڪئي آهي، جڏهن ته ٻين مڙني لاڳاپيل لهجن لاءِ اها ڳالهه ڪرڻ نامناسب ٿيندو. جيئن اسان پنهنجي تعارفي مڪالمي ۾ ڏسنداسين ته جيڪي قانون پراڪرتي وياڪرڻي ماهر ڪرمديشوَر اپڀرنش بابت پيش ڪيا، اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄا نظر اچن ٿا. جنهنڪري سنڌي هڪ خودمختيار ٻولي آهي (جنهن جو جيتوڻيڪ پنهنجين همعصر ٻولين سان هڪ ڳانڍاپو آهي) پر هن پنهنجي مادي تشخص کي قائم پئي رکيو آهي.

سنڌ ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻولي ٽن لهجن ۾ ورهايل آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ وياڪرڻ جو فرق ٿورو ڪو هوندو، پر اچار ۾ ڪنهن حد تائين فرق ظاهر نظر اچي ٿو. سنڌ جي ڏکڻ ۾ ڳالهائجندڙ لهجي کي 'لاڙي' (يعني لاڙ جو[2]) سڏجي ٿو ۽ اهو علائقو سنڌ جي سامونڊي پٽي ۽ انڊس ڊيلٽا تي مشتمل آهي. حيدرآباد جي اتر واري علائقي کي 'سِرو' سڏجي ٿو ۽ اتي جي لهجي کي 'سرائيڪي'[3] سڏيو ويو آهي. ساڄي ريت سنڌ جي صحرا ٿر جي لهجي کي 'ٿريلي' سڏيو ويو آهي.

جيتوڻيڪ لاڙ جو لهجو، جيڪو سڄي سنڌ ۾ ڳالهائجي ٿو، صفا اصلوڪو ڪونهي، ۽ ان ۾ حرف علت کي ننڍو ڪيو ٿو وڃي ۽ وينجن به عام طرح هلڪو ڪري جذب ڪيو ويندو آهي. لاڙ جي ڀيٽ ۾ اترادي يا سرائيڪي لهجي ڪافي حد تائين پنهنجي اصل شڪل ۾ ئي رهڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ انهن جا

---

[1] جديد ڀارتي ٻولين جي ڳالهه ڪندي اسان ڏکڻ جي دراوڙي ٻولين کي جدا رکنداسين ڇو ته اهو هڪ قطعي الڳ زبانن جو ميڙ آهي.

[2] لاڙ هڪ اسم خاص نه، پر هڪ اسم عام آهي، جنهن جي معنيٰ آهي هيٺيون زميني علائقو/ لاهيءَ وارو پٽ. ساڳيءَ ريت سِرو معنيٰ مٿيون علائقو.

[3] اها دراصل اترادي يا "سِريلي" آهي، جنهن کي ٽرومپ ۽ گريئرسن پنهنجن ڪتابن ۾ ان وقت 'سرائيڪي' لکيو هو (ايڊيٽر).

اچار بہ اصلي شڪلين ۾ ملن ٿا. سرائيڪيءَ (سريلي) جي لاڙيءَ تي اُن برتري، تي اڪثر سنڌي پهاڪو ڏيندا آهن. "لاڙ جو پڙهيو، سري جو ڍڳو". يعني لاڙ جو پڙهيل اتر جو ڍڳو آهي.

ٿر جو لهجو ڪافي سگهارو پر اڻ سڌريل هئڻ سان گڏ مارواڙيءَ سان گهڻو گڏجي ويو آهي. شڪاري، ڍيڍ (مزدور) ۽ ٻيون هينيون ذاتيون اهو لهجو ڳالهائين ٿيون ۽ منهنجي خيال ۾ ان لهجي جا ڪي ادبي حوالا بہ نہ ٿا ملن.

هن تعارف جو مقصد سنڌيءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان لاڳاپو سمجهائڻ آهي ۽ ان جو وڌيڪ ادراڪ ڪرڻ لاءِ هاڻ اسان ڪجهہ قانون ۽ قاعدا سامهون رکنداسين جن موجب پراڪرتن ڪي ذريعو بڻائيندي سنسڪرت مان سنڌي ٻوليءَ جي سُرن ۽ وينجنن جو سرشتو ڦٽي نڪتو آهي. اميد ٿي ڪجي تہ ان ذريعي سنڌيءَ ڪي ان جي ٻين ويجهين ٻولين سان ڀيٽائڻ ۾ مدد ملندي. ان سان اسان آريائي نسل جي نشاندهي ڪري اهو سمجهي سگهنداسين تہ ان مان ڪهڙيون شيون وقت سان هن ۾ شامل ٿيون يا نڪري ويون. تنهن ڪانسواءِ اسان ڪجهہ اهڙن اچارن جي باقيات ڳولهي سگهنداسون جيڪي ڪنهن قديم اصلوڪي ٻوليءَ مان اچي هن ۾ شامل ٿيون، پر جنهن اصلوڪي ٻوليءَ جو نالو نشان بہ نٿو ملي، ۽ اها پڪ ئي (Tatar) تاتاري نسل جي ٻولين مان هئي ۽ جيڪا سموري هندوستان جي طول و عرض تي آريائي قوم جي اثر کان بہ پهرين ڦهلجي وئي هئي، جاڪاڻ تہ اتي جي ٻين سيني ٻولين ۾ اڻ- آريائي لفظن جي باقيات ملي ٿي. جنهن کي پراڻن پراڪرتي وياڪرڻين "علائقائي" (ديسي) قرار ڏنو آهي.

هن ڪتاب ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جيئن هندوستان جي جديد ٻولين جو وڌيڪ گهرائيءَ سان ڇيد ڪري سگهجي ۽ مونکي يقين آهي تہ هي نمائنده اصول ان ڏس ۾ نہ رڳو ڪارآمد ٿيندا پر ان موضوع جي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ لاءِ مشعلِ راهہ ثابت ٿيندا، جنهن جي لاءِ مون هيءَ ڪوشش ڪئي آهي.

نمبر - 1

# I. THE SINDHI VOWEL SYSTEM

## سنڌي حروف علت جو سرشتو [1]

سيني کان پهرين اچو تہ سنڌي ٻوليءَ جي مفرد حروف علت (single vowels) يا ڇڙن سرن جي مختلف پهلوئن ۽ انهن جي بدلجڻ، ادل بدل (مٽجڻ)، سسڻ (contraction) ۽ حذف (elision) ٿيڻ کي ٿا ڏسون.

### 1) ṛ and its permutations

### ڙ[2] ۽ ان جون مختلف صورتون

قديم پراڪرت جيان سنڌي پنهنجن آوازن مان سنسڪرت واري ڙ کي ختم ڪندي ٿي پائنجي، ڇاڪاڻ تہ يا تہ ان کي حرف علت ڪري ڪتب آندو اٿس، جنهن صورت ۾ ان کي اَ يا اِ ۾ بدلايو ٿو وڃي يا وينجڻ طور عام ڙ جي صورت ۾ موافق ٿي ڪري.

لفظ جي شروعات ۾ جيڪڏهن سنسڪرت ڙ پاڻمرادو بيٺل آهي تہ اتي اها رِ ۾ تبديل ٿيو وڃي جيئن پراڪرتن ۾ ٿيندو آهي. مثلاً: (سنڌي) رِڇُ - پراڪرت رِڇَ، سنسڪرت ڙڪشَ.

---

[1] سنڌيءَ جي سنسڪرت ۽ پراڪرت سان تقابلي جائزي جي لاءِ هن تعارفي مقالي ۾ سنسڪرت جي ترميم ٿيل آئيوٽا (لپي) استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن جو تفصيل اڳتي هلي سنڌي آئيوٽا ۾ ڏسنداسون. هت هر جاءِ تي استعمال ٿيندڙ رومن هجي پروفيسر ڊاڪٽر ليپسيئس جي "معياري آئيوٽا" (standard alphabets) ٻئي ڇاپي سان مطابقت رکي ٿي.

[2] اها ڙ سنسڪرت ۾ ڏاڍ ۽ زورائتو اچار رکي ٿي ان کي سنڌيءَ واري عام ڙ يا ر سان منجهائڻ نہ گهرجي (ايڊيٽر)

ڊگهو سر اُو سنڌي ۾ پراڪرت کان وڌيڪ ثابت قدميءَ سان قائم رهيو آهي. مثال نُورو (زيور) پراڪرت ٹيئُر ۽ سنسڪرت نوُپُرَ. جن صورتن ۾ پراڪرت ۾ اصلي اُو گهٽجي اوَ ٿئي ٿو، ته اصلي سر سنڌيءَ ۾ وري ظاهر ٿئي ٿو، جيئن اُڪِري - پراڪرت اوڪل، سنسڪرت اُلکَلَ؛ پُٽِ (طاقت) - پراڪرت پوڊِٺ، سنسڪرت پٿر؛ جيتوڻيڪ ان جو ملندڙ اچار پُٺِ (پٺي جو حصو) کي الڳ سمجهڻ گهرجي جنهن جي سنسڪرت صورت پرِشٺ ۽ هندي ۾ پيٺ آهي.

## d) The vowels ē and ō

## حرف علت: اي ۽ اُ

سنڌي ۾ اهي ٻئي سر (پراڪرت وانگر) هاڻ سادا اچار (simple sounds) اچار ڪري سمجهيا وڃن ٿا نه ڪي گهُٽا سر (guna vowels). پراڪرت وانگر سنڌيءَ ۾ اِي ۽ او سدائين ڊگها اچاربا آهن. پراڪرت جي اي جي جاءِ تي سنڌيءَ ۾ ڇوٽو اِ متبادل طور استعمال ٿيندو آهي. مثلاً هِڪُ - پراڪرت ايڪّ. ساڳيءَ ريت پراڪرت جو سُر اوَ ڇوٽي اُ ۾ بدلجي ٿو (جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيوسون).

انهن ٻنهي سرن ثابت قدميءَ سان پنهنجو پاڻ کي سانڍيو آهي ۽ پراڪرت ۾ جنهن ٻه جاءِ تي وينجن جي سَنڌي (assimilation) ٿيڻ جي ڪري اڳ ۾ ئي هي ڇوٽا ٿي ٿا وڃن، اهڙي صورتن ۾ ٻه سنڌيءَ ۾ اهي تواتر سان ظاهر ٿين ٿا. مثلاً: پرِيَمُ- پراڪرت پيمَ؛ جوِيَنُ - پراڪرت جووَڻُ؛ جوڳُ - پراڪرت جوڳَ، سنسڪرت يوڳيَه.

تمام گهڻ موقعن تي اوَ ڇوٽو ٿي اُ ۾ بدلجي ٿو. مثلاً لُهَارُ بجاءِ لوهَڪارُ (سنسڪرت: لوهَڪارَ) جتي آ ڇوٽو ٿي اَ ٿيو وڃي؛ ۽ اِي بدلجي اِي ٿيو وڃي. مثال: پِيچُ (سوڪهڙو) - سنسڪرت پيِيَ؛ ڪِي (ڀلائي) - سنسڪرت ڪشير؛ نينهُ - پراڪرت ڻوهو، سنيهه- سنسڪرت سنيهه؛ مِينهُ - پراڪرت مِيهوَ، سنسڪرت ميگهَ.

اسم جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ خاص ڪري شاعريءَ ۾ اِي ۽ اوَ بدلجي اِي ۽ اُو ٿين ٿا ۽ اهي تبديليون چاڪاڻ ته سنڌيءَ ۾ خاص طور ڏٺيون ٿيون وڃن تنهنڪري انهن جو ذڪر اسان هن کان پوءِ ڏار ڪنداسون. ڪرمديشوَر جيڪي خصوصيتون اپڀرنش لهجي ۾ ڄاڻايون آهن، سنڌي انهن تي پوري پوندي ٿي ڏسجي؛ ان ۾ اِ کي اِي جي متبادل طور مڪاني واحد (locative singular) جي صورت ۾ استعمال ٿيندي ڏٺو ٿو وڃي. مثال پرَڏيهِ، گهَرِ وغيره. اپڀرنش وانگر سنڌي ٻه ساڳي طرح پراڪرتي پڇاڙي اوَ کي اُ ۾ ڪافي حد تائين تبديل ڪري ٿي. مثال ڪَرُ- پراڪرت ڪمو وغيره. اها ساڳي ڳالهه حالت اپادان (ablative) واحد پڇاڙي اٿادو لاءِ ٻه چئي سگهجي ٿي، (جنهن ۾ آ، اوَ ٿيندي د کي حذف ٿو ڪري) ۽ جيڪو اپڀرنش ۾ عام طرح ڇوٽو ڪري اَدُ ٿئي ٿو ۽ وري سنڌيءَ ۾ آ کان اُ ٿي ٿو وڃي. جيئن گهراءُ (گهران). اڄڪلهه اها پراڻي سنڌي حالت اپادان پڇاڙي (ablative termination) عام طرح سڪڙجي اَنُئُنَ[1] ۾ بدلجي ٿي ( آ ساڳي ريت اَ ۾ ڇوٽي ٿيو وڃي ۽ وٿي ختم ڪرڻ لاءِ ٻئي سر انوسوار (nasal) ڪيا ٿا وڃن. باوجود ان جي اَ- ءُ اڃان ٻه شاعريءَ ۾ عام طور استعمال ڪيا ٿا وڃن.

نمبر - 3

# The elision, contraction and insertion of vowels

# حرف علت جو ڇوٽو، حذف يا واڌارو ٿيڻ

اهي ٽئي نڪتا جيڪي پراڪرت لهجي ۾ انتهائي اهميت جا حامل آهن، انهن جو سنڌيءَ جي حوالي سان مختصراً هيٺ ڏنل تبصري سان جائزو وٺي سگهجي ٿو.

---

[1] ٽرومپ هتي حالت اپادان جي پڇاڙي اَنئُن ڏني آهي جيڪا معياري لهجي ۾ آنُ آهي. لاڙ ۾ ٻه آنُ استعمال ٿئي ٿي (ايڊيٽر)

(الف) پراڪرت جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ سر جو حذف ٿيڻ نسبتاً تمام گهٽ ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ وينجن پنهنجي جڳهہ تي قائم ٿا رهن. البت ڪافي جاين تي سنڌي پراڪرت استعمال جي پابندي ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مثلاً ڏڳارو (مندر)، ڏکار (دروازو) جي مختلف صورت - سنسڪرت دوار؛ سنسڪرت ديوالَيہ هتان اِي حذف ڪيل اهي؛ سِئارو (سيارو) - پراڪرت سِيئارو، سنسڪرت شيتڪال؛ ڪُنيرُ - سنسڪرت: ڪُنيڪار؛ پکال (پخال) - سنسڪرت پَيَہ، ڪَلَ؛ رِڌُ - سنسڪرت ۾ اِرڌَنَ، ڏِيءَ (پراڪرت ڏِيئا — ڏسو (Lassen P:172). ٻہ- پراڪرت ٻہ، سنسڪرت اڻاپ.

(ب) جيتري قدر سُر جي ڇوٽي ٿيڻ جو سوال آهي تہ ان ڏس ۾ سنڌيءَ جي پراڪرت سان ڪنهن حد تائين هم آهنگي آهي، پر تنهن هوندي بہ مون ڪن جاين تي ان کي پراڪرت جي مناسبت سان هنديءَ کان مختلف ڏٺو آهي. جيئن ڇوٽون - پراڪرت ڇٽُٽ، سنسڪرت ڇترُٽ؛ مورُ- پراڪرت موَر، سنسڪرت ميوُرَ؛ لوڻُ - پراڪرت لُوڻَ، سنسڪرت لوَڻ؛ سونَ - سنسڪرت سُوَرَڻ.

(پ) سُرن جي واڌاري جي حوالي سان سنڌي پراڪرت سان پوري طرح سهمت آهي.

(i) ڪنهن اصلوڪي مرڪب وينجن جي اچار کي آسان بنائڻ لاءِ انهن جي وچ ۾ سُر جو اضافو ڪيو ويندو آهي. ڪنهن مخصوص سُر جو اضافو ان ڳالهہ تي منحصر آهي تہ اڳ ۾ آيل سر ڪهڙا آهن يا وينجن جو ورگ (varga) ڪهڙو آهي، جنهن کي ان کان اڳ آيل حرف صحيح کان جدا ڪرڻو آهي. البت ان قاعدي جي سختيءَ سان پابندي هر جاءِ تي نٿي ڏسجي. جن لفظن ۾ اَ سر اضافي طور لڳائجي ٿو، اهي آهن مثال طور: سراهہ - پراڪرت سَلاَها، سنسڪرت شِرڌا؛ سُلوڪَ - پراڪرت سِلوءِ، سنسڪرت شلوڪ.

اِ سر جا مثال آهن: اِستري، پراڪرت اِتِّي، سنسڪرت ستري؛ وَرِهُ - پراڪرت ورِسو، سنسڪرت وَرَشُ؛ مِلَڻُ - پراڪرت مِلاڻ، سنسڪرت ڌاتو مَئل.اُ سر جي اضافي جا مثال: سُپنو، پراڪرت سِبڻَ، سنسڪرت سوَپنَ؛ سُمُرَڻُ (ياد ڪرڻ) - پراڪرت سُمَر، سنسڪرت سمَرَ (ڌاتو: سُمَر).

(ii) ڪن جاين تي سنڌي ڌاتو سرن کي مرڪب وينجن جي وچ ۾ آڻي اضافي سُر ڪتب آڻيندي آخري وينجن حذف ڪري ٿي ڇڏي. مثلاً سيڻُ- پراڪرت، سَڻيهہ، سنسڪرت سنِيهہ؛ يا وري عمومي طرح سنئون سڌو مرڪب وينجن حذف ٿيو وڃي جيئن: نُوهُو (نُنهن) - پراڪرت سورَاهہ، سنسڪرت سُنشا؛ سَگهَڻُ - پراڪرت سڪّئوم، سنسڪرت شڪنوم.

نمبر - 4

## Sandhi, Hiatus and Euphony

## سنڌي (ادغام)، وٿي ۽ ملو اچار (صوتياتي تبديلي)

سنڌي بہ پراڪرت وانگر اچارن جي ڦيرڦار جي قاعدن جي پابند رهي ٿي ۽ تنهنڪري سُر سَنڌي/ ادغام جي اصولن جي برعڪس پاڻ ۾ ڳنڍجن ٿا. ڪجهہ ڳڻ استعمال ٿيندڙ سرُن کي جدا ڪرڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ انوسوار (Anasvara) جو استعمال ٿئي ٿو، جنهن تحت هڪ خاص گهڻو آواز اچار ۾ ڳنڍجي ٿو، جيڪو پڌڻ ۾ ايترو وڻندڙ ناهي. مثال آنئون (آءٌ)؛ سُڪانئون (سُڪا جو جمع)؛ ڪانئڻُ (سارڻُ)؛ ڳنئون وغيره. اهو ئي انوسوارا سر جي اچار کي ڏگهو ڪرڻ ۾ بہ ڪم اچي ٿو. جيئن مِينهُ - سنسڪرت ميگهہ؛ ۽ اهو خاص ڪري تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن ڪو اسم ڏگهي سُر تي ختم ٿو ٿئي. مثلاً پرِينَ، پوُنَ وغيره.

وري ٻين جاين تي اهڙا مثال بہ ملن ٿا جتي اهو گهڻو آواز سنڌيءَ ۾ حذف ٿيندي نظر اچي ٿو. مثال: ماسُ. ماهُ- سنسڪرت مائسَ.

2) ڳ صرف هڪ جڳهه تي وسرڳجي گهَرُ ٿيو وڃي، پراڪرت ۾ بجاءِ گرَهه جي اهو گهر آهي، سنسڪرت- گرهه.

3) ت اڪثر هنڌن تي ان جهڙي مورڌني ٽ ۾ تبديل ٿئي ٿي. ڏندوان اچارن جو پنهنجي جڳهه مٽائي مورڌني بنجڻ جو رجحان ايترو تہ آهي، جو سنڌيءَ جو وينجن سرشتو قديم پراڪرت کان مادي ۽ خصوصي طور تمام مختلف آهي، مثلاً: ٽرامو (ٽامو)- پراڪرت تانب، سنسڪرت تامر - هندي تانبا؛ ٽري (ٽي) - پراڪرت تِڻِ، سنسڪرت تريڻ (هندي تين)، اها ئي ساڳي حالت وسرڳ ٿ جي آهي، مثلاً: ٺاڻُ - پراڪرت ٺاڻ ۽ سنسڪرت ستان.

مورڌني ٽ (ٺ) ۽ ان جو پاسيرو (media[1]) ڊ (ڍ) ٻوليءَ جا انتهائي اڻ آريائي جزا آهن. تقريباً ٽي پاڱي چار لفظ جيڪي مورڌني اچار سان شروع ٿين ٿا، اهي ڪنهن اصلوڪي اڻ آريائي ٻوليءَ مان آيا آهن، جن کي ڪجهہ وقت کان سِٿيَن ([2]scythian) سڏيو ويو آهي، پر جنهن کي اسان تاتاري سڏڻ بهتر ٿا سمجهون. اهو هڪ انتهائي پختو ثبوت آهي تہ مورڌني اچار ڪن پراڻين ٻولين مان ڪنيل ٿا ڀانئجن، جڏهن اجا آريائي ٻولين جو وجود ئي ڪونہ هو. سنسڪرت ۾ مورڌني اچار جو استعمال ورلي ٿئي ٿو. البت پراڪرت، جيڪا اڳئي نالي ماتر علائقائي جزن سان رڱيل آهي ۽ جيڪا اڳ ۾ بہ ڏنداون اچارن کي اکيڙڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي.

4) د ۽ ان جو tenuis[3] ت اڪثر پنهنجي لاڳاپيل مورڌني ڏ ۾ تبديل ٿيندو آهي ۽ جيتوڻيڪ د ڪنهن لفظ جي شروعات ۾ سخت ۽ ڌماڪيدار نٿو لڳي، تڏهن بہ اڪثر حالتن ۾ اهو مخصوص سنڌي ڏ ۾ بدلجي ٿو (ڏ جي اچار لاءِ ڏسو سنڌي آئيوينا ۾) مثلاً ڏولي - پراڪرت ڏولا، سنسڪرت دولا؛ ڏنڊُ (لڪڻ) - پراڪرت ڊِنڊَ، سنسڪرت دنڊَ؛ ڏِئڻُ - پراڪرت ديمِ، سنسڪرت ڏاتو دا، ڏِسَڻُ - پراڪرت دِڪَک، سنسڪرت درشہ، پر جيڪڏهن ر کي مورڌني بدل سان ملائڻو هجي تہ سادي مورڌني د استعمال ڪرڻ ضروري آهي، ڇو تہ ڏ پاڻ پنهنجي حيثيت ۾ ٻٽو مورڌني آواز آهي. مثال ڊراک (ڊاک) - سنسڪرت دراکشا، هندي داک. سادو مورڌني ڊ ڪنهن لفظ جي شروعات ۾ تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو ۽ ان جي ڏ کان الڳ سڃاڻپ ڪرڻ ضروري آهي. مثلاً ڊِلو ۽ ڏِلو. (جيڪو ڏسڻ جو اسم مفعول آهي).

د پنهنجي وسرڳ ڌ ۾ هڪ جاءِ تي تبديل ٿئي ٿو. ڌِءُ ۽ اهو پراڪرت جي ڌِيدا يا ڌِٿا جي پوئواري ڪندي ٿو ڏسجي.

5) منڍ واري پ ڪن حالتن ۾ وسرڳجي ٿي. مثال ڦاسي يا ڦاهي- سنسڪرت پاش، هندي ڦانسي؛ ڪڏهن ڪڏهن اهو نيم سر و ۾ وڃي ٿو ملي (ب جي ذريعي) مثلاً واجهو (هندو ماستر) - سنسڪرت اُپاڌيا (منڍ واري اُ کي ڪيرائيندي).

6) نيم سر ي سنڌيءَ ۾ لفظ جي شروعات ۾ تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو. مثلاً: يِيڻ؛ يِٽو (سگهارو)؛ يارنهن. پراڪرت جي مناسبت سان منڍ واري ي عام طرح ج ۾ بدلجي ٿي. مثال جو (جيڪو) - سنسڪرت يو؛ جسُ (مشهور) - سنسڪرت يش.

جيڪي لفظ عربي يا فارسيءَ مان اڌارا ورتل آهن انهن ۾ ي موجود رهي آهي. مثلاً يارُ، فارسي يار وغيره. اها واحد صورت جتي سنڌي ۾ ي، ل ۾ بدلجي ٿي اها آهي لَٺِ. ساڳي صورت پراڪرت لَٽِ، سنسڪرت يَشِٽ.

---

[1] باوجود گهڻي ڪوشش جي هن لفظ جي معنيٰ وياڪرڻ يا صوتيات جي حوالي سان نہ ملي سگهي (مترجم)

[2] اهو لفظ (Scythian) جيتوڻيڪ ڊاڪٽر ڪالڊويل ۽ ويسٽرايڊنورس استعمال ڪيو آهي، اسان کي غير ۽ مبهم ٿو لڳي. تاتار وڌيڪ واضح ٿو لڳي جوان مان ٻولين جي هڪ خاص گروپ ڏانهن اشارو ملي ٿو.

[3] هن لفظ جي معنيٰ پڻ ڊڪشنرين ۾ نہ ٿي ملي (مترجم)

نمبر - 8

## 3) Single Aspirates in the midst of a word

## لفظ جي وچ ۾ ڇڙا وسرڳ

جيتوڻيڪ ڇانٽي ڪرڻ جا پراڪرتي قاعدا بہ موجود آهن، پر تڏهن بہ سنڌيءَ ۾ اڪثر ڪري وسرڳ گهٽي ياڱي ڇانٽي ٿيڻ بجاءِ قائم رهندا آهن.

(الف) اڪر ڪ، گهہ، ٿ، ڌ ۽ ڀ بہ اهڙيءَ ريت ڇانٽي ٿي سگهن ٿا جو سندن ڳرو هہ جو آواز نڪري وڃي. ان قاعدي جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پراڪرت ۾ اشارو ملي ٿو تہ ان ۾ وسرڳن کي مرڪب وينجن ڪري سمجهيو ٿو وڃي. جيئن گهہ، ڦ وغيره جي صورت ۾ بنياد کي حذف ڪري فقط هہ (Spiritus) قائم ٿي رهي. پراڪرت ۾ وسرڳن جو مِنجھ ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ تہ ان پنيان ڪو لڪل تاتاري اثر آهي، ڇو تہ ڏکڻ جي دراوڙي ٻولين ۾ وسرڳن جو وجود ئي نہ آهي. پراڪرت جي وسرڳن کي حذف ڪرڻ جي لاڙي جي برعڪس جديد ٻولين تمام سخت رد عمل ڏيکاريندي انهن وسرڳن جي اچارن کي پنهنجي جهڙين ٻين مادري ٻولين کان وڌيڪ سانديِ رکيو آهي.

ڇانٽيءَ (Elision) جا مثال: مُنهن - پراڪرت مُنُهنَ؛ سنسڪرت مُک جڏهن تہ مُکُ سنڌيءَ بہ ۾ استعمال ٿيندو آهي. مِينَهُہ - پراڪرت مِيهُہ، سنسڪرت ميگهُہ؛ لفظ ميگهُہ سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. سَهي - پراڪرت سِهِي، سنسڪرت سُبک؛ ڪَهَڻُ - پراڪرت ڪَهَہ، سنسڪرت ڪَٿَ؛ لَهَڻُ - سنسڪرت لَڀَ.

ڪن صورتن ۾ سنڌي پراڪرت کان اڳتي وڌندي هہ کي ان جي بنياد کان حذف ڪري ٿي. جيئن ساءُ - پراڪرت ساهُہ، سنسڪرت ساڌُ.

(ب) ۾ عام طرح زيرِ بحث وسرڳ قائم رکيا ويندا آهن، جيئن سُک - پراڪرت سُکَ؛ اَڊِيرو - پراڪرت اڊيرو؛ سُگهَوُ - سنسڪرت سَگَٿَ.

(پ) ڪجهہ وسرڳ مثلاً ڇ، جهہ، ٺ، ڍ ۽ ڦ جيئن جو تيئن قائم ٿا رهن: اِڇا - سنسڪرت اِڇَا؛ اَڇو - سنسڪرت اَڇ؛ ڪَٺِي - سنسڪرت ڪٺِيہ؛ ڍُونئَڍُ - سنسڪرت ڍونڍنُ؛ سَڦَلُ - سنسڪرت سڦَل.

(ت) وسرڳ ٺ پنهنجي لاڳاپيل ويجهي آواز ۾ بہ بدلجي سگهي ٿي. مثلاً سُنڍِ - سنسڪرت: سُٺِلِي ۽ هندي سورٺ؛ ڪنڍي يا ڪنٺِي؛ ڳَنڍِ - پراڪرت ڳَنٺِ، سنسڪرت: ڳَنٺ. Media جو لاڳاپيل (Tenuis) ۾ بدلجڻ ورلي ڪو ملي ٿو. مثلاً سُٿو - سنسڪرت شُڌِ، هندي سُڌ.

(ٿ) وسرڳ ڏنداون ٿ ڪجهہ صورتن ۾ سندس لاڳاپيل آواز ڌ ۾ بدلجي ٿو. مثلاً پُنڌُ - سنسڪرت پنٿا- وسرڳيل ڏندائون آواز اچار سندن لاڳاپيل مورڌني اچارن ۾ بہ بدلجي سگهن ٿا. مثلاً ٻڍو- پراڪرت وڏِ، سنسڪرت ورَڌ؛ مُوڙهہ (مورک) - پراڪرت مُوڍَ، سنسڪرت مُگڌ.

ڪو وسرڳيل ڏَندائون اچار/ اڪر پنهنجي لاڳاپيل اڻ وسرڳ ۾ تمام گهٽ ڪو بدلبو آهي. مثلاً: مَدُ- سنسڪرت مَڌُ، (هندي مد ۽ مڌو).

نمبر - 9

## 4) Singular nasals

## ڇڙا انوناسڪ

ڏندائون ن ڪڏهن سخت تارونءَ واري ڄ ۾ بدلجي ٿو: مثلاً ٿَڃُ - سنسڪرت اَستَنَ، هندي ٿن؛ ن وري ڪٿي تہ مورڌني ڻ ۾ بدلجي ٿو. مثال ڏيڻ (ڪير ڏيندڙ ڏِڳي) - سنسڪرت ڌينُ- لِرُ (نر) جي لفظ ۾ ن

متبادل طور ل تي استعمال ٿيو آهي. سنسڪرت نِمبُ، هندي نِيمَ ۽ لِيمُ.

سخت تارونءَ واري ج ڪجھ صورتن ۾ جَ (= سنڌي ڄ) ۾ تبديل ٿئي ٿي. مثلاً مڄ حالانڪ ان جي صورت مڄُ (هڏي جي مک) ٻڄي بہ استعمال ۾ آهي. (سنسڪرت صورت مجا) ساڳيءَ ريت ڄ مڃي ڻ ٻڃي سگهي ٿي. مثلاً: پُڃِي (نيڪ) - پراڪرت پراڻ، سنسڪرت پرايہ: سُڃو - پراڪرت سُراڻ، سنسڪرت شُرايہ: ائين تمام گهٽ ٿيندو آهي تہ ڪو مورڌني ن ڏندوان ۾ بدلجي مثلاً پُنو جيڪو پڇڻ جو اسم مفعول آهي. سنسڪرت پورَڻ.

ڪن صورتن ۾ چڙو م (ميم) جيڪڏهن لفظ جي وچ ۾ هجي تہ ڇانتجي ويندو. مثال. سائين - سنسڪرت سوامي (= سوامن) البت ڪنهن صورت ۾ سامي بہ قائم رهيو آهي. م (ميم) اڳتي هلندي وري ڇانٽي ٿئي ٿو. ڳنڍيل لفظن ۾ مَن - (= اِمَنَ) ۽ ميہ: اڃاڻُ جيڪر نڪتو آهي، اَڃَ منجهان: لوهاڻون - وڏيڪ ڏسو مت وارو جوڙ، جيئن پريتُ، جيڪو نڪتل آهي، پرِي منجهان، انهن صورتن جي وڏيڪ سمجهاڻي اڳتي هلي ڏني سگهبي، جڏهن موضوعن جي جوڙجڪ جي ڳالھ ڪنداسون.

نمبر - 10

## 5) The semi –vowels: y and v

## نيم سر: ي ۽ و

1) پراڪرت ۾ ي لفظ جي وچ ۾ اچڻ جي صورت ۾ پنهنجو وجود وڃائي ڇڏيو آهي. يا تہ اها اِ سُر ۾ محلول ٿئي ٿي يا بدلجي ج ٿي ٿئي يا مڪمل طور حذف بہ ٿي وڃي ٿي. ان جي برعڪس سنڌيءَ ۾ ي لفظ جي وچ ۾ قائم رهي ٿي: بلڪ ڪن جاين تي ي ڪي وٿي پوري ڪرڻ لاءِ وڌو وڃي ٿو. جيئن آيو، پريو. البت انهن لفظن کي آئِئو ۽ پرِئو جي صورت ۾ بہ لکجي ۽ اچارجي ٿو. جيڪو ڪو هڪ پد حاصل ڪرڻ لاءِ شاعريءَ ۾ اڪثر ڪيو ويندو آهي. مجموعي طرح اهڙيون صورتون جن ۾ سنڌيءَ ۾ ي کي حذف ٿيندو ڏٺو ويو آ هي، اهي تمام گهٽ آهن. مثلاً واءُ - پراڪرت ۾ بہ واءُ، سنسڪرت وايُ، ي اڪثر چوٿي بہ ٿيندي آهي. مثال نيڻُ، پراڪرت ڻئڻ، سنسڪرت نيڻَ، لفظ جي پڇاڙي ۾ ي جو ڇانٽي ٿيڻ وڏيڪ عام آهي. مثلاً وِش (دنيا) - سنسڪرت وشيہ - پراڪرت جي پيروي ڪندي ي ڪن صورتن ۾ ج ۾ بدلجي ٿي، جيئن سيج پراڪرت سيَجا، سنسڪرت شَيَا: پِيڙُ (سوڪهڙو) - سنسڪرت پيِنَ وغيره.

پراڪرت وانگر جڏهن بہ ي مجهول فعل جي نشانيءَ طور استعمال ٿئي ٿي تہ هميشہ ج ۾ تبديل ٿئي ٿي. ان طريقي جي ذريعي سنڌيءَ هڪ باقاعده مجهولي صورت حاصل ڪئي ٿي پائيجي. جڏهن تہ ٻيا سڀ ڄاتل لهجا مجهول ناهڻ لاءِ مرڪب لفظن جو سهارو وٺڻ جا پابند آهن. مثال ڏِسِجَڻُ، (معروف) ڏِسڻُ - هندي ديکا جانا وغيره.

2) ي جي مناسبت سان و يا تہ قائم رهندو آهي يا وري بدلجي اُ ٿيو وڃي، پر جيڪڏهن خوش آوازيءَ جي قاعدي موجب ضرورت پوي ٿي تہ اهو ٻن سرن جي وچ ۾ پنهنجي جڳھ تي واپس بہ ايندو آهي. ۽ و جو مڪمل حذف ٿيڻ تمام گهٽ ٿيندو آهي. مثال: جيءُ جو تشڪيلي نمونو جيوَ (جيءَ بدران) پراڪرت، جيئڻ، سنسڪرت جيو؛ ديوي؛ ۽ ٻي صورت ۾ ديُو - تشڪيلي صورت ديوَ: پَوَنَ - پراڪرت - سنسڪرت پَوَنَ: ڪڏهن تہ اهو مڪمل طرح ڇانٽي بہ ٿئي ٿو. مثال: جيئڻ: ڏِينهُ - پراڪرت دِئهو، سنسڪرت دِوس خاص ڪري جڏهن ٻئي ڪنهن وينجن سان مرڪب طور اچي جيڪو اسان اڳيان

ڏسنداسين. ان کي چوڻو بہ ڪري سگهجي ٿو. جيئن: **پوُڏُ** بجاءِ **پَوَڏُ**؛ **چوئِڙُ** جي جاءِ تي **چَوَڙَ**. اڳياڙيءَ ڪي اَوَ مان اَوُ بہ ڪري سگهجي ٿو. مثلاً: **اوُ سارُ** يا اوَسارُ (مينهن نہ پوڻ)؛ **اوُتارُ** ۽ **اوَتارُ**.

لفظ **چانو** ۾ و جي اکري ميلاپ طور استعمال ذريعي ٻن سرن يعني آ ۽ اُ کي جدا ڪيو ويو ٿو. ساڳي سبب ڪري پراڪرت ۾ اڳ ئي هہ کي شامل ڪيو ويو آهي، جيئن **چاها** (Comp Varar II, 18)، سنسڪرت چايا.

نمبر - 11

## 6) The liquidate r and l; the sibilant s and the spiritus h

## لرزشي 'ر' ۽ 'ل'، گهڪيدار آواز 'س' ۽ وسرڳ بنائيندڙ 'هہ'

1) ر ۽ **ل** سنڌيءَ ۾ ڇانٽي نہ ٿيندا آهن ۽ پنهنجي جڳهہ تي قائم رهندا آهن. ل اڪثر ڪري ر جي بدران استعمال ٿيندو آهي. مثال **ڪيلو** - ڪيرو (گل جو نالو)؛ **بُربُل** - فارسي (بلبل مان آيل)؛ **سِئارُ** (گدڙ) - هندي **سِئال**. سنسڪرت شرگالَ؛ **ڏُبرو** يا ڏُبلو بہ مروج آهي، سنسڪرت **دُربَلَ**؛ ساراهہ - پراڪرت **سلاها**، سنسڪرت شراگها. اهو واحد مثال جتي ر، ج يا ڄ ۾ بدلجي ٿي اها آهي **پُڄڻُ** (هندي بہ پوجنا)، سنسڪرت **پُورڻمان**.

2) گهڪيدار **س** (چاهي اها اصلوڪي هجي يا ش مان نڪتل هجي) پنهنجي **جڳهہ** تي يا تہ قائم رهي ٿي يا وري **هہ** ۾ بدلجي ٿي. مثال **ديسُ** يا وڌيڪ عام استعمال ٿيندڙ **ڏيهُ** - سنسڪرت **ديش**؛ **ماسُ** يا **ماهُ** - سنسڪرت مانس. لفظ **هنجُ** يا **هَنجهُ** ۾ اصلي **س** جي بدلي ۾ ج يا **ش** اچي ٿو. (هنديءَ ۾ **هنس** يا **هانس**) سنسڪرت هنس. ساڳي ريت **هنجَ** يا **هنجَهہ** - سنسڪرت **اشرُ**، پراڪرت **انُسُ** (منڊ واري **هہ** سنڌيءَ ۾ **جڙيل آهي**). ان ئي طرح سنڌي ضمير اشارو **اِجهو ايس** = **ايش** اُ ۽ سو مان نڪتل ٿو لڳي ۽ **اُجهو** ضمير اشارو ڏور (Remote Demonstrative Base) مان ئي حاصل ٿيل لڳي ٿو = **جيڪو** برابر **آهي**س جي.

3) **هہ** سنڌيءَ ۾ بدلجي نٿي، ڪجهہ جاين تي لفظ/ اچار کي منو ڪرڻ لاءِ اها حذف ٿئي ٿي. مثلاً **سَرَهو** - سنسڪرت **سهرس** (= **سهرسو**= **سهرهو**= **سرهو**، ساهُ يا **ساهُو** بلڪل ساڏُ ۽ ساڏو وانگر).

**تبصرو**: بهتر ٿيندو جو وينجنن جون تبديليون ۽ انهن جي مختلف صورتن جو گهٽو ذڪر نہ ڪجي جو تہ جديد هندوستاني لهجا اڳئي پراڪرت کان ڪافي پوئتي هليا ويا آهن ۽ نيون جوڙجڪون وجود ۾ اچي ويون آهن، جو هاڻ پراڪرت سان تفصيلي ڀيٽ غير ضروري ٿي محسوس ٿئي. مڪمل صورت ۾ وينجن ۾ جيڪي مخصوص تبديليون يا ڇانٽيون ٿين ٿيون، انهن تي موزون حصن ۾ نظر وجهنداسون.

نمبر - 12

## 7) Compound consonant

## مرڪب وينجن

اتر هندوستاني لهجن ۽ ٻولين جو گهرائيءَ سان جائزو وٺڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن تبديلين بابت ڄاڻ وٺجي، جيڪي عام ڳالهائجندڙ سنسڪرت ۾ پيدا ٿيون آهن ۽ اهي قاعدا ڏسجن جن موجب سنسڪرت جا آواز خراب ٿي پراڪرت يا ٻين لاڳاپيل ٻولين ۾ مروج ٿيا آهن يا ايترا ڪمزور ٿي ويا آهن، جو هاڻ اهي سڃاڻپ ۾ بہ نٿا اچن. ان ۾ اسان کي ذري گهٽ اهو ئي عمل نظر ٿو اچي، جنهن سان پراڻي لاطيني ٻوليءَ مان جديد رومانوي (Romantic) ٻوليون پيدا ٿيون ۽ انهن جي پاڻ ۾ مماثلت حيرت جوڳي آهي.

تارونءِ وارو اچار بدلجي ٿو، هڪ ٻئي ڪنني آواز ۾ (گيہ = گگ गग)، اهڙي تبديلي جيڪا اڪيلي وينجن ۾ نہ قدرتي آهي، پر ٻئي وينجن ۾ ورلي ڪو ملي ٿي. سگھَڻُ - پراڪرت سڪڻِ، سنسڪرت شڪنوم (هندي سڪنا) ۽ اهڙا ڪي ٻيا جيڪي منهن جي نظر مان نہ گذريا آهن.

مجموعي طرح سنڌي ۽ ٻيون ٻيئر ٻوليون پراڪرت جي ان بنيادي قاعدي سان سهمت آهن[1]، باوجود ان جي تہ ان تي صفا سختيءَ سان بہ عمل نٿو ٿئي جيئن تہ ان ۾ ٻيوون وينجن اڳئين ۾ جذب ٿيندو نظر اچي ٿو. ڪافي هنڌن تي هڪجھڙن وينجنن جي ميلاپ کي قائم رکندي سنڌي پراڪرت کان وڌيڪ اصلوڪي ٿي پائنجي، جيئن اهي سنسڪرت ۾ آهن.

## Examples of Assimilation

## ادغام جا مثال

سُتو- پراڪرت سُتّو सुत्तो، سنسڪرت سُپت सुप्त: اُپنو (اپائڻ مان)- پراڪرت اُپّڻو उप्पण्ण، سنسڪرت اُتپن: پَٽُ- پراڪرت پَٽّ، سنسڪرت پَٽّ (هندي پات سر ڏگھو ڪرڻ جي ڪري): لٿو- پراڪرت لَٿو، سنسڪرت لَبدَ. پر وري ٻين هنڌن تي مثلاً ڪُبو - پراڪرت ڪُجّو، سنسڪرت ڪُبّج.

ڪن جاين تي ڪو اصلوڪو مرڪب وينجن سنڌيءَ ۾ بنا ڪنهن ڦيري جي قائم بہ رهي ٿو. مثال شبدُ - پراڪرت سدّ، سنسڪرت شَبَدَ: مُڪتو (آزاد) - پراڪرت مُڪت، سنسڪرت مُڪت.

اهو بهرحال ڳالهائيندڙ جي خواهش تي منحصر هوندو آهي تہ هو مرڪب وينجن کي جيئن جو تيئن ٿو اچاري يا ان ۾ سر وجهي جدا ڪري اچاري جيئن شبد يا شَبدُ جتي وڏل اِ ايتري تہ تڪڙي ٿي اچارجي جو تقريباً اڻلکي محسوس ٿئي ٿي. تنهنڪري مسلمان جڏهن عربي اکر لکندا آهن تہ ڪڏهن بہ بنان سُر جي حرف صحيح مٿان جزم نہ ڏيندا آهن. پر هميشہ ڪسر (Kasr) ڳنڍيندا آهن، جيڪي جزم جي ذري گهٽ برابر آهي، پر اچارڻ ۾، ٻڌڻ ۾ نہ ايندي آهي ۽ ان ڪانپوءِ سر جو لفظ ۾ آڻڻ (عام طرح اِ (Kasr) هوندو آهي پر اَ يا اُ بہ ٿي سگھي ٿو)، مني اچار يا سرن جي ترتيب تي منحصر ڪندو آهي. مثال ڀَڳتُ، سنسڪرت ڀڪت: سَگِتِ سنسڪرت سڪتِ (هندي سڪت).

## نمبر - 14

## B) Assimilation of nasals

## انوناسڪ (گھڻن) آوازن جو ادغام

(الف) وينجن کان اڳ ايندڙ انوناسڪ گھٽو ڪري پنهنجي جڳهہ تي رهندو آهي. مثلاً اَنَٽُ، سنسڪرت انٽ. جيڪڏهن منڍ وارو سر ڏگھو آهي تہ اڳ ايندڙ انوناسڪ مڪمل طور تي حذف بہ ٿي سگھي ٿو. جيئن: ماسُ - سنسڪرت مانسَ: گاڏو - سنسڪرت گانٽرِي (هندي گاڙي) هن آخري صورت ۾ سر کي ڏگھو ڪرڻ سان ٻئو ٿيل وينجن نڪري ٿو وڃي.

مرڪب وينجن ۾ سر وجهڻ سان اهو ميلاپ ٽٽي پوي ٿو. مثلاً جَنَمُ - سنسڪرت جَنم.

(ب) ڪنهن مرڪب وينجن ۾ پوءِ ايندڙ گھُٽي آواز جو اڳ ايندڙ وينجن سان ادغام ٿيندو آهي. مثال اَگِ- پراڪرت اِگّ، سنسڪرت اَگّ: لَگو - پراڪرت لگّ، سنسڪرت لگّ، آگن: پَگو- سنسڪرت پَگن. البت ڪن صورتن ۾ مرڪب وينجن بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رهي سگھي ٿو يا سر جي وجهڻ سان جدا

[1] هت اهو جاڻائڻ ضروري آهي تہ عام سنڌي لکاوٽ ۾ ٻتو حرف صحيح ظاهر نٿو ٿئي. جيستائين ٻن هڪ جهڙن لکجندڙ لفظن ۾ فرق ظاهر ڪرڻو نہ هجي. مثال اَنَ ۽ اَنّ ٽرومپ: سنڌي گرامر

جيڪڏهن رڳو نيم سر ۽ جنهن جي اڳيان ڪو ڏندائون اچار هجي ته (هن قاعدي کان مستثنيٰ ٿيندي) اهو مرڪب ڦري لاڳاپيل سخت تارونءَ وارو ٿيو وڃي. (ڏسو نمبر 15) مثال **سَنجهو**- پراڪرت **سجّهو**، سنسڪرت **سَنڌيَا**.

(ب) جڏهن ٻه ٽن گڏيل وينجنن مان پهريان ٻه يا آخري ٻه وينجن مدغم ٿيندا هجن، ته مضبوط ادغام کي ترجيح ڏني ويندي. مثال **مَڇُ**- پراڪرت **مڇّو**، سنسڪرت **مَتسيَه**. هتي **تُسَ** مدغم ٿي **ڇھ** ٿئي ٿو ۽ اهو ادغام سيه کان سس واري کان ادغام کان وڌيڪ پختو آهي.

نمبر - 19

## G) Elision of a double consonant

## ٻٽي وينجن جي ڇانٽي

وينجن جو ٻٽو ٿيڻ ان کي ايترو ته مضبوط ڪري ٿو جو ان کان اڳ ايندڙ ڊگهو سر به ترڪ ٿئي ٿو ۽ ان جي جاءِ ننڍو سر وٺي ٿو. البت جيئن اڳي ڏنو ويو هو، ٻٽو وينجن ٻيهر سادي صورت ۾ اچي سگهي ٿو؛ پر ان صورت ۾ پد کي قائم رکڻ لاءِ اڳ ايندڙ سر کي ڊگهو ڪرڻ ضروري آهي. مثال **راتِ**- پراڪرت **رتّي**، سنسڪرت **راتِرِ**؛ **ڪَرُ**- پراڪرت **ڪمّو** ۽ هنديءَ ۾ **ڪام**.

ٻٽي وينجن جو مڪمل ڇانٽي ٿي وڃڻ ٻوليءَ جي سنڌي ٻيهڪ جي برخلاف آهي؛ البت اهڙا ڪجهه مثال سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. مثال **ڏُٿارِ** (بيماري)، **ڏُٿارِي**، پراڪرت **دُبّل**، سنسڪرت **دُربَلَ**؛ **مِٺو** (دوست) (جيڪو پراڪرت ۾ به اڳ ئي ڏنو ويو آهي، پر جيڪا پنهنجي اصلوڪي صورت **مِٿّو** کي به برقرار رکي ٿي، ان ۽ ان جهڙين صورتن ۾ ڀانئيجي ٿو ته ٻٽو وينجن اوچتو ڇانٽي نه ٿيو آهي، پر پهرين اهو اڳ ايندڙ سر جي ڊگهي ٿيڻ سبب ننڍي صورت اختيار ڪري ٿو. مثال **مِتو** ۽ نه **متوّ** ۽ ان بنياد مان ڇانٽي جي قاعدي موجب ڦٽي نڪتو. **ميٺو** جي صورت جنهن ۾ عام قاعدي جي برخلاف **اي** ڊگهو سر ڇوٽو ٿي **اِ** جي صورت وٺي **مِٺو** جي صورت ۾ آيو.

اهڙي ڇانٽيءَ سبب **ڏُٿارِ** ۽ **ڏُٿارِي** جي صورتن ۾ اهڙي ڇانٽيءَ سبب ٻٽي ب ٻٽي و ۾ بدلي هوندي (ڇاڪاڻ ته پراڪرت ۾ ب ۽ و هڪجهڙا هوندا آهن) ۽ اهو ڇانٽي جي ڪري ٿيل ٿو ڀانئجي. اهو بلاشڪ هڪ غير معمولي عمل آهي، جتي اڳ ايندڙ سر جي برعڪس پوءِ ايندڙ سر ڊگهو ٿيل آهي.

جڏهن هڪ مرڪب وينجن جڏهن ڊگهي سر جي پٺيان هجي ته آساني سان ڇانٽي ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته ان صورت ۾ ادغام ناممڪن آهي. خاص ڪري جڏهن مرڪب وينجن مان ڪو هڪ نيم سر هجي. مثال **واگهُ**- سنسڪرت **وياگهر**؛ **راڳي**- سنسڪرت **راگيي** ۽ ان ريت ٻه نيم سر غائب ٿي سگهن ٿا. مثال **پاسو**- سنسڪرت **پارشوَ**.

نمبر - 20

## H) A double consonant at the beginning of a word

## لفظ جي منڍ ۾ ايندڙ ٻٽو وينجن

لفظ جي منڍ ۾ مرڪب وينجن لاءِ به ادغام جا اهي ئي اصول آهن، جيڪي لفظ جي وچ يا پڇاڙيءَ لاءِ ڪتب اچن ٿا، پر ڇاڪاڻ جو لفظ جي شروعات ۾ ٻٽا وينجن اچاري نٿا سگهجن، تنهنڪري ڪوهڪ

مدغم ٿيو وڃي. يعني ٻنهي وينجن سنئون سڌو اهڙي نموني ترڪ ٿو ٿئي جو وينجن جو سادو بنياد وڃي ٿو بچي. مثال جَلُڻُ بجاءِ جَلڻُ (ٻنهي ج) جي- سنسڪرت جولن؛ واگھہُ بجاءِ وَاگھُہ (ٻنهي گھہ) جي؛ ڪَنڌُ بجاءِ ڪَنڌُ (ٻنهي ڪ) جي- پر جتي بہ لفظ مرڪب ناهٺو هجي تہ (ٻئي يا پويان واري) تي ادغام جو عام اصول ڪتب اچي ٿو. مثال ڏُٻُلُ- پراڪرت ڏٻل (ٻني پ).

اهي مرڪب جن تي ادغام جو اطلاق نٿو ٿئي، اهي سر جي اضافي ذريعي پنهنجي اصلي حصن ۾ ٽٽن ٿا. مثال ڪِلِيسُ (ٿڪاوٽ)- پراڪرت ڪليس، سنسڪرت ڪلَيش؛ سُمَرڻُ (ياد ڪرڻ)- پراڪرت سُمر، سنسڪرت سمُر (سَمر). ڪن صورتن ۾ مرڪب جو پهريون اکر ترڪ ڪيو ٿو وڃي، خاص ڪري جڏهن ان جو اچار گهڪيدار هجي. مثال نينهُہ پراڪرت سڻيهہ؛ سنسڪرت سنيهہ؛ پر جيڪڏهن گهڪيدار آواز جي پنيان نيم سر هجي تہ اهو ڪمزور هئڻ سبب حذف ٿيو ٿو وڃي. مثال ساهُ- سنسڪرت شرواس؛ سالو، پراڪرت سالو، سنسڪرت شيال.

تر ड ۽ ڊر ढ جيڪي سنڌي ۾ عام طور تي پنهنجي لاڳاپيل مورڌني اچارن ۾ بدلجندا آهن، اهي لفظ جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ پنهنجي جڳهہ برقرار رهي سگهن ٿا. مثال ٽِري (ٽي)؛ ڊراک (ڊاک)- هنديءَ ۾ داک ۽ سنسڪرت ۾ دراڪشا.

## THE SINDHI ALPHABET

## سنڌي آئيوينا/ الف ب

### نمبر - 1

موجوده دور تائين سنڌ ۾ مختلف لپيون استعمال هيٺ رهيون آهن. هتان جي مسلمان طبقي مخصوص سنڌي آوازن لاءِ عربي لپي استعمال ڪئي آهي، جنهن ۾ نقطن سان ڀريل سرشتو موجود آهي، جڏهن تہ هندو طبقي مختلف علائقن ۾ مروج لپين مان ناهيل پنهنجن اکرن کي ڪتب آندو آهي، جيتوڻيڪ اهي سيئي اصل ۾ قديم سنسڪرت لپيءَ مان ئي نڪتل آهن. اهي لپيون جن کي سنڌيءَ ۾ عام طرح بنيا (واڻڪا) اکر ڪونيو وڃي ٿو، ادبي لحاظ کان بلڪل غير موزون آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي وقت گذرڻ سان تمام گهڻي بگاڙ جو شڪار رهيون آهن. انهن ۾ سر ۽ وينجن جو سرشتو تمام ڪمزور رهيو آهي، ايتري قدر جو هندو واپاري جيڪي ان کي ڪتب آڻين ٿا، اهي بہ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ پاڻ بہ ان کي وري لکڻ پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا، جيڪي هو پاڻ پنهنجي حسابي ڪاتن ۾ لکي چڪا هئا. سنڌيءَ جي لاءِ سنسڪرت لپيءَ کان بهتر ڪا بہ لپي ناهي ڇو تہ سنڌي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي اصلوڪي ڄائي آهي. سنسڪرت لپي ڪيترو ئي ڇو نہ سنڌي آوازن لاءِ موزون هجي، پر سنڌي معاشري جي موجوده حالت ۾ مذهبي اثر هيٺ آباديءَ جي وڏي اڪثريت ان کي لکڻ پڙهڻ لاءِ استعمال نہ ڪندي. سنڌ هندوستان جو واحد ملڪ آهي، جيڪو مسلمان حملي آورن جي شدت جو شڪار ٿيل آهي ۽ هندو ڌرم ۽ سنسڪرت ادب وارو ڪلچر هتان جي حدن مان ائين غائب ٿي چڪو آهي، جو ان کي هاڻي "ڌاتين ۽ برهمڻن کان وانجهيل ملڪ" سڏيو ويو آهي.

سنڌ جي مسلمانن جڏهن ادبي مقصد لاءِ پنهنجي اصلوڪي ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هنن محسوس ڪيو تہ عربيءَ جو نظام، جيڪو اسلام جي اچڻ جي ڪري هنن مٿان غالب پئجي ويو هو، اهو ڪيترن ئي آوازن ۾ ڪٽل هو ۽ تنهنڪري انهن آوازن جي پورائي ڪرڻ لاءِ هنن عربي اکرن

مٿان اضافي نقطا ڏئي ان ڪميءَ کي پورو ڪيو. اهو جنهن نموني ۾ ڪيو ويو اهو اطمينان بخش ڪونهي، جيئن تہ اهو ڪنهن قاعدي سان نہ ٿيو، تنهنڪري اهي ڪوششون اڌ ۾ رڪجي ويون.

ڪنٺي (gutteral) آوازن کي ڪنهن ترتيب ڪانسواءِ استعمال ڪندي عربي ڪ (ڪ) کي ڪ، ک، گ، گھ ۽ ڱ جي آوازن جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو ويو؛ جڏهن تہ وسرڳ ک ۽ گھ جو ڌيان نہ رکيو ويو ۽ وري media گ لاءِ فارسي گ بہ مهيا نہ ڪيو ويو ۽ ڪنٺي اچار ڱ کي مرڪب نگ سان ظاهر ڪيو ويو.

سخت تارونءَ وارن اچارن ۾ هڪ وڌيڪ نقطي ذريعي وسرڳ ڇ کي ڇئن نقطن واري شڪل ڏني وئي. ساڳي طرح جھ کي ڇ لکيو ويو. خاص سنڌي آواز ڄ کي نہ وساريندي ان لاءِ ڄ نشان ڏنو ويو. تارون سان اچارجندڙ ڃ کي وري مرڪب نج لکيو ويو. مطلب تہ ان طرح جي آوازن کي خصوصي سڃاڻپ جو: نشانيون ڏنيون ويون[1].

مورڌني اچارن جا، جيڪي عربي لپيءَ ۾ ناپيد آهن، ڏندوان بنياد قائم رکيا ويا ۽ نڪتا اهڙي طرح ڏنا ويا تہ جيئن اهي پنهنجي لاڳاپيل ڏندوان اچارن کان الڳ سڃاڻجي سگهن. جيئن ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڏ[2] ۽ جيتوڻيڪ اهو طريقو اصلوڪو هو، پر هت مورڌني ڙ ۽ ڻ کي نظر انداز ڪيو ويو (يعني اهي پنهنجي لاڳاپيل ڏندوان ر ۽ ن طور لکيا ويا) ۽ اهو پڙهندڙ تي ڇڏيو ويو تہ هو ان کي ڪيئن ٿو اچاري يا لکي.

ڏندوان اچارن ۾ ڪا خاص ڏکيائي نہ هئي، فقط وسرڳ اچارن کي اڙيون ڏيٺيون هيون ۽ اهو هن ريت ڪيو ويو- ٿ= th، ڌ = dh.

چپوان اچارن سان بہ اها ئي حالت هئي، جتي وسرگن کي ڪن خاص نشانين ذريعي سڃاڻپ ڏني وئي ۽ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ائين ڪرڻ ۾ مهارت کان ڪم نہ ورتو ويو. ڦ جي لکڻ لاءِ عربي ف کي مٿان ٻہ واڌو نقطا ڏئي ڦ ڪيو ويو، ڀ کي بہ ائين ئي اضافي نقطا ڏئي لکيو ويو ۽ نج ٻ کي بہ ڏکيو ڪري لکيو ويو.

ظاهري طرح سنڌين اهو سڀ ڪرڻ لاءِ سنسڪرت لپيءَ کي نظر ۾ رکيو. جت وسرڳ کي هڪ آواز طور لکيو ۽ پڙهيو ويندو آهي ۽ ان ريت هنن اکرن جي ادغام کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ان هن تي واڌو نڪتا ڏنا، جنهن سبب عربي بنيادن تي اڙين جي ڀرمار لڳي وئي.

مورڌني اچارن کي نشانيون ڏيڻ جي ضرورت هنن کي مجبور ڪيو تہ ڏندوان وسرڳن جي نقطن کي نئين سر ترتيب ڏجي، نتيجي ۾ ṭ= ٽ (ٽ)، t= ت (ت)، ṭh= ٺ (ٿ)، th= ٿ (ٿ) ۾ نقطن جي ڪري مونجهارو پيدا ٿئي ٿو (جيڪو پڙهندڙن کي منجهائي ٿو ڇڏي)[3].

پراڪرت ٻولي جي آوازن کي عربي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪافي دلچسپ آهي، پر جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويو اهو غلط هو ۽ ٻوليءَ جي سڀني آوازن تي لاڳو ٿيندڙ نٿو ڀانئجي. البت جنهن طريقي سان اهو هندوستاني ٻوليءَ ۾ ڪتب آندو ويو آهي، اهو وڌيڪ صحيح ٿو ڏسجي ۽ عربي اکرن کي ڪنهن هندوستاني لهجي ۾ استعمال لاءِ ائين ئي ڪرڻ بهتر طريقو آهي. جيئن تہ عربيءَ ۾ وسرڳ اچار نہ هوندا آهن. تنهنڪري ڪنهن بہ وسرڳ جي اظهار لاءِ ھ جو اضافو ضروري ٿيو پوي، خاص ڪري جڏهن عربي لپيءَ جي اصلي اکر کي ڪنهن طرح قائم رکڻو هجي نہ تہ ڪا اهڙي عجيب صورت نظر ايندي جنهن کي ڪو بہ نالو ڏيئي سگهجي ٿو، پر عربي هرگز نہ چئبو. جڏهن يورپي دانشورن سنڌيءَ تي ڌيان ڏيڻ شروع

---

[1] اهي نشانيون/ اکر موجوده الف ب کان مختلف آهن ۽ سرڪاري طرح مقرر صورت کان اڳ جا آهن (ايڊيٽر)

[2] ṭ = ٽ، ṭh = ٺ، ḍ = ڊ، ḍh = ڍ ۽ وري ḍ' = ڏ)

[3] ڏنگين ۾ ڏنل اکر موجوده لپيءَ جا آهن (ايڊيٽر)

ڪيو ته معلوم ٿيو ته عام سنڌي لفظ سائنسي ضرورتن کي پورو نه ٿي ڪري سگهيا. نتيجي طور بمبئيءَ جي هڪ رهاڪوءَ نوان اکر لکيا، جيڪي بدقسمتيءَ سان ڪنهن ٻوليءَ جي ڄاڻوءَ دانشور جي صلاح ڪانسواءِ حڪومت جي انتظام هيٺ هلندڙ اسڪول ۾ متعارف ڪرايا ويا. ان نئين سرشتي سان مونجهارا دور نه ٿيا ۽ نه ئي ڪي خاميون دور ٿيون. ان ڪري ان ۾ پراڻي سرشتي واري مناسبت به ڪانه هئي.

جيڪي تبديليون ۽ سڌارا ڪيا ويا اهي هن ريت آهن:

جيئن ته پراڻو سرشتو ڪوٽ وارو هو، ان ڪري اسان ڏسون ٿا ته ڪنٺي قسم جي اچارن لاءِ فارسي اکر گ ۽ هندوستاني وسرڳ گهه جائز طرح ورتا ويا آهن ۽ اسان ان سان سهمت آهيون. هاڻ ٺيٺ ائين گهربو هو ته مرڪب کهه جو گهه سان لاڳاپو نظر اچي ها، پر پراڻي غلطيءَ کي دهرائيندي کهه کي رڳو سادي ک سان ظاهر ڪيو ويو ۽ ان سان ٿيو ائين ته هر لکيل صورت ۾ ان کي بگاڙي ڪ سان لکيو ويو ۽ اهو هر جڳهه تي ڪ طور استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اها به حقيقت آهي ته ڪ جڏهن به لفظ جي منڍ ۾ استعمال ٿئي ٿو ته پويان ڪو اکر ڳنڍيل هجڻ ضروري آهي. لفظ جي وچ ۾ ڪ اڳ واري اکر کان الڳ ۽ پويان ايندڙ اکر سان ڳنڍيل هوندو، البت ان جو اچار ساڳيو ئي عربي ک وارو رهي ٿو، ڪ جي اها صورت لفظ جي آخري اکر طور ڪڏهن به نه ڏني وئي آهي.

ڪنٺي (gutteral) قسمن ۾ ڳ کي پراڻي سرشتي ۾ نگ سان لکيو ويو هو، نئين سرشتي ۾ اهو ڳ طور پيش ڪيو ويو جيڪو نهايت غير موزون آهي ڇو ته ان جو بنياد (base) گ ناهي بلڪ ن آهي جيڪو نڙيءَ مان اچارجي ٿو ۽ عربي وينجن جي قاعدي ۾ اهو فقط مرڪب (نگ ng) ڪري لکي سگهجي ٿو. ٻي صورت آهي سنڌي اکر ڳ جي، هت اهو چوڻ ضروري آهي ته ڳ جي هيٺان ڏنل ٻه نقطا نه لکڻ گهرجن ها جيئن ته اڳتي هلي ان مان اڪثر مونجهارا پيدا ٿيندا رهندا.

سخت تارونءَ وارن قسمن ۾ به اسان کي اهو ئي ٿو نظر اچي: وسرڳ ڇ به پراڻي سرشتي مان ورتي وئي آهي، جڏهن ته جهه هندوستانيءَ مان ڪنئي وٺي آهي. ان قسم جي ٻين اکرن ۾ فقط نقطن کي مختلف طريقن سان ڪتب آندو ويو آهي. ڇ جو آواز پراڻي صورتخطيءَ ۾ ڇ هو، جيڪو هاڻ بدلائي ڃ ڪيو اٿن ۽ تارون واري آواز کي ڄ، جيڪو پراڻي صورت نج کان به گهٽ موزون آهي، نج حقيقت ۾ وڌيڪ موزون اچار ڏيندڙ اکر هو.

مورڌني قسمن ۾ رڳو نقطن کي مختلف طريقن سان ڏنو ويو آهي، مثلاً ٽ (پراڻي سرشتي ۾ ٽ)، ٺ (پراڻي سرشتي ۾ ٺ)؛ ڊ (پراڻي سرشتي ۾ ساڳي)؛ ڊ (پراڻي ۾ ساڳي)؛ ڏ (پراڻي طريقي ۾ ڏ)؛ مورڌني ڙ جيڪا پراڻي سرشتي ۾ موجود ئي نه هئي اها هندوستانيءَ ڙ مان اڌاري ڪنئي وئي ۽ مورڌني ڻ کي قديم طريقي موجب اکر مٿان ط ڏيئي ڻ ناهيو ويو جيڪو لکڻ ۾ به قطعي مشڪل آهي، جنهنڪري اها هندوستاني مان خارج ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اڳ مورڌني اکر ساڳيءَ ريت لکيا ويندا هئا.

ڏندوان قسم جي اچارن لاءِ پراڻو سرشتو بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رکيو ويو آهي.

چپوان اکرن ۾ بنياد واري ف کي قائم رکي واڌو نقطا ڏئي ڦ ناهي وئي جڏهن ته ڦ پراڻي سرشتي موجب برقرار رکي وئي.

ان ڳالهه کي تسليم ڪندي ته لکڻ جي پراڻي سرشتي ۾ ڪافي اوڻايون هيون ۽ بجاءِ پراڻي لکت ۾ نقطن جي ورهاست ۽ ڪجهه هندوستاني اکرن جي اضافي ڪرڻ جي، بهتر اهو ٿيندو ته سمورو هندوستاني وينجن جو سرشتو مروج ڪيو وڃي ۽ ڪجهه سَولن نقطن ذريعي اهڙن آوازن کي لکيو وڃي، جيڪي سنڌيءَ ۾ مخصوص حيثيت رکن ٿا.

سنڌي ٻولي فقط سنڌ جي ننڍي صوبي تائين محدود آهي، تنهنڪري اهڙو ڪو بہ سبب نظر نٿو اچي تہ ڇو نہ هندوستاني الف ب کي هڪ منجهيل جوڙجڪ تي ترجيح ڏجي، جيڪا خود هڪ مربوط نظام آهي ۽ هندوستان جهڙي وسيع ملڪ جي طول و عرض ۾ ڄاتي وڃي ٿي.

هندوستاني الف ب جي تعداد ۾ اضافو نہ ٿيڻ گهرجي. بلڪ جت ممڪن هجي ان کي گهٽ ڪجي ڇاڪاڻ جو اهڙو اضافو ٻولين جي وچ ۾ رابطي ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻبو. سو جيڪڏهن پراڻو سرشتو ادبي حوالن ۾ استعمال جي لائق ناهي، تہ بهتر ائين ئي ٿيندو تہ ان جي جاءِ تي اهڙو سرشتو آڻجي، جيڪو سڄي دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل هجي، تنهن ڪري مقامي الف ب ۾ ترميم ڪرڻ درست نہ ٿيندو، جنهن جو مستقبل ۾ ان علائقي کان ٻاهر پکڙجڻ جو ڪو امڪان ڪونهي.

جيئن تہ موجوده حالتن ۾ ائين نٿو لڳي تہ سماج جو هندو حصو، پنهنجي مذهبي لاڙن ڪري هندوستاني الف ب کي مروج ڪندو تنهنڪري اسان انهن لاءِ هت ڪيپٽن اسٽيڪ جي ڏنل سرشتي ۾ ڪجهہ ضروري ترميمن سان هندي اکر ڪنيا آهن، جيئن اڳتي بہ نظر ايندا تہ هندي آئيوينا لاءِ بہ اهو ئي چئي سگهجي ٿو جيڪو هندوستاني الف ب[1] لاءِ چيوسون، جيڪا سڄي هندوستان ۾ سمجهي وڃي ٿي ۽ هندو سماج ان کي پنهنجي ادبي ضرورتن ۾ استعمال ڪندو رهيو آهي. پراڻن واڻڪن اکرن جو ترميم سان استعمال اوترو ئي غير موزون هجي ها جيترو مسلمانن ۾ مروج عربي سرشتو غير موزون لڳي ٿو.

[1] مٿي لفظ 'هندستاني' اردوءَ لاءِ استعمال ٿيل ٿو ڀانئجي (مترجم)

| Un-connected. | Final. | Med. | Initial. | Name. | Pronun-ciation. |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | ـا | ـا | ا | اَلِف | ʼ |
| ب | ـب | ـبـ | بـ | بي | b |
| ٻ | ـٻ | ـٻـ | ٻـ | ٻَه | b̄ |
| پ | ـپ | ـپـ | پـ | پي | p |
| ت | ـت | ـتـ | تـ | تي | t |
| ٿ | ـٿ | ـٿـ | ٿـ | ٿَه | ṭ |
| ث | ـث | ـثـ | ثـ | ثي | ꞩ |
| ج | ـج | ـجـ | جـ | جِيم | j |
| ڄ | ـڄ | ـڄـ | ڄـ | ڄَه | j̄ |
| چ | ـچ | ـچـ | چـ | چي | č |
| ح | ـح | ـحـ | حـ | حي | ħ |
| خ | ـخ | ـخـ | خـ | خي | χ |
| د | ـد | ـد | د | دَال | d |
| ڐ | ـڐ | ـڐ | ڐ | ڐَه | ḍ |
| ڏ | ـڏ | ـڏ | ڏ | ڏَه | ḍ̄ |
| ذ | ـذ | ـذ | ذ | ذَال | δ |
| ر | ـر | ـر | ر | ري | r |
| ڙ | ـڙ | ـڙ | ڙ | ڙَه | ṛ |
| ز | ـز | ـز | ز | زي | z |
| ژ | ـژ | ـژ | ژ | ژي | ž |

| Unconnected. | Final. | Med. | Initial. | Name. | Pronunciation. |
|---|---|---|---|---|---|
| س | س | ﺴ | ﺳ | سِين | s |
| ش | ش | ﺸ | ﺷ | شِين | ś |
| ص | ص | ﺼ | ﺻ | صَاد | ṣ |
| ض | ض | ﻀ | ﺿ | ضَاد | ẓ |
| ط | ط | ﻄ | ﻃ | طوِي | ṭ |
| ظ | ظ | ﻈ | ﻇ | ظوِي | ẕ |
| ع | ع | ﻌ | ﻋ | عَيْن | ʿ |
| غ | غ | ﻐ | ﻏ | غَيْن | γ |
| ف | ف | ﻔ | ﻓ | فِي | f |
| ق | ق | ﻘ | ﻗ | قَاف | q |
| ک | ک, ك | ﮑ | ﮐ ﻛ | کَاف | k |
| گ | گ | ﮕ | ﮔ | گَاف | g |
| ڳ | ڳ | ﮕ | ﮔ | ڳَاف | g̤ |
| ل | ل | ﻠ | ﻟ | لَام | l |
| م | م | ﻤ, ـم | ﻣ | مِيم | m |
| ن | ن | ﻨ | ﻧ | نُون | n |
| ڻ | ڻ | ﮫ | ﮪ | ڻَه | ṇ |
| و | و | ﻮ | و | وَاو | v |
| ه | ﻪ, ﮭ | ﻬ, ﮭ | ﮬ | هِي | h |
| ي, ے | ي | ﻴ | ﻳ | يِي | y |

خالص عربي اکر، عددي قدر طور بہ تاريخي واقعن لاءِ استعمال ڪيا آهن (جنهن ۾ سڀني اکرن جا عدد جوڙيا ويندا آهن).

| | | | |
|---|---|---|---|
| ت – 400 | س – 60 | ح – 8 | ا – 1 |
| ث – 500 | ع – 70 | ط – 9 | ب – 2 |
| خ – 600 | ف – 80 | ي – 10 | ج – 3 |
| ذ – 700 | ص – 90 | ڪ – 20 | د – 4 |
| ض – 800 | ق – 100 | ل – 30 | ه – 5 |
| ظ – 900 | ر – 200 | م – 40 | و – 6 |
| غ – 1000 | ش – 300 | ن – 50 | ز – 7 |

حساب جي ان طريقي کي ابجد (پهرين چار اکرن مان) سڏيو ويندو آهي ۽ اهي ٽڪنيڪي جوڙ هن ريت آهن.

**ابجد، هَوَز، حَطِي، ڪَلَمَن، سَعَفَص، قرشت، ثَخَذ، ضَظَغ.**

عربن اهو سمورو سرشتو عبرانيءَ مان ڪنيو آهي ۽ ان ئي ڪري انهن جي ترتيب عبراني آئيوينا جي پوئواري ٿي ڪري؛ پهريان نَوَ اکر هڪ کان نَوَ (1-9) نَوَ کان پوءِ ڏهاڪا، سَوَ ۽ آخري غ هڪ هزار (1000) لاءِ ڪم آندل آهي.

عبرانيءَ جي آئيوينا جي ترتيب کي ت (400) تائين استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ان کانپوءِ عربن پنهنجي طريقي کي استعمال ڪندي اهي اکر ڪتب آندا آهن، جيڪي هنن جي ٻولي ۾ خاص حيثيت رکن ٿا.

## 1) The gutterals

## ڪنٺي آواز/ اچار

ڪنٺي ڪ ۽ گ عام نموني اچارجن ٿا؛ جڏهن تہ انهن جا وسرڳ ک ۽ گهہ سنسڪرت قاعدي جي پيروي ڪندي ٻين وسرڳن وانگر گڏي هڪ آواز طور اچارجن ٿا ۽ ان لاءِ بنيادي اچار کي زورائتي ساهہ سان اچارجي ٿو. مخصوص سنڌي آواز ڳ، جيڪو هميشہ انفرادي آواز طور اچارجي ٿو (جيئن انگريزي لفظ سنگ Sing جو نگ ng) ۽ اها ڪڏهن بہ پنهنجي قسم يا (varga) جي اکرن کان اڳ نہ ايندو آهي، اهڙين صورتن ۾ انوسوار يا سادي ن کي ڪتب آڻبو آهي (ڏسو تعارف نمبر 5). هنديءَ ۾ تہ اهو ङ لکبو آهي جو تہ اهو هڪ خاص سنسڪرت آواز آهي، پر چاڪاڻ تہ عربيءَ ۾ فقط هڪ ئي ڏندوان ن آهي. تہ ان ڪري ان ۾ ڪافي ٻيون بہ ڏکيائيون ٿين ٿيون. چاڪاڻ تہ هندوستاني لپيءَ ۾ آزاد ڪنٺي ڳ آواز موجود نہ آهي. ان ڪري مجبور ٿي ان کي مرڪب نگ سان لکون ٿا ۽ ائين ڪندي، اهو پراڻي سنڌي لپي جي پوئواري ڪري ٿو. پر تڏهن بہ هڪ تڪنيڪي مشڪل رهجي وڃي ٿي، اها هيءَ تہ سادي ڪنٺي ڳ کي اهڙي ڪنٺي گ کان جيڪو پنهنجي ئي ورگ (Varga) جي اکر کان اڳ استعمال ٿيو هجي فرق ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. مثلاً اَنگُ ۽ اَنگُ (اڱگ) (عضوو) يا اجا بہ وڌيڪ درست اڱگ جيڪا لپي هاڻ استعمال ۾ آهي، ان ۾ اها ڏکيائي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي اهي (ڳ = ň)، پر اهو نٿو تسليم ڪري سگهجي تہ اهو مسئلو اطمينان بخش طريقي سان حل ٿي ويو آهي، جو تہ ڪنٺي انوناسڪ اچار لاءِ هڪ غلط بنياد چونڊيو ويو آهي. البت اهو ضرور آهي تہ حقيقت ۾ ڪو بہ سمجهدار پڙهندڙ ان مشڪل کي آسان بنائي سگهي ٿو چاڪاڻ تہ ٻوليءَ ۾

dž (دز) ۽ tš (تش) طور اچارجندڙ اکر جيڪڏهن سادا سمجهيا وڃن تہ پوءِ انساني عضون ذريعي انهن جو پڙو يا وسرڳ ٿي اچارجڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي. انهن اکرن جي پراڻي اچار[1] ۾ ڪيترين ئي تبديلين آيون هونديون. جيئن تہ جديد هندوستاني ٻوليءَ[2] ۾ اهي مرڪب آواز ڪري ڪتب اچن ٿا. ان ڪري رومن هجي ۾ ان تي ڏندوان اڙي [illegible] ) جي جاءِ تي ساڳيو نشان ڏجي ٿو جيڪو تارون واري گهڪيدار ش (š =) کي ڏجي ٿو جيڪو ان جي جديد اچار کي ظاهر ڪري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ تارون واري ञ ń ڃ[3] کي آزاد آواز طور قائم رکيو آهي، جيڪا ڪڏهن بہ پنهنجي ورگ جي اکرن کان اڳ نہ ايندي آهي ۽ اهڙين صورتن ۾ انوسوار استعمال ٿئي ٿو (۽ هندوستانيءَ ۾ سادي ن سان). جيئن تہ هندوستاني لهجي ۾ تارونءَ وارو انوناسڪ اچار ڪونہ ٿيندو آهي، تنهنڪري اسان کي هڪ نئون اکر ڏيڻو پيو. پراڻي سنڌي لپيءَ جي مناسبت سان، اسان ان لاءِ مرڪب نج جو انتخاب ڪيو، جيڪو هن جي ويجهو اچار آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي تارونءَ واري ञ هڪ مرڪب آواز آهي ۽ اچارجي بہ 'نيہ' (ny) جي ڪري ٿو. ان کي نئي ڪري لکڻ موزون هوندي بہ ان ڪري صحيح نٿو لڳي ڇو تہ تارون واري ڃ کي سنڌي ۾ سادو آواز سمجهيو وڃي ٿو ۽ سنسڪرت ۾ ڃ لکجي ٿو؛ تنهنڪري اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ مرڪب نج (ڃ) بهتر ٿي لڳي ۽ نئي سان مونجهارا پيدا ٿيڻ جي گنجائش آهي. رومن هِجي ۾ ان کي سنئون سڌو تارونءَ واري اڙي ڏئي ń ڪري لکيو ٿو وڃي.

موجوده الفابيٽ ۾ ان آواز لاءِ ڃ کي منتخب ڪيل آهي؛ اهو چونڊ ضروري آهي تہ ان جو بنياد ڃ نہ پر انوناسڪ ن آهي، جنهن جي پٺيان ي جو آواز گڏيل آهي.

گهڪيدار ش جنهن کي ڏنل فهرست ۾ اسان تارونءَ وارن اکرن ۾ شمار ڪيو آهي، اها تارونءَ واري اچار جي بدران هاڻ ڏندوان اچار ۾ بدلجي خالص ڏندوان ش بنجي وئي آهي. ش جو اصل اچار هاڻ شڪ ۾ پئجي ويو آهي ۽ موجوده دور ۾ ان جو اچار انگريزي سادي sh وانگر رهجي ويو آهي ۽ تنهنڪري ان کي ڏندوان اچارن ۾ ئي ڳڻڻ گهرجي. عربي ۽ فارسيءَ واري ش سنسڪرت ۾ بہ श /ش ئي آهي. پر اها خالص سنڌي لفظن ۾ بہ ملي ٿي. مثلاً شِينهُن وغيره (پيٽ لاءِ ڏسو تعارف نمبر 5).

سنڌيءَ جو هڪ مخصوص آواز ڄ - J - ॼ بہ آهي. ان کي هاڻ سادو اچار سمجهيو وڃي ٿو، پر ان جي تاريخي بنياد (etymology) سان اهو ثابت ٿيل آهي تہ اها ٻٽي (ڄہ - jj - ज्ज) مان نڪتل آهي ۽ ان جو اچار اڄ بہ مرڪب آهي يعني dy (ديہ)، جيئن مثلاً اَڄُ پراڪرت اجج (يا اڄ)، سنسڪرت اَديہ (ادغام جي حوالن لاءِ ڏسو تعارف: نمبر 15)؛ وِڄا (علم)، پراڪرت وِججا، سنسڪرت وِديا؛ ويڄُ- پراڪرت ويجج، سنسڪرت وئديہ- پين اسمن ۾ ڄ جي اصلوڪي ٻٽي ٿيڻ جو ڪو اشتقاقي اصل (etymologically) نٿو ملي. مثلاً ڄَنُ- هندي جنڙ ۽ ڄ اڪثر ڪري اهڙين صورتن ۾ ج ۾ بدلجي ٿي. جيئن ڄاتري يا جاتري- سنسڪرت ياتري.

---

[1] ڏسو معياري الف ب Standard Alphabet P: 93

[2] اَ, آ, اُ, اُو, اِ, اِي ۽ اَو سرن کان پهرين مراني ڇ ۽ ڄ جو اچار dz، ts، طور ان جي پيروي نہ ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو دراوڙي اثر ڪري ٿيو آهي ۽ فقط اڻ آريائي لفظن تي لاڳو ٿيندو آهي.

[3] مترجم پاران جديد اکر ڏنو ويو آهي.

يا ڙهہ استعمال ٿيا آهن، اهي ڪنهن اصلوڪي ٻوليءَ مان آيل آهن، جيڪا هاڻ گم ٿي وئي آهي ۽ جنهن ۾ مورڏني آوازن جو لاڙو وڌيڪ هو (جيئن ڏکڻ جا دراوڙي لهجا) ۽ انڪري اتر هندوستاني لهجن ۾ مورڏني اچارن جي عام استعمال جي سبب جي خبر پوي ٿي.

ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجي سنڌي گرامر ۾ ٻن مخصوص اکرن ٽر(ट्र ṭr) ۽ ڊر (ड्र dr) کي مورڏني قسم ۾ شمار ڪيو آهي، پر غور سان مطالعي مان اهي مرڪب آواز ٿا محسوس ٿين (ڏسو تعارف نمبر XV). ۽ تنهنڪري انهن کي آئيوپنا مان خارج ڪري ڇڏڻ گهرجي، ۽ انهن کي ٽر ट्र ۽ ڊر ड्र لکڻ گهرجي. مثال ٽِرُ (पुट्ठ) (پٽ)- پراڪرت پُٽر، سنسڪرت پُٽر: ڊراک (ड्राख) (ڊاک)- سنسڪرت دراکشا: ڪجهہ اسمن ۾ ر وسرگ ۾ سان گڏ ملي ٿي. مثال ڊراپڻُ (ड्रापणु) ۽ ان مان نڪتل ڊرائڻ (ڊائڻ)، ڊراءُ (ڊءُ) ۽ اهي سڀئي صورتون سنسڪرت ڌاتو ترپ (ترپڻ) مان نڪتل آهن. ڏڙ (جيڪا ڏڏُ وانگر بہ لکجندي آهي)، سنسڪرت دڙُ ۽ هندي داد (ڏسو تعارف نمبر 15, b).

اسان مورڏني ش کي سنڌي لپيءَ ۾ بہ وڌو آهي البت ڪيپٽن اسٽئڪ جي ”سنڌي لغت“ ۾ ڪجهہ لفظ ش سان لکيل آهن. اهو اکر عام ماڻهو نظر انداز ڪندا آهن ۽ پراڻي سنڌي الف ب ۾ بہ موجود نہ آهي. فقط ڪجهہ برهمڻ ڪن لفظن ۾ پنهنجي مطالعي جي ڏيکاءَ لاءِ استعمال ڪندا آهن. (پيٽ لاءِ تعارف نمبر 5).

## 4) The Dentals

## ڏندوان اچار/ آواز

ڏندوان اچارن جي لسٽ ۾ ڪابہ اهميت جوڳي ڳالهہ ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ر جنهن کي سنسڪرت ۾ مورڏني سمجهيو وڃي ٿو، اها جديد ٻوليءَ ۾ خالص ڏندوان ٿي وئي ٿي ڏسجي.

## 5) The Labials

## چپوان آواز

ڦ جو اچار دراصل پ جي وسرڳ طور ٿئي ٿو ۽ نہ ف جي طور جيڪو اصل ۾ عربي يا فارسي بنياد جو آهي. سنڌيءَ جو هڪ ٻيو مخصوص اکر ٻ آهي، جيڪو پڻ ڳ ۽ ڏ وانگر اچارجي ٿو، يعني اصل ۾ ب جي بہ دفعا اچارجڻ وانگر مثال ٻَہ- سنسڪرت وُ (bba = va ڏسو تعارف نمبر 15)، ڏٻَلُ- پراڪرت دُبَل ۽ سنسڪرت دُربَل. ٻين گهڻن اسمن ۾ ب جو ٻڻو ٿيڻ نٿو ڏسجي ۽ ٻولي ۾ ب ۽ ٻ جو استعمال ڪنهن حد تائين وچڙرو لڳي ٿو. مثال بَابو ۽ ٻاُ ٻوُ، اهي ٻئي اسم ترڪي لفظ بابا مان آيل آهن.

ان قسم جو انوناسڪ اچار م آهي، پر جڏهن بہ پنهنجي قسم (Varga) جي اکر اڳيان اچي ٿو تہ متبادل طور ن (انوسورا قاعدو) ڪتب اچي ٿو. مثال اَنبُ، ڪُنبارُ.

نمبر - 3

# خالص عربي اکرن بابت ڪي ڳالهيون

سنڌيءَ ۽ هندستانيءَ ۾ اسلام جي زورائتي نموني لاڳو ٿيڻ ڪري عربيءَ جي عنصر جي گهڻي ملاوٽ ٿي آهي، ۽ جيتوڻيڪ عام ماڻهو ان جي خالص عربي آوازن جي اچار تي ايترو ڌيان نٿا ڏين، پر لکت ۾ عربي رسم الخط (orthography) جي پيروي ڪندي ٿا ڏسجن.

(gutteral) يا ڪنٺي قسم ۾ اسان کي ع، ح، خ، ق، غ ملن ٿا، جن جي رومن هجي "معياري الف ب" جي ذريعي ڪئي آهي، حالانڪ سنڌيءَ ۾ انهن جو اچار مختلف نموني ڪيو وڃي ٿو. ع جيڪو عربيءَ ۾ وينجن طور استعمال ٿيندو آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهو نظر انداز ڪيو ويندو آهي ۽ رڳو ان سان لاڳاپيل سُر اچاريو ويندو آهي. مثال عَقُلُ پر اَڪُلُ طور اچارجي ٿو. لفظ جي وچ ۾ ع يا تہ نظرانداز ٿئي ٿي (۽ رڳو سُر اچارجي ٿو)، مثال نِعمت يا وري ( پاڻ سان گڏ ايندڙ سر سان ڊگهي پد وانگر نئامت اچارجي ٿي. مثال نَعَلَبَنَدُ (پر اچارجڻ ۾ نالبند) ۽ ڪجهہ اڻ پڙهيل ان کي لکن بہ ائين ٿا، ڪن صورتن ۾ ع ۽ ساڻس گڏ ايندڙ سر بنهہ ئي خارج ٿيو وڃي. مثال طَعَامُ، پر اچارجي طامُ ٿو. لفظ جي پڇاڙي ۾ بہ ائين ئي ٿئي ٿو، جتي ع پنهنجي سر سان گڏ پد ڊگهو ڪندي عام ماڻهو ان کي ننيو ڪن ٿا. مثال جَمَعَ پر اچارجي جما ڪري ٿو ۽ گهڻو ڪري لکجي بہ ائين ئي ٿو. فقط اهي مذهبي ماڻهو جيڪي عربيءَ جي ڄاڻ جي دعويٰ ڪن ٿا، اهي عربيءَ وانگر نڙي مان ڪنٺي اچار ڪن ٿا. ان ڪري سنسڪرت ۾ ع ان سان گڏ ايندڙ سُر جو اچار ڪري ٿي ۽ ڪنهن خاص اڙيءَ يا نقطي سان ظاهر نٿي ڪئي وڃي. عربي جي گهري ح سان بہ اها ئي صورت آهي ۽ سادي ھ وانگر اچارجي ٿي. مثال حاَلُ. عربي ۽ فارسي واري خ بہ عام طرح (خاص ڪري هندو خ نہ اچاري سگهندا آهن)، سادي آواز ک طور اچارجي ٿي. مثال شِيخ- سِيک ڪري اچارجي ٿي (فارسي- سِيخ)

عربيءَ ۽ فارسي غ سنڌي ۾ سادي گ وانگر اچارجي ٿي ۽ اڪثر ڪري تہ لکجي بہ گ جي متبادل طور ٿي. مثال بَاغُ- اچارڻ ۾ باگُ، غَمُ- اچار ۾ گَمُ وغيره. عربيءَ جو نهايت ئي ڪاڪڙي وارو يا ڪنٺي ق سنڌي ۾ ڪ سان اچارجي ٿو. مثال قومَ، قَوْلُ- هندو عام طرح انهن اکرن کي نظر انداز ڪندي سندن ويجهو آواز سنسڪرت مان ڪڍي متبادل طور استعمال ڪندا آهن.

عربيءَ جا مخصوص مخرجي اکر سنڌيءَ ۾ لاڳاپيل ڏندوان آوازن سان ظاهر نٿا ڪيا وڃن. ط جو آواز ت، ص جو س، ظ ۽ ض جو ز وانگر آواز ڪڍجي ٿو. ان جي برعڪس هندو ۽ اڻ پڙهيل مسلمان ض ۽ ظ کي ج ڪري اچاريندا آهن. اهي عربي اکر جيڪي ڏندوان واري قطار ۾ ڏنل آهن يعني ث، ذ ۽ ز (ذ ۽ ز فارسيءَ ۾ بہ موجود آهن)، انهن جو اچار سنڌ (۽ هند) ۾ ث کي س ۽ ذ ۽ ز کي ز سان اچارجي ٿو. هت بہ هندو ۽ ڪجهہ مسلمان ذ ۽ ز کي ج سان پڙهن ۽ لکن بہ ٿا.

عربي ۽ فارسيءَ جي ف کي مسلمان تہ ف ئي اچارين ٿا پر هندو عام طرح ڦ سان اچارين ۽ لکن ٿا.

نمبر - 4

# II. The Sindhi vowel system

## سنڌي حرف علت جو سرشتو

هتي سنڌي سرن جو سرشتو جدول جي صورت ۾ ڏجي ٿو:

### 1) Simple vowels

سادا سر

| | | |
|---|---|---|
| آ، ا | اِي اِ | اُو اُ |
| a, ā | i (e) ī | u ū |
| | اوَ اِي | |
| | ē ō | |

### 2) Diphthongs

هندوستاني ٻوليءَ ۾ اهو فرق نٿو رکي سگهجي جو ته ان ۾ فقط هڪ مڪمل ن موجود آهي، جيڪو يا ته مڪمل انوناسڪ اچار جي يا انوسوار طور اچارجي. تنهنڪري پڙهندڙن جي لاءِ ضروري ٿيو پوي ته هو ڪي اهڙا لفظ ياد ڪري ڇڏين. هتي اڳ ڏنل ڳالهه ورجائڻ ضروري آهي ته عربي اکرن ڪي هندوستان جي پراڪرت لهجي ۾ ڪتب آڻڻ سان مونجهارا پيدا ٿين ٿا.

(ب) ڊگهي پد ۾ وينجن کان اڳ ايندڙ انوسوار کي مڪمل انوناسڪ اچار گهرجي. مثال बांठि بانٺِ، پِنگهَه، ڪُونڊُ، وِندوَ، لُونبُڙ، پر جتي به انوسوار سان آيل ڊگهي سر جي پٺيان هه، س يا و موجود هجن ته ان جي اچار ۾ انوسوار رنگ ڏيڻ گهرجي. مثال ٿانهر، مانَسُ، ٿانوَرُ، مِينهُ، مينهُ وغيره. ڊگهي پد ۾ جڏهن مڪمل ن هه کان اڳ اچي ته ان کي ن سان ظاهر ڪرڻ گهرجي! (هندوستاني ۾ ان کان وڌيڪ فرق ممڪن ناهي)، مثال ٻانهِي बान्ही ۽ وري ٻاںَهه बांह.

(پ) پڇاڙي وارو سر چاهي ننيو يا ڊگهو هجي، لفظ جي آخر ۾ انوسوار اچار هميشه قائم رهي ٿو. مثال پرين प्रीं، پُونَ भ्रूं، مُنهُن मुंहि (ضمير متڪلم واحد)؛ ۽ مرڪب لفظن ۾ به، مثال پُونَ پُونَ भूंभूं. اهو قاعدو ان حقيقت جي ڪري آهي ته سنڌي ۾ هر لفظ ڪنهن سر تي ختم ٿيندو آهي، (جيڪو انوسوار به ٿي سگهي ٿو).

(ت) انوسوار جڏهن به ٻن سرن جي وچ ۾ هجي (پهري سر ننيو يا ڊگهو هجي) ته ان ۾ انوسوار اچار قائم رهندو آهي. مثال اَئِين (ء)، مَانِئُ، آنئُون، ڪِٿانئُون (ڪياٿون) (ٻيٺ لاءِ ڏسو تعارف نمبر 6).

انوسوار جي حوالي سان اهو ئي قاعدو ٻن سرن تي به لاڳو ٿئي ٿو (ڏسو تعارف نمبر 2-1). مثال رَوُنشوَ، مَيَنٽَ.

رومن هِجي ۾ هن سڄي گرامر ۾ انوسوار جي ٻن آوازن کي اهڙي طريقي سان ڏيو ته جيئن مڪمل ن جي اچار لاءِ ن ڏجي ۽ انوسوار اچار لاءِ نشاني (~) ان جي مٿان هڻنداسين. مثال اَنٽُ (antu) ۽ آنئون (ãũ).

اسان اڳيئي ذڪر ڪري آيا آهيون ته هندوستانيءَ ۾ انوسوار جي اصل آواز ۾ ڪافي مسئلا آهن، ڇاڪاڻ جو ان ۾ صرف هڪ ن آهي (۽ اهو به ڏندوان ن). هندوستانيءَ سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ جتي انواسوار اچار تمام گهڻو موجود آهي، ان ۾ به اهي ئي ڏکيائيون موجود آهن. جيستائين هندوستاني اکرن جو سوال آهي ته اسان هڪ پيرو وري پڙهندڙن جو ڌيان هيٺ ڏنل ڪن نڪتن ڏانهن ڇڪرائينداسين.

پڇاڙيءَ ۾ ايندڙ ن جو اچار سدائين انوسوار هوندو اهي ۽ ان ڪري پڙهندڙ لاءِ ان ۾ ڪابه پريشاني نه ٿيندي. مثال ماٺهون، زَالُون، اِئَان، تِئَان.

ٻن ننڍن يا ڊگهن سرن کي الڳ ڪندڙ انوسوار کي ن سان ظاهر ڪبو ۽ ان کي پنهنجي لفظ جي بيهڪ مان سڃاڻي سگهجي ٿو ۽ ان ڪري مونجهاري کان بچڻ لاءِ اسان ٻئي سر کي همزي جي نشاني ڏينداسين ته جيئن اهو چٽو ٿي وڃي ته اڳ ۽ پوءِ وارن سرن کي گڏي ناهي پڙهڻو ۽ ن تي پد اچي ختم ٿئي ٿو. مثال اِئين، تِئين، ڳئون. جڏهن ٻيو سر ڊگهو هجي ته ي همزي سان گڏ اڳ لڳائبي ته جيئن سر لاءِ بنياد موجود رهي. مثال سانئِين، هنئوَ، ڇٽانئُونَ.

انهيءَ جهڙين ٻين صورتن ۾ هندوستانيءَ ۾ ڪوبه اهڙو طريقو ڪونهي، جنهن ۾ مڪمل انوناسڪ ۽ انوسوار ۾ فرق خبر پوي ۽ اهو تجربي سان ئي حاصل ٿئي ٿو. مثال "ٻانهِي ۽ ٻَانهَ- پراڻي سنڌي لپي ۽ جيڪا اڄڪلهه مروج آهي، انهن ۾ به انهن باريڪين بابت ڪا وضاحت نٿي ملي.

## نمبر - 5

# On the other Orthographic Signs

# لکت جي ٻين نشانين بابت

1) (~) - مَدّه جي نشاني منڍ ۾ ايندڙ الف مٿان ڏني ويندي آهي ته جيئن اهو ڊگهو ٿي وڃي. مثال **آٿر**- لفظ جي وچ ۽ پڇاڙي ۾ مده الف مٿان نہ ڏبي آهي. جيڪڏهن اڳيون وينجن زبر سان هوندو ته الف کي ساڪن سڏبو، مثال رَاجَا (rā-jā)، مَالَا (mā-lā)، پر جيڪڏهن اڳيئين وينجن مٿان جزم هجي (۽ اهو سر جي ڪري پنهنجي جاءِ نہ ڇڏي ته الف مٿان مده ڏيڻ ضروري آهي، جڻ ته پد جي شروعات ۾ هجي. مثال **قُرآنُ**.

2) نشاني جزم (ـٔ) جڏهن بہ وينجن مٿان هجي ته ان جي معنيٰ ته ان وينجن سر جي ڪري جڳهہ نہ ڇڏي آهي. مثال **وِيلْهوَ، مَوْدُ** سَرگُ، پراڻين سنڌي لکڻين ۾ جزم ورلي ڪو ملي ٿي، ڇاڪاڻ ته تڏهن ڪنهن ساڪن اکر کي ڪسره (زير) ڏني ويندي هئي، جنهن جو اچار ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو. مثال **مَوِدُ** بجاءِ **مَوْدُ** جي ۽ ان مان جزم جو ڪم ورتو ويندو هو. اسان اهو سرشتو قبول نہ ٿا ڪري سگهون، ڇو ته ان مان مونجهارا ۽ غلطيون پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

3) تَشْدِيد (ـّ) جي نشاني وينجن مٿان هجڻ جو مطلب ته اهو اکر ٻٽو اچاريو وڃي. پراڻي سنڌيءَ ۾ تشديد جو استعمال ورلي ڪو ملندو ڇو ته ان زماني ۾ اصلي ٻٽي اکر کي بہ سادي بنياد سان اچاربو هو. مثلاً ڪَرُ - بجاءِ **ڪَرُّ** جي. هن وقت ان جو استعمال فقط اهڙين صورتن ۾ ڪجي ٿو، جتي وينجن جي ٻٽي ٿيڻ سان ٻن هڪجهڙن لکجندڙ لفظن ۾ سڃاڻپ ٿي سگهي. مثلاً **اُنَ ۽ اُنَّ**.

4) همزي (ء) جي نشاني لفظ جي وچ يا آخر ۾ الف جي خيالي بنياد (vicarious base) طور استعمال ٿيندي؛ جڏهن بہ ننڍا يا ڊگها سر لفظ ۾ ميل کائين ته پوءِ ايندڙ سر کي ي جو سهارو ڏيڻ ضروري آهي ۽ گڏ همزو بہ ڏيڻ گهرجي. مثال **پيءُ، جيءُ، هيئَر، جنئِ، قائِمُ، پائِرَ، جيءُ، ڪُئُو، گهاءُ، آئِي**.

ڪو بہ پڇاڙيءَ جو سر جنهن کان اڳ آ، اُو ۽ اَوْ هجن انهن کي همزو ڏئي سگهارو ڪبو آهي. مثلاً **پاءُ**، پوءِ، **هُوءِ**، پر جڏهن بہ لفظ ۾ و سخت هجي ته ان مٿان همزو لاڳاپيل سر سان ان جي مٿان لڳائبو آهي. مثال ٿانوُ- تشڪيلي صورت ٿانوَ؛ **ڳنؤُن، مَاڙهُنوَ**، نڪتل ماڙهُون مان.

ڪجهہ اسمن جا تشڪيلي واحد جيڪي اِي سان ختم ٿين ٿا، انهن ۾ آسانيءَ لاءِ همزو ترڪ ڪيو ٿو وڃي. مثال **هندي**- تشڪيلي **هَنْدِيَ** (**هَنْدِيءَ** بدران)؛ پر ڪجهہ اسمن مثلاً **سانئين** ۾ همزي کي غلطين کان بچاءَ طور برقرار رکڻ ضروري آهي.

نوٽ: وَصْل جي نشاني (ٱ) فقط عربي اصطلاحن ۾ هوندي آهي، جيڪو اهڙن لفظن کي ملائيندو آهي، جن ۾ پويان ايندڙ لفظ الف سان شروع ٿيندو هجي ۽ اهڙي صورت ۾ ساڻس گڏ ايندڙ سر حذف ڪيو ويندو آهي ۽ اڳئين لفظ جي آخري سر کي پويان ايندڙ سان گڏيندو آهي. مثال **عَبْدُ ٱلْمَلِكِ** (**عَبْدُ أَلْمَلِكِ** بدران)، ساڳي ريت **قَالَ ٱسْمَعْ** بدران **قَالَ اِسْمَعْ؛ بِسْمِ اللهِ.**

تنوين (يعني اً (ـً)، اٍ (ـٍ)، اٌ (ـٌ)جيڪي عربيءَ ۾ اُنْ، اَنْ ۽ اِنْ اچارجن ٿا) سنڌي ۾ استعمال کان گريز ڪرڻ جو مشورو ڏينداسين ڇاڪاڻ ته تنوين عربي وياڪرڻ جي ماهرن جي هڪ عجيب تخليق آهي ۽ سنڌيءَ جي ڇوٽي انوسوار آواز جي (توڙي ڊگهي لاءِ) اظهار لاءِ موزون نہ آهي.

حصو پهريون

THE FORMATION OF THEMES IN SINDHI

سنڌيءَ ۾ بناوتن جي جوڙجڪ

# باب پهريون

نمبر - 6

## The termination of Sindhi nouns

## سنڌي اسمن جون پڇاڙيون

بناوتن جي جوڙجڪ ۾ سنڌي جيڪو رشتو هڪ پاسي سنسڪرت- پراڪرت سان ۽ ٻئي پاسي ٻين جديد ڀينر ٻولين سان رکيو اچي ٿي اهو نهايت ئي واضح آهي.

سنڌيءَ جي هڪ خاصيت ۽ فائديمند ڳالهه اها آهي ۽ پڻ جيڪا هن کي ٻين لاڳاپيل ٻولين کان مخصوص حيثيت ڏياري ٿي، **اها هيءَ** تہ ان ۾ هر اسم، اساسي لفظ، صفت، ضمير، ڪردنت ۽ مصدر ڪنهن وينجن تي ختم ٿيندا آهن. ان آوازي پڇاڙيءَ جي ذريعي سنڌي پاڻ ۾ هڪ خاص لچڪ ۽ حرڪت برقرار رکي ٿي، جيڪا ٻين جديد ديسي ٻولين (vernaculars) ۾ اڻ لڀ آهن.

جيئن اڳ ۾ ڏنو ويو آهي تہ ٻئن سرن جي حوالي سان (ڏسو تعارف نمبر 1) اها ڳالهه خاص اهميت رکي ٿي تہ ڪو بہ سنڌي اسم ٻئي سر تي ختم نٿو ٿي سگهي، ان سبب سنڌي اسم اَ، اِ، اُ، آ، اِي، اُو، اَوُ تي ئي ختم ٿيندا آهن. ڪو بہ اسم اِي تي ختم نٿو ٿئي ۽ جيڪي ائين ٿيندي ڏسجن بہ ٿا تہ اهي فاعلي نہ پر گرداني صورت ۾ هوندا آهن. آخري سر انوسوار بہ ٿي سگهي ٿو. مثال **ماڙهون** (ماڻهو)، **چوٽون**، **پرين** ۽ اهو خاص ڪري تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن لفظ ڪنهن ڊگهي سر تي ختم ٿو ٿئي ۽ اهو انوسوار آواز هئڻ باوجود قاعدي کان ٻاهر نٿو ٿئي.

سنڌي پنهنجي بناوتن جي جوڙجڪ ۾ پراڪرت جي طريقي جي پيروي ڪئي آهي، پر ان سان گڏوگڏ ڪجهہ نيون بناوتون بہ پيدا ڪيون اٿس، جيڪي پراڪرت جي اثر کان بلڪل آزاد آهن. جديد ٻولين جا جي لاها چاڙها ۽ ان جون پڇاڙيون پراڪرت جتي هڪ پاسي تي رکي، اهي سنڌيءَ ۾ سڀ هڪ ئي گروپ ۾ رکيل ڏسجن ٿيون.

اسم جيڪي مونث آهن ۽ اُ پڇاڙي تي ختم ٿين ٿا، انهن جو ڳاٺيٽو اسان اسمن جي جنس جي حوالي وقت ڪنداسون؛ ۽ انهن مان گهڻن جي اصل جي خبر ناهي.

## II- پڇاڙي اوَ:

اُ تي ختم ٿيڻ وارن اسمن ڪانسواءِ اهڙا گهڻائي اسم جيڪي اوَ تي ختم ٿين ٿا ۽ اهي بنان ڪنهن استثنا جي سڀئي مذڪر آهن. پراڻي پراڪرت پڇاڙي اوَ سنڌيءَ ۾ ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي، هڪڙا اهڙا جتي ان کي ننڍو ڪري اُ ڪري اچارجي ٿو ۽ ٻين ۾ ان کي جيئن جو تيئن قائم رکيو وڃي ٿو.

انهن ٻنهي پڇاڙين لاءِ ڪو سخت قاعدو نظر نٿو اچي ۽ اهو استعمال تي وڃي ٿو منحصر ڪري ته ڪهڙي جاءِ تي ڪهڙي پڇاڙي لڳندي. گهڻين صورتن ۾ انهن جو استعمال غلط نموني ڪيو ويو آهي. هتي ان ڳالهه جو ڌيان رکڻ ضروري آهي ته سنڌيءَ ۾ جن اسمن جي پڇاڙي اوَ آهي، انهن اسمن ۾ هندي، هندوستاني ۽ گهڻي ڀاڱي مراٺي، بنگالي ۽ پنجابي ان جي لاڳاپيل پڇاڙي آ کي قائم ڪيو آهي (مذڪر لاءِ) ۽ ساڳي ريت اهڙا اسمَ جن ۾ (سنڌيءَ ۾) اُ ڪتب اچي ٿو. اهي انهن ٻولين ۾ اَ جي اچاري پڇاڙيءَ کي ترڪ ڪن ٿا.

مثال: ترؤ - سنسڪرت تَلنُ (तल).

گلو- سنسڪرت ۾ گلَ (गल) آهي. جڏهن ته ٻي جاءِ تي ڳِلُ- سنسڪرت گلَ (गल्ल) - لُوڪوَ يا لُوڪ. سِوَنارو- سنسڪرت سُوَرڻڪار (सुवर्णकार) - لُهارُ- سنسڪرت لوهڪار (लोहकार).

ڪن حالتن ۾ ٻوليءَ انهن ٻنهي پڇاڙين کي ڪتب آڻيندي مختلف معنائن وارا لفظ ساڳئي بنياد مان ناهڻ جي ترڪيب ڪئي آهي. مثال چُوروَ ۽ چُورُ (سنسڪرت چُورڻ منجهان) ۽ مٿو- (سر) ۽ مٿ (مٿي) (سنسڪرت مستُ (मस्त) منجهان)

هاڻ اسان ڪجهه قاعدا بيان ڪري سگهون ٿا. جن جي پيروي ڪندي سنڌي اصلوڪي پراڪرت پڇاڙي اوَ کي قائم رکي ٿي.

1) اهي صفتون جيڪي سڌو سنئون پراڪرت- سنسڪرت مان آيل آهن. انهن ۾ پڇاڙي اوَ کي عام طرح اِ ۾ تبديل ٿيندي ڏسجي ٿو. مثال چڱوَ (سنسڪرت چڱگ)؛ مِٺوَ (سنسڪرت مِشٽ मिष्ट)؛ کارو ۽ کار (سوڍا) ٻئي سنسڪرت جي ڪشار क्षार مان نڪتا آهن. ڪجهه اسمَ اهڙا آهن جن ۾ ٻئي پڇاڙيون ڪتب اچن ٿيون. مثال اَڌَروَ يا اَڌَرُ (بي وس)؛ نِڌروَ يا نِڌرُ (ڏڪويل)، اَپَروَ يا اَپَرُ (غريب).

اهي صفتون جيڪي ٻين صورتن منجهان ضمني ڳنڍڻ ذريعي پيدا ٿيون آهن، اهي عام طرح اوَ پڇاڙي قائم رکن ٿيون. مثال جَٽِڪوَ (جَٽُ مان نڪتل)؛ وَاٽِڪوَ (واٽيوَ سان لاڳاپيل)؛ رَسِيلوَ (رَسُ منجهان) ۽ ڪاَنڌِ منجهان ڪانڌِيروَ (صابر) ۽ ان ڪان استثنا طور جيئن وانُ (پراڪرت ونتو، سنسڪرت وت) مثال ڏيَاوانُ؛ آلُ جيئن ڏيَالُ (ڏيَاوانُ وانگر)؛ جوڙ آرُ، جنهن کي اسمي صورتون ناهڻ ۾ ڪتب آڻجي ٿو. مثال ڏنارُ جڏهن ته جوڙ آروَ کي صفتون ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو. مثال سَگهاروَ (سَگهہَ منجهان).

2) فعلي اسم، جيڪي فعل جي ڌاتوءَ منجهان سنڌن ڌاتو سر اَ کي ڊگهو ڪرڻ سان ٺهندا آهن، اهي ٻہ اوَ پڇاڙي ڪتب آڻين ٿا. مثال:

گهٽڻُ منجهان گهاٽوَ
چڙهڻُ منجهان چاڙهوَ

ساڳئي وقت ڀڃاڙي اُ بہ استعمال ٿئي ٿي ۽ خاص ڪري اهڙين بناوتن ۾ جن ۾ ڏاتو سر ڊگهو ڪيو وڃي. مثال مَرڪَڻُ منجهان مَرڪُ ۽ جهَٽڻُ منجهان جهَٽُ.

3) اهڙا متعدي مجهول وارا اسم فاعل جيڪي فعلي ڏاتوءَ مان ڏاتو اُ سر کي ڊگهو ڪرڻ سان (جيڪڏهن اهو ننڍو هجي) ٺهندا آهن. اهي بہ اوُ ڀڃاڙي ڪتب آڻين ٿا.
مثال وَڍڻُ مان واڍو"، ٽُٻڻُ مان ٽوٻوُ، چيرڻُ مان چيروُ.

4) ڪجهہ ٻاهران آيل لفظن ۾ آخري آ يا اهہ کي بہ سنڌيءَ ۾ اوُ ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو.
مثال بابوُ (ترڪي لفط) بابا مان نڪتل، ۽ فارسي دَرَوَازَہ مان دَرَوَازوُ.

5) حال ۽ ماضيءَ جا سيئي ڪردنت اوُ تي ختم ٿيندا آهن.
مثال هَلَندوُ، هَليوُ، مارِيندوُ، مارِيو".

6) اٺين تمام گهڻ تو ٿئي تہ اصلوڪي ڀڃاڙي آ (مونث) اوُ ۾ بدلجي ۽ مذڪر ٿي وڃي، مثال تارو- سنسڪرت تارا (مونث)، هندي ۾ بہ تارا (مذڪر) (پشتو ۾ ستورئي: مذڪر) مرانيءَ ۾ اهو مذڪر ۽ مونث ٻنهي طرح استعمال ٿيندو آ هي.

نوٽ: جيڪڏهن ٻن معلوم لهجن جو جائزو ونجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ گجراتي ان حوالي سان سنڌيءَ جي ويجهي ٻولي آهي ڇاڪاڻ تہ تقريباً اهي سيئي اسمَ جيڪي سنڌيءَ ۾ اوُ يا اُ تي ختم ٿين ٿا، انهن ۾ اوُ کي قائم رکيو ٿو وڃي، جيئن تہ گجرابي بي جنس (Neuter) کي قائم رکيو آهي. تنهنڪري ان ۾ مذڪر بناوتن جي آخر ۾ بي جنس اُون رکي ٿي، جيڪي اوُ جي صورت ۾ هجن. مثال کُترونُ (عام طرح ۾ مذڪر طور کُترو (معنيٰ ڪُتو). انهيءَ بي جنس ڀڃاڙيءَ کي سنڌيءَ ۾ اسان آوازي ڀڃاڙي اُ سان بلڪل ملندڙ سمجهون ٿا. سواءِ ان فرق جي تہ ان ۾ انوسوار کي بي جنس جي نشانيءَ طور لڳايو ويو آهي.

مراني، هندي ۽ پنجابيءَ ۾ سنڌي ۽ گجراتي ۾ استعمال ٿيندڙ اوُ جي ڀڃاڙي کي آ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. پنجابي ۽ هندي (هندوستاني) ۾ بي جنس ترڪ ٿي ويو آهي. جڏهن تہ مراني ان کي برقرار رکندي مذڪر ڀڃاڙي آ مان هڪ باقاعده بي جنس ڀڃاڙي اين ٺاهي ٿي، جنهن جو ڏاتو هڪ ئي مذڪر ڀڃاڙي آهي، جنهن جي آخر ۾ انوسوار لڳايو وڃي ٿو، جيئن گجراتيءَ ۾ ڪيو ويندو آهي. (ڀيٽ لاءِ ڏسو ليسن، انسٽيٽيوٽ لِنگئي پراڪرت صفحو 429، نمبر 14) مثال ڪيلِينَ، هندي ڪيلا (مذڪر)، ڪَرٿِينَ (جيڪو سنسڪرت وانگر حقيقت ۾ بي جنس فعلي اسم آهي)، سنڌي ڪَرڻُ هندي ڪرنا، گجراتي ڪرٿُمُ (مراني ۾ بہ اهو ئي آهي). بنگاليءَ ۾ ڀڃاڙي آ (برابر سنڌي اوُ جي) فقط ڪجهہ اسمن ۾ ملي ٿي. مثال گاڌا (گڏهہ)، گهوڙا وغيره. (پيتا، ڪرتا وغيره جهڙا اسم ان زمري ۾ نٿا اچن. ڇاڪاڻ تہ اهي سنسڪرت فاعلي صورتون آهن.) بنگالي ٻوليءَ ۾ صفت جي مذڪر ڀڃاڙي نہ هوندي آهي.

## III- اُو ڀڃاڙي (مذڪر ۽ مونث)

اُو سان ختم ٿيڻ وارا اسم عام طرح سنسڪرت- پراڪرت ڀڃاڙي اُ جي برابر آهن. پراڪرت ۾ ان کي حالت فاعلي واحد ۾ ڊگهو ڪري اُو ڪيو ويندو آهي. اهڙا اسمَ جيڪي سنسڪرت ۾ اُو تي ختم ٿين ٿا، سنڌيءَ ۾ بہ انهن ۾ اها ئي ڀڃاڙي رکي ويندي آهي. ڪجهہ مُونث اسم جيڪي اُو تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ اُو کي ننڍو ڪري اُ ڪجي ٿو ۽ ساڳئي وقت اِ يا اُ مان ڪا مونث ڀڃاڙي لڳائي وڃي ٿي. مثال سَائُو- (پراڪرت سَاءُ، فاعلي واحد سَائوُ، سنسڪرت ساڌُ، هندي سَاڌوُ ۽ سَاڌُ)؛ تَارُون- سنسڪرت تالُ، هندي تَالُو؛ ڀُون يا ڀُونءِ- سنسڪرت ڀُو؛ جُون يا جُونءِ- سنسڪرت يڪ (سنڌي ۾ آخري ڪ ڇانٽي ٿيو وڃي)؛ آبِرُو يا آبِرُوءِ (فارسي).

ان زمري ۾ اُ، آوَ ۽ آڪوُ سان ختم ٿيندڙ ڪيئي اسم عام ۽ صفتون اچن ٿيون، جيڪي سنسڪرت

جوڙن **اُکَ** ۽ **آکَ** جي برابر آهن. مثال **تارُو** (= **تارُوکَ**)؛ **رَهَاکُو** يا **رَهَائُو**؛ **کَٽائُو** (فائديمند)؛ (**کَٽَ** (فائدو) منجهان).

ڪجهه اسم جيڪي **اُو** تي ختم ٿين ٿا، انهن ۾ هڪ پيچيده سسڻ جو عمل ڏٺو ويو آهي. مثال ماڙهون- پراڪرت **مَاڻسُو**، سنسڪرت **مَانُش** (پراڪرت جو ڻ تبديل ٿي ڙ ٿيو وڃي ۽ هه بدلجي س ٿيو وڃي ٿي)، مثال **ڏاڙهُون**- سنسڪرت **داڙِم**، هندوستاني **دَاڙِم**؛ **ڪَچُون**- سنسڪرت **ڪڇپ** (p = b = v = ū)؛ **وِڇُون**- پراڪرت **وِڇِڇُوئو**، سنسڪرت **ورشِڪَ**.

## IV- پڇاڙي آ

آ سان ختم ٿيندڙ اسم سنسڪرت پراڪرت پڇاڙي آ سان برابري رکندا آهن ۽ سيئي مونث هوندا آهن. مثال **چِنتَا**- سنسڪرت **چِنتا**؛ **هَڇَا**- سنسڪرت **هَتِيا**؛ **جَاترَا**- سنسڪرت **يَاترا**؛ **کِمَا**- پراڪرت **کَمَا**، سنسڪرت **ڪشمَا**.

ڪجهه مذڪر اسم اهڙا آهن جيڪي هاڻ آ تي ختم ٿين ٿا، انهن کي اڳ ڄاڻايل مونث اسمن کان الڳ سمجهڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته انهن جو ڌاتو بلڪل مختلف آهي. اهي اسم دراصل اهڙن سنسڪرت بناوتن مان آيل آهن، جيڪي پڇاڙي **اُر** ۽ **ڙ** (r) تي ختم ٿين ٿا، ۽ حالت فاعلي واحد ۾ آ تي ختم ٿي ٿا. مثال **رَاجَا**، **آتمَا**، **ڪَرتَا** (ويا ڪرڻ ۾ فاعلي حالت)، ڪجهه ٻاهران آيل لفظ به آ تي ختم ٿين ٿا. مثال **آشنَا** (فارسي **آشنا**).

ساڳيءَ ريت ڪجهه صفتون به آ يا آن تي ختم ٿين ٿيون. مثال **ڏَاتَا** (سخي)، **تالاَن** (ٽڪل) وغيره.

## V- پڇاڙي اَ

آوازي پڇاڙي اَ اصل ۾ اڳ آيل مونث پڇاڙي آ کي ننڍو ڪرڻ سان ٺهي آهي. بلڪل ائين جيئن اُو مان اُ ٺهي ٿو. ان قسم ۾ سنڌي ۾ هيٺ ڏنل لفظ اچن ٿا:

1) اهڙا اسم جيڪي سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ آ تي ختم ٿين ٿا. مثال **جِڀَ** – پراڪرت **جِبهَا**، سنسڪرت **جِهوَا**؛ **ٺُنَهَ** (۽ **ٺُنَهُ**) – سنسڪرت **سَنُشا**؛ **ڏيءَ** (۽ ڌي)- پراڪرت **ڌِيدَا** ۽ **ڌِيئَا**؛ **سَئِنَ** (نشاني)- سنسڪرت **سنجّا** ۽ **مچ**- سنسڪرت **مججا** (مجَا)، ان کان سواءِ ڪافي اسم اهڙا آهن، جن جي بناوت سنڌي جي خاصيت آهي ۽ اهي هر قسم جي فعلي ڌاتوءَ مان ناهي سگهجن ٿا. اها بناوت هوبهو سنسڪرت جوڙ سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪا فعلي ڌاتوءَ ۾ ڳنڍي مونث اسم ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿي. مثال سنسڪرت **پِدر** مان **پِدا** وغيره.
سنڌي ۾ فعلن مان اسمَ ناهڻ عام آهي ۽ ان سان ٻوليءَ کي فعلي اسمَ ناهڻ ۾ وڏي سهولت ملي ٿي.

مثال **چوَک** (چڪاس)، (مصدر) **چوَکَڻُ** (ڌاتو **چوکُ**)؛ **گڏَ**، مصدر **گڏَڻُ** (ڌاتو: **گڏ**)، اهڙن اسمن ۾ جيڪي سنسڪرت سان نٿا ملن ته سنڌي پراڪرت جو سهارو وٺي ٿي ۽ اهو ائين ته يا ته پراڪرت جو آخري وينجن حذف ڪري يا ڪا نئين آوازي پڇاڙي ڳنڍي. مثال **آسِيسَ**- پراڪرت **آسس**، سنسڪرت **آشش**.

2) جن صفتن جي پڇاڙيءَ ۾ مذڪر واري **اُ** هجي ته انهن جي مونث ۾ اَ ايندي. جيئن **ڪُپ** مان **ڪُپ** (نياڳو)؛ **سُڄاڻ** مان **سڄاڻَ**. تمام ٿوريون صفتون اصلوڪي اَ سان ختم ٿين ٿيون، جن ۾ جنس، عدد يا حالت ۾ تبديلي نه ايندي هجي. مثال **جَالَ** يا **جَارَ**؛ **جَامَ** (گهڻو).

3) ڪافي اسمَ اهڙا آهن، جيڪي پڇاڙي اَ ۽ اِ کي متبادل طور استعمال ڪندا رهندا آهن. جيئن ته اهي ٻئي ننڍا سر سنڌيءَ ۾ مونث پڇاڙين ۾ اڪثر ڪري ڪتب اچن ٿا. مثال **نَارَ** يا **نَارِ** (عورت)؛ **آرَ** ۽ **آرِ** (حُب)؛ **چِنَ** يا **چِنِ** (تلاءُ)؛ **رِيڙَ** يا **رِيڙِ** (جهيڙو)، جيڪي صفتون اُ تي ختم ٿينديون هجن، انهن جو مونث ناهڻ لاءِ آخر ۾ اَ يا اِ ڏئي سگهجي ٿي. مثال **آتُورَ** يا **اتُورِ**- مذڪر **آتورُ**؛ **چَرَيَتَ** يا **چَرَيَتِ**- مذڪر **چَرَيَتُ** (چريو).

ان ۾ اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي ته جيڪي اسمَ پراڪرت ۾ **اِي** تي ختم ٿين ٿا سنڌيءَ ۾ انهن ۾ اَ جي پڇاڙي لڳي وئي آهي (هڪ مونث پڇاڙيءَ بدران ٻي مونث پڇاڙي) جيئن: **ڀيڻَ** (۽ ڀيڻ)- پراڪرت **بَهِڻِي**،

سنسڪرت ڀَڳِنِي भगिनी؛ ڌُر (اصل)- پراڪرت ڌُرا، سنسڪرت ڌُر ۽ جيتوڻيڪ لاڳاپيل مونث پڇاڙيون اڪثر متبادل طور ڪتب اچن ٿيون، پر سنڌيءَ ۾ اصلي جنس سختيءَ سان برقرار رکجي ٿي ۽ ائين ورلي ڪو ٿيندو هوندو تہ ڪو اصلوڪو مذڪر اِسم بدلجي مونث ٿيو هجي. مثال ٻاڦَ (مونث) سنسڪرت واشپَ वाषप (مذڪر)- هندي ۾ اهو مونث آهي).

نوٽ: جيستائين معلوم لهجن جو تعلق آهي، بنگالي ان اصلوڪي مونث پڇاڙي آ کي هميشہ سانديندي آئي آهي. مراٺي هونئن تہ پراڪرت جي هميشہ پيروي ڪندي آئي آهي، پر ان ۾ آ کي ڪجهہ صورتن ۾ اَ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، ۽ آخر ۾ بلڪل ترڪ ڪري ڇڏيو آهي (گهٽ ۾ گهٽ اچار ۾) مثال ڄڀَ، واٽ- ٻين لهجن ۾ آ کي يا تہ برقرار رکيو ويو يا وري پهرين اَ ۾ تبديل ڪرڻ کانپوءِ بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي.

جيئن تہ هر هڪ سنڌي اسم ڪنهن سر تي ختم ٿيندو آهي، تنهنڪري اهڙا مونث اسمَ جيڪي هندوستانيءَ مان اڌارا ڪنيل آهن، انهن ۾ سنڌيءَ ۾ مونث پڇاڙي اَ لڳائي ويندي آهي. مثال هندوستاني لفظ زَمِين (مونث)- سنڌي زَمِينَ؛ هندوستاني لفظ مِلَڪ- سنڌي مِلَڪَ (ملڪيت)- ڪجهہ اسمن ۾ جنس بہ بدلجي ٿي. مثال هندوستاني لفظ ڪتاب (مونث) سنڌي ۾ ڪِتابُ (مذڪر).

## VI- پڇاڙي اِي (مذڪر ۽ مونث)

سنڌيءَ ۾ اِي تي ختم ٿيندڙ بناوتون ٻنهي جنسن جون ٿي سگهن ٿيون يعني مذڪر يا مونث.

i) **اِي تي ختم ٿيندڙ مذڪر بناوتون:**

مذڪر اسمن ۾ اِي پڇاڙي برابر آهي:

(الف) سنسڪرت جوڙ اِي (برابر اِن = in) سان:- مثال ڌَرمِي- سنسڪرت ڌرمِن، حالت فاعلي واحد ڌرمِي؛ سوَامِي- سنسڪرت سوامِنَ؛ هَاٿِي- سنسڪرت هَستِن.

(ب) سنسڪرت جوڙ ڪ يا اِڪ سان، جتي ڪ کي ڇانٽي ڪندي اِ کي ڊگهو ڪري اِي ڪيو ويندو آهي. مثال هَارِي- سنسڪرت هالِڪ؛ اوٺِي (اُٺَ مان)؛ نيڪِرِي (نِڪِر مان).

(ٻ) سنسڪرت صفاتي جوڙ ي سان ۽ ي کي اِي ۾ تبديل ڪري مثال پِرِين- سنسڪرت پريہ؛ اَپاڳِي- سنسڪرت اَپاڳيہ.

(ڀ) سنسڪرت پڇاڙي اِييَہ سان، جتي ي ڇانٽي ڪئي وڃي ٿي. مثال هندِي، سنڌِي. ان قسم سان عربي ۽ فارسيءَ جون سڀ صفتون گڏجن ٿيون، جيڪي ياءِ نِسبَتُ (تعلق واري ي) جي تعلق سان ٺهن ٿيون. مثال فارِسِي، عَرَبِي، زَخْمِي.

(ت) انهن سنسڪرت مذڪر لفظن سان جيڪي اِ تي ختم ٿين ٿا، پر سنڌيءَ ۾ اها آخري اِ ڊگهي ٿي اِي ٿئي ٿي. مثال ڪَوِي- سنسڪرت ڪوِ कवि؛ ڪَلِيڪَالُ (معنيٰ ڪاليءَ وارو زمانو) ۽ ڪجهہ اسمن ۾ اصلي ننڍي اِ برقرار رهي ٿي. مثال هَرِ، (هندي هَرِ ۽ هَرِي)؛ پَٽِي (=پتِ पति).

ڪجهہ لفظ اهڙا آهن، جيڪي اِي تي ختم ٿين ٿا ۽ مذڪر آهن پر انهن جي ڌاتوءَ جي ڄاڻ ناهي. مثال ٻيلِي، ٻَانڊِي، مَانجهِي.

نوٽ: بنگالي ۽ مراٺي ان ڏس ۾ سنڌيءَ سان سهمت آهن. مثال بنگالي سوامِي، مراٺي هاٿِي وغيره. ٻين هنڌن تي ٻنهي ٻولين ۾ مذڪر پڇاڙي اِ قائم رهي ٿي. مثال بنگالي پَتِ، مراٺي ڪَوِ. پنجابيءَ ۾، (هندوستاني) هنديءَ جي مذڪر بناوتن جي آخري اِ ڪن جاين تي قائم رهي ٿي، پر گهڻو ڪري ترڪ ٿيو وڃي ٿي. مثال هر = هاري، ڪر = ڪمي يا اِي ۾ ڊگهي ٿئي ٿي (سنڌي وانگر) مثال ڪَالِي = ڪَال، ڪال.

# باب پيو

## Primary Themes

## بنيادي بناوتون

**نمبر - 7**

بناوتن جي جوڙجڪ جي حوالي سان سنڌي تقريباً پراڪرت جي سرشتي جي پيروي ڪري ٿي، ايتريقدر جو پراڪرت جون بناوتون سنڌيءَ جي مخصوص ترميمن سان ٻوليءَ ۾ داخل ٿيون آهن. ان ڪانسواءِ سنڌي پنهنجي آريائي ۽ اڻ آريائي ذاتن تي ٻڌل موروثي ذخيري کي ڪتب آڻيندي ڪجهه نيون بناوتون به تشڪيل ڏنيون آهن. جيستائين پراڪرت مان آيل گهاڙيٽن جو سوال آهي، ان لاءِ ضروري آهي ته ڪتاب جي تعارف ۾ سنڌي آوازن جي سرشتي/ نظام تي هڪ نظر وجهجي، جنهن مان اسان کي پراڪرت ۾ آيل گهاڙيٽن جي ڌاتوءَ جي خبر پئجي سگهندي. هيٺ ذڪر ڪيل تفصيل ۾ اسان فقط اهڙين بناوتن تي نظر وجهنداسين، جيڪي پراڻي موروثي ذخيري مان ترميمن ذريعي آيون آهن يا وري نئين قاعدي موجب جوڙيون ويون آهن ۽ جن جو پراڪرت سان ڪو واسطو ناهي. اسان هن ڪوجنا مان عربي ۽ فارسي اسمن کي خارج رکنداسين چو ته انهن جي اصلي سنڌي شڪلين سان ڪا به مماثلت نه آهي؛ نه رڳو ايترو پر جن جي مڪمل غير موجودگيءَ جي صورت ۾ به سنڌي سٺي نموني قائم رهندي. اهي عام طرح بناوتن جي جوڙجڪ جي عمومي قاعدن جي پيروي ڪن ٿيون ۽ انهن جي جنس جي مطابق انهن کي ڪا آوازي پڇاڙي ملي ٿي ته جيئن اهي ڦيرائي سگهجن.

سنسڪرت وانگر اسان بناوتن جي سنڌي طريقي جي جوڙجڪ کي ٻن قسمن ۾ ورهائينداسين.

يعني اهڙيون بناوتون جيڪي فعلي ڌاتوءَ مان سڌو سنئون نڪتل اهن يا اهي جيڪي جوڙن ذريعي اسم مان ٺهيل هجن.

**نمبر- 8**

## I- Formation of abstract nouns

## اسم ذات جي بناوت

1) اَ، اِ، اُ، اوَ (اي: مؤنث) واريون بناوتون:

(الف) اَ واريون بناوتون فعل جي بنيادي ڌاتوءَ مان مصدر جي (فعلي) جوڙ اَڻُ کي حذف ڪرڻ سان ٺهن ٿيون ۽ اهي سنڌيءَ ۽ پڻ سنسڪرت ۾ هميشه هڪ پديون mono-syllabical هونديون آهن سواءِ انهن مان حاصل ٿيل يا مشتق (Derivative) فعلن جي. ان ذريعي ٻوليءَ جي هر مصدر مان هڪ اسمِ ذات ناهي سگهجي ٿو، جنهن مان فعل جو مجرد هئڻ ظاهر ٿئي ٿو.

موجب ڪردنت بہ اَندو (امر اُ) ۽ اِيندو (امر اِ) تي ختم ٿيندا آهن. ڪجھہ ڪردنت بنان ڪنهن قاعدي بہ ٿهن ٿا. مثال:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| لَڳَندو- | امر | لَڳُ- | مصدر | لَڳَڻُ | |
| ڏِسَندو- | امر | ڏِسُ- | مصدر | ڏِسَڻُ | |
| پيليو- | امر | پيلِ- | مصدر | پيلَڻُ | |
| ٿِيندو (بي قاعدو)- | امر | ٿِيءُ- | مصدر | ٿِيَڻُ | |

**نوٽ:** هت ان ڳالهہ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ بين سيني بولين پراڪرت جوڙ **انتو** مان انوناسڪ اچار ڪڍي ڇڏيو آهي. پنجابيءَ ڪجھہ صورتن ۾ اُن کي قائم رکيو آهي. مثال **هوندا، جاندا** وغيره ۽ باقاعده اسم حاليہ ۾ جوڙ سدائين **دا** هوندا آهن، جنهن ۾ سنڌيءَ وانگر Tenuis مٽجي media ٿئي ٿو. گجراتيءَ ۾ اسم حاليہ **تو** تي ختم ٿيندو آهي. مثال **لَکَتو** جڏهن تہ هندي ۾ **تا** تي ختم ٿيندو آهي. مثال **لِکتا، هوتا** وغيره. هندئي ۾ **تُ** مثال **لِکَتُ**- سنسڪرت جوڙ **ات** مان مرائي بہ اسم حاليہ جا جوڙ ناهيندي آهي، هڪ **تا** سان جيڪو هندوستاني صورت سان نهي اچي ٿو. مثال **لِهتو** ۽ ان ڳنڍ سان اساسي فعل جون پڇاڙيون ڳنڍجي اهڙيون صورتون مثال **تون** ۽ **تونس** وغيره ۽ **ات** يا **اِيت** ٺهن ٿيون. بنگالي ۾ اسم حاليہ جو استعمال ختم ٿي ويو آهي. (سواءِ ڪجھہ سنسڪرت ڪردنتن جي جيڪي **ات** تي ختم ٿين ٿا) ۽ ان جو استعمال بہ اساسي فعل **اَڇِي** مان ڳنڍي ڪيو ٿو وڃي. مثال **ديکيتيڇِي** معنيٰ 'آءٌ ڏسان ٿي' ۽ **ديکيتِي** کي ڪنهن بہ ريت امر نہ سمجھڻ گھرجي جيئن بنگالي وياڪرڻ ۾ اڪثر چيو ويو آهي، اهو دراصل **ديکِت** جي جڳھہ بڌائيندڙ صورت آهي ۽ جنهن جو مطلب آهي 'آءٌ ڏسڻ ۾ آهيان'. (اسم حاليہ جو حالتِ مڪانيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ ساڳي ريت استعمال ٿيندا آهن).

11) **آرُ، آرُو ۽ آرو وارا بناوتون:**

اهي جوڙ سنسڪرت ڳنڍ **آرُ** سان برابر تعلق رکن ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ فعلي اسم ناهڻ ۾ ڪم اچن ٿا، جن جو مطلب ڪو مستقل ڪم وغيره هجي. اهڙا لفظ گھٽا نہ آهن. مثال:

| | | |
|---|---|---|
| گھوَرارو يا گھوَرارُو- | مصدر | گھوَرَڻُ |
| پُوڇارو- | مصدر | پُوڇَڻُ |
| پڇارو - | مصدر | پڇَڻُ |
| پينارُ- | مصدر | پِنَڻُ |

12) **اِبو وارا بناوتون:**

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ **تَويَہ** سان ملي ٿو جيتوڻيڪ اها حيرت جهڙي صورت آهي. سنڌي ۾ **تَ** ڇانٽي ٿيو وڃي ۽ **وَيَہ** سخت ٿي **ب** ٿيو وڃي. ان مان هاڻ مجهولي اسم حاليہ ناهيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ان جو اصلوڪو استعمال ۽ مقصد مستقبل مجهول (Future Passive) ۾ اڃان تائين **قائم** رهندو اچي ٿو. مثال:

| | | |
|---|---|---|
| بُوسائِبو- | مصدر | بُوسائَڻُ |
| ٻروهِبو (ٻوهبو)- | مصدر | ٻروهَڻُ (ٻوهڻ) |
| جَهلِبو- | مصدر | جَهلَڻُ |

13) **اِڻو وارا بناوتون:**

سنڌي ۾ **اِڻو** جون بہ بناوتون آهن، جيڪي ذاتوءَ ۽ مصدر ۾ بلڪل مختلف نوعيت جون آهن.

(الف) اِڻوَ جڏهن اهڙن فعلن ۾ ڳنڍجي جن جا امر اُ تي ختم ٿيندا هجن، اهي سنسڪرت جوڙ اَنَ سان لاڳاپيل آهن، جن مان اسم عام (Appelative) ۽ لاڳاپيل اسم (Attributes) ٺهندا آهن؛ سنڌيءَ ۾ جوڙ اَنَ بدلجي اِڻوَ ٿي ويو آهي. مثال:

هَلڻوَ- امر هَلُ
مُرڪڻوَ- امر مُرڪُ
چِڙڪڻوَ- امر چِڙڪُ
پُرڻوَ- امر پُرُ
پِنڻوَ- امر پِنُ

انهن مان ڪجهه لاڳاپيل اسم اساسي طور بہ استعمال ٿين ٿا ۽ ان صورت ۾ اِهي مونث پڇاڙين جي اثر هيٺ لڳن ٿا. مثال چِڪڻوَ؛ ڦرڻوَ؛ ڏوَڻِ.

(ب) بيو جوڙ اِڻوَ يا اَڻوَ سنسڪرت جوڙ اَنِيَہ سان لاڳاپيل آهي، جنهن مان سنسڪرت ۾ مجهول ڪردنت اسم استقبال (Future Passive Participle) ٺهندو آهي. تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ان جوڙ ذريعي هر متعدي فعل مان اسم مصدر ٺهي سگهي ٿو. مثال:

مَارِڻوَ- مصدر مَارَڻُ
ڏِيڻوَ- مصدر ڏِيَڻُ
ڏَٿڻوَ- مصدر ڏُٿَڻُ
وَڻِڻوَ- مصدر وڻڻ

ساڳيءَ ريت اسم مصدر (Gerundive) بالواسطا فعلن (Casual Verbs) مان بہ ٺهي سگهن ٿا. مثال:

وَرائڻوَ- مصدر وَرَائِڻُ
ڏُٿارِڻوَ- مصدر ڏُٿَارَڻُ

نوٽ: هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ اسم مصدر، مصدر سان موافق هوندو آهي پر هڪ فرق سان تہ اسم مصدر صحيح معنيٰ ۾ مذڪر اسم آهي ۽ ان ڪري اتي اهو فقط اسم مصدر (Gerund) آهي؛ مصدر ورلي ڪڏهن خاص اسم مصدر طور استعمال ٿيندو آهي يعني اسم (مجهول استقبال) ۽ پنهنجي اسم جي جنس جي مطابق رهندو آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ ڏنو ويو آهي. البت پنجابي ان معاملي ۾ سنڌيءَ وانگر مصدر کي باقاعدي اسم مصدر ڪري ڪتب آڻي ٿي ۽ ان ۾ اسم جي جنس، انگ ۽ بنياد سان صفت وانگر ٺهڪي اچي ٿي. مرانيءَ ۾ جوڙ آوا، آوِي ۽ آويم سان اسم مصدر ٺهندا آهن، جيڪي سنسڪرت جي تَويَہ ۽ پراڪرت تَوَ جي برابر آهن. مرانيءَ ۾ ت ڇانٽي ٿيندي آهي ۽ ان جاءِ تي اَ کي ڊگهو ڪيو ويندو آهي. مثال ڪَراوا، موڙاوا، ساڳيءَ ريت گجراتيءَ ۾ جوڙ اَوو (= تَوَ) سان اسم مصدر ٺهندا آهن. مثال لَکوو- بنگاليءَ ۾ اسم مصدر ٺهڻ جو ڪو واضح طريقو موجود ناهي ۽ ان ۾ مصدر (فعلي اسم جي پيٺ ۾) کي اسم مصدر جي مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن، جيئن هنديءَ ۾ ٿيندو آهي. مثال اَمَاڪِي، جَاتِتي هئي، مِهِ اِيُمر اِست، ۽ ڪافي اصلي اسم مصدر سڌا سنوان سنسڪرت مان آيا آهن مثال ڪَرتَوِيَہ؛ جوڙ اِنيِيَہ بہ استعمال ۾ ايندو آهي.

14) اِوَ ۽ يوَ واريون بناوتون:

اهي ٻئي جوڙ مڪمل زمانن وارا ڪردنت (Perfect Participles) ٺاهڻ ۾ ڪم ايندا آهن؛ سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ ان جو برابر اکر د آهي ۽ ڇاڪاڻ جو اهو اڪثر ڪري مڪمل طرح ڇانٽي ٿيو وڃي تنهنڪري

۽ ڪڏهن تہ اهي ٻئي صورتون اڪثر استعمال ٿينديون آهن، مثال:

ڀَلوَ مان ڀَلِي ۽ ڀَلاَئِي.

3) تا ۽ تائي واريون (مونث) بناوتون:

سنڌيءَ ۾ جوڙ تا سان لاڳاپيل اسمن ۽ صفتن منجهان گهڻائي اسم ذات ٺهندا آهن: آخري سر هميشہ ترڪ ٿيندو آهي ۽ ڳنڍيندڙ سر اِ جو اضافو ڪيو آهي (سواءِ جڏهن اسم اِ تي ختم ٿيندو هجي). جوڙ تا سنسڪرت ۾ تا جي برابر آهي، جيڪو بہ ساڳئي ڪم ۾ ايندو آهي. ان ڪانسواءِ تا جي هڪ وڌيڪ زور واري صورت ۾ اِي بہ ڳنڍيو آهي (تا-اي) ۽ اها بہ ڪتب ايندي آهي. مثال:

گهَڻ مان گهَڻِتا ۽ گهَڻِتائِي

جوَڳُ مان جوَڳِتا

4) تِ ۽ تِي واريون مونث بناوتون:

جوڙ تِ جيڪو عام طرح رڳو ابتدائي صورتن ۾ ڪم ايندو آهي. سنڌيءَ ۾ اهو ثانوي بناوتن ۾ ملي ٿو (جيتوڻيڪ تمام گهٽ جاين تي). جوڙ تي بہ ڪن جاين تي ملي ٿو ۽ اها تِ جي ٿي مختلف شڪل آهي (جنهن ۾ اِ کي اِي ۾ ڊگهو ڪيو ويو آهي). مثال:

سَنئوَن مان سَنوتِ

گهَڻِ مان گهَڻِتي

نوٽ: جوڙ تي هندوستانيءَ ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال ڪَمُ مان ڪَمتِي.

5) آڻِ يا آئِڻ واريون بناوتون:

انهن جوڙن ذريعي صفتن مان گهڻئي اسم ذات ٺهندا آهن، جن مان ڪنهن رنگ يا اهڙي ڪنهن موجود خوبيءَ ڏانهن اشارو هجي. اهي سنسڪرت جوڙ اِمَنَ इमन جي برابر آهن، جنهن مان مذڪر اسم ذات ٺهندا آهن. پراڪرت ۾ پڇاڙي اَنَ अन کي ڊگهو ڪري آڻ ڪيو ويندو آهي. (ڏسو (Var V, 47)).

سنڌيءَ ۾ م جي چانئي ٿي آهي (جيڪو عام طرح نہ ٿيندو آهي) ۽ مذڪر بدران مونث پڇاڙي ڳڏي ويندي آهي. اِمَنَ مان اِ حذف ٿئي ٿي = آڻِ جڏهن تہ آئڻِ ۾ آ ڪانپوءِ اِ لڳائي وئي آهي تہ جيئن اَ وڌيڪ ظاهر ٿي وڃي مثال:

اُڇوَ مان اُڇاڻِ

وِيڪِروَ مان وِيڪِراڻِ

وَڏوَ مان وَڏاڻِ

آڻِ (۽ آئڻِ) گهڻين جاين تي آئِي بدران ڪتب اچي ٿي (ڏسو 2) ۽ ڪافي اسمن ۾ اهي ٻئي جوڙ غلط طريقي سان لڳايا وڃن ٿا. مثال:

ڪَارَاڻِ يا ڪَارَائِي

نوٽ: هندي ۽ هندستانيءَ ۾ جوڙ ما (= اِمَنَ) ورلي ڪو استعمال ٿئي ٿو ۽ اهو بہ مذڪر طور نہ ٿو ٿئي. مثال گرِيما- گجراتي ۾ جوڙ آڻ بي جنس طور استعمال ٿئي ٿو. مثال اُنڌو (اونهو) مان اُنڌاڻ- بنگاليءَ ۽ مرائي اصلي سنسڪرت پڇاڙيءَ مان (مذڪر طور) قائم رکي آهي. پنجابيءَ ۾ گجراتي جيان آڻ استعمال ٿئي ٿي جيئن: اُچا مان اُچاڻ.

(ب) آخري اُو:

مَانُهِيوَ، مَانُهُپڻو- مَانُهُون مان

نِبرُونُپڻو- ڀرُو مان

(ت) آخري اَ:

رَنَاپَڻُ - رَنَ مان

زَالَپَڻُ - زَالَ مان

نوٽ: اهڙا مجرد ڳنڍ (Abstract Affixes) سڀني جاتل لهجن ۾ ملن ٿا. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ پن، پَنا ۽ پَا جهڙا جوڙ استعمال ٿين ٿا، جيڪي سنڌيءَ ۾ پَڻُ، پڻوَ ۽ پوَ جي برابر آهن. گجراتي پڻ ۽ پڻوَ (ٻئي ٻي جنس) ۽ پڻا (مذڪر) آهن ۽ پنجابيءَ ۾ پُڻا. ان ڏس ۾ بنگالي سنسڪرت وانگر اصلي مجرد ڳنڍ تَوَ کي بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رکي ٿي.

7) ڪَارُ، ڪَارو، ڪارَ، ڪَارِ واريون بناوتون:

هتي انهن بناوتن جو ذڪر انهن جي جوڙجڪ جي ڪري نه پر انهن جي اهميت جي ڪري ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته هت اسان کي ڪنهن جوڙ نه پر ڪنهن صفت کي جاچڻو آهي، جنهن مان مطلب ڪنهن شيءِ جو نهڻ يا ان جو اثر ڏيکارڻ آهي. سنڌي ۾ ڪار جي اهميت اڳئي ختم ٿي وئي آهي ۽ اهو هاڻ هڪ ڳنڍ يا جوڙ طور مختلف اسم ذات ناهڻ ۾ ڪتب اچي ٿو. مثال:

لُچَ- لُچڪَارو

وَٺُ- وَٺڪَارُ ۽ وَٺڪَارِ

ٿَڏِ- ٿَڏِڪَارَ

8) ڪوَ ۽ اوَ واريون بناوتون:

جوڙ ڪوَ دراصل صفت ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي ۽ سنسڪرت جوڙ اِڪ جي برابر آهي. سنڌيءَ ۾ ڪن جاين تي (اڳ ايندڙ جوڙ ڪارَ طور) اسم ذات ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي. جوڙ اوَ ڪوَ سان مشابهت رکي ٿو ۽ ڪ ڇانٽي ڪيو ويندو آهي. مثال:

لُچڪَارو- لُچڪوَ

ڏورڙِ- ڏورڙيوَ

نمبر- 10

## II. Formation of appellatives, attributives and possessives

## اسم عام، صفاتي ۽ اضافتي لفظن جي جوڙجڪ

9) اِي واريون بناوتون:

اهو جوڙ جيڪو سنڌيءَ ۽ سندس پيٽر ٻولين ۾ تمام گهڻو استعمال ٿئي ٿو ۽ اهو ٽن مختلف بنيادن مان نڪتل آهي.

(الف) جوڙ اِي جيڪو سنسڪرت جوڙ اِڪ برابر آهي:

ان جوڙ مان مختلف اهميتن وارا صفاتي لفظ ۽ اسم عام ٺهندا آهن. گهڻو ڪري ان جوڙ جي اضافي ڪان اڳ ڌاتو سر کي ڊگهو ڪيو ويندو آهي يعني اَ بدلجي آ، اِ بدلجي اِي، اُ بدلجي او وغيره ٿيندا آهن. مثال:

اُٺُ- اوٺِي

بَڪَرُ (ٻاجي)- بَاڪِرِي

ٽِڪِرُ (نڪر جا ٽانو)- ٽيڪِرِي

(ب) جوڙ اِي جيڪو سنسڪرت جوڙ اِيَہ، اِيئہ برابر آهي:

سنڌي جديد ٻولين ۾ ان جوڙ مان ڪو تعلق يا واسطيداري ظاهر ٿيندي آهي، ڪنهن اسم ۾ ان جوڙ جي اضافي ڪان اڳ آخري ننڍي سر کي حذف ڪيو ويندو آهي، ڊگهو اُو ننڍي اُ ۾ ۽ اوَ آ ۾ بدلبو آهي. ڪن جاين تي ننڍو اُ (اوَ مان ننڍو ٿيل) بدلجي آ ڪيو ويندو آهي (= اوَ) ۽ تنهنڪري قائم رهندو آهي. مثال:

سِنڌُ- سِنڌِي

هِنْدُو- هِنْدُئِي

لَاڙُ- لَاڙِي ۽ لَاڙائِي

سِرُوْ- سِرَائِي.

(پ) جوڙ اِي جيڪو سنسڪرت جوڙ اِنَ سان برابر آهي- (حالت فاعلي واحد):

اهو جوڙ سنسڪرت واري اِن جيان اضافتي لفظ ٺاهڻ جي ڪم ايندو آهي. مثال:

دَانُهَہ مان دَانُهِي

روَڳُ مان روَڳِي

مَالِنَ- (سنسڪرت) مَالِي

ڪجھ صورتون جيڪي سنڌيءَ ۾ مخصوص حيثيت رکن ٿيون، انهن ۾ اِي ڪان اڳ آخري ڇوٽو سر پنهنجي جڳھ تي قائم بہ رهي سگهي ٿو. مثال:

مَتِ (مسلڪ يا مذهب بابت) مان مَتِئِي (آخري اِ اچار کي نرم رکڻ لاءِ اُ ۾ تبديل ڪيل آهي)

10) آئي واريون بناوتون:

جوڙ آئي اصل ۾ جوڙ اِي جي هڪڙي ٻي صورت آهي (9- الف). اهڙن موضوعن جا اُ ۽ اوَ وارا جوڙ جيڪڏهن آخر ۾ ايندا هجن تہ اهي پهرين آ ۾ بدلجن ٿا. انهن مان ٺهندڙ اسمن جو مفهوم ڪنهن ڌنڌي، عادت يا لاڙي جي نشاندهي ڪندو آهي. مثال:

بَاغُ مان بَاغَائِي

نيچوَ مان نيچائِي

جهَڳِڙوَ مان جهَڳِڙائِي

11) اُو واريون بناوتون:

جوڙ اُو جيڪو سنسڪرت اُڪَ جي برابر آهي، اساسي لفظن ۾ ڳنڍيجي ٿو، جنهن مان بنيادي بناوتن طور صفت ۽ اسم عام (Appellatives) نڪرندا آهن، جن مان ڪنهن مدامي ڪم يا حالت جو مفهوم نڪرندو

18) اَتُ ۽ آتُ واريون بناوتون:

اهو جوڙ سنسڪرت جي جوڙ مَتَ مان نڪتل آهي، جت م ڇانٽي ٿيو وڃي. ڪجهہ اسمن ۾ ڇانٽي ٿيل م جي ڪري پورائو ڪرڻ لاءِ اَ کي ڊگهو ڪيو ويندو آهي. ان سان سنسڪرت جيان اضافتي اسم ٺهندا آهن. مثال:

پوَرهيوَ مان پوَرهِيَتُ

پَري مان پَرَيَتُ

ڏَنُڻي (قرض) مان ڏَنُڻيَاتُ

19) اِيتو (اِتو) واريون بناوتون:

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ اِتَ جي برابر آهي ۽ ٺهندڙ لفظن مان مالڪيت يا ڪنهن شيءِ جي پنهنجو هجڻ جو مطلب نڪرندو هجي. سنسڪرت جوڙ جي ننڍي اِ کي سنڌيءَ ۾ لهجي جي مناسبت سان اِي ڪيو ويندو آهي. ان جوڙ کان اڳ آخري سر هميشہ ترڪ ٿيندو آهي. مثال:

پُٽرُ (پُٽ) مان پُٽريتوَ (پٽيتو)

ڏِيءِ مان ڏيئيتوَ

جوَءِ مان جوَئيتوَ

پَاءُ مان پَائِتوَ

20) آئِتوَ واريون بناوتون:

اهو جوڙ اشتقاق ۽ اهميت ۾ مٿي آيل جوڙ جهڙو ئي آهي ۽ فرق فقط ايترو آهي تہ هن ۾ اخري اوَ، اُ ۽ اَ هن ڳنڍ کان اڳ آ ۾ بدلجن ٿا. مثال:

وَاروَ مان وَارَائِتوَ

سَجهُہ مان سَجهَائِتوَ

وَاٽَ مان واٽَائِتوَ.

21) ڙُ ۽ لُ واريون بناوتون:

(الف) ڙُ سنسڪرت جي تصغيري جوڙ ر جهڙو آهي ۽ ان کي صفتن ۽ اسم حاليہ ۾ ڳنڍيو ويندو آهي، جنهن سان انهن جي اصل معنيٰ ۾ معمولي فرق ايندو آهي. صفت ۾ لڳڻ جي صورت ۾ ڏاتو سر کي اڪثر ڪري ڊگهو ڪيو ويندو آهي. آخري اُ ۽ اوَ کي هن جوڙ جي اضافي کان اڳ اَ ۾ بدلبو آهي، جڏهن تہ اِي ۾ تبديلي نہ ٿيندي آهي. مثال:

ڪپوَ مان ڪَاپڙُ

سَاڃوَ مان سَاڃڙُ

ڪَسَ مان ڪَسڙُ

ڪَاچِي مان ڪَاچيڙوَ

لِڪَندوَ مان لِڪَندڙُ

(ب) جوڙ لُ بہ ڙُ جهڙو آهي (ر= ڙ = ل) ۽ ماضيءَ وارن ڪردنتن کي سادين صفتن ۾ تبديل ڪندو آهي. ورلي ڪڏهن اهو صفتن ۾ ملندو آهي، پر انهن جي مفهوم ۾ ڪو خاص فرق نٿو اچي. مثال:

وِنُو مان وِنَلُ
ڏِنُو مان ڏِنَلُ
وِسُوڙُو مان وِسُوڙَلُ.

ساڳيءَ ريت پراڪرت ۾ ٻه جوڙ ر يا ل (تصغيري) اسمن ۽ صفتن ۾ لڳايا ويندا آهن ۽ انهن جي حيثيت ۾ ڪو خاص فرق نه پوندو آهي (Of Var IV, 26) مثال سنسڪرت وِديُتَ- پراڪرت وِججه يا وِجُولِي؛ پيت (پيلو)- پراڪرت پيئه يا پيئَلَ.

اهو ساڳيو جوڙ لا مرائيءَ ۾ به ملي ٿو، جيڪو ماضيءَ وارن ڪردنتن ۾ لڳائي اصلي صفتون ناهيون وينديون آهن. مثال:

چالا مان چالليلا (معنيٰ وِئَلُ)؛ موڊيلا مان موڊلا (معنيٰ ٽُٽَلُ)، بلڪل ائين ئي گجراتي ۾ به ڏنو ويو آهي. مثال: لِکيلوَ (صفت لِکيو منجهان)

22) اِڙيوَ واريون بناوتون:

جوڙ اِڙيوَ دراصل تصغيري جوڙ ر (= ڙ) ۽ صفتي جوڙ يوَ جو مرڪب آهي، جنهن مان صفتون ۽ توصيفي/ صفاتي لفظ ٺهندا آهن، جن جو مفهوم جهڪاءُ يا هيڪ ڏيکاري. مثال:

سَڏڙيوَ، گهوَرِڙيوَ، پيرِڙيوَ، پَرَمَتِڙيوَ.

23) آڪُ ۽ آڪُو واريون بناوتون:

اهي اڻادي جوڙ (Unadi Affixes) جيڪي هونئن ته رڳو ابتدائي موضوعن ۾ موجود هوندا آهن، پر سنڌيءَ ۾ ڪن جاين تي ثانوي بناوتن ۾ به ملندا آهن: مثال:

جهيڙوَ مان جهيڙاڪُ ۽ جهيڙاڪُو

24) اِڪوَ واريون بناوتون:

هي جوڙ سنسڪرت جي جوڙ ڪ جي برابر آهي (سنڌيءَ ۾ ان ۾ ملائيندڙ سر اِ لڳي ٿو). جنهن مان صفتون ٺهنديون آهن، جن جو مطلب لاڳاپو يا ڪنهن خاصيت سان هوندو آهي. ان جوڙ کان اڳ آخري سر (ننيو يا ڊگهو) حذف ڪيو ويندو آهي. فقط آخري اُو ننيو ٿي اُ ٿيندو آهي ۽ ملائيندڙ سُر اِ جي بدران اَ ڪتبندو آهي مثال:

وَاپارُ- وَاپارِڪوَ
وَاٽِيوَ- وَاٽِڪوَ
هَارِي- هَارِڪوَ
مِروُنَ- مِرُوَڪوَ.

25) اِيچوَ يا اِيچوَ واريون بناوتون:

اهي جوڙ سنسڪرت جوڙ اَڪ مان نڪتا آهن، جنهن مان اهڙيون صفتون ٺهن جن مان مراد نسب يا نسل يا اصليت جي نڪرندي هجي مثال:

گوَٽُ- گوَٽِيچوَ
پَاڙوَ- پَاڙيچوَ
پَارِ- پَاريچو
ويڙهه- ويڙهيچوَ

(ب) هڪ ٻيو جوڙ اُوٽوَ بہ آهي، جيڪو انگن ۾ لڳندو آهي ۽ جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ مٿي ڏنل جوڙ جهڙو آهي، پر بلڪل مختلف ڌاتوءَ مان آهي. اهو دراصل سنسڪرت اسم ڳُڻ مان آيو آهي. سنڌيءَ ۾ ڳ چانئي ٿي وئي آهي ۽ اُو کي ڊگهو ڪيو ويندو آهي. پنجابيءَ ۾ ٻئي شڪليون ڳُڻا ۽ اُٽا استعمال ٿين ٿيون، تنهنڪري ان جي اصل ڌاتوءَ ۾ ڪو شڪ نٿو رهجي وڃي[1]. اهو انگن مان صفت ٺاهيندو آهي، جيڪو ڪا خاصيت يا ڳاڻيٽو ٻڌائيندو هجي. مثال:

هِيڪُ- هِيڪُوٽوَ

پَنجَ- پَنجُوٽوَ

سَؤُ- سَؤُٽوَ

29) آڻِي واريون بناوتون:

اهو جوڙ جيڪو سنسڪرت جوڙ آيِن برابر آهي، جيڪو خانداني ۽ اهڙا اسم ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي، جن ۾ نسب ظاهر ٿئي. سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جوڙ جو اِ ڊگهو ڪيو ويو آهي، جيئن ٻين اسمن ۾ ڪيو ويندو آهي. آخري ننڍو سر هن جوڙ کان اڳ حذف ٿيندو آهي. آخري اِي بدلجي ي ٿيو وڃي ۽ اُ کي ننڍو ڪيو ٿو وڃي. مثال: مَحمُودَاڻِي- يعني مَحمُود جو پٽ يا اولاد

آرِي مان آرِياڻِي

آڏُو- آڏُئاڻِي

ٻَاگوَ- ٻَاگاڻِي

30) اِيٽوَ واريون بناوتون:

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ اِينَ جي برابر آهي ۽ اهڙيون صفتون ٺاهيندو آهي، جن مان تعلق ۽ نسب جي معنيٰ نڪري. مثال:

سَڳُ- سَڳِيٽوَ

وَسُ- وَسِيٽوَ.

31) آڻوَ واريون بناوتون:

اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ آنَ برابر آهي (۽ ٽ ڦري ڻ ٿئي ٿي). ان مان مالڪي ڏيکاريندڙ اسم ٺهندا آهن. مثال: ٻَاڻِي- ٻَاڻِياڻوَ

ڇَپَر- ڇَپَراڻوَ.

32) آسوَ (آسُ) واريون بناوتون:

اهو جوڙ سنسڪرت جي ش جي برابر آهي ۽ اهڙيون صفتون ٺاهيندو آهي، جن مان ڪنهن شيءِ سان لاڳاپو ۽ تعلق ظاهر ٿئي. مثال:

وَارِي- وَارِياسوَ

مَؤُ- مَوَاسُ.

33) هَارُ يا هَاروَ وارو موضوع:

اهو جوڙ سنڌيءَ ۽ چاتل لهجن ۾ فعلي اسمن (۽ مصدر) ۾ لڳايو ويندو آهي. ان مان هڪ قسم جو ڪردنت ٺهندو آهي، جيڪو عام طرح اساسي اسم طور استعمال ٿيندو آهي. مرانيءَ ۾ ان مان اسم استقبال ٺهندو آهي، جاڪاڻ تہ ان مان ڪنهن ڪم يا حالت جي مستقبل ۾ ٿيڻ جو مفهوم نڪرندو آهي. سنڌيءَ ۾ بہ

هي اڪثر مستقبل جي حالت ۾ استعمال ٿيندو آهي. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ مراٺي جوڙ ٺار جيڪو عام طرح مراٺي وياڪرڻ ۾ ڏسجي ٿو، اهو غلط آهي ۽ اها ساڳي غلطي گجراتيءَ ۾ بہ ڏٺي وئي آهي. دراصل گجراتي ۽ مراٺيءَ ۾ اهو جوڙ آر آهي، جيڪو سنسڪرت صفت ڪار جي برابر آهي، جتان ڪ ڇانٽي ٿيو آهي، معنيٰ ڪرڻ يا ٺاهڻ. سنڌي، پنجابي ۽ هنديءَ ۾ اهو هار آهي، جنهن کي سمجهڻ ضروري آهي تہ اصل ڪ پهرين ر سان وسرگجي ۽ پوءِ ڇانٽي ٿيو وڃي ۽ پويان ھ بچيو وڃي. (تعارف نمبر VIII) سنڌيءَ ۾ هارُ ۽ هَاروَ فقط مصدر ۾ لڳندا آهن. جڏهن تہ ٻين بناوتن ۾ اصلي صورت ڪَارُ کي بنان ڪنهن تبديليءَ جي قائم رکيو ويندو آهي. مثال:

**سِرَجَڻُ** (مصدر)- **سِرَجَڻهَارُ** ۽ **لِکَڻُ** (مصدر) **لکڻهار**.

34) **ڪَارُ ۽ ڪَرُ واريون بناوتون:**

اصلي صفاتي صورت ڪَارُ (سنڌي ۾ ننڍو ٿيل ڪَرُ) بہ استعمال ٿيندو آهي (البت تمام گهٽ). ان مان اساسي اسمن مان صفاتي/ توصيفي لفظ ۽ صفتون ٺهنديون آهن ۽ ڳنڍيندڙ سر آ ڳنڍيبو آهي. مثال:

**جهيڙو مان جهيڙاڪَار ۽ جهيڙاڪَرُ.**

35) **وَانُ واريون بناوتون:**

هن جوڙ ۾ سنڌيءَ سنسڪرت جوڙ وَتَ (= وان) جي فاعلي حالت واحد کي قائم رکيو آهي، جڏهن تہ پراڪرت صورت وَنّتو کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. اها ئي حالت ٻين ڇاتل لهجن جي بہ آهي. سواءِ گجراتيءَ جي، جنهن ۾ وَنّتَ پڇاڙي ڪتب اچي ٿي. ان مان صفتون ٺهنديون آهن، جن مان ملڪيت جو مفهوم نڪرندو آهي. مثال: **دَيَا مان دَيَاوَانُ**

**وِڄَا مان وِڄَاوَانُ**

**سِيلُ مان سِيلَوَانُ**

36) **وَاروَ واريون بناوتون:**

اهو جديد ٻولين جو انتهائي ڪارآمد جوڙ آهي، جيڪو ڪنهن بہ فعلي اسم يا يا اساسي لفظ ۾ جوڙي سگهجي ٿو ۽ مالڪ يا ڪندڙ جو مفهوم ڏئي ٿو. اهو جوڙ هندوستاني ۾ (والا) تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي، جتي اهو گهٽين ئي صورتن ۾ متبادل طور بہ ڪم ايندو آهي. اهو جوڙ سنسڪرت جوڙ ول جي برابرآهي، جنهن مان ئي ڏاتو سر کي ڊگهو ڪري اهو جوڙ وجود ۾ آ يو. هت اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ وَاروَ کي اسم جي عام تشڪيلي صورت يا مفعولي حالت ۾ ڳنڍڻ ضروري آهي. مثال:

**گهَرُ مان گهَرَ وَاروَ: گهَرَيوَاروَ؛**

**ڏِيَڻُ** (مصدر) مان **ڏِيَڻوَاروَ**

**ٻيڙي مان ٻيڙيوَاروَ**

37) **يوَ واريون بناوتون:**

يوَ جيڪو سنسڪرت جي ي برابر آهي. اساسي لفظ مان صفت ٺاهڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. مثال:

**ٻَاڳُ مان ٻَاڳيوَ؛**

**وِڪوڪ** (جوئا) مان **وِڪوڪيوَ** (جوئاري)؛

**جوَ** (جوءِ معنيٰ زال) مان **جوَيوَ**.

# باب چوٿون

## Formation of Diminutives

## اسم تصغير جي جوڙ جڪ

**نمبر - 11**

سنڌيءَ ۾ مختلف قسمن جا اسم تصغير ٺاهڻ جي وڏي سهولت آهي ۽ ان ڏس ۾ هوءَ ٻين ٻولين کان گهڻو اڳتي آهي، جيئن تہ ان ۾ صفت، اساسي لفظن ۽ ڪردنتن مان بہ اسم تصغير ٺاهڻ جي صلاحيت آهي. اسم تصغير جي خيال کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو اهو آهي تہ مذڪر جي جڳهہ تي مونث پڇاڙي لڳائجي ۽ مونث جي سببان مفهوم ڪنهن شيءِ جي ننڍي، نازڪ ۽ چڱي هئڻ جو نڪرندو آهي. مثال:

**ڪَاٺُ** (مذڪر)- **ڪَاٺِي** (مونث) (ڏسو نمبر C, 2, VI, 5)

ڪجهہ لفظن ۾ هڪ پراڻي تصغيري صورت پنهنجو وجود بچائي رکيو آهي. اهي لفظ **اوُٺُر (اوُٺرُ)** يا **اوٺُ (اوُٺو)** تي ختم ٿيندا آهن. پشتو ۾ اها صورت آهي **(اوُٺائِي، اُٺائِي)** ۽ انهن جوڙن مان باقاعدي اسم تصغير ٺاهيا ويندا آهن. ان تصغيري جوڙ جي اصل ڌاتوءَ بابت پڪي ڄاڻ نہ ملي آهي. سنڌيءَ ۾ مثال:

**ٻَاهِ** مان **ٻاهوُٽِي**
**ڄَامُ** مان **ڄاموٺر (ڄَاموُٺُ)**
**ڏِٺوُ** مان **ڏِٺائِي**

انهن صورتن کانسواءِ سنڌي سڀا اسم تصغير ٺاهڻ لاءِ بہ جوڙ ڪتب آڻيندي آهي، جيڪي دراصل هڪجهڙا آهن. مثال: **اِيرو** (= روُ جتي ملائيندڙ سر اِ ذريعي **اِيِ سُر** وجود ۾ آيو آهي، جنهن جو سبب اُچارڻ جو طريقو آهي)، جيڪو فقط صفت ۾ ڳنڍيو آهي ۽ **روُ** جنهن کي غير رواجي طريقي سان صفت ۽ اساسي لفظن ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. اهي ٻئي جوڙ سنسڪرت جوڙ ر جي برابر آهن، جنهن مان سنڌيءَ پنهنجي مخصوص طريقي سان بہ تصغيري جوڙ ٺاهيا آهن. سنسڪرت جو هڪ ٻيو تصغيري جوڙ ڪ هندي مراٺي ۽ پنجابي ۾ استعمال ٿيندو آهي، پر سنڌيءَ ۾ استعمال نہ ٿيندو آهي.

1) **جوڙ اِيروُ:**

اهو تصغيري جوڙ، جيئن اڳ ذڪر ڪيو سون تہ فقط صفتن ۾ ڳنڍيو آهي، جنهن مان ٿورو گهڻو يا ڏاڍو جي معنيٰ نڪرندي آهي. مثال:

**ڊِرگهوُ** (دِگهو) (صفت)- **ڊِرگهيروُ** (دِگهيرو)
**ٿوُرو** (صفت)- **ٿوُريروُ**
**گهَڻِ** (صفت)- **گهَڻيروُ**

# باب پنجون

## Compound nouns

## مرڪب اسم

### نمبر - 12

## I. Nouns compounded with a preceding particle

## اڳياڙيءَ سان مرڪب ٿيندڙ اسم

**1) ناڪاري جوڙن اَ، اَڻا، نا، نِر، نِ، مَ سان مرڪب ٿيندڙ اِسمَ:**

اهي سڀئي ناڪاري جوڙ سنسڪرت ڌاتوءَ جا آهن ۽ ساڳيءَ طرح ۽ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا، جيئن سنسڪرت ۾ ٿيندا آهن. ناڪاري جوڙ اَ فقط صفتن سان استعمال ٿيندو آهي؛ اَڻا گهڻو ڪري مشتق اسم ۽ اسم مصدر سان ۽ ڪڏهن ڪڏهن صفت سان استعمال ٿيندو آهي. نا صفتن سان ۽ ان جي ننڍي صورت ڻ اسم مصدر (Gerund) ۽ ڪردنتي صفتن سان استعمال ٿيندا آهن. نِرَ ۽ نَ (مدغم ٿيل ر سان) فقط صفتن سان (۽ صفت مان ٺهيل اسم ذات) سان ڪتب ايندا آهن. هت اسان هڪ ناڪاري جوڙ دُرَ جو ذڪر نہ ڪيو آهي، جيڪو بحث جوڳو جوڙ آهي ۽ فقط اهڙين صورتن ۾ استعمال ٿيندو آهي، جيڪي سڌو سنئون سنسڪرت مان آيل آهن ۽ سنڌيءَ ۾ عام طرح ادغام جي عمل مان گذريل آهن. مثال:

**ڏُڪَالُ** (سنسڪرت **دُشڪال**) (ڏسو تعارف نمبر ب 15).

هت هڪ سراسري جائزي وٺڻ لاءِ اسان سڀئي ناڪاري اڳياڙيون جمع ڪري ڏيون ٿا، جيتوڻيڪ انهن سان جيڪي اسم مرڪب طور استعمال ڪيل آهن، اهي جوڙجڪ جي حيثيت ۾ هڪ ٻئي قسم جا مرڪب آهن.

**اڳياڙي اَ:**

**اَچِيتُ** (بي دليو)- **اچيتَائِي ۽ اَچِيتي**

**اڳياڙِي اَڻَ:**

**اَڻتِڪَڙَ؛ اَڻپُڄو؛ اَڻويسَاهوَ ۽ اَڻويسَاهِي**

**اڳياڙي نا:**

**نَاڪَارُ؛ ناچَڱوَ ۽ نا چَڱائِي**

1) Tatpurusa تَتپُروشَا مرڪب يا ٻن اسمن جو ملاپ جنهن ۾ پهرئين جو پوئين سان حالت موجب رشتو (Case-Relation) هجي:

اهي مرڪب عام رواجي استعمال ۾ ورلي ڪو ڪتب ايندا آهن ۽ گهڻو ڪري شاعريءَ جي تصنيف ۾ استعمال ٿيندا آهن. اڳ ايندڙ اسم جنهن جو دارومدار پويان ايندڙ اسم تي هوندو آهي، ان ڪي ٿاهيندڙ درجو ڏيڻ ضروري آهي تہ جيئن وياڪرڻي حوالي سان ان جي ضرورت ڪي اجاگر ڪري سگهجي. اهڙن اسمن ڪي لکڻ جي طريقي لاءِ ڪو سخت گير قانون نہ آهي جن لفظن ۾ معنيٰ جي هم آهنگي وڌيڪ هوندي آهي. اهي گڏ ڪري لکيا ويندا آهن ۽ ٻئي هنڌ جن جو مرڪب بظاهر مضبوط نہ هجي اهي الڳ ڪري لکيا ويندا آهن. مثال:

**اُتر واءُ؛ گهرَ ڌَڻِي؛ مَٽي ڪائُو؛ ڏيسَ نِڪالوَ؛ ڪَرَنِ ٽُرٽروَ (ٽٽو)** (سست يا هٽ ڀڳل)؛ **پَاڻُ پَروَ.**

مرڪب جو هڪ مخصوص قسم صفت ۾ اساسي لفظ ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي، جنهن ۾ جوڙ وارو لڳائڻ سان (ڏسو نمبر 10، 3، ب) اهو ٻيهر اضافتي نهي ويندو آهي. ائين ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ صفت، جنس، انگ ۽ حالت ۾ اساسي لفظ سان ٺهڪندڙ هجي. اهڙا مرڪب سندن مقصديت جي حواليٰ سان **بهُوَرِهِس** (Bahuvrihis) (ورجاءُ وارا- متواتر) سڏبا آهن، پر تصنيف جي حوالي سان تَتپُروشا (Tutpurusas) آهن ۽ ان ڪري ئي انهن جو ذڪر هتي ڪيو ويو آهي. مثال:

**ٻئي ڏيسَوَاروَ** (ٻئي ديس جو)؛ **تِکي سُرَتُوَاروَ** (سمجهہ وارو)؛ **چڱي پَهُوَاروَ** (صلاح وارو)؛ **وَڏِيَ دِلِ داتا.**

2) **دوَنَدواس Dvandvas يا اسمن جو ميلاپ:**

سنسڪرت گرامر جي حوالي سان سنڌيءَ ۾ دوندواس (لفظن جون جوڙيون/ جوڙا) موجود نہ آهن. ڪنهن ساڳي سوچ لاءِ ٻہ اسم اڪثر گڏجندا آهن پر وياڪرڻ ۾ انهن کي الڳ لفظن طور سمجهيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ ٻين چالو ٻولين ۾ لفظن جو اهڙو قسم جنهن ۾ پهريون حصو ٻئي کي واضح ڪري پر ان جي جاءِ نہ وٺي، ان ۾ ٻہ اسمَ اڪثر گڏ ملائبا آهن، جن ۾ پويان ايندڙ اسم گهڻو ڪري بي معنيٰ هوندو آهي ۽ فقط آواز کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڳنڍيو ويندو آهي. اهڙن مرڪبن کي دهرا لفظ يا تجنيس (Alliterations) سڏبو آهي. مثال:

**وَٽُ ٻُجُ؛ چَڱُوَ ڀلو؛ مَٽُ سَٽُ؛ گهَٽِ وَڌِ؛ جهُڙُ ڦُڙُ؛ اَڄُ صُبَحَ؛ ٻَڪَ شَڪَ** (شڪ هڪ بي معنيٰ تجنيسي آهي).

سنڌيءَ ۾ ميلاپ ڪان وڌيڪ فارسي جوڙ اوَ (اڪثر انواسوار اُون) ذريعي ٻن اسمن کي جوڙيندو آهي. ان ۾ اڳ ايندڙ اسم جو آخري سر حذف ڪري ٻنهي لفظن کي هڪ ڪري ليکيو ويندو آهي. ڪجهہ حالتن ۾ آخري سر اڳ ايندڙ اسم ۾ پنهنجي جاءِ تي قائم رهندو آهي. وياڪرڻ جي حساب سان اهي لفظ دوندواس سڏبا آهن ۽ فقط پوءِ ايندڙ اسم گردان ڪندو آهي. مثال:

**رَاتوَڏِينهُ؛ هَنَٽوَهَنَڌُ؛ رَاتِئوَرَاتِ؛ پَروَپَرِ** (هر قسم).

اهو ميلاپ فارسي جي ڳنڍيندڙ حرف آ ذريعي بہ ٿي سگهي ٿو. بلڪل ساڳي طرح جيئن اڳي ڏنل اوَ سان ٿيو هو. اها آ سنڌيءَ ۾ اڪثر ڪري انواسوار تي آن ٿيندي آهي. آ يا آن ڪان اڳ ايندڙ لفظ جو آخري سر حذف ٿي ويندو آهي. مثال:

**مُڪَا مُڪِي، مُڪا ميلوَ؛ ويرَانويرَ.**

3) **ڪَرمَڌاريا** Karmadharyas **بياني مرڪب** (Descriptive Compounds):

سنڌيءَ ۾ ان قسم جا نوان مرڪب مشڪل سان شامل ٿين ٿا. ٻين ٻولين جيان قاعدي موجب صفت اساسي لفظ کان اڳ ايندي ۽ ان جي جنس، انگ ۽ حالت هڪ جهڙي هئڻ ضروري آهي. ڪرمڌاريا مرڪبن جون ڪجهه نشانيون سنڌيءَ ۾ رهجي ويون آهن ۽ خاص ڳالهه اها آهي تہ سنڌي پنهنجي لفظن جي ذخيري مان نوان مرڪب بہ ٺاهي جاٽي ٿي، جنهن ۾ صفت اساسي لفظ سان ان جي اصلي صورت ۾ ڳنڍجي ٿي. اهڙا سڀ مرڪب هڪ ئي لفظ طور لکيا وڃن ٿا. مثال:

**مَهَاجَڻُ**- سنسڪرت مهاجن (وڏو واپاري)؛ **مَهَارَاجُ** ۽ **مَهَرَاجُ**؛ **وَڏُ ڪَانُو**؛ **گهَڻگهُرَوُ**؛ **مَنَگهُرَوُ**؛ **پَرَمَارَٿُ** (ڀلائي ڪندڙ)؛ **پَرَلوڪُ** (ٻيو جهان).

4) **دوِگُس** (Drigus) **سڏائيندڙ يا مجموعي مرڪب:**

ان قسم جا مرڪب جن ۾ اڳ ۾ انگ ايندو آهي ۽ اڪثر سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. مثال:

**ٻِپَهَرِي** (ٻہ + پَهَرِي)؛ **چَوَمَاسوَ** (چئن مهينن جو وقت- مينهوڳي)؛ **چَوَوَاٽوَ** (چئن رستن جو ميلاپ)؛ **پَنجَسَنَانِي** (پنج عضوا ڌوئڻ- مٿو، ٻہ هٿ ۽ ٻہ پير)؛ **ٻَارَهَنمَاسِي** (ٻارنهن مهينا = سال).

5) **بَهُوِرَاهسِي** (Bahuvrihis) **سڏائيندڙ يا نسبتي مرڪب:**

ان قسم جا مرڪب جن مان مالڪيت يا رشتي جو مفهوم نڪري ۽ مٿي ڏنل چئني قسمن جي مرڪبن کي صفت ۾ تبديل ڪري ٿهن ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ اڪثر استعمال ٿين ٿا. اهڙا مرڪب يا تہ سنسڪرت مان سنئون سڌو داخل ٿين ٿا يا ان ئي قاعدي جي پيروي ڪندا نوان مرڪب ٺهن ٿا. آخري اسم گهٽو ڪري صفتي جوڙ اوَ شامل ڪندو آهي. (ڏسو نمبر 14:10). اهڙا مرڪب جيڪي فارسيءَ مان سڌا آيا هجن، انهن ۾ آخري اسم ساڳي صورت ۾ رهي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ان جي رشتي جي حوالي سان اهميت فارسي ۾ اڳئي طي ٿيل هوندي آهي.

(الف) **تَتپُرُوشَا** (Tatpurusha) **مرڪبن ۾ ٺهندڙ بَهُوَورِهِي لفظ:**

**رَتوَرَنوَ** (رت + ورنو)؛ **مَتَمُهوَ** (مت + منهُ)؛ پيٽ مان **پيٽارِڙي** [پيٽ + ارڙي (**پيٽوڙي**)].

(ب) **ڪَرمَڌاريا مرڪبن مان ٺهندڙ بَهُوَرهي لفظ:**

**وَڏوَاٽوَ**؛ **گهَڻَبِجوَ**؛ **ٿوَرَويرَموَ**؛ **صَافُدِلِ**؛ **خُوشخِيَالُ**.

(ٻ) **دُوِگُ مرڪبن مان ٺهندڙ بَهُوَرِهِي لفظ:**

**چوَدَروَ**؛ **ٻِمَٿوَ**؛ **ٻَارَهَنمَاهوَ**.

(ڀ) بَهُوَرهِي لفظ جيڪي اهڙن مرڪبن مان ٺهن، جن جي اڳيان ظرف يا اڳياڙي موجود هجي. مثال.

**سَپُٽرو** (سَپُٽو)، **سُچيتُ** (ڏيان ڏيندڙ)؛ **ڪُمَتيوَ** (بي ايمان).

# باب ڇهون

## Gender of Nouns

## اسمن جي جنس

**نمبر - 13**

جيئن اڳ ذڪر ڪيل آهي تہ سنڌيءَ ۾ ٻہ جنس ختم ٿيل آهي ۽ گهڻي ڀاڱي اصلوڪن ٻي جنس اسمن ۾ مذڪر پڇاڙيون لڳي ويون آهن. ڪجهہ ٿورن اسمن ۾ مونث پڇاڙيون بہ لڳيون آهن. جيئن تہ هر اسم ڪنهن سُر تي ختم ٿيندو آهي، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ڪنهن اسم جي جنس سمجهڻ نهايت آسان آهي. ڪجهہ پڇاڙيون مذڪر ۽ مونث ٺهڻ لاءِ ساڳيون بہ آهن.

پڇاڙي اوُ هميشہ مذڪر جڏهن تہ پڇاڙي اَ مونث آهي. ٻيون پڇاڙيون مختلف جاين تي مذڪر ۽ مونث ٺهڻ لاءِ استعمال ٿي سگهن ٿيون.

**1) پڇاڙي اُ:**

پنهنجي اصل موجب پڇاڙي اُ مذڪر آهي، پر جيئن تہ اصلوڪن سنسڪرت- پراڪرت بنيادن ۾ اُ پڇاڙي واريون ٻناوتون مونث هونديون آهن، تنهنڪري ڪجهہ اسم گڏجي ويا آهن ۽ انهن ۾ گهڻن مونث جنس قائم بہ رکي آهي. ڪجهہ اسمن ۾ اصلوڪي مونث پڇاڙي حذف ڪري ان بدران اُ استعمال ڪئي وئي آهي، پر تنهن هوندي بہ مونث جنس قائم رکي وئي آهي، ۽ ٻين هنڌن تي بنان ڪنهن واضح سبب جي ڪجهہ لفظ جيڪي سيني ڄاتل لهجن ۾ مذڪر آهن، اهي سنڌيءَ ۾ مونث ٿي ويا آهن. ڪجهہ لفظن جي اصل جي ڄاڻ نہ مليل آهي، تنهنڪري انهن بابت اندازو لڳائڻ غير مناسب آهي.

عام قاعدي موجب اهو چئي سگهجي ٿو تہ پڇاڙيءَ جي بنياد تي اهي سڀئي اسم مونث آهن، جن ۾ ڪنهن زناني (زال ذات) جي معنيٰ نڪري ٿي. مثال: **ماءُ؛ ڌِيءُ؛ نُنهُہ؛ سَسُ؛ ڀيڻُ؛ ڏيڻُ** (ڪير ڏيندڙ ڍڳي)؛ **ڳئُون**. ڪجهہ اسمن ۾ مونث پڇاڙيءَ طور اَ بہ استعمال ٿئي ٿي. مثال **ڌيءَ، نُنهَہ؛ ڀيڻ**.

هيٺ ڏنل فهرست اهڙن اُ تي ختم ٿيندڙ اسمن جي آهي، جيڪي مونث آهن:

**اَڄُ** (مونث)- سنسڪرت **اَدِيہ** (ظرف)- هندي **آج** (ظرف)

**اَنسُ** (اولادُ) (مونث)- سنسڪرت **اَنْشَ** (مذڪر)، هندِي **اَنْشَ** (مذڪر)

**اَنگُ يا اَنگهُ** (لڙڪ) (مونث)- اصل نامعلوم.

**آنڌُ** (پٽڙو ڪاڪوس)- اصل نامعلوم.

**ٻَبُرُ** (مونث)- سنسڪرت **وَرَوُرَ** (مذڪر)؛ هندي **ٻَبُورِ** (مونث)

### 4) پڇاڙي اِي:

پڇاڙي **اي** مذڪر ۽ مونث ٻنهي ۾ ملندي آهي، پر اهڙا مونث اسم تعداد ۾ زياده آهن. ڪوبه اسم جيڪو مرداڻي جنس (انسان يا جانور) سان تعلق رکي اهو مذڪر ٿيندو آهي ۽ اهڙا اسم جيڪي ڪا زناني (انسان يا شيءِ) جي خصوصيت رکن اهي مونث ٿيندا آهن. ان قاعدي جي ابتڙ هيٺ ڏنل اسم مذڪر آهن. مثال:

**آسِرِي** (لئيءَ جو وڻ)، **ٻانڊِي**، **ٻُندي**، **ٻَچَتِي** (هڪ ٻوٽو)، **ٻَاڪِي**، **ٻَاٽِي**، **ٻَڪِي**، **ٽُڏِي** (ٻوٽي جو هيٺيون حصو)، **ٽِڪِي**، **ڇَٻِي**، **ڏوڳِي** (هڪ ٿلهو لڪڻ)، **ڏَڙِي** (ڪپڙي جي رنگين ڪناري)، **سُرَجمُڪِي**، **ڪُنڊلِي**، **ڳَهاري** (ليڪ)، **ڳهڻي** (ٻيڙيءَ جي رسي)، **لاڏِي**، **مُشتَرِي**، **مُنِڍي**، **موَتِي**، **وَانڳِي** (ڏنڊو جنهن ۾ رسي لڳائي پاڻيءَ جا گهڙا وغيره کڻبا آهن).

### 5) پڇاڙي اِ:

پڇاڙي اِ ۽ ساڳي ريت اَ سنڌيءَ ۾ باقاعده مونث پڇاڙيون آهن. ان ڪانسواءِ ڪجهه مذڪر اسم به اِ تي ختم ٿين ٿا ۽ اهي گهڻو ڪري ٻين ٻولين مان آيل آهن. سنڌيءَ ۾ قاعدي موجب ڪو به لفظ خاموش وينجن تي ختم نٿو ٿي سگهي ۽ ان ڪري ڪي اهڙا **لفظ** جيڪي خاموش وينجن تي ختم ٿيندڙ هجن ته انهن ۾ هڪ ننڍي ۽ تڪڙي اچارجندڙ اِ لڳائي ڦيريو ويندو آهي. اهو ڪجهه ٻاهران آيل لفظن ۾ جيڪي آ تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ ننڍو سر اِ لڳايو ويندو آهي. جيڪو ڪن صورتن ۾ اُ سان متبادل طور به استعمال ٿي سگهندو آهي. مثال:

**اَحْمَدِ؛ خُدَاءِ؛ خِضرِ؛ راءِ يا راءُ- هندي رَاءِ؛ سيٺِ ۽ قَيصَرِ.**

ڪجهه حالتن ۾ سنسڪرت جي اصلوڪي آخري اِ کي ڍِگهو ڪرڻ ڪانسواءِ قائم رکيو ويو آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ عام طرح ٿيندو آهي. مثال:

**پِٽي** (يا پَتِي)- سنسڪرت پتِ؛

**ورَسَپَتِ** (مشتري گرهه)- سنسڪرت ورهسپَتِ؛

**هَرِ**- سنسڪرت هر، هندي **هَرِ** ۽ **هَرِي**.

اجا ٻين جاين تي (قاعدي جي خلاف) اصلي **اِي** کي ننڍو ڪري اِ ۾ بدليو وڃي ٿو. مثال:

**ڪيهَرِ** يا **ڪيسَرِ** (شينهن)؛

**ڪُوءِ** ۽ **ڪُوئِي** (فارسي) (**ڳهٽي**)؛

**سَهَاءِ** ۽ **سَهَائِي** (مددگار).

ڪجهه لفظ ٻهوورهي مرڪب آهن، جن ۾ آخري اِ برقرار رهي ٿي (ڏسو نمبر 12، 5، 6) مثال:

**ڝَافُدِلِ، اَڌوَ اڌِ.**

# باب ستون

## Formation of the feminine from masculine bases

## مذڪر بنيادن مان مونث ٺاهڻ

### نمبر - 14

مذڪر اسمن مان مونث ٺاهڻ سنسڪرت ۽ پراڪرت قاعدي سان ٺهڪي اچي ٿو. ڪجهہ صورتن ۾ مونث بناوتون سڌو سنئون سنسڪرت ۽ پراڪرت مان ڪنيل آهن ۽ ان ۾ سنڌي جي ادغام جي قاعدي جي پيروي ڪئي ويندي آهي. مثال رَاڻِي- سنسڪرت راڳِي (ڏسو تعارف نمبر XIV، ب). اهڙا مثال اسان ڪي نظر ايندا، پر هيٺ ڏنل تبصري ۾ فقط موجوده وقت ۾ سنڌيءَ ۾ مروج قانون تي روشني وجهنداسين.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ جدا لفظ آهن، جيڪي مونث جي اظهار ۾ ڪم ايندا آهن، تنهنڪري مذڪر بنيادن مان مونث ٺاهڻ جي ڳالهہ ختم ٿي وڃي ٿي. اها صورت اهڙن اسمن تي لاڳو ٿئي ٿي، جن مان ڪو رشتو يا تعلق ظاهر ٿيندو آهي ۽ عام ڌاريل جانورن جي حوالي سان ٻولي نوان مخصوص لفظ پيدا ڪيا آهن، بجاءِ انهن ڪي لاڳاپيل مذڪر بنيادن مان ڪڍڻ جي، مثال:

| | |
|---|---|
| ڀيڻَ، | ڀَاءُ |
| ڌيءُ يا ڌِيءُ- | پُٽر (پٽ) |
| مَاءُ- | پِيءُ |
| وَهُو- | ڇَاٽروُ (ڇاٽو) |
| ڏاچِي- | ڏاگهوَ |
| ڳَئُون- | ڏاندَ |
| مينهِہ- | سَانُ |

سنڌي ٻين مذڪر بنيادن ۾ باقاعدگيءَ سان مونث ٺاهيندي آهي؛ ڪجهہ اسم فقط مونث ۾ ئي قائم رهيا آهن، جڏهن تہ انهن جا مذڪر غير متعلق لڳن ٿا يا وري ٻوليءَ مان سراسر غائب ٿي ويا آهن.

**1) اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان ٺهندڙ مونث:**

اهڙا اساسي لفظ جيڪي اُ تي ختم ٿين ٿا، انهن مان مونث ٺاهڻ لاءِ اُ بدران اِي يا اِ لڳائي ويندي آهي، جڏهن تہ صفت لاءِ پڇاڙي اِ يا اَ بہ لڳائي سگهجي ٿي. اساسي لفظن ۾ پڇاڙي اِ يا اِي جو استعمال اختياري آهي ۽ اهي ٻئي هڪٻئي جي جاءِ تي بہ ڪتب اچن ٿيون. مثال:

چوَڪَرُ مان چوَڪَرِ يا چوَڪِرِي
گَڏهُ مان گَڏهِ
پَرَٽُ مان پَرَٽِ (ڌوٻي).
ڏِيرُ مان ڏِيرَ ۽ ڏِيرِ (ڏيرج)

مونث ناهڻ جي ان طريقي کانسواءِ ٻيو طريقو جوڙ ڻِي، ڻِ، آڻِي، آڻِڻِي ملائڻ وارو به استعمال ٿيندو آهي، جيتوڻيڪ انهن جو استعمال فقط انهن اسمن ۾ ٿيندو آهي، جن مان ڪنهن فرد، ذات، ڌنڌي وغيره جي معنيٰ نڪري. صفتن ۽ جانورن جي نالن ۾ انهن جو استعمال ورلي ڪو ملي ٿو.

اهي سيئي جوڙ سنسڪرت جوڙ آني برابر آهن (= ن، ڏسو بوپ، ڪمپيريٽو گرامر نمبر 840). مثال اِندراڻِي (اندر جي زال)، سنڌيءَ ۾ اصلوڪو جوڙ آڻِي (جيڪو ڏندوان کان مورڌني ۾ بدلجي ٿو) قائم رهي ٿو يا (ڏسو بوپ sub loco) آ حذف ڪندي فقط ڻِي شامل ڪيو ٿو وڃي. اهي سيئي جوڙ مونث پڇاڙين (اِ ۽ ڪڏهن اَ) ۾ ملن ٿيون مثال:

جَٽُ مان جَٽِڻِ، جَٽِڻِي ۽ جَٽِيَاڻِي.
ڳَاهِڻِ ۽ ڳَاهِيَاڻِي- (ڳَاڻِ واري: مذڪر مروج نه آهي)
ٻَروَچُ- ٻَروَچَاڻِي
شِينُهُ- شِينُهَڻِ
ڇُوٽُ مان ڇُوٽِڻِ، ڇُوٽِڻِي ۽ ڇُوٽِيَاڻِي (تکي، تيز)

2) اوَ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان مونث جو ٺهڻ:

مذڪر اسم جيڪي اوَ تي ختم ٿيندا هجن، انهن مان مونث ناهڻ لاءِ اوَ کي اِي ۾ بدليو وڃي ٿو. مثال:

چوَروَ مان چوَرِي
گوَلوَ مان گوَلِي

ان کانسواءِ ڻِي، ڻِ، آڻِي، آڻِڻِ به ذات، پيشي ۽ ڌنڌي لاءِ استعمال ٿيندڙ اسمن ۾ ڪتب آڻجن ٿا. مثال:

لَنگهوَ مان لَنگهَڻِ، لَنگهِڻِي، لَنگهِيَاڻِي ۽ لَنگهِيَاڻِڻِ.

3) اوَ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان مونث جو ٺهڻ:

مذڪر اسم جيڪي اُو تي ختم ٿيندا هجن، انهن ۾ مونث ناهڻ لاءِ ڻِي يا ڻِ، ملائيندڙ سر ذريعي لڳايا وڃن ٿا، جنهن سان اُو پنهنجي جڳهه تان هٽي ويندو آهي. آخري اُو ننڍو ٿي اُ به ٿي سگهي ٿو ۽ اتي ملائيندڙ سر طور ڪم اچي ٿو. مثال:

هِندُو- هِندِڻِي ۽ هِندِڻِ يا هِندُڻِي ۽ هِندُڻِ

ڪن صورتن ۾ جوڙ آڻِي ۽ آڻِڻِي به استعمال ٿيندا آهن، جن جي لڳائڻ کان اڳ آخري اُو کي ننڍو ڪري هميشه اُ ڪيو ويندو آهي. مثال:

هِندُئَاڻِي ۽ هِندُئَاڻِڻِ.

4) اِ ۽ اِي تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن مان مونث ناهڻ:

اهڙا مذڪر اسم جيڪي اِي يا اِ تي ختم ٿيندا هجن، انهن مان مونث ناهڻ لاءِ جوڙ ڻِي، ڻِ يا آڻِي استعمال ٿيندا آهن. آخري اِي کي ننڍو ڪري اِ ڪيو ويندو آهي، جيڪو ملائيندڙ سر طور ڪم ايندو آهي، مثال:

سيٺُ مان سيٺِڻِي؛ سيٺِڻِ ۽ سيٺِيَاڻِي

نوٽ: جاٽل لهجا بہ مذڪر اسمن منجهان مونث ناهڻ لاءِ سنڌيءَ جو طريقو استعمال ڪن ٿا، جتي هو مذڪر پڇاڙين کي مونث ۾ تبديل ڪن ٿا يا مٿي ڏنل جوڙن جو استعمال ڪن ٿا.

ان ڏس ۾ هندي ۽ هندوستاني بہ سنڌيءَ کي ڪافي ويجها آهن، جتي مونث ناهڻ لاءِ مونث پڇاڙي اِي ڪتب اچي ٿي. مثال:

لَڙڪَا مان لَڙڪِي، بَرَاهمَڻُ مان بَرَاهمَڻِي.

يا مذڪر بنياد ۾ جوڙ اَن، اِن ۽ آنِي لڳائڻ ذريعي مونث ناهين ٿا. مثال:

سُنَار مان سُنَارَن؛ شير مان شيرنِي، مِهتَر مان مِهتَرانِي.

گجراتيءَ ۾ بہ اهو ئي قاعدو لاڳو ڏسجي ٿو، جتي مذڪر جي جاءِ تي مونث پڇاڙي اِي ڪم آڻجي ٿي. مثال ڪُترَوُ (ڪتو) مان ڪُترِي (ڪتي)، يا وري مونث پڇاڙين اڻِ، ڻِي ۽ آڻِي کي مذڪر بنياد ۾ لڳايو وڃي ٿو. مثال:

واگهہ (شينهن) مان واگهڻ، اُونٺُ مان اُونٺِڻِي، ڏَٺِي مان ڏَٺِيَاڻِي.

پنجابيءَ ۾ مونث ناهڻ ۾ بہ اها ئي مشابهت ڏسجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ مذڪر پڇاڙيءَ کي مونث ۾ مٽيو وڃي ٿو. مثال گهوڙا مان گهوڙِي؛ يا مونث پڇاڙيون اَڻ، آڻِي ۽ ڻي لڳائيون وڃن ٿيون. مثال اُسڪالِي (خراب ماڻهو) مان اُسڪالَڻ، اُونٺُ مان اُونٺِڻِي؛ مُغلُ مان مُغلاڻِي.

مراٺيءَ ۾ اَ ۽ آ کي مونث پڇاڙي اي ۾ تبديل ڪري مونث ناهيا وڃن ٿا. مثال:

مُگلا (ڇوڪرو)- مُگلِي (ڇوڪري)؛ دَاس- دَاسِي.

ڪجهہ اسم جيڪي آ تي ختم ٿين ٿا، انهن ۾ مونث پڇاڙي آ بہ ڪتب اچي ٿي. مثال شُودَر- جي زال شودرا. ان ڪانسواءِ اهڙا اسم جيڪي ساڪت اَ يا اِي تي ختم ٿيندا آهن، مثال:

وَاگهَہ- وَاگهِڻِي، پَاپِي مان پَاپَڻ، ڌَنِي مان ڌنين.

ان ڏس ۾ بنگالي سنسڪرت جي ويجهو ٿي ڏسجي. ان ۾ مونث پڇاڙين آ ۽ اي بدران مذڪر پڇاڙيون لڳنديون آهن. مثال: تنيا (ڌيءَ)- تنيہَ (پٽ)، پُترِي (ڌيءَ)- پُتر (پٽ)، متعدي مجهول وارا اسم فاعل ۽ صفت جيڪي ڪ تي ختم ٿين اهي پنهنجا مونث سدائين ڪا سان ناهيندا آهن. مثال: ڪارَڪ مان ڪَارِڪَا، گَائِڪ مان گَائِڪَا. اِي (= ان) وارا اسم پنهنجا مونث جوڙ نِي ذريعي ناهين ٿا. مثال: هَاٿِي- هَٿِنِي ۽ ساڳي ريت پتيءَ مان پَتِنِي، جوڙ آڻِي ۽ آڻِ جي استعمال ۾ بہ سنسڪرت طريقي تي سختي سان عمل ڪيو ٿو وڃي. مثال: اَچَارِيہَ- اَچَارِيَاڻِي.

ان مان خبر پوي ٿي تہ سنسڪرت اصل جا سيئي اتر هندوستاني لهجا مونث ناهڻ ۾ هڪٻئي سان نهڪي اچن ٿا.

## حصو ٻيو

## THE INFLEXION OF NOUNS

## اسمن جو گردان- ڦيرو

# باب اٺون

### نمبر - 15

## I. Formation of the Plural

## جمع جوڙڻ

خالص سنڌي اسم پنهنجي فاعلي حالت واحد سان سدائين مشابهت رکندو آهي، جديد آريائي ٻولين ۾ هاڻ فاعلي حالت واحد جي ڪا نشاني نٿي ملي. سنڌي ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت وانگر ڪي به (Definite) خصوصي جزا يا غير خصوصي جزا (Indefinite Article) نه هوندا آهن.

جيڪڏهن سڃاڻپ خاطر انهن مان ڪنهن جي اظهار جي ضرورت هوندي آهي ته اسم ڪان اڳ اشاري وارو ضمير (Demonstrative Pronoun) يا مڪيه ضمير مبهم (Indefinite Pronoun) (يا انگ هڪ) لڳايا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ هاڻ ڪو به تثنيه (Dual) موجود ناهي ۽ نه ئي پراڪرت سنسڪرت ۾ ٻين جديد سنسڪرتي ٻولين ۾ ملي ٿو. تنهنڪري اسان فقط اسمن جي پڇاڙين جي حوالي سان جمع فاعليءَ جي بناوت جو ذڪر ڪنداسين.

1) اُ تي ختم ٿيندڙ اسم:

اُ تي ختم ٿيندڙ اسم گهڻي ڀاڱي مذڪر هوندا آهن، پر ڪجهه مونث به ٿيندا آهن. جمع ٺاهڻ لاءِ به انهن جي جنس جو خيال رکڻ ضروري آهي، جيئن هيٺ سمجهايل آهي:

(الف) اُ تي ختم ٿيندڙ اسمن جا جمع:

انهن اسمن جا جمع ٺاهڻ لاءِ اُ کي اَ ۾ تبديل ڪبو آهي. مثال ڪُوهُ- ڪُوهَ؛ وَرُ- وَرَ؛ جيڪڏهن آخري اُ کان اڳ ننڍو اَ موجود هجي ته اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ جمع ۾ و لڳايو ويندو آهي. مثال رَؤُ- رَوَ. پر جيڪڏهن آخري اُ کان اڳ اَ کان علاوه ٻيو ڪو سر لڳل هجي ته و جو اضافو اختياري ٿي ويندو آهي. مثال گهَاءُ- گهَاوَ

يا گهاءِ: ڏيڱُ- (جمع) ڏيوَ يا ڏيوءِ؛ پر جڏهن آخري اُ کان اڳ ڊگهو سر انوسوار ٿيندو هجي ته پوءِ و لڳائڻ لازمي آهي. مثال ٿانءُ- ٿانوَ.

هيٺ ڏنل ٻه اسم پنهنجا فاعلي جمع ناهڻ وقت قاعدي جي پيروي نه ڪندا آهن.

پَاءُ- پَاٺُرَ ۽ پَاٺُرُ

پيءُ- پِٺُرَ

اهي ٻئي جمع پراڪرت صورتن ڏانهن اشارو ڪن ٿا يعني پاٺُرا (فاعلي واحد پاٺرو) ۽ پِٺرا (فاعلي واحد پِٺرو) ۽ درحقيقت ايترا قاعدي جي برعڪس به نه آهن. (cf Varar V, 35).

نوٽ: اسان اڳي ڏسي آيا آهيون (نمبر I-15) ته سنڌيءَ جي اُ پڇاڙي پراڪرت جي او مان نندي ڪري حاصل ڪيل آهي؛ پراڪرت ۾ او تي ختم ٿيندڙ اسم جمع لاءِ پڇاڙي آ استعمال ڪندا آهن، جيڪا سنڌيءَ ۾ ننڍي ٿي اَ ٿي وئي آهي.

ان ڏس ۾ جاٽڪي لهجا سنڌيءَ سان سهمت آهن. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ انهن اسمن جي واحد حالت ۾ آخري ننڍو سر اڳئي حذف ٿيل آهي ۽ جمع ۾ به ان کي خارج ڪيو ويندو آهي، يعني جمع ۾ به ڪو فرق نٿو اچي. مراٺي ۽ پنجابيءَ ۾ به ساڳي صورت آهي. جڏهن ته گجراتيءَ ۾ جمع پڇاڙي اوَ لڳائي ويندي آهي.

(ب) اُ تي ختم ٿيندڙ مونث اسمن جا جمع ٺهڻ:

اهي اسم آخري اُ کي اوُن ۾ تبديل ڪري جمع ناهيندا آهن. مثال:

وَٽُ- جمع وَٽُون؛ وِڄُ- جمع وِڄُون.

هيٺ ڏنل اسمن ۾ سنڌن باقاعدي جمع کانسواءِ ڪي بي قاعده جمع ۾ به نهندا آهن. مثال:

پيڻُ (يا پيڻَ)- جمع پيڻُون يا پيڻَرُ ۽ پيڻَرُون؛

مَاءُ- جمع مَائُون يا مَاٺرُ ۽ مَاٺرُون.

ڌِيءُ- جمع ڌِئُون يا ڌِيئَرُ ۽ ڌِيئَرُون.

نُهُ (۽ نُهَ)- جمع: نُهُون يا نُهَرُ ۽ نُهَرُون

بوليءَ جي بگاڙ کان بچڻ لاءِ انهن مونث اسمن ساڳيو جوڙ اَرَ مروج ڪيو آهي (يا نرم اچار لاءِ اِرَ) جيئن مذڪر اسم بي قاعدي جمع ۾ لڳائيندا آهن ۽ مونث حالت ۾ ان کي ڊگهو ڪري ارُون ڪيو ويو آهي.

نوٽ: پالي لهجن ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ مونث اسم جمع به ساڳيا رهن ٿا. مثال يَاگُ- جمع يَاگُ: يا ان ۾ اوَ (سنسڪرت جوڙ اَمر) لڳندو آهي (۽ ي اچار جي ڦيري لاءِ) جيئن يَگُيوَ: اها ساڳي صورت پراڪرت ۾ به ڏسجي ٿي. مثال: يَهُو- جمع يَهُوۡوَ. سنڌيءَ ۾ اهوجمع وارو جوڙ اُ آخري اُ سان ملي اُو ٿئي ٿو ۽ ساڳئي وقت انوسوار ٿي اوُن ٿئي ٿو.

2) اوَ (اوُن) تي ختم ٿيندڙ اسم:

اهي اسم آخري اوَ کي آ ۾ تبديل ڪري پنهنجا جمع ناهيندا آهن. مثال: وَاڍوَ- جمع وَاڍَا؛ ٽوَپوَ- جمع ٽوَپَا. جيڪڏهن آخري اوَ انوسوار هجي، جيڪو اڪثر ڪري هوندو آهي ته جمع ۾ به انوسوار قائم رهندو آهي. مثال: چوَٽوُن- جمع چوَٽان.

جيڪڏهن آخري اوَ کان اڳ ننڍو اُ (يا انواسوار آن) هجي ته اتي اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ ٻنهي جي وچ ۾ و لڳايو ويندو آهي. مثال ٿئوَ- جمع ٿوَا؛ نئوُن- جمع نوَان. پر جيڪڏهن آخري اوَ کان اڳ ٻيو ڪو سر لڳل هجي ته و جو اضافو اختياري ٿي ويندو. مثال ڪُئوَ- جمع ڪُئا يا ڪُوا؛ ميئوَ- جمع ميئا يا ميوَا؛ گهَائوَ- جمع گهَائا يا گهَاوَا.

اسان ان ڳالھ تي گھڻا ئي دفعا زور ڀريو آهي تہ سنڌيءَ ۾ پراڪرت پڇاڙي اوَ نِنڍي ٿي اُ ٿي ويندي آهي يا ساڳي صورت ۾ رهندي آهي ۽ اهڙي قسم جي اسمن مان جمع ٺاهڻ جو عمل پراڪرت سان ٺهڪي اچي ٿو. (يعني واحد اوُ- جمع آ).

نوٽ: جاتل اصطلاحن ۾ مذڪر پڇاڙي اوَ جي بدران آ استعمال ڪئي وئي آهي. هندي، هندوستاني، مراٺي ۽ پنجابيءَ ۾ آ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم عام طرح جمع ۾ اِي جو استعمال ڪن ٿا، جيڪا پڻ هڪ جمع پڇاڙي طور قديم پراڪرت لهجن ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي. (ڏسو Lassen Instit: Ling: Bak: P430). ان ڏس ۾ گجراتيءَ ۾ طريقو مختلف آهي. ان ۾ مذڪر اسم جيڪي اوَ تي ختم ٿين اهي جمع پڇاڙي آ ڪانپوءِ جوڙ اوَ لڳائين ٿا. مثال ڇوَڪَروَ- جمع ڇوَڪَرَاوَ. ان ئي قسم جي صورتحال پراڪرت جي ماڳڌي لهجي ۾ ڏٺي وئي آهي. (cf Lassen p399)

3) اُو ۽ اُون تي ختم ٿيندڙ اسم:

اهڙا اسم جيڪي اُو يا وڌيڪ عام طرح اُون تي ختم ٿين اهي جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال وِڇُون (مذڪر)- جمع وِڇُون؛ ڳئُو (مونث)- جمع ڳئُو.

پاليءَ ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر بناوتن ۾ جمع ۾ ان کي ڊگھو ڪري اُو ڪن ٿا. مثال: ڀِڪ (فقير)- جمع ڀڪو ۽ اهڙيون مذڪر بناوتون جيڪي فاعلي واحد ۾ اُو تي ختم ٿين اُهي جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهنديون آهن. مثال اَپِيُو- جمع اَپِيوُ (اپِيُوُو مان ننڍو ٿيل). پراڪرت ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر بناوتون هميشہ فاعلي واحد ۾ پنهنجي آخري سر کي ڊگھو ڪنديون آهن ۽ جمع ۾ جوڙ اوَ (= اس) جو اضافو ڪن ٿيون. مثال: وَاءُ- (فاعلي واحد) وائُو- فاعلي جمع وَائوَو. پراڪرت ۾ ان جمع جوڙ اوَ کي ننڍو ڪري اُ بہ ڪري سگھبو آهي. جڏهن تہ جديد لهجن ۾ ان کي مڪمل طرح حذف ڪيو ويو آهي. سنڌي ۾ اُو عام طرح انوسوار ڪيو ويندو آهي. يعني اوُن.

نوٽ: هندي، هندوستاني، پنجابي ۽ مراٺيءَ ۾ اوَ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمَ جمع ۾ بہ ساڳيا رهندا آهن. جڏهن تہ هندوستانيءَ ۾ مونث اسم ۾ جمع پڇاڙي آن لڳائي ويندي آهي. مثال جوَرُو- جمع جوَرُوان (پراڪرت جي جمع پڇاڙي اوَ کي آ ۽ آن ۾ تبديل ٿو ڪجي). گجراتي اُو تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن جا جمع ٺاهڻ ۾ پراڪرت جي ويجهي آهي ۽ ان جي جمع واري پڇاڙي اوَ لڳائي ٿي. مثال هِنُدُو- هِنُدُوَوَ

4) آ (آن) تي ختم ٿيندڙ اسم:

جيئن اڳي ڏنو ويو آهي (نمبر 13، 3) اهي گھڻي ڀاڱي مونث هوندا آهن ۽ جمع ٺاهڻ لاءِ اوُن ڪم آڻيندا آهن. مثال: هَڇَا- جمع هَڇَائُون.

انهن اسمن جا جمع پراڪرت جي جمع پڇاڙين آ- اوَ ۽ آ- اُ جي برابر آهن، جيڪي مونث جي آخري آ ۾ گڏبيون آهن. (ڏسو ليسن ص: 307). سنڌيءَ ۾ پراڪرت جي جمع ۾ اضافي اوَ بدران اُو ڪتب اچي ٿو ۽ ساڳئي وقت انوسوار بہ ٿئي ٿو.

آ تي ختم ٿيندڙ ڪجھہ اسم مذڪر آهن ۽ جمع ۾ بہ ساڳيا رهن ٿا. مثال: لَالَا- جمع لَالَا.

سنڌيءَ ۾ پراڪرت جو جمع ٺاهڻ لاءِ اوَ (آ- اوَ) ڀهرين ننڍو ٿي اُ ڪيو ويو ۽ پوءِ مڪمل طرح حذف ڪيو ويو آهي.

نوٽ: هندي ۽ هندوستانيءَ جا مونث اسم جيڪي آ (آن) تي ختم ٿين اُهي پنهنجا جمع ٺاهڻ لاءِ اِين جو اضافو ڪندا آهن. مثال: بَلَا- جمع بلائين. اتي اها اِي پراڪرت جوڙ اوَ جي برابر آهي، جيڪي پراڪرت جي هيناهين لهجن ۾ اڪثر اِي ۾ تبديل ڪيا ويندا آهن. (ڏسو ليسن ص: 398، 408). اهڙا مذڪر اسم جن

جي آخري آ سنڌيءَ سان نٿي نهڪي اچي، اهي جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. پنجابيءَ جا مونث اسم جيڪي آ تي ختم ٿين اهي اِين يا انيان- اِيان جو اضافو ڪندا آهن ۽ اهو اضافو اِين هندي جي اِين مان آيل آهي ۽ اِيان پراڪرت اوَ جي برابر آهي، جنهن ۾ اِ يا ي جو اضافو اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ آهي. ڪجهه مذڪر اسم جمع ۾ به ساڳي صورت ۾ رهن ٿا. مثال: آتما، پِتا وغيره. گجراتي هوبهو پراڪرت وانگر مونث اسمن ۾ آ بدران اوَ لڳائي ٿي. مثال: مَا- جمع مَاوَ- مراٺي جا مونث اسم جيڪي آ تي ختم ٿين اهي جمع ۾ به ساڳيا رهن ٿا. مثال: مَاتَا- جمع مَاتا، ان ئي قسم جا ڪجهه مذڪر اسم به ساڳي ريت تبديل نه ٿيندا آهن.

5) اَ تي ختم ٿيندڙ اسم:

اهي اسم جيڪي سڀئي مونث هوندا آهن، پنهنجا جمع ناهڻ لاءِ آخري اَ کي (لاڙ ۾) اوُن ۽ (سري ۾) آن ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال تَرَ (ناس)- جمع تَرُون يا تَرَان (ناسون).

اهي اسم جيئن اگ ڏنو ويو ته پراڪرت ۽ سنسڪرت بنياد جيڪي آ تي ختم ٿين، ان مان نڪتا ڪيل آهن: اهي جمع لاءِ آن (برابر پراڪرت اوَ جي) ڪان اڳ آخري اَ حذف ڪن ٿا يا اصلي آ کي واپس رکندي جمع اضافي اوَ کي حذف ڪن ٿا ۽ ساڳي وقت آخري ڊگهي سر کي انواسوار ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ان قسم جا اسم جن ۾ آخري اَ ساڪن ٿيندي هجي، اهي ڄاتل لهجن ۾ نٿا ملن. مثال هندوستاني جِيبھ (مونث)- جمع جِيبين ۽ جتي جمع ناهڻ لاءِ اِين ڪتب آيو آهي (= پراڪرت اوَ). پنجابي بانهه (مونث)- (سنڌي ٻانهَه)، جنهن جو جمع ٻانهان آهي. مراٺي جِيبھ- جمع جِيبَا. گجراتي ۾ مونث بنياد تي جمع پڇاڙي اوَ لڳندي آهي. خاص ڪري جت وينجن ساڪن هجي. مثال سانجهه (مونث)- سَانجهوَ.

6) اِي (اِين) - تي ختم ٿيندڙ اسم:

(الف) اي تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال ٻيلِي- جمع ٻيلِي؛ پِرين- جمع پِرين.

پراڪرت ۾ اِي تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم جمع لاءِ اوَ جو اضافو ڪندا آهن، جيڪا سنڌيءَ ۾ ننڍي ٿي اُ تي هاڻ مڪمل طرح ختم ٿي وئي آهي.

(ب) اِي تي ختم ٿيندڙ مونث اسم جمع لاءِ اوُن جو اضافو ڪندا آهن ۽ ان جي لڳائڻ ڪان پهرين اڳ ايندڙ ڊگهي اِي کي ننڍو ڪندا آهن ۽ آواز کي نرم ڪرڻ لاءِ ي به لڳائي سگهن ٿا. مثال گوَلِي- جمع گوَلِيوُن ۽ نِهائِين — نِهَايُون.

اي وارا مونث اسم پراڪرت وانگر جوڙ اوَ جو استعمال به ڪندا آهن، جيڪو ننڍو ٿي اُ به ٿي سگهي ٿو. هن صورت ۾ سنڌيءَ جو آخري اُ ڊگهو ٿي اوَ ٿيندو آهي ۽ ساڳئي وقت انوسوار به ٿيندو آهي ته جيئن جمع ۾ مونث ۽ مذڪر جو فرق واضح رهي.

جڏهن آخري اي ڪان اڳ سخت تارون وارو ڪو به اکر هجي يا ھ هجي ته جمع واري جوڙ اون ڪان اڳ اي عام طرح حذف ڪئي ويندي آهي. مثال مَنجِي- جمع مَنجُون؛ مَنجهِي (مونث) (مينهن)- مَنجهُون.

نوٽ: هندي ۽ هندوستاني مونث اسم پنهنجا جمع ناهڻ لاءِ پراڪرت جي قاعدي جي پيروي ڪن ٿا، فرق رڳو ايترو آهي ته پراڪرت جي جمع واري پڇاڙي اوَ تبديل ٿي آ ٿيندي آهي ۽ اها انوسوار به ٿيندي آهي. مثال چُرِي- جمع چُرِيان. اِي وارا مذڪر اسم جمع ۾ پنهنجي واحد جهڙا ئي رهندا آهن. پنجابي به هنديءَ جي طريقي وانگر اي تي ختم ٿيندڙ مونث اسمن ۾ جمع پڇاڙي آن لڳائي ٿي. مثال ڌِي- جمع ڌِيان جڏهن ته مذڪر اسم واحد وانگر ساڳيا رهن ٿا. مراٺيءَ لاءِ به اهو چئي سگهجي ٿو. گجراتي ان ڏس ۾ پراڪرت کي سيني ڪان ويجهي آهي ۽ ان ۾ سڀئي اسم چاهي مونث هجن يا مذڪر، اهي پنهنجا جمع ناهڻ لاءِ اوَ کي ڪتب آڻين ٿا.

7) اِ تي ختم ٿيندڙ اسم:

(الف) اِ تي ختم ٿيندڙ مونث اسم جمع ٺاهڻ لاءِ جمع وارو جوڙ اُون ڪتب آڻيندا آهن. مثال رَاتِ – (جمع) رَاتِئُون، جڏهن اِ کان اڳ سخت تارون وارا اکر يا هه هجي ته جمع وارو جوڙ اون کان اڳ اِ غائب ٿي ويندو آهي. مثال مِينهِ- مينهُون.

لفظ جوءِ پنهنجي جمع جي قاعدي سان جوُيُون ۽ قاعدي کان هٽي جوُئِرُ، جوُهِرُ ۽ جوُئِرُون جي صورت وٺندو آهي.

(ب) اِ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم جمع ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال: سيٺِ- جمع سيٺ.

نوٽ: جيئن اڳ چيو ويو هو ته هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ آخري اِ کي ترڪ ڪيو ويو آهي ۽ اهڙا اسم جيڪي سنڌيءَ ۾ اَ يا اِ تي ختم ٿين اُهي هڪ ئي جمع وارو جوڙ اِين استعمال ڪندا آهن. ساڳي ريت گجراتي ۽ پنجابي مان ٻه آخري اِ گهٽي پاڳي نڪري وئي آهي ۽ جمع لاءِ اهي اوُ ۽ آن ڪتب آڻين ٿا. مراٺيءَ ۾ اِ تي ختم ٿيندڙ مونث بنياد جمع ۾ ساڳيا رهندا آهن يا آخري اِ کي ڊگهو ڪري اِي ڪندا آهن. جمع ۾ آخري اِ جو ڊگهو ٿيڻ پالي ۽ پراڪرت ۾ مروج آهي ۽ اتان ئي ورتل آهي. (مثال: پالي: راتِ- جمع رَاتِي يا رَتِيوُ: پراڪرت- رَتِيوُ يا رَتِيوُ). اِ تي ختم ٿيندڙ مذڪر بنياد جمع ۾ ساڳيا رهندا آهن يا (ڪجهه پنڊتن موجب) ڊگهو ڪري اِي ڪتب آڻيندا آهن. (جيئن پالي ۽ پراڪرت ۾ ٿيندو آهي).

نمبر - 16

## II. Formation of Cases; Case Affixes

## حالتن جي بناوت، حالتن جا جوڙ يا نشانيون

صحيح معنيٰ ۾ هاڻ سنڌي ۾ ڪو به ڦيرو يا گردان نه رهيو آهي ۽ نه ئي آريائي بنياد جي جديد ٻولين ۾ ڪو گردان بچيو آهي. سواءِ قديم سنسڪرت، پالي ۽ پراڪرت جي حالتن جي ڦيري جي، ٻيون سيئي حالتون ٺاهڻ لاءِ انهن جا جوڙ (Case Affixes) ۽ حرف جر (Post Positions) ڪم اچن ٿا.

جڏهن اسان جديد آريائي لهجن جي پالي ۽ پراڪرت سان ڀيٽ ڪريون ٿا ته اسان جديد ٻوليءَ جي بگاڙ جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. جيئن ته ان مان گردان تقريباً ختم ٿي ويو آهي ۽ انجي جاءِ تي باقاعده ظرف کي متبادل طور استعمال ڪيو ويو، جنهن کي اسان عام طرح حرف جر (Postposition) سڏيون ٿا. ان جي برعڪس پاليءَ ۽ پراڪرت، سنسڪرت جون سيئي حالتون سانڍي رکيون آهن، سواءِ حالت مفعولي ثاني (Dative) جي، جيڪا پالي ۾ تمام گهٽ وجي بچي آهي ۽ پراڪرت مان ته مڪمل خارج ٿي وئي آهي ۽ ان جي جاءِ تي حالت اضافت (genitive) جو استعمال ٿئي ٿو. اها ئي ساڳي صورتحال اسان کي جديد رومانوي ٻولين ۾ نظر اچي ٿي، جتي لاطيني گردان جي ڦيري جي خارج ٿيڻ ڪري حرف اضافت کي حالت جي اظهار لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

بنگاليءَ کان سواءِ ٻين جديد آريائي لهجن ۾ گردان جي حوالي سان مخصوص ڳالهه اها آهي ته اصل ۾ اسم جون فقط ٻه حالتون هونديون آهن: هڪ مڪمل جذب ٿيل يا خالص حالت؛ جيڪا فاعلي حالت واحد جي برابر آهي ۽ ٻي تشڪيلي (Fromative) حالت، جنهن ۾ ظرف ۽ حرف جر جوڙي ترڪ ٿيل حالتي پڇاڙين جو پورائو ڪيو ويندو آهي. ان حالت کي يورپي وياڪرڻ جي ماهرن مفعولي حالت (Oblique Case) سڏيو آهي، پر اسان (ڊاڪٽر ڪالڊويل جي پيروي ڪندي) ان کي تشڪيلي (Formative) سڏڻ بهتر سمجهون ٿا.

[1] شاعري ۾ حرف جر اسم کان اڳ ٻه ڏئي سگهجي ٿو ته جيئن شاعري جي رواني متاثر نه ٿئي.

سنڌي ۾ ٻين ڇاٽل اصطلاحن ۾ اسم جي ڦيري يا گردان جي تعداد تشڪيلي حالت (Formative) جي جوڙجڪ جي مختلف طريقن تي منحصر ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته جمع يا واحد ۾ حالتي نشاني ساڳي رهي ٿي، جيئن ته اهي اصل ۾ (سنسڪرت) حرف اضافت يا ظرف آهن.

هاڻ اسان سنڌيءَ ۾ قديم حالتي پڇاڙين جي باقيات جي کوجنا ڪنداسين ۽ اهڙيون حالتون جتي اصلي ڦيري يا گردان جي ترڪ ٿيڻ سبب ظرف ۽ حرف جر لڳايا ويا آهن، انهن ڪي تفصيل سان ڏسنداسين. ان ڏس ۾ حالتن جي ترتيب اها ئي رکنداسين، جيڪا سنسڪرت جي وياڪرڻي ماهرن رکي آهي ته جيئن انهن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪرڻ آسان رهي.

1) واحد ۽ جمع جي فاعلي حالت جو ذڪر اڳي ئي ٿي چڪو آهي.

2) واحد ۽ جمع جي مفعولي حالت (Accusative) سنڌيءَ ۾ لاڳاپيل ٻولين ۾ ترڪ ٿيل آهي. پراڪرت لهجن ۾ به اها ئي صورت رهي آهي. جڏهن ته اپڀرنش (جديد سنڌيءَ جي ماءُ) ۾ ان جو خاص طرح ذڪر رهيو آهي. (ڏسو ليسن ص: 459).

ان حقيقت کي هر وقت نظر ۾ رکڻ ضروري آهي ته سنڌي ۽ سندس ڀينر ٻولين ۾ (وياڪرڻي حوالي سان) مفعولي حالت (Accusative) موجود نه آهي ۽ اها هاڻ فاعلي حالت سان مڪمل مشابهت رکي ٿي. تنهنڪري جڏهن اسان کي يورپي وياڪرڻن ۾ حرف جر کي يا هندوستانيءَ ۾ ڪوُ بابت مفعولي حالت ڄاڻايل ڏسجي ته اسان کي اهڙي بيان کي خالص وياڪرڻ حوالي سان رد ڪرڻ گهرجي. حالت مفعولي ثاني جي بيان ۾ اسان ڏسنداسين ته اتي حرف جر جي اصليت ڪهڙي آهي ۽ ان سان جديد هندوستاني ٻولين جون نحوي خصوصيتون سمجهائڻ ۾ آساني ٿيندي، جيڪي پڻ اهڙا حرف جر استعمال ڪن ٿيون، جيڪي مفعولي يا مفعولي ثاني حالت ڏانهن اشارو ڪنديون هجن.

3) سنڌي ۾ Instrumental کي ڪنهن حالتي پڇاڙي يا حرف جر ذريعي واضح نه ڪيو ويندو آهي. پر فاعلي واحد کان فرق ڪرڻ لاءِ (جتي مناسب هجي) آخري سر جي تبديلي ڪئي ويندي آهي. واحد ۽ جمع ۾ Instrumental حالت تشڪيلي صورت (Formative) سان مشابهت رکندي آهي. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته Instrumental حقيقت ۾ هڪ حرف اضافت آهي، جيڪو Instrumental جي جمع ۾ وڌيڪ مڪمل طور استعمال ٿيندو آهي.

**نوٽ:** هندي ۽ هندوستاني حالتي جوڙ نی کي Instrumental طور استعمال ڪن ٿيون. هندوئي ۾ (ڏسو گارسن ڊي ٽيسي، هندوئي ٻولي جون نشانيون ص: 26 ۽ 99) اسان کي اهڙا ٻيا جوڙ ني، نين، نِ ۽ نَ جيڪي جمع ۾ اَن يا واحد ۾ ني، نين، نِ جي صورت ۾ ملن ٿا. پنجابي ۾ اسانکيInstrumental جوڙ نَئِ يا نَ يا فقط اِي ملن ٿا يا سنڌيءَ وانگر تشڪيلي کي غلط نموني Instrumental ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو. گجراتي ۾ اِي Instrumental جوڙ طور ملي ٿو. مرائيءَ ۾ واحد Instrumental لاءِ جوڙ ني ۽ جمع لاءِ نِي ملن ٿا. انهن مختلف Instrumental جوڙن جي نسب يا اصل بابت ڪو به ابهام نه آهي. سنسڪرت ۾ Instrumental حالت جو ڦيرو جيڪو واحد ۾ نَا يا نَ جي صورت ۾ آهي (See Bopp, Comp. Gram. I P:158). ان کي هندوستاني ۽ پنجابيءَ ۾ الڳ ظرف طور ڪتب آندو ويو آهي. (جڏهن ته مرائيءَ ۾ اهو اسم ۾ هڪ باقاعده ڦيري طور لڳندو آهي). يا ڪن صورتن ۾ مخفف ڪري اِي يا اِي طور استعمال ٿيندو آهي. (جيئن ته ن اصل ۾Instrumental جوڙ آ ۾ اڪري ميلاپ طور شامل ٿيو آهي) ۽ اهو پنجابي ۽ گجراتي ۾ ملي ٿو. Instrumental جمع ۾ مرائي (ني ڪانسواءِ) جوڙ هين به استعمال ڪري ٿي، جيڪا پراڪرت جيInstrumental جوڙ هِن يا هِءَ جي برابر آهي (ڏسو ليسن ص: 310). بنگالي ۾ تي کي Instrumental جوڙ طور استعمال ڪندا آهن، جيڪو اصل ۾ حالت جري واري جوڙ تو= تس سان مشابهت رکي ٿو.

4) پراڪرت مان حالت مفعولي ثاني مڪمل طور ترڪ ٿي وئي آهي ۽ ان جي بدران حرف اضافت مان اهو ڪم ورتو ويجي ٿو ۽ ان ڪري جديد ٻوليءَ جي قاعدي ڪان مفعولي ثاني حالت جي حوالي سان انحراف ظاهر ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ جوڙ ڪي واحد ۽ جمع ٻنهي ۾ استعمال ٿيندو آهي. جتي ان ڪي تشڪيلي واحد يا جمع اسم جي اڳيان لڳايو ويندو آهي. مثال: گهَرَ ڪي يا گهَرن ڪي. شاعرانه ٻوليءَ ۾ ڪي جي جڳهه تي حرف جر ڪَن يا ڪَڻ استعمال ٿيندو آهي، جيڪي ساڳئي بنياد مان نڪتل محسوس ٿين ٿا. فرق فقط مدغم ٿيڻ جي طريقي جو آهي. (هندي ڪَنّ، ڪَنِ، هندوئي ڪَنّهَ).

نوٽ: بنگاليءَ ۾ مفعولي ثاني جوڙ ڪي استعمال ٿيندو آهي. هندي ۽ هندوستاني ۾ ڪوَ (دکني لهجي ۾ ان ڪي ڪُو اچاريندا آهن)، هندوئي (گاريسن ڊي ٽيسي مطابق) ڪوَن، ڪَنُو، ڪَهه، ڪَاه، ڪاها ۽ هي استعمال ڪندي آهي.

ڊاڪٽر ڪالڊويل پنهنجي ’دراوڙي ٻولين جي ڪمپيريٽو گرامر‘ ۾ چوي ٿو (ص: 225): ”اتر هندوستان جي ٻولين ۾ جيڪي سٿيئن خصوصيتن جي زير اثر آهن، ان ۾ هڪ اهڙي پڇاڙي ملي ٿي، جيڪا نه رڳو دراوڙي ٻولين سان ملندڙ آهي، پر صفا ساڳي آهي. هندوستاني ۽ هنديءَ جي مفعولي ۽ مفعولي ثاني حالت ڪوَ آهي يا عام مروج ڪِي، شنگهالي ۾ گهَئِيَ، هڪ نيم دراوڙيءَ ڪول زبان اُرائن ۾ گئِي، ڀوٽان جي جابلو علائقي جا رهواسي ٻوڌ ۾ ڪوَ ۽ تبتي ۾ گيَه. انهن پڇاڙين ۽ دراوڙيءَ جي مفعولي ثاني حالت جي نشاني ڪُو ۾ موجود تعلق نهايت اهم آهي. اتر ۽ ڏکڻ هندوستاني لهجن ۾ موجود مشابهتن مان اها سڀني ڪان ظاهر ۽ نهايت اهم ڳالهه آهي ۽ ان مان اهو اشارو به ملي ٿو ته برهمڻ اثر ڪان اڳ اتر ۽ ڏکڻ پرڳڻن جي رهواسين جو اصل ۾ هڪ تعلق هو. يا ته اهي ٻئي قومون ڪنهن هڪ ئي نسل مان ڦٽِي نڪتيون، جيڪو قديم سٿيئن (Scythan Stock) نسل هو.“

جيڪڏهن اِهي حالتي جوڙ ڪوَ يا ڪُو اتر هندوستاني ٻولين ۽ دراوڙي ٻولين جي وچ ۾ سڀني ڪان واضح ۽ اهم مشابهت هئا ته اسان هاڻ (اڳتي هلي) ڏسنداسين ته انهن ٻنهي ۾ ڪوبه تعلق ڪونهي. جيتوڻيڪ پهرين نظر ۾ انهن جو تعلق بلاشڪ محسوس ٿيو ٿي. ان مفروضي جي خلاف سڀني ڪان پهرين حقيقت اها آهي ته مرائني جيڪا دراوڙي ٻولين کي سڀني ڪان وڌيڪ ويجهي آهي، ان ۾ ڪي، ڪي ۽ ڪوَ ترڪ ڪري هڪ مفعولي ثاني نشاني استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن جي اصل جي مطالعي سان اسان ان بحث کي سلجهائي سگهنداسين ۽ اسان ڏسنداسون ته گجراتي ۽ پنجابي ٻولين به مفعولي ثاني حالت لاءِ جنهن حرف جر جو استعمال ڪيو آهي، اهي سنسڪرت مان ورتل آهن ۽ جن جو پري تائين دراوڙي ٻوليءَ سان ڪو تعلق ناهي ۽ اهڙو ئي نتيجو اسان ٻين آريائي لهجن بابت به اخذ ڪري سگهون ٿا. اها هڪ حيرت انگيز ڳالهه ٿيندي ته اهڙا آريائي لهجا جيڪي دراوڙي ٻولين کي ويجها آهن، انهن گردان جي طريقي ۾ دراوڙي اثر نظر انداز ڪيو هجي. جڏهن ته جيڪي اترين علائقن جي ويجهو هئا اهي ”سٿيئن خاصيتن جي زير اثر ٿيا هجن.“ خوش قسمتيءَ سان اسان اهو ثابت ڪري سگهيا آهيون ته اهڙو مفروضو نه رڳو غير موزون آهي، پر مٿي ڏنل مفعولي ثاني جوڙن جي بنيادن تي به پورو نٿو لهي.

سنڌي ڪي ۽ بنگالي ڪي سنسڪرت جي حالت مڪاني ڪرتي مان حاصل ڪئي وئي آهي. معنيٰ ان لاءِ، ان ڪري يا ان بابت. ان سان سنڌي ۾ ڪ جو وسرڳجڻ سمجهه ۾ اچي ٿو، جو ته اهو ڏکي سان نه پر هڪ سخت قاعدي موجب ٿيندو آهي. (ڏسو تعارف نمبر 1 ,e نوٽ). بنگالي ۾ ر اڳ يا پوءِ ايندڙ وينجن جي وسرڳجڻ جهڙو ڪو به اثر نٿي رکي، تنهنڪري اتي اهو ڪي جي صورت ۾ رهي ٿو. سنسڪرت جي صورت ڪرّتي پراڪرت ۾ پهرين ڪِتي ٿي ۽ پوءِ (ت جي ڇانٽي ٿيڻ سان) ڪِئي ۽ پوءِ ڇوٽي ٿي ڪي ٿئي ٿي، جڏهن ته سنڌيءَ ۾ ر جي ڇانٽي جي ڪري ڪي نهيو وڃي. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ هي ظرف ڪوَ جي صورت

بہ ساڳي نموني سان سنسڪرت ڪرتمٗ مان حاصل ٿيل آهي، جيڪا ظرف طور استعمال ٿيندي حالت مڪاني (Locative) ڪرتي مان ورتل آهي. پراڪرت ۽ بين جديد لهجن ۾ بي جنس مذڪر ۾ ضم ٿي ويو آهي، جنهن مان اسان کي پهرين ڪِتو ۽ پوءِ ڪِئو مليا آهن، جيڪو وري ڇوٽو ٿي ڪوٗ ٿيو آهي. ان طريقي سان اسان کي ڪي يا ڪوٗ بابت اطمينان سان چئي سگهون ٿا ۽ اهو تہ اهي حاصل ٿيل ظرف اتفاق طور نہ پيدا ٿيا آهن، جنهن جو ثبوت سنڌي حرف رِي آهي، جيڪو پڻ سنسڪرت حالت مڪاني رِتي مان نڪتل آهن. پراڪرت رِتي يا رِئي، ۽ پوءِ ڇوٽو ٿي رِي يا رِيءِ ٿيو آ هي. هاڻ اچو تہ مختصراً هندوئي جي بدلجندڙ صورتن تي نظر وجهون جيڪي گارنس دي ٽيسي ڏيکاريا آهن. ڪونٌ ۽ ڪؤن ۾ اڪري ميلاپ طور انوسوار گڏيو ويو آهي، جنهن کي جديد ٻولين وڏي اتساهہ سان محسوس ڪيو آهي: ڪؤن اصل ۾ ڪونٌ جو هڪ مختلف اچار آهي، جيئن تہ هندوئي ۾ اوٗ اڪثر ڪري اَؤ جي صورت ۾ اچارجي ٿو. صورتون ڪَهہ يا انجو انوسوار ڪَنّهہ يا ڪَهَرٗ انهن ظرفن جي اصليت بابت ثبوت پيش ڪن ٿا ۽ ڪَهہ يا ڪَنّهَہ (هندي ۾ ڪَن، ڪَني مڪمل انوناسڪ سان ۽ تنهنڪري هہ مدغم ٿئي ٿي) ۾ بنياد ساڳيو ڪونٌ ۽ ڪؤن وارو آهي ۽ فرق فقط ادغام جي طريقي جو آهي. جڏهن بہ سر ر وينجن سان ملي تہ پراڪرت قاعدي سان اِ ۾ بدلبو (ڪتي) يا اَ ۾ مثال ڪَتَرٗ- ڪرتي) (ڏسو Varar 1، 27) ليسن ص: 2، 116 ،الف تعارف نمبر 1).

اصلي ر جي موجودگي جي ڪري پوءِ ايندڙ وينجن وسرڳجي ويندو آهي (جيئن سنڌي ڪ = ڪ) ۽ تنهنڪري اسان کي ڪَٽ جي صورت ملي ٿي: اها وري وسرڳجي ٺ ٿي ۽ پوءِ ڇانٽي ٿئي ٿي ۽ پويان باقي هہ وڃيو بچي ٿي. (ڏسو ليسن ص: 207، تعارف نمبر 8)، جنهن مان اسان کي ڪَہَ، ڪَهَنٗ جهڙيون صفتون حاصل ٿين ٿيون. جڏهن تہ ٻي صورت هرِ ۾ معاملو مختلف آهي. ان سلسلي ۾ اسان هن هندوئي مفعولي ثاني حالت جي نشانيءَ کي اپيرنش حرف اضافت جي جوڙ سان پيٽ ڪنداسين ڇاڪاڻ جو حرف اضافت پراڪرت مفعولي ثاني جي بدران استعمال ٿيندو آهي. (ان هي جي تفصيلي اڀياس لاءِ ڏسو ليسن صفحو 462 ۽ 466).

مراٺي ٻولي مفعولي ثاني لاءِ بہ جوڙ ڪتب آڻي ٿي. جن ۾ اصلي صورت سان ملائيندڙ سر س ۽ لا ذريعي گڏبا آهن. انهن مان پهريون يعني س پراڪرت مفعولي ثاني پڇاڙي 'سَمَ' سان مشابهت رکي ٿو (برابر سنسڪرت سَيَہ جي) ۽ تنهنڪري هتي اسانکي قديم سنسڪرت پراڪرت جي حالت جي ڦيري جي نشاني ملي ٿي، جڏهن تہ لا جي اصل بابت ڄاڻ پوري نہ آهي. ليسن هڪ نئون مفروضو پيش ڪيو آهي (ڏسو Instit: Ling: Prak: P:55، 99) جنهن مطابق هن ان جوڙ کي سنسڪرت مان نڪتل ڄاڻايو آهي. آلَ = آلَيَہ معنيٰ جڳهہ تي هجڻ يعني اها جڳهہ جتي ڪم ختم ٿيندو هجي. اسان ان مفروضي کي مڃڻ کان قاصر آهيون، ڇاڪاڻ تہ مراٺي حالتي نشاني آلَ نہ پر لا آهي ۽ منڍ ۾ هڪ ڊگهو آ جوڙ لڳائڻ جو ڪو بہ سبب سمجهہ ۾ نٿو اچي. ان مراٺي مفعولي جوڙ لا کي اسان سنڌي لاءِ سان پيٽي سگهون ٿا ۽ هندوستاني ۾ ليئي: اهي ٻئي سنسڪرت ڌاتو لا (را) مان حاصل ٿيل آهن (سنڌيءَ ۾ لائِقُ)، مونکي ان جو اشارو فارسي مفعولي ثاني حرف را (جيڪو قديم پارسي ۾ تمام گهڻ استعمال ٿئي ٿو) ۾ ملي ٿو ۽ جيڪو سپيجل جي پارسي وياڪرڻ مطابق صحيح معنيٰ ۾ مفعولي حالت نٿو ڏيکاري پر دراصل "ڪنهن ڪم لاءِ" جو مفهوم ڏيکاري ٿو. اهو ئي حرف اسان کي پشتو ۾ بہ ملي ٿو. لَہ جيڪو جديد فارسي جي رَا جي برابر آهي. بنگاليءَ ۾ بہ (ڪي ڪان سواءِ) خاص ڪري شاعرانہ استعمال ۾ اسان کي مفعولي جوڙ رِي ملي ٿو، جنهن کي اسان مراٺي لا ۽ هندوستاني جي ليئي سان تعلق رکندڙ سمجهون ٿا.

گجراتيءَ ۾ مفعولي جوڙ نِي آهي، جيڪو ملندڙ آهي سنسڪرت حرف اضافت نِ سان ۽ يوناني Er ۽ لاطيني اِن سان. پنجابي ۾ نُو مفعولي ثاني جوڙ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو جنهن کي پڻ اسان سنسڪرت حرف اضافت اَنُ جهڙو سمجهون ٿا يعني ڏانهن يا کي.

5) سنڌيءَ ۾ حالت اپادان (Ablative Case) پڇاڙي آن سان نهي ٿي جيڪا هميشه بنياد سان گڏي لکبي آهي ۽ جدا ڪري ڪڏهن به نه لکبي آهي. ان ڏس ۾ سنڌي ان حالتي پڇاڙي جي اصل بابت چڱي ڄاڻ رکندي پانئيجي ٿي ۽ جيڪا پالي پراڪرت حالتي پڇاڙي آ سان مشابهت رکي ٿي، جيڪا اصل ۾ سنسڪرت حالت اپادان آتَ مان نڪتل آهي، جنهن ۾ ت ڇانٽي ٿي وئي آهي (ڏسو ليسن صفحو 304 ۽ 352)، سنڌيءَ ۾ آخري دگهي سر کي وري انوسوار ڪيو ويندو آهي، جيڪو هيٺ هنڌن تي ذڪر ڪري آيا آهيون. واحد صورت ۾ آن پڇاڙيءَ کان اڳ اَ، اُ ۽ اوَ حذف ڪيا ويندا آهن. مثال گهَرَ مان گهَرَان، دَرُ مان دَرَان، زَبَان مان زَبَانَان.

اهڙا اسم جيڪي واحد ۾ اِي، اِين يا اوَ ۽ اُون تي ختم ٿيندا هجن، اهي آن پڇاڙي کان اڳ ڇوٽا ڪيا ويندا آهن. مثال: نوڙِي مان نوڙِيان، مِرُون مان مِرُوان.

اِ (اِي) وارا اسم پنهنجو آخري سر آن پڇاڙي کان اڳ برقرار رکندا آهن، پر ڪن صورتن ۾ ان کي حذف به ڪري سگهن ٿا، مثال قُرِ مان قُرِئان؛ ٻِرَتُ مان ٻِرَتَان. آ وارا اسم حالت اپادان ۾ انوناسڪ ٿيندا آهن يا عام طرح حرف اضافت کان جو استعمال ڪندا آهن وغيره. جمع صورتن ۾ حالت اپادان پڇاڙي آن مڪمل طرح تشڪيلي (Formative) ن سان ملائبي آهي. مثلاً گهَرَنِئَان، مِرُوئنئَان يا مِرُوَّنئَا وغيره.

حالت اپادان پڇاڙي لاءِ آن کانسواءِ سنڌي ۾ ٻيون پڇاڙيون به استعمال ٿين ٿيون. مثال اَوَن، اوُن ۽ اُون. قديم سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪا خاص ڪري شاعرن استعمال ڪئي آهي، اتي حالت اپادان واحد گهڻو ڪري آو تي ختم ٿئي ٿي. اهي مختلف پڇاڙيون يا جوڙ پراڪرت جي حالت اپادان پڇاڙي آدو مان نڪتل آهن (ڏسو ليسن ص: 302، 304 & 599) جيڪي د جي ڇانٽي ٿيڻ سان آوَ ٿي ۽ پوءِ آءٌ جي صورت ۾ (ڇوٽي ٿيڻ ڪري) موجود آهن.

سنڌيءَ ۾ حالت اپادان لاءِ حرف اضافت کان[1] کُوُن، کوَن به استعمال ٿيندا آهن. انهن ۾ اهڙن ٻين حروف اضافت جي استعمال لاءِ اسم جي تشڪيلي صورت هئڻ ضروري آهي. اهڙا ٻيا حروف اضافت جيڪي حالت اپادان جي لاءِ استعمال ٿين ٿا، انهن جي لاءِ حروف اضافت جي فهرست ڏسو.

نوٽ: مراٺي ٻولي ان ڏس ۾ سنڌيءَ جي نهايت ويجهي آهي، جتي اها حالت اپادان پڇاڙي لاءِ اُون ۽ هُون جو ۽ ڪن جاين تي ئُون استعمال ڪري ٿي. بنگالي ۽ پنجابي ۾ حالت اپادان پڇاڙي لاءِ تي استعمال ٿئي ٿي (پنجابي ۾ پڇاڙي اوَن به ڪتب آڻيندا اهن)، جيڪا دراصل پراڪرت جي پڇاڙي توُ مان نڪتل آهي، ساڳي حالت گجراتيءَ ۾ به ڏسجي ٿي، جتي پڇاڙي ٿِي ڪتب اچي ٿي (وسرڳجڻ جي ڪري). هنديءَ ۾ به ٿِي ملي ٿي، پر گهڻو استعمال سي جو ٿئي ٿو جيڪا بظاهر پراڪرت حرف اضافت واري پڇاڙي هي سان مشابهت رکي ٿي (ڏسو ليسن ص: 462).

6) سنسڪرت ۾ حالت اضافت جي پڇاڙي سيه آهي، جيڪا پالي ۽ پراڪرت ۾ سَ جي صورت اختيار ڪيل آهي، پر سواءِ بنگاليءَ جي اهي ٻين جديد ٻولين ۾ استعمال مان نڪري ويون آهن. بنگالي ۾ اها سَ سخت ٿي ر ٿي وئي آهي. ٻين سيني ٻولين حالت اضافت ناهڻ لاءِ هڪ نئون طريقو ڪڍيو آهي، جنهن جون نشانيون پراڻين ويدڪ ٻولين ۾ ملن ٿيون ۽ اهڙو اسم جيڪو حالت اضافت جي صورت ۾ رکئو هجي، اهو پهرين صفتي جوڙ ملائڻ سان صفت ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ قاعدي موجب ته اها نالي ماتر حالت اضافت جيڪا حقيقت ۾ صفت آهي ۽ ان کي پنهنجي لاڳاپيل اسم سان جنس، عدد

[1] حرف اضافت کان به کي وانگر ساڳي بنياد مان نڪتل آهي، ان فرق سان ته ان ۾ حالت جري پڇاڙي آ يا آءٌ لڳائي وئي آهي. اها ئي ترڪيب ڪن مان ڪَنَان ۾ نظر اچي ٿي.

۽ حالت سان نهڪي اچڻ ضروري آهي. ان مقصد لاءِ سنڌي ۾ جوُ ۽ (مونث لاءِ) جِي استعمال ڪري ٿي، جيڪو صفتي جوڙ ڪوُ جي برابر آهي، tenuis (ج=ڪ) جو media ج ۾ تبديل ڪري ٿو تہ جيئن انهن ٻن جوڙن ۾ فرق واضح ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. سنڌيءَ ۾ صفاتي ڳنڍ جو هميشہ جدا ڪري لکيو ويندو آهي، جڏهن تہ سنسڪرت وانگر عام صفاتي جوڙ ڪو بنياد ۾ جوڙيو ويندو آهي (ڏسو نمبر 10، 24)؛ ۽ اهو هميشہ اسم جي تشڪيلي واحد يا جمع ۾ لڳايو ويندو آهي، جيئن:

گهَرَ جوُ ڏَٿِي، گهَرَن جوُ ڏَٿِي؛ مُڙِسَ جي جوَءِ، مُڙِسَن جُون جوَئِيُون.

شاعريءَ ۾ جو وانگر سَنْدوُ بہ ان ئي ريت ڪتب ايندو آهي. مثال:

پِريَان سَنْدِي پَارَ ڏِي.

نوٽ: مرائيءَ ۾ اضافتي حالت جو جوڙ چا استعمال ٿيندو آهي، جيڪو سنڌيءَ وانگر ڪنني ڪ کان ڦري تارون واري اچار ۾ بدلجي ٿو، تنهن هوندي بہ Tenuis بدلجي media ۾ تبديل نہ ٿيندو آهي. هندي ۽ هندوستاني اصلي سنسڪرتي صفاتي جوڙ ڪ کي تارون واري ڪا ۾ تبديل ڪرڻ بدران ان کي ئي قائم رکيو آهي. جڏهن تہ هندوئي ۾ اسان کي جوڙ ڪوُ ۽ ڪَئُ ملن ٿا. پنجابيءَ ۽ گجراتيءَ ۾ صورتحال ائين نہ آهي. پنجابيءَ ۾ حالت اضافت جو جوڙ دَا آهي، جنهن ۾ اسان کي پراڪرت جي حالت جري واري پڇاڙي دوَ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن کي حالت اضافت جي جوڙ ۾ بدليو ويو آهي. پنجابيءَ جو اهو حالت اضافت وارو جوڙ پشتو جي حالت اضافت واري اڳياڙي دَ جهڙو آهي ۽ ٻنهي جو بنياد بہ ساڳيو آهي. گجراتي حالت اضافت واري جوڙ لاءِ نوَ ڪتب آڻي ٿي، جيڪو پڻ هڪ صفتي جوڙ آهي ۽ اهميت جي حوالي سان ڪ سان ملي ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ ريت صفت ناهڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. مثال ڪوُ (ان جوڙ ڪوُ جي بنياد بابت تفصيل لاءِ ڏسو (Bopp Comp: Gram: 839)

7) سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جي حالت مڪانيءَ واري پڇاڙي اِ قائم رکي وئي آهي، جيتوڻيڪ حالت مڪاني هاڻ فقط اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر بنيادن ۾ ئي نظر اچي ٿي. مثال هَٿِ جي بدران هَٿُ، مَٿُ جي بدران مَٿِي. اهڙا اسم جيڪي اُ کان سواءِ ڪنهن سر تي ختم ٿيندا هجن، انهن ۾ حالت مڪاني کي واضح ڪرڻ لاءِ ان ۾ ظرف يا حرف جر لڳايو ويندو آهي ۽ ان لاءِ اسم جي تشڪيلي صورت جي ضرورت پوندي آهي. مثال ڪوَٺيءَ ۾ يا ڪوَٺيءَ مَنجهہ. شاعريءَ ۾ جي تشڪيلي صورت عام طرح مڪاني حالت طور ۽ بنان ڪنهن حرف جر جي استعمال ڪئي ويندي آهي.

نوٽ: مرائي ۾ حالت مڪاني جوڙ اِ ڏِگهو ٿي اِيِ ۽ پوءِ انوسوار ڪري اِين ٿي ويوآهي. ان ڪانسواءِ اسانکي مڪاني پڇاڙي آنَت بہ ملي ٿي، جيڪا اصل ۾ سنسڪرت جي حالت جري صورت آهي، جنهن کي مڪاني ظرف طور استعمال ۾ آندو ويو آهي. بنگاليءَ ۾ مڪاني ظرف سنڌيءَ وانگر اِيِ (ا) تي ختم ٿيندو آهي يا ڳنڍ تي سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. پنجابيءَ ۾ مڪاني ظرف عام طرح ظرف سان حرف جر لڳائي ڏيکاريو ويندو آهي، جيتوڻيڪ جڳهہ ٻڌائيندڙ لفظ پاٿمرادو صفا ختم بہ نہ ٿيو آهي؛ اهڙين صورتن ۾ اسان کي جوڙ اِين (مرائي وانگر) ۽ اِيِ ملن ٿا، جيڪي هميشہ اسم جي بنياد ۾ لڳايا وڃن ٿا. گجراتيءَ ۾ جڳهہ ٻڌائيندڙ لفظ ظاهر ڪرڻ لاءِ جوڙ اِيِ يا ڪنهن حرف جر جو استعمال ڪيو ويندو آهي. هندي ۽ هندوستانيءَ ۾ حالت جي صورت ۾ جڳهہ ٻڌائيندڙ لفظ ختم ٿي ويو آهي ۽ هميشہ حرف جر ذريعي ئي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. البت اهڙيون ڪي نشانيون بہ باقي بچيل ملن ٿيون، جنهن کي Absolute Participles (مطلق ڪردنت) سڏيو ويو آهي. مثال هوَتي ۽ هوَتيهِي. ڪجهہ ٻيا محاوراتي لفظ مثلاً اُس دِن وغيره بہ ان مڪاني حالت ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

8) سنڌيءَ ۾ حالت ندا جي اظهار لاءِ اڳياڙي طور وچ ۾ لڳڻ وارا حرف يعني اي، **هي**، **هوَ** ۽ **يَا** لڳايا ويندا آهن ۽ ڪنهن گهٽ حيثيت واري لاءِ **ڙي** (مونث **ڙِي**) يا **اڙي**[1] ڪتب ايندا آهن. حالت ندا ۾ اسم جو آخري سر ڪجهه بدلجي سگهي ٿو ۽ برقرار بہ رهي سگهي ٿو. حالت ندا واحد جا اهڙا مذڪر اسم جيڪي اُ تي ختم ٿيندا هجن، اهي اَ ۾ بدلجندا آهن. مثال لفظ **ميهارُ** مان **اِي ميهَارَ**: جيڪي اسم اوَ تي ختم ٿين اهي آ تي ختم ٿيندا. مثال: لفظ **سُوَمِروَ** مان اِي **سُومِرا**. جيڪي اسم اُو، **اِي** يا اِ تي ختم ٿيندا آهن، اهي ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال **اِي پُنهُون**. حالت ندا جمع ۾ جيڪي اسم اُ (مذڪر) تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ پڇاڙي ۾ اوَ يا آ لڳندي آهي. مثال **يَارُ** مان **يَارَ** ۽ **اِي يارو**َ: جيڪي اسم اوَ تي ختم ٿيندا آهن، اهي حالت ندا جمع ۾ آ، اوَ ۽ اَءُ ۾ بدلبا آهن. مثال: لفظ (واحد) **مَڱتوَ** مان **اِي مَڱتا** يا **مَڱتوَ** ۽ **مَڱتَوَ**- **اُو** (**اوُن**) تي ختم ٿيندڙ اسم **اوَ** يا آ تي ختم ٿيندا، پر ان کان اڳ ايندڙ **اُو** (**اُون**) کي ننڍو ڪيو ويندو آهي، مثال لفظ واحد **وَاڻاهُو** مان **اِي وَاڻاهُئَا** يا **اِي وَاڻاهُئوَ**. **اِي** تي ختم ٿيندڙ اسم جمع ۾ آ، اوَ ۽ اَءُ تي ختم ٿيندا ۽ ساڳئي وقت بنياد جي آخري **اِي** کي ننڍو ڪيو ويندو. مثال لفظ واحد **ڪيچِي** مان **اِي ڪيچِئَا**، **اِي ڪيچِئوَ** يا **اِي ڪيچِئَؤُ**. ڪن صورتن ۾ حالت ندا واحد ۾ **اَهُ** شامل ڪئي ويندي آهي. مثال: **حَامِيَہ**: ۽ جمع ۾ آخري آ کي اجان ڊگهو ڪري **آهو** ڪندي يڪ آواز ڪيو ويندو آهي. مثال **پِريَاهُ**- جيڪي اِ (اِي) تي ختم ٿين، انهن ۾ جمع ۾ رڳو جوڙ اوَ يا آ لڳايو ويندو آهي. مثال لفظ فاعلي واحد **سيٺِ** مان **اِي سيٺِئوَ** يا **اِي سيٺِئَا**.

فاعلي واحد مونث اسم جيڪي اُ، اَ، آ، اِي ۽ اِ (اِي) تي ختم ٿين اهي حالت ندائي واحد ۾ ساڳيا رهندا آهن ۽ جمع بہ فاعلي صورت جهڙا ئي رهن ٿا. ڪجهہ مونث اسم جيڪي فاعلي جمع ۾ بي قاعدي اُ سر تي ختم ٿيندا هجن، جيئن **پيٽَرُ** وغيره، اهي حالت ندا جمع ۾ بہ پنهنجو آخري اُ برقرار رکندا آهن، مثال **اِي پيٽَرُ**. جڏهن اهي اسم اُون تي ختم ٿيندڙ هجن تہ اهي ندائي حالت ۾ پنهنجو انوسوار آواز ترڪ ڪندا آهن. مثال: **اِي ڌِيئَرُوَ**- فاعلي جمع **ڌِيئَرُون**.

حالت ندا ڪي ڪڏهن تہ اڳياڙي ڪانسواءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو. مثال: **مَاڻهَئا!**

نمبر - 17

# III. The Formative

# اسم جي تشڪيلي صورت

تشڪيلي صورت يا مفعولي حالت (جيڪي سنڌيءَ ۾ Instrumental سان هڪجهڙائي رکن ٿيون) بذات خود ڪي حالتون نہ آهن. اهي حقيقت ۾ حرف جر يا گرداني حرف جي لڳڻ کانپوءِ ڪنهن اسم جي آخري سر جي اکري (Euphonic) تبديلي آهي، جنهن سان مختلف حالتون ٺهن ٿيون. اسم جي آخري سر ۾ ڪنهن حرف جر جي لڳڻ جي ڪري جيڪا تبديلي ٿيندي آهي، اها گهڻو ڪري ڪنهن بہ جوڙ جي لڳڻ واري تبديلي ئي هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ حرف جر اسم ۾ گڏجي ضم نہ ٿيندو آهي، چاڪاڻ تہ ٻولي ۾ اها سگهہ آهي تہ ان کي اِصلي ظرف سان ڪيئن پيش اچڻو آهي. اسان اڳئي چئي آيا آهيون تہ تشڪيلي صورت اصل ۾ حالت اضافت آهي، ان کي واحد جي عام تشڪيلي صورت جي حوالي سان ثابت ڪرڻ ڪجهہ ڏکيو آهي، پر عام تشڪيلي صورت جو جمع اضافت واري حالت جي جمع جي برابر آهي ۽ ان جو ثبوت پراڪرت ۽ ٻين جديد لهجن ۾ بہ ملي ٿو. پراڪرت ۾ اضافي جمع آڻ، اِيڻ، اوڻ تي ختم ٿيندا آهن؛ اپڀرنش لهجي ۾

[1] ڙي، ڙِي ۽ اڙي جي بنياد لاءِ ڏسو ڊاڪٽر ڪالڊويل جي دراوڙي ٻولين جو ڪمپيريٽو گرامر (ص: 440).

عام تشڪيلي صورت مَٽي. جڏهن ٻه آخري اوَ کان اڳ اَ يا آ موجود هجي ته اڪري و جو اضافو ڪري سگهجي ٿو. مثال ڏَئوَ عام تشڪيلي صورت ڏئِي يا ڏوِي؛ نَائوَ- عام تشڪيلي صورت نَائي يا نَاوِي. جڏهن اوَ ڪنهن ٻئي سر پنيان ايندو هجي ته اڪري جو اضافو نه ڪيو ويندو آهي. مثال ڏِئوَ- عام تشڪيلي صورت ڏِئي؛ چُوئوَ (سرهو تيل)- عام تشڪيلي صورت چُوئي- جڏهن اسم انوسوار اوَ (اوَن) تي ختم ٿئي ته عام تشڪيلي صورت ۾ ٻه ان انوسوار کي قائم رکيو ويندو آهي. مثال: نَائُون- عام تشڪيلي صورت نَائين.

جڏهن اوَ کان اڳ ي لڳل هجي ته عام طرح ان کي تشڪيلي صورت ۾ حذف ڪيو ويندو آهي. مثال پوَرِهيوَ- عام تشڪيلي صورت پوَرِهئي؛ رُوپَيوَ- عام تشڪيلي صورت رُوپَئي.

تشڪيلي صورت ۾ جمع آن يا اِين تي ختم ٿيندا آهن ۽ فاعلي جمع جي پڇاڙي آ ان کان اڳ حذف ٿي ويندي آهي. ۽ نِ ۾ آخري آ نندي ٿي اَ ٿي ويندي آهي. مثال ڪُلَهوَ- فاعلي جمع ڪُلهَا، عام تشڪيلي صورت جمع ڪُلهَان، ڪُلهين ۽ ڪُلهَنِ؛ ڪُوئو- فاعلي جمع ڪُوئَا، عام تشڪيلي صورت جا جمع ڪُوئَان ڪُوئَين ۽ ڪُوئَنِ.

3) اُو (اُون) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:

اُوَ تي ختم ٿيندڙ اسم تشڪيلي صورت ۾ ان کي اُءَ ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال وَاڱهُو- عام تشڪيلي صورت وَاڱهُوءَ. جڏهن آخري اُو انوسوار هجي (اُون) ته تشڪيلي صورت ۾ انوُسوار کي برقرار رکيو ويندو آهي. مثال وِڇُون- عام تشڪيلي صورت وِڇُونءَ.

عام تشڪيلي صورت جمع جڏهن اُئَان، اُئَين يا اُنِ ۽ اُئَنِ تي ختم ٿين ته عام تشڪيلي صورت جي پڇاڙيءَ کان اڳ ڊگهي اُو ۽ اوُن کي ڇوٽو ڪيو ويندو آهي. مثال رَهُو- فاعلي جمع رَهُو، عام تشڪيلي صورت جمع رَهُوَان (يا رَهُئَان)، رَهُئَين، رَهُنِ، رَهُئَنِ؛ مِرُون- فاعلي جمع مِرُو- عام تشڪيلي صورت جمع مِرُئَان، مِرُئين، مِرُنِ، مِرُئَنِ.

4) آ (آن) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:

آ تي ختم ٿيندڙ اسم تشڪيلي صورت واحد ۾ ساڳيا رهندا آهن. مثال آڳيَا- تشڪيلي صورت آڳيَا؛ رَاجَا- تشڪيلي صورت جمع رَاجَا؛ جڏهن ته تشڪيلي صورت جمع ۾ (فاعلي جمع ۾ ڪتب آندل پڇاڙين آ- اُون) اُنِ ۾ بدلبا آهن. مثال آڳيَائُنِ ۽ رَاجَائُنِ.

5) اَ تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:

اَ تي ختم ٿيندڙ اسم تشڪيلي صورت واحد ۾ ساڳيا رهندا آهن. مثال ڪَامَ- تشڪيلي صورت ڪَامَ، جڏهن ته تشڪيلي صورت جمع ۾ (فاعلي جمع جي طريقي سان) آن، اَين يا اُنِ تي ختم ٿيندا آهن. مثال ڪَامَان، ڪَامَين ۽ ڪَامُنِ.

6) اِي (اِين) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:

(الف) اِي تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم تشڪيلي صورت واحد ۾ انکي اِيَ ۾ تبديل ڪندا آهن. مثال مَالِي تشڪيلي صورت مَالِيءَ- اهڙا اسم جنهن جو آخري اِي انوسوار (اِين) هجي. اهي تشڪيلي صورت ۾ انوسوار کي قائم رکندا آهن. مثال پرِين- تشڪيلي صورت پرِينءَ. تشڪيلي صورت جمع اِيان (يان)، اِئين يا اِنَي، اِئيَنِ ۽ اِيئُنِ تي ختم ٿيندا آهن. مثال مَاليان، مَالئين، مَالِنِ، مَالِئَنِ، (مَالِيَنِ)، مَالِئُنِ (مَالِيُنِ).

(ب) اِي تي ختم ٿيندڙ مونث اسم ساڳي ريت تشڪيلي صورت واحد ۾ اِي بدران اِيءَ استعمال ڪندا آهن. مثال ٽوَپِي- تشڪيلي صورت ٽوَپِيءَ. جڏهن ته تشڪيلي صورت جمع مذڪر اسمن واري طريقي سان

ملن ٿا. مثال ٽوپيَئان، ٽوپيَئين، ٽوپِن، ٽوپيَئَن، ٽوپيُئن. اهڙا اسم جيڪي فاعلي جمع ۾ آخري اِي حذف ڪن ٿا. مثال: مَنْجِي، فاعلي جمع مَنْجُون تشڪيلي صورت جمع مَنْجَان، مَنْجَين، پر مَنْجِئَن ۽ مَنْجِئُن به استعمال ٿيندا آهن. بيا به ڪي اسم جن ۾ آخري ڪان اڳ تارونءَ وارا اچار نه هجن، اهي به تشڪيلي صورت جمع ۾ اِ جي چوٿي شڪل استعمال ڪندا آهن. مثال ڪوڙِين جيڪو ڪوڙِي مان ٺهيو آهي.

7) اِ (اِي) تي ختم ٿيندڙ اسمن جي تشڪيلي صورت:

اِ تي ختم ٿيندڙ اسم (مذڪر و مونث) تشڪيلي صورت واحد ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثال پِٽِ (مونث)- تشڪيلي صورت پِٽِ؛ ڪَيهَرِ (مذڪر)- تشڪيلي صورت ڪَيهَرِ. مونث اسمن جي تشڪيلي صورت جمع ۾ اهي ساڳيون پڇاڙيون استعمال ٿينديون آهن، جيڪو اِي وارن مونث اسمن ۾ لڳنديون آهن. مثال: پِٽِئان، پِٽِن، پِٽِئَن، پِٽِئُن.

تشڪيلي صورت جمع ۾ اڪثر ڪري اِ کي مڪمل طور خارج ڪيو ويندو آهي. خاص ڪري شاعريءَ ۾، پر اهو فقط تشڪيلي صورت جي چوٿي صورت ۾ ٿيندو آهي. مثال: پِٽَين (جيڪو پِٽِ کان مختلف آهي).

تشڪيلي صورت جمع ۾ مذڪر اسم نِ تي ختم ٿيندا آهن ۽ اتي آن يا اِين جي چوٿي شڪل ورلي ڪو ڪتب ايندي آهي. مثال ڪَيهَرِنِ.

جوءِ جنهن جو قاعدي وارو جمع جوِيُون آهي ۽ بي قاعدي جوئِرُ، جوهِرُ ۽ انهن جو تشڪيلي صورت ۾ جمع جوِيُنِ يا جوهِرِنِ آهي.

## نمبر - 18

هاڻ اچو ته سنڌيءَ جي گردان جي ترتيب جو جائزو وٺون ته جيئن انهيءَ کي واضح طور سمجهي سگهجي. جيئن ته حالت اضافت جو جوڙ جوَ دراصل هڪ صفتي جوڙ آهي، جنهن ذريعي اسم ڦري صفت بڻجي ٿو، جنهن جو دارومدار ان جي حامل اسم جي جنس، انگ ۽ حالت تي هوندو آهي، تنهنڪري اسان اهو چئي سگهون ٿا ته جوَ جو ڦيرو جيڪو ان جي پڇاڙين جِي ۽ جوَ ذريعي ٿئي ٿو، ۽ اهو ڦيرو اوَ ۽ اِي وارن (مونث) اسمن جي طريقي سان ٿيندو. جيئن اڳ چيو ويو جوَ لاءِ هميشه اسم جي تشڪيلي صورت جو هئڻ لازمي آهي، جيئن سيڱي حرف جرن لاءِ هوندو آهي.

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | جوَ | جِي |
| تشڪيلي صورت | جي | جي ۽ جِيَ (جيءَ) |
| حالت ندائي | جَا | جِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | جَا | جُون؛ جِئُون |
| تشڪيلي صورت | جي؛ جَنِ | جَي؛ جِنِ؛ جُنِ (جِئَنِ؛ جَئُنِ) |
| ندائي | جا | جُون؛ جِئُون |

شاعريءَ ۾ ان جي تصغيري صورت جَڙوَ ۽ جَڙي ڪن صورتن ۾ جوَ بدران استعمال ڪندا آهن.

مثال: **ڪَالهَہ قَرِيبَنِ لَڏِئوَ اَڄُ تُنهُن جڙِي وَار** (سون ورني الف ب، II، 4)

جوَ وانگر صفت سَنڌوَ بہ ڦيري طور اڪثر ڪري شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي.

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | سَنڌوَ | سَنڌِي |
| تشڪيلي | سَنڌِي | سَنڌِيَ |
| ندائي | سَنڌَا | سَنڌِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | سَنڌا | سَنڌِيوُن |
| تشڪيلي | سَنڌَنِ، سَنڌِين | سَنڌِنِ، سَنڌِيَنِ، سَنڌِئنِ |
| ندائي | سَنڌَا | سَنڌِيُون |

## I- گردان يا ڦيرو

### اُ - وارا اسم (مذڪر ۽ مونث)

**(الف) اُ وارا مذڪر اسم**

**واحد**

| | |
|---|---|
| فاعلي | ڏِيهُ، ڏِيهَ |
| حالت اضافي | ڏِيهَ جوَ |
| مفعولي ثاني | ڏِيهَ کَي |
| مفعولي | ڏِيهُ (ڏِيهَ کي) |
| مڪاني | ڏِيهِ (ڏِيهَ کي) |
| اپادان | ڏِيهَان، ڏِيهوَن، ڏِيهُون، ڏِيهَوَن، ڏِيهَائُ، ڏِيهَ کَان |
| ندائي | اِي ڏِيهَ، ڏِيهَ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| فاعلي | ڏِيهَ |
| تشڪيلي | ڏِيهَان، ڏِيهَين، ڏِهَنِ |
| اضافت | ڏِيهَنِ جوَ |
| مفعولي ثاني | ڏِيهَنِ کي |

(ب) أُ - وارا مونث اسم:

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | وِڄُ |
| تشڪيلي | وِڄُ |
| اضافتي | وِڄُ جو |
| مفعولي | وِڄُ کي |
| اپادان | وِڄُ کان |
| ندائي | وِڄُ |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | وِڄُون |
| تشڪيلي | وِڄُنِ |
| اضافتي | وِڄُنِ جوَ |
| مفعولي ثاني | وِڄُنِ کَي |
| مفعولي | وِڄُون (وِڄُنِ کَي) |
| اپادان | وِڄُنئَان؛ وِڄُنِ کان |
| ندائي | وِڄُون |

## هڪ بيقاعده اسم

## (An Irregular Noun)

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي- | مَاءُ |
| تشڪيلي- | مَاءُ |
| ندائي- | مَاءُ |
| | **جمع** |
| فاعلي | مَائُون، مَائرُ، مَائرُون |
| تشڪيلي صورت | مَائُنِ، مَائرُنِ |
| ندائي | مَائُون، مَائرُ |

# باب نائون

## نمبر - 19

## ADJECTIVE

## صفت

سنڌيءَ ۾ صفتن ۽ مشتق اسمن جون پڇاڙيون اساسي لفظن جهڙيون هجڻ ڪري انهن کي اساسي لفظن جي قسم طور سمجهي سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ اهو قاعدو مروج آهي تہ صفت جو پنهنجي وجودي لفظ سان جنس، انگ ۽ حالت ۾ سهمت هئڻ ضروري آهي، جنس جي حوالي سان ان قاعدي جي ڪابہ خلاف ورزي نٿي ٿئي، پر جيڪڏهن ڪا صفت يا مشتق اسم اڳ ايندڙ ٻن وجودي لفظن سان ظاهر ٿئي جنهن مان هڪ مذڪر ۽ ٻيو مونث هجي تہ جمع ۾ مشتق اسم يا صفت مذڪر رهندو. مثال: **نَرُ ۽ مَادِي سِرُ جِيَا اُٿسِ** (Gen I. 27)

انگ يا شمار جي حوالي سان جڏهن صفت ڪنهن اسم جي ڦيري هيٺ آيل جمع کان اڳ موجود هجي تہ اهو واحد ۾ بہ انهيءَ ڦريل حالت ۾ رهندو. مثال: **ڪُوڙَنِ ٻَيِنُ کي يا ڪُوڙي ٻَيِنُ کي.**

اها ئي صورت تڏهن بہ رهي ٿي جڏهن صفت ڪنهن اسم جي ندائي جمع کان اڳ موجود هجي، تہ صفت کي بہ عام طرح ندائي واحد حالت ۾ رکيو ويندو. مثال **اِي سِنَّتِيَا مَاڙُهُئَا** بدران **اِي سِنَّتِي مَاڙُهُئَا.** پر جيڪڏهن ڪا صفت يا مشتق اسم جو حوالو ڪنهن اڳ ايندڙ وجودي لفظ سان هجي جنهن پٺيان حرف جر کي لڳل هجي تہ اتي اها صورت نٿي رهي، ڇاڪاڻ جو هت صفت ۽ وجودي لفظ ۾ ڪو وياڪرڻي رابطو موجود نہ آهي ۽ صفت جو استعمال يقيني آهي. مثال:

- اُنَهَنِ ٻِنهي ڀَائُنِ کَي سَمُنڊَ ۾ ڄَارُ وِجهَنَدوَ ڏِٺَائِين (ميٿيو IV، 18)
- ڏُونگَرَنِ کَي اُونُچوَ ڀَائِيَمِ

حالت جي حوالي سان ڏنو وڃي تہ اهڙيون صفتون جيڪي اِي ۽ اُو تي ختم ٿينديون هجن، اهي اڻ ڦريل حالت ۾ رهنديون. جڏهن انهن جي فوراً پٺيان تشڪيلي حالت جو ڪو بنيادي لفظ هجي. مثال:

- مَ ڪَجِ پَنڌَڙوَ وِيرُو مَاڙهُنِ سَاڻَ ۾
- ٻِنهِي کي ٻَهُون پرين وِيڇَارَنِ وِرُوهَ (مج 198)

جنهن صفت پٺيان اساسي لفظ هجي تہ صفت کي حالت جريءَ ۾ رکي سگهجي ٿو. جڏهن تہ اڳ ايندڙ اساسي لفظ کي فقط تشڪيلي حالت ۾ ئي رکبو. مثال:

- جوَ ڏِيهَہ ڏَاڏاڻَان آئِئوَ ڏِنُرِ تَنِهِن طَعَنوَ. (شاهہ، عمر مارئي II 2)

جڏهن ڪنهن تشڪيلي حالت جمع جي ڇوٽي ٿيل صورت واري اسم جي اڳيان يا پٺيان صفت اچي

7) اِ - تي ختم ٿيندڙ صفت:

مؤنث جي معاملي ۾ انهن ۾ به مٿي ڄاڻايل صفتن وانگر ڪا تبديلي نه ايندي آهي. مثال چَوَرَسِ.
ان مان گهڻا ته اڻ ڦرندڙ لفظ آهن. خاص ڪري جيڪي ٻاهرئين اصل جا هجن. مثال سُڌِ (نج)، ڏُڌِ (غلط)، مُڪِ،
خُوشِ (فارسي)، جنهن کي عام طرح خُشِ اچاريو ۽ لکيو به ويندو آهي: شَادِ (فارسي)، بَرابَرِ (فارسي)، بَجَاءِ
(فارسي).

اُ, اوَ- اُو ۽ اي تي ختم ٿيندڙ صفتن ۾ جڏهن ماڻهوءَ جي ڪا اصلوڪي (موروثي) عادت، معيار يا
پيشو ظاهر ڪرڻو هجي ته انهن ۾ مونث پڇاڙيون ڻِي، ٽي، آڻي (ياڻي)، آڻِ (ياڻِ) وغيره به ڪن صورتن ۾
لڳايون وينديون آهن. (تفصيل لاءِ ڏسو باب VII نمبر 14)، مثال: غَرِيبڻِ ڇوڪَرِ (هڪ غريب ڇوڪري): سَاڏُڻِي
رَنَ (هڪ بنهه خراب عورت)، هوَڏِيَاڻِي ڏَاڇِي (هڪ ضدي ڏاچي).

هت صفت جي ڦيري (inflexion of adjective) جو جائزو وٺون ٿا.

1. اُ - تي ختم ٿيندڙ صفت:

واحد

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | اَڇيتَ | اَڇيتِ: اَڇيتَ |
| تشڪيلي | اَڇيتِ | اَڇيتَ |
| ندائي | اڇيتَ | اَڇيتِ، اَڇيتَ |

جمع

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | اڇيتَ | اَڇيتُون، اَڇيتِيُون |
| تشڪيلي | اَڇيتين، اَڇيتُنِ | اَڇيتِنِ |
| ندائي | اَڇيتوَ | اَڇيتُون، اَڇيتِيُون |

2) اوَ - تي ختم ٿيندڙ صفت:

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | رُڪوَ | رُڪِي |
| تشڪيلي | رُڪي | رُڪِيَ |
| ندائي | رُڪا | رُڪِي |

جمع

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | رُڪَا | رُڪِيُون |
| تشڪيلي | رُڪين، رُڪَنِ | رُڪَنِ |
| ندائي | رُڪَا، رُڪَوُ، رُڪوَ | رُڪِيُون |

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | اڳُ | اَڳِين |
| تشڪيلي | ڄين | اَڳِينءَ |
| ندائِي | اَڳِئَان | اَڳِين |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | اڳِئان | اڳِيُون |
| تشڪيلي | اَڳِئِين، اڳِئن | اَڳِنِ |
| ندائي | اِڳِئَان، اَڳِئَوَ اَڳِئوَ | اڳِيُون |

3) اُو - تي ختم ٿيندڙ صفت:

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | سَهُو | سَهُو |
| تشڪيلي | سَهُوَ | سَهُوَ |
| ندائي | سَهُو | سَهُو |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | سَهُو | سَهُو |
| تشڪيلي | سَهُئين، سَهُئَنِ، سَهُنِ | سَهُئين، سَهُئَنِ، سَهُنِ |
| ندائي | سَهُئوَ، سَهُئَا | سَهُئوَ، سَهُئَا |

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏاتا | ڏاتَا |
| تشڪيلي | ڏاتَا | ڏاتَا |
| ندائي | ڏاتَا | ڏاتَا |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏاتَا | ڏاتَائُون |
| تشڪيلي | ڏاتَائُنِ | ڏاتَائُنِ |
| ندائِي | ڏاتَائوَ | ڏاتَائُون |

**5) اِي - تي ختم ٿيندڙ صفت:**

**واحد**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏُکِي | ڏُکِي |
| تشڪيلي | ڏُکِيَ | ڏُکِي |
| ندائي | ڏُکِي | ڏُکِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | ڏُکِي | ڏُکِيُون |
| تشڪيلي | ڏُکِئين ڏُکِنِ | ڏُکِئين، ڏُکِنِ |
| ندائي | ڏُکِئَا، ڏُکِئُوَ | ڏُکِيون |

**6) اِ - تي ختم ٿيندڙ صفت:**

| حالت | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| فاعلي | هِڪَمُٺِ | هِڪَمُٺِ |
| تشڪيلي | هِڪَمُٺِ | هِڪَمُٺِ |
| ندائي | هِڪَمُٺِ | هِڪَمُٺِ |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | هِڪَمُٺِ | هِڪَمُٺِئُون |
| تشڪيلي | هِڪَمُٺِئين، هِڪَمُٺِنِ | هِڪَمُٺِئين، هِڪَمُٺِنِ |
| ندائي | هِڪَمُٺِئوَ | هِڪَمُٺِئُون |

**نمبر - 21**

# Comparison of Adjectives

# صفتن جي ڀيٽ

سنڌيءَ ۽ ٻين ڄاتل ٻولين سنسڪرت (۽ فارسي) جي ڀوئواري ڪندي صفتي جوڙن ذريعي صفت **تفضيل** (Comparative) ۽ **صفت مبالغو** (Superlative) ناهڻ جي خاصيت وڃائي ڇڏي آهي ۽ اهميت واري ڳالهه اها آهي تہ ان ڪم لاءِ ان سامي (Semitic) طريقو اختيار ڪيو آهي. **تفضيل** (ڀيٽ) جي اظهار لاءِ جنهن شيءِ يا شين کي ڀيٽڻو آهي، انهن کي حالت اپادان (Ablative) ۾ رکجي ٿو يا ان ئي ساڳيءَ طرح مختلف حرف جر اڳيان لڳايا وڃن ٿا. مثال: **کان، کُون، مَان، مَنجهَان** وغيره. جڏهن تہ صفت پنهنجي اثباتي صورت ۾ رهي ٿي.

اهڙيءَ ريت صفت مبالغي جي مفهوم جي اظهار لاءِ اپادان (Ablative) کان اڳ ضميري صفت جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. حالت جري جي ذريعي پيٽ لاءِ شين جي وچ جو فرق يا مفاصلي ڏانهن اشارو ڪيو ويندو آهي.

- مِنائِيَان مِنوَ گهٽوَ ڪَڙوَ ٿَاهِ ڪَلاَمُ (شاهه، ڪلياڻ III ,10)
- سَوَ سِپِنِئَان اَڳِروَ سَنَدوُ دوُسَان دَمُ (شاهه، ڪلياڻ II ,30)
- سَاهَ رَڪيِئُون اوَڏَڙوَ واحِدَ جوَ وِصَالُ (مج 5)
- پِيَارِي پَرِيُنِ ڪوُن ڪَرِي چاتوَ مَنُجِي جوَءِ (پنهنجي جوءِ کي مجي، پياري پريوءَ کان وڌ چاتو) (مينگهو 8)
- جي پانئِينَ تَہ پِرِينءَ مڙان، تَہ ڏوهَنئُون گُڻُ پَانءِ (جمن ڪلياڻ VIII 22)
- جيڪوَڪوَ هِنِ حُڪُمَنِ موَن هِڪڙي سَڀَ کَان ننڍِي کي پيجي ۽ مَاڙُهنِ کي اِئين سيکَارِي سوَ آسَمَانَ جي پَاتِشَاهِي ۾ سَڀَ کَان ننڍوَ چئِبوُ (ميٿيو V 19)

# باب ڏهون

نمبر - 22

## NUMERAL ADJECTIVES

## عددي صفتون

سنڌيءَ ۾ گهڻيون ئي مختلف قسمن جون عددي صفتون موجود آهن.

### I- Cardinal Numbers

### شماري عدد/ انگ

1: هِڪُ، هيڪُ، ايڪُ، هيڪِڙو

2: ٻَہ

3: ٽِري (ٽي)

4: چَارِ

5: پَنْجَ

6: ڇہ يا ڇَهَہ

7: سَتَ

8: اَٺَ

9: نَوَن

10: ڏهہ

11: يَارَهَنَ، اِڪَارَهَنَ، ڪَارَهَنَ

12: ٻَارَهَنَ

13: تيرَهَنَ

14: چوڏَهَنَ

15: پَنْدرَهَنَ، پَنْدهرَان

16: سورَهَنَ

55: پَنجوَنجَاهَ.

56: چَاوَنجَاهَ.

57: سَٺوَنجَاهَ.

58: اَٺوَنجَاهَ.

59: اُڻهَٺِ.

60: سَٺِ.

سَٺِ ۽ سَتَرِ جي اڳيان جڏهن بہ ڪو انگ هجي تہ اچار جي نرميءَ لاءِ اهي هَٺِ ۽ هَتَرِ ۾ بدلجندا آهن (هت س نرم ٿي ھ ٿيو وڃي ٿي)، پنجابيءَ ۾ بہ ائين ئي ٿيندو آهي. جڏهن تہ هندوستانيءَ ۽ مراٺي ۾ سَاٺ جي س برقرار رهي ٿي. جڏهن تہ سَتَر جي س بدلجي ھ ٿيندي آهي.

61: ايڪَهَٺِ.

62: ٻَاهَٺِ.

63: ٽريهٺ (ٽيهَٺِ).

64: چوَهَٺِ.

65: پَنجَهَٺِ.

66: ڇَاهَٺِ.

67: سَتَهَٺِ.

68: اَٺَهَٺِ.

69: اُڻهَتَرِ.

70: سَتَرِ.

71: ايڪَهَتَرِ.

72: ٻَاهَتَرِ.

73: ٽريهتر (ٽيهَتَرِ).

74: چوَهَتَرِ.

75: پَنجَهَتَرِ.

76: ڇَاهَتَرِ.

77: سَتَهَتَرِ.

78: اَٺَهَتَرِ.

79: اُڻاسِي.

80: اَسِي.

اَسي ۽ نوي کان اڳ ايندڙ انگ انهن سان گڏجڻ کان اڳ انهن ۾ ڳنڍيندڙ آ لڳايو ويندو آهي. ٻين ٻيڻر لهجن ۾ بہ ائين ئي ڪيو ويندو آهي.

81: ايڪَاسِي.

82: ٻِيَاسِي

83: ٽرياسي (ٽِيَاسِي)

84: چوَرَاسِي

85: پَنجَاسِي

86: ڇهَاسِي

87: سَتَاسِي

88: اَٺَاسِي

89: اُٺَانوي

90: نوي

91: ايڪَانوي

92: ٻيَانوي

93: ٽريانوي (ٽيَانوي)

94: چوَرَانوي

95: پنجَانوي

96: ڇهَانوي

97: سَتَانوي

98: اَٺَانوي

99: نوَانوي، نَڌَانوي[1]، وَڌَانوي

سمجهاڻي: سَوُ سنسڪرت شَتَ مان نڪتو آهي. پراڪرت سَئَ پنجابي سَوَ يا سئِ، هندستاني سَو يا سَئِ، مراٺيءَ (مرڪبن ۾) سِين ۽ گجراتي ۾ سُو.

سؤ کان مٿي وارا انگ انگريزيءَ وانگر لکندا آهن ۽ جتي ننڍو انگ سو کان پويان رکيو ويندو آهي. مثال:

101: هِڪُ سؤُ هِڪُ

102: هِڪُ سؤُ ٻَہ.

پر انهن انگن لکڻ جا ٻہ ٻيا بہ طريقا آهن، هڪڙي ۾ سَوُ کان اڳ ننڍو انگ صفت جي صورت ۾ رکي. مثال: اِيڪو سَوُ ۽ ٻئي طريقي ۾ صفاتي انگ کان اڳ اسم اُتَر (دراصل صفت) رکي ڇڏجي، جيڪو اڳ ايندڙ انگ جي پچاڙي سان ننڍو ڪري اوُتر جي صورت ۾ لڳي وڃي. مثال اِيڪوتَرسَوُ يعني سَوُ کان هڪ وڌيڪ. اهو اُتَر (سنسڪرت اُتَرَ صفت معنيٰ مٿي) ساڳي طرح مراٺي ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي.

[1] اسان هُنن ٻن صورتن جي ڪا اطمينان جوڳي سمجهاڻي ڏيڻ کان قاصر آهيون. ان جا لاڳاپيل هندستاني انگ ننانوي ۽ پنجابي ۾ نڙينوي آهن. اسان سمجهي سگهون ٿا تہ پنجابي نڙ (نن= نڻ= نڙ) سنڌي ۾ ند يا ند ۾ بدلجي سگهن ٿا، پر ڊ يا ڍ جو د يا ڏ ۾ بدلجڻ هڪ جديد پراڪرت لاءِ عجيب محسوس ٿئي ٿو. وَڌانوي بابت ائين چئي سگهجي ٿو تہ ن بدلجي و ٿي ويو، پر اهڙو ٻيو ڪو بہ مثال نٿو ملي.

101: ايڪو سَؤ يا ايڪوَتَرسؤ
102: ٻِڙو سؤ يا ٻِروَتَرسَؤُ
103: ٽڙوسؤ يا ٽِرڙو سؤ يا ٽِرِوَتَرسَؤُ
1043: چوَڙو سؤ يا چوَرِوَتَرسَؤُ
105: پَنجوَ سؤ يا پَنجوَتَرسَؤُ
106: ڇَهوَ سؤ يا ڇَهوَتَرسَؤُ
107: سَتِيوسؤ يا سَتوَتَرسَؤُ
108: اَٺِيوَ سؤ يا اَٺوَتَرسَؤُ
109: نڙو سؤ يا نڙوترسؤ
110: ڏهو سؤ يا ڏهوترسؤ
111: يارهو سؤ يا يارهوتر سؤ
112: ٻارهو سؤ يا ٻارهوتر سؤ
113: تيرهو سؤ يا تيرهوتر سؤ
114: چوڏهو سؤ يا چوڏهوتر سؤ
115: پندرهو سؤ يا پندرهوتر سؤ
116: سورهو سؤ يا سورهوتر سؤ
117: سترهو سؤ يا سترهوتر سؤ
118: اڙهو سؤ يا اڙهوتر سؤ
119: اُڻيهو سؤ يا اڻيهوتر سؤ
120: ويهو سؤ يا ويهوتر سؤ
121: ايڪيهو سؤ يا ايڪيهوتر سؤ
122: ٻاويهو سؤ يا ٻاويهوتر سؤ وغيره

---

150: پنجاهو سؤ يا پنجاهوتر سؤ
160: سٺيو سؤ يا سٺيوتر سؤ
170: ستريو سؤ يا ستريوتر سؤ
180: اسيو سؤ يا اسيوتر سؤ
190: نوِيو سؤ يا نوِيوتر سؤ/ نيو سؤ يا نويوتر سؤ.

جڏهن پهريَن انگن جي فهرست واريون عددي صفتون سؤ جي جمع کان اڳ موجود هجن تہ انهن جو پنهنجن بنيادي اسمن سان لاڳاپو هجڻ ضروري آهي. مثال:

201: ايڪَا ٻَہ سَوَ جنهن جو مطلب آهي ٻہ سَوَ جن ۾ هڪ موجود هجي.
202: ٻوَا ٻَہ سَوَ وغيره.

اهي انگ تشڪيلي صورت ۾ استعمال نہ ٿيندا آهن، جيئن تہ اهي فقط ڳڻپ ۾ استعمال ٿيندا آهن. بي فهرست جا انگ پنهنجي حقيقي افاديت جي مناسبت سان ساڳيا رهندا آهن.

سَوَن جي جوڙجڪ باقاعدگي سان سؤ جي جمع جي صورت ۾ هوندي آهي. مثال:

200: ٻہ سَوَ (يا سا)

300: ٽي سَوَ

400: چارسَوَ

500: پَنجَ سَوَ

600: ڇهَہ سَوَ

700: سَتَ سَوَ

800: اَٺَ سَوَ

900: نُوَ سَوَ

1000: سَهَسُ، هَزارُ

2000: ٻہ سَهَسُ- ٻہ هَزارَ

100000: لَکُ

200000: ٻہ لَکَ

1000000: ڏهہ لک

10000000: ڪِروڙُ- ڪوڙُ (هڪ سؤ لَکَ)

20000000: ٻہ ڪِروڙَ- ٻہ ڪوڙَ

1000000000: اَرَبُ (هڪ سَؤ ڪِروڙَ)

100000000000: کَرَبُ (هڪ سؤ اَرَبَ)

10000000000000: نِيلُ (هڪ سَؤ کَرَبَ)

1000000000000000: پَدَمُ (هڪ سؤ نِيلَ)

سمجهاڻي: لفظ سَهَسُ سنسڪرت سهس (پراڪرت سَهَسّ) مان نڪتل آهي. اهو هڪ باقاعده بنيادي اسم آهي، جيڪو ان ئي مناسبت سان ڦيرو ڪائيندو آهي. هَزارُ فارسي بنياد جو لفظ آهي. لَکُ- سنسڪرت لَکشَ، هندستاني لاک، مراٺي لاک ۽ عام طرح سان اساسي مذڪر طور ڪتب ايندو آهي.

ڪِروڙو- (سنسڪرت ڪوٽِ) ڦيرو نہ ڪائيندو آهي، جڏهن تہ ڪوڙُ باضابطي اساسي اسم وانگر استعمال ٿيندو آهي. باقي رهيل انگ جيڪي حقيقت ۾ خيالي انگ آهن، پر سڀ بنيادي آهن. مثال اَرَبُ (سنسڪرت اَربُد)، کَرَبُ- سنسڪرت کرَبَ، نِيلُ- سنسڪرت پَدَمُ- سنسڪرت پَدمَ.

## نمبر - 23

# Inflection of Cardinal Numbers

## شماري انگن جو ڦيرو

هِڪُ يا هِڪڙوُ باقاعده صفت آهي ۽ پنهنجي پڇاڙيءَ جي مناسبت سان ڦيرو کائيندي آهي. (هِڪُ مذڪر، هِڪَ مونث وغيره)، ٻين انگن ۾ جنس جي ڪا تبديلي نہ ٿيندي آهي، پر پنهنجي تشڪيلي جمع ۾ ڦيرو کائيندا آهن. مثال:

| ٻَہ | تشڪيلي | جمع | ٻن |
|---|---|---|---|
| ٽِري (ٽي) | = | = | ٽرن (ٽِنِ) |
| چَارِ | = | = | چَئِنِ |
| پَنْجَ | = | = | پَنْجَنِ |
| ڇَهَہ | = | = | ڇَهَنِ |
| سَتَ | = | = | سَتَنِ |
| اَٺَ | = | = | اَٺَنِ |
| نَوَنْ | = | = | نَوَنِ |
| ڏَهَ | = | = | ڏَهَنِ |

هيٺ ڏنل انگن ۾ آخري انوسوار تشڪيلي جمع ۾ خارج ٿي ويندو آهي ۽ آخري ھ کان اڳ ايندڙ اَ حذف ٿي ويندي آهي. مثال:

| يَارَهَن | تشڪيلي | جمع | يَارَهَنِ |
|---|---|---|---|
| ٻَارَهَنْ | = | = | ٻَارَهَنِ |
| تيرَهَنْ | = | = | تيرَهَنِ |
| چوْڏَهَنْ | = | = | چوْڏْهَنِ |
| پندرهَن يا پندران | = | = | پَنْڌْرَهنِ |
| وِيهہ | = | = | وِيهَنِ |

اهڙا انگ جيڪي اِ يا اِيِ تي ختم ٿين، اهي ڦيري جي قابل نہ هوندا آهن. مثال: سَٺِ، سَتَرِ، نَوِي يا نوٺي، جڏهن تہ اَسِي تشڪيلي واحد ۾ اَسِيَ ٿي ويندو آهي.
سَوَ جو ڦيرو هيٺ ڏنل طريقي سان ٿيندو آهي:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | سَوُ | سَوَ يا ننڍو ٿي سَا |
| تشڪيلي | سَوَ | سَوَنِ، سَانِ، سَوِين، سَئِين |

نمبر - 26

# III- Arithmentical Figures

## حسابي انگ/ صورتون

حسابي صورتون يا انگن جا نالا صفت طور ظاهر ڪيا ويندا آهن ۽ ان لاءِ صفاتي جوڙ اوَ ڪي شماري (cardinal) انگن پر لڳايو ويندو آهي. ڪجھ قطاري انگن کي حسابي صورت کان مختلف ظاهر ڪرڻ لاءِ جوڙ ڪوَ بہ لڳايو ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| اِيڪوَ يا هِڪوَ - | يعني هڪ جي صورت يا انگ رکندڙ. |
| ٻِڪوَ - | 2 جو انگ رکندڙ |
| ٽِڪوَ - | 3 جو انگ رکندڙ |
| چوَنڪو- | 4 جو انگ رکندڙ |
| پَنجوَ- | 5 جو انگ رکندڙ |
| ڇَڪوَ- | 6 جو انگ رکندڙ |
| سَتوَ- | 7 جو انگ رکندڙ |
| اَٺوَ- | 8 جو انگ رکندڙ |
| نَائوَن- | 9 جو انگ رکندڙ |
| ڏَهو- | 10 جو انگ رکندڙ |
| يَارَهوَ- | 11 جو انگ رکندڙ |
| ٻَارَهوَ- | 12 جو انگ رکندڙ |
| تيرَهوَ- | 13 جو انگ رکندڙ |
| چوڏَهوَ- | 14 جو انگ رکندڙ |
| پَنڌرَهوَ- | 15 جو انگ رکندڙ |
| سوَرهوَ- | 16 جو انگ رکندڙ |
| سَترَهوَ- | 17 جو انگ رکندڙ |
| اَرَهوَ- | 18 جو انگ رکندڙ |
| اُوڻيهوَ- | 19 جو انگ رکندڙ |
| وِيهوَ- | 20 جو انگ رکندڙ |
| اِڪِيهوَ- | 21 جو انگ رکندڙ وغيره. |
| ٽِيهوَ- | 30 جو انگ رکندڙ |
| چَاليهوَ- | 40 جو انگ رکندڙ |
| پَنجَاهوَ- | 50 جو انگ رکندڙ |
| سَٺيوَ- | 60 جو انگ رکندڙ |

| | | |
|---|---|---|
| سَتَرِيوَ | 70 جو انگ رکندڙ |
| اَسِيوَ- | 80 جو انگ رکندڙ |
| نَوِيوَ - | 90 جو انگ رکندڙ |
| سَوِيوَ- | 100 جو انگ رکندڙ |

انهن انگن ۾ ڦيرو اوَ تي ختم ٿيندڙ صفت وانگر باقاعدي ٿيندو آهي. مثال: ٻَه ھِڪا- "ٽِڪي کان پوءِ ڇوَنڪِوَ ٿوَ لَڳي"

نمبر - 27

## IV- Collective Numbers

## اجتماعي/ گڏيل انگ

اسان اڳيئي ڏسي آيا آهيون (ڏسو نمبر 22) تہ شماري انگ گڏيل انگن طور بہ استعمال ٿي سگهن ٿا. ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ مخصوص قسم جا انگ اهڙا بہ آهن، جن سان ڪنهن مجموعي رقم کي ظاهر ڪري سگهجي ٿو، اهي آهن:

| | |
|---|---|
| ڏَهَاڪوَ | تقريباً ڏھہ |
| وِهَاروَ يا وِيهَاروَ | تقريباً وِيهَ |
| ٽِهارو يا ٽِيهارو | تقريباً ٽِيهَ |
| چَالِيهَاروَ | تقريباً چَالِيهَ |
| پَنجاهِي يا پَنجَاهوَ | تقريباً پَنجَاھ |
| سَائِيڪوَ | تقريباً سَٺِ |

اهي انگ درحقيقت صفتون آهن، جيڪي جوڙ ڪوَ (نمبر 10، 24) ۾ آرو جي لڳڻ سان جڙن ٿيون، مثال: ڏَهَاڪوَ؛ وِيهَاروَ وغيره. انهن جي نهڻ لاءِ بنيادي لفظ ۾ اسم کي حالت اضافت صورت ۾ رکجي ٿو يا عددي/انگن واريون صفتون ناهي سگهجن ٿيون. مثال:

ڏَهَاڪوَ چوَڪَرَنِ جوَ يا ڏَهَاڪوَ چوَڪَرَ.

اهڙي ڪنهن انگ جي غير يقيني مقدار کي وڌيڪ واضح طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ ظرف ڪَنُ جو اضافو ڪيو ويندو آهي (معنيٰ – ٽڪرو يا حصو- سنسڪرت ڪَڻ). اهو ڪَنُ شماري انگن ۾ بہ لڳائي سگهجي ٿو، مثال:

وِيهَاروَ ڪَنَ
پَنَجَ هَزَارَ ڪَنُ مُرَّسَ هُئَا (ميٺيو)

ڇوَنڪُ ۽ ڇوَنڪِڙِي يعني ڇئن جو عدد عام طرح بنيادي طور استعمال ٿيندا آهن. جڏهن تہ ڪوَڙِي کي گهٽو ڪري تشڪيلي جمع طور ڪوَڙين جي صورت ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

- سَهَسين شُڪِرَانَا ڪوَڙين پَالَ ڪَرِيمَ جَا (شاھ، سُر سريراڳ I پڇاڙي)

سيڪِڙوَ فقط وياج کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪتب ايندو آهي، مثال:

نمبر - 30

# VII- Fractional Numbers

# اڌپورا يا ڀاڱن وارا انگ

اڌپورا انگ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. اهي بنيادي لفظ ٿي سگهن ٿا يا وري صفت جي صورت ۾ ٿيندا آهن.

**الف) بنيادي** (Substantives):

**چوٿِ، چوٿائِي** ۽ **چوٿو**- يعني چوٿون حصو
**پاءُ**- جمع **پاوَ** يا **پا**- چوٿو (وزن لاءِ)
**ٽهائي**- ٽيون حصو
**اڌُ**-
**سَوَائِي**- هڪ کان چوٿو وڌيڪ
**سَاڍُ**- ڪنهن رقم کان اڌ وڌيڪ
**ڏيڍُ**- هڪ ۽ اڌ

**ب) صفتون** (Adjectives)

**پَوڻو** ۽ **مُنو**- هڪ کان چوٿون حصو گهٽ
**اڌُ** ۽ **آڌو**
**سَوَا**- هڪ کان چوٿون حصو وڌيڪ
**سَاڍا**- هڪ کان اڌ وڌيڪ
**ڏيڍُ**- هڪ ۽ اڌ
**اڍائِي**- ٻه ۽ اڌ

سمجهاڻي: **چوٿُ، چوٿائي** ۽ **چوٿو** سنسڪرت لفظ **چترٿانش** مان نڪتل آهن. هندستانيءَ ۾ **چوٿا** ۽ **چوٿائِي**، ساڳي ريت **ٽِهائِي** سنسڪرت جي ترتييانش مان آيل آهي. هندستانيءَ ۾ **تِهائِي**.

**پاءُ** سنسڪرت جي **پادَ** جي برابر آهي ۽ هندستاني ۾ **پائو** جي صورت ۾ موجود آهي. صفت **پَوڻو** سنسڪرت صفت **پادونَ** مان ڦٽي نڪتي آهي- ۽ هندستاني ۾ **پَوڻا** سڏبو آهي. جڏهن ته مراٺيءَ ۾ **پاوُن**- ٻئي طرف **مُنو** جي اصل بابت ڄاڻ اڌپوري آهي. **اڌُ** صفت ۽ بنيادي صورتن ۾ موجود آهي، جنهن لاءِ سنسڪرت لفظ **اَرڌ** آهي ۽ هندستاني ۾ **آڌا**- **سَوَائِي** ۽ ان جي صفت **سَوَا** سنسڪرت لفظ **سَپادَ** مان نڪتي آهي، جيڪو هندستانيءَ ۽ مراٺيءَ ۾ **سوا** جي صورت ۾ ملي ٿو. **سَاڍُ** ۽ **سَاڍا** (صفت) سنسڪرت صفت سارڌ مان نڪتل آهي. اهو هندستانيءَ ۾ **سَاڙهي** جي صورت ۾ هوندو آهي. **ڏيڍِ** ۽ ان جي صفت **ڏيڍُ** بظاهر سنسڪرت جي هڪ غيرمعمولي مرڪب **ترِ** ۽ **اَرڌ** مان نڪتل آهن، جنهن جي معنيٰ آهي **ٽي اَڌ**- اهو هندستانيءَ ۾ **ڍيڙه**، پنجابيءَ ۾ **ڍيڍ** ۽ مراٺي ۾ **ڍيڍ** جي صورت ۾ ملي ٿو. **اڍائِي** دراصل سنسڪرت صورت **اَرڌتيَ** مان نڪتل آهي ۽ هندستاني ۾ **اَڙهائِي**، پنجابي **ڍائِي** ۽ مراٺي ۾ **اَڍِيْس** جي صورت ۾ ملي ٿو.

انهن اڌپورن انگن جي حوالي سان اهو ڏسڻ ضروري آهي ته **مُنو** عام طرح ايڪن (units) سان

استعمال ٿيندو آهي ۽ پوڻو ٻه يا ٽي وغيره سان استعمال ٿيندو آ هي. مثال: مُنو روپيو يعني هڪ روپئي مان هڪ چوٿو گهٽ يا رپئي جا ٽي پاڱا؛ پوڻا ٻہ رُوپيَا يعني ٻن روپين مان هڪ چوٿو گهٽ يا ٻه رپيا ۽ ٽي پاڱا؛ پوڻو سَوُ يعني 100 مان هڪ چوٿو گهٽ، جنهن جو مطلب ٿيو 75.-سَوَا معنيٰ هڪ چوٿو وڌيڪ مثال سَوَا سيرَ معنيٰ هڪ سير ۽ چوٿو (پاءُ) ۽ سَوَا ٽي سيرَ وغيره.

سَوَا واحد ۾ ڦيرو نہ کائيندو آهي ۽ نہ ئي فاعلي جمع ۾ البت ان جو تشڪيلي جمع مذڪر سَوَائِنِ، سَوَايَنِ يا سَوَائِين ۽ مونث ۾ سَوَائِنِ يا سَوَايُنِ ٿي سگهن ٿا، پر عام طرح ان ۾ ڦيرو نہ ايندو آهي، مثال:

- سَوَائِنِ چِئِن مَڻِن سين، يا سَوَا چِئِين مَڻين سين.

سَوَا انگن سوُ ۽ هزار وغيره کان اڳ لڳائي سگهجي ٿو. مثال سَوَا سَوُ (125)، سوا هزار 1250 وغيره.

اَڌُ هڪ عام صفت آهي ۽ ان ئي حيثيت ۾ استعمال ٿيندي آهي.

سَاڍَا فقط ٻَہ ۽ ان کانپوءِ ايندڙ اسمن جي انگن ۾ لڳندو آهي ۽ تنهنڪري جمع صورت ۾ ٻہ ملي ٿو. ان جو مونث سَاڍِيُون آهي. مثال:

- تَڏِهن سَاڍَا نَنوَنَ سيرَ سِنڌُرَ ٽُراڙي توَڙي (مج)

ڏِيڍُ فقط واحد ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ ٻين انگن سان مرڪب ۾ استعمال نہ ڪيو ويندو آهي. مثال: ڏِيڍُ آنوَ، ڏيڍ رَتِي.

اَڍائِي فقط جمع ۾ ڪتب ايندو آهي ۽ فاعلي حالت ۾ جنس ان تي اثر نٿي ڪري، پر تشڪيلي جمع ۾ مذڪر طور اَڍَائِنِ، اَڍَايَنِ ۽ اَڍَائين جڏهن تہ مونث طور اَڍَائِنِ، اَڍَايُنِ ۽ اَڍَائين مثال: اَڍَائِي گَج (گَزَ)، اَڍَائِي توَيُون؛

تشڪيلي اَڍَائِنِ گَزَنِ، اَڍَايُنِ توَيُنِ وغيره.

انهن پاڱن وارن انگن مان هڪ ٻئي قسم جون صفتون ٺهن ٿيون، جن جو مفهوم "جڙيل رقم جي مناسبت جو ڪاٿو" ۽ ڪنهن "مناسبت وارو" نڪرندو آهي. مثال:

پَاٽيوَ يا پَاٽيڪُ (فقط مرڪب ۾ استعمال ٿيندو آهي).
ٽِرپَاٽيڪُ ۽ ٽِرپَاٽيوَ يعني روپئي جي ٽن چوٿن جي حساب سان.

پَائوَ- جيڪو شماري انگن سان مرڪب طور ڪتب ايندو آهي، مثال: ٽي پَاؤ- يعني ٽي چوٿا رکندڙ

| | |
|---|---|
| سَوَايوَ | $1\frac{1}{4}$ جي حساب سان. |
| ڏِيڍوَ | $1\frac{1}{2}$ جي حساب سان |
| ڏِيڍُئوَ | $1\frac{1}{2}$ جي جاءِ تي بيٺل |

اَڍَايو  $2\frac{1}{2}$ مان نهيل

اَڍَائُون  $2\frac{1}{2}$ جي جاءِ تي موجود

اهي لفظ عام صفتن جي صورت ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ انهن جي جوڙجڪ ۽ گردان بہ انهيءَ طريقي سان ٿيندو آهي.

ڪجهہ ٻيا جزوي انگ مرڪب طور هيٺ ڏنل طريقي سان ٺهندا آهن.

اَڌُ پَاءُ  يعني $\frac{1}{8}$

ڏِيڍُ پَاءُ  يعني $\frac{3}{8}$

ٻہ ٽِهَائِي  يعني $\frac{2}{3}$

پوڻا ٻہ  يعني $1\frac{3}{4}$ وغيره وغيره.

ڪجهہ جزوي انگ ڪن خاص مقصدن لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن، مثال:

پَاڙُيو، پَائِلِي ۽ پَائِڻُ  يعني روپئي جو چوٿون حصو.

پَائِڙِي  هڪ گز جو چوٿون حصو.

لَارِي  روپئي جو ٽيون حصو.

آڌِيلو ۽ آڌِيو  اڌ روپيو.

آڌِڙِي معنيٰ  اڌ گز يا اڌ دمڙي.

# باب يارهون

نمبر- 31

## PRONOUNS

## ضمير

سنڌيءَ ۾ خالص ضمير ٻن قسمن جا هوندا آهن. اهي يا ته مڪمل يا مطلق ضمير جي صورت ۾ ٿي سگهن ٿا يا پڇاڙيءَ جي صورت ۾ اسم، ظرف ۽ فعل ۾ لڳائي سگهجن ٿا.

## I. PERSONAL PRONOUNS

## خالص ضمير

سنڌيءَ ۾ خالص ضمير فقط ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر (واحد ۽ جمع) لاءِ ملن ٿا. جڏهن ته ضمير غائب ضمير اشاري سان ناهيو ويندو آهي. ضمير غائب ۾ قديم خالص ضمير، ضميري پڇاڙيءَ طور سانديو ويو آهي، جيڪو اسان اڳتي هلي ڏسنداسين.

**ا) ضمير متڪلم جو خالص ضمير:**

ضمير متڪلم واحد لاءِ خالص ضمير جون ٻه صورتون مروج آهن: **آنئُون** (آءٌ) ۽ ننڍيو آن. ان ڪانسواءِ سِرِي جي لهجي ۾ مَان ۽ مُون ٻه استعمال ٿيندا آهن.

خالص ضمير جي مروج صورتن کي ڏسي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ بگاڙ جو چڱيءَ ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پراڪرت صورت **اَهَمّ** يا **اَهَئَمّ** (سنسڪرت **اَهَم**)، پر بگڙيل اپڀرنش لهجو جيڪو موجوده سنڌيءَ جي ماءُ آهي، ان ۾ اسانکي **هَئُنّ** ۽ **هَمُ** ملن ٿا (۽ مَ کي حذف ڪرڻ سان سنڌي **آنئُون** حاصل ڪيل ٿي پانئجي (ليسن نمبر 183)؛ ۽ صورت آن کي **اَهَمّ** جي ننڍي ڪيل صورت چئي سگهجي ٿو. جڏهن ته صورتون مان ۽ مون اصل ۾ مفعولي آهن، سنسڪرت **مانّ** (پراڪرت ۾ ننڍي ٿيل **هَمّ**) ۽ اهي تشڪيلي واحد طور اجا ٻه استعمال ٿيندا آهن.

حالت اضافت **مُنهُن** ۽ **مُنهِن** صفتي جوڙ جو سان گڏ ايندي آهي ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ سنسڪرت پراڪرت اضافت **مَهَ** (سنسڪرت **مَم**)، اپڀرنش **مَهُ** (ليسن نمبر 183) ڏانهن ڏسڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌيءَ ۾ انهن لفظن جي سُرن کي انوسوار ڪيو ويو آهي.

فاعلي جمع اَسِين: پراڪرت ۾ **اَمْهي**، (سنسڪرت ڌاتو **اَسْمَ**) آهي ۽ سنڌيءَ ۾ م حذف ٿيل آهي، جڏهن ته آخري اِي کي اِي (اِين) ۾ تبديل ڪيو ويو آهي؛ تشڪيلي **اَسَان** پراڪرتي اضافت وارو جمع **اَمْهَائَنْ** (سنسڪرت **اسْمارڪم**) جي برابر آهي.

**تَوَهين** پراڪرت جي فاعلي جمع صورت **تُمهي** مان نڪتل آهي. **تون** کي **توَ** ۾ بدلي م کي حذف ڪيو ويو آهي. **اَوَهِين، اَهِين** وغيره جون صورتون دلچسپ آهن. جيئن ته شروعاتي **ت** ڪڏهن به حذف نه ٿيندي آهي، تنهنڪري اهي **تَوهِين** مان نڪتل صورتون نه آهن ۽ اهو ممڪن آهي ته اهي صورتون سنسڪرت جمع **يُشمي** (= پراڪرت **يُمهي**+) سان تعلق رکنديون هجن، جنهن مان اڳ ايندڙ ي ڇانٽي ڇڏيو وڃي؛ ۽ سنڌي ۾ **اُ** بدران **اَوَ** لڳائي م کي حذف ڪيو ويو آ هي. بلڪل ان ئي طريقي سان جيئن **تَوَهِين** ۾ ڏنو ويو هو.

تشڪيلي صورتون **تَوَهَان** ۽ **اَوَهان** پراڪرت اضافت جمع **تُمَهَاڻم** جي برابر آهن.

سمجهاڻي: ڇاٽل لهجا سنڌيءَ جي سيني اهم نڪتن سان نهڪي اچن ٿا. مراني: **تُون** تشڪيلي **تُو** يا **تُوجَ** (پراڪرت **تُهَ** يا **تُجهَّ**، فاعلي جمع **تُهِي** ۽ تشڪيلي **تُهَان**.

**هندستاني: تُو** يا **تين**: حالت اضافت **تيرَا** (ميرَا) ۽ هت رَا کي ضميري صفت ناهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي.

تشڪيلي **تُجهَ** اصل ۾ پراڪرت اضافت **تُجهَّ** مان آيو آهي ۽ Instrumental **تُو** سنڌي **توَ** سان مشابهت رکي ٿو. فاعلي جمع **تُمَ** پراڪرت **تُمهي** مان نندي ٿيل صورت آهي ۽ ان مان **تُمهَا** (**تُمهَارَا**)، **تُمهوَن** جهڙيون صورتون نهن ٿيون. هت **تُمه** مان پراڪرت اضافتي جمع **تُمهَاڻم** ڏانهن اشارو ملي ٿو.

**پنجابي**: **تُون**- اضافت **تيرَا**. Instrumental **تَن** (پراڪرت **تئِ**)، تشڪيلي **تَين** (پراڪرت حالت اضافت- **تي**)؛ فاعلي **تُسِين** تشڪيلي **تُسَا**.

**گجراتي**: **تُون**، حالت اضافت، **تَهَارَوَ**: عام صورت **تَا**. فاعلي جمع **تَمي** يا **تَموَ**، تشڪيلي صورت **تَمَ** يا **تَموَ**.

## ضمير حاضر جي خالص ضمير جو ڦيرو

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | تُون |
| تشڪيلي صورت ۽ Instrumental | توَ |
| اضافت | تُنهُن جوَ |
| مفعولي | توَ کي |
| اپادان | توَ کَان؛ تَوَهَان |
| | **جمع** |
| فاعلي | تَوَهِين، تَوِينَ، تَهِين، تَئِين، اَوَهِين، اَوِين، اَهِين، آئِين، آئِن. |
| تشڪيلي صورت | تَوَهَان، تَهَان، اَوَهَان، اَهَان، آن |
| اضافت | تَوَهَان جوَ، اَوَهَان جوَ، تَوَانهِن جوَ، اَوَانهِن جوَ. |
| مفعولي | تَوَهَان کي، اَوَهَان کي |
| اپادان | تَوَهان کان وغيره |

زور پرائيندڙ **اِي** يا **هِي** ۽ **هِين** اڪثر ڪري ان ضمير ۾ لڳائي مختلف صورتون ناهڻ ۾ ڪم اينديون آهن.

ٿو. مثال: اِهوَڙي (مذڪر) ۽ اِهَاڙي (مونث).

عام صورت: اِنهيڙي، جمع اِهيڙي. عام صورت: اِنهَنِي يا عام طرح اِنهين بہ لکبو آهي.

- اِهوَ سَائِينءَ جوَ سَبَبُ جوَ ٻُڌا اُڪَارِي ٻَارَ مَان (شاهہ، سريراڳ II، 16)
- عَاشِقَ عَبۡدُاللَّطِيفُ چَوِي اِنهِيَ پَهۡ پِئا (شاهہ، ڪلياڻ I، 8)
- اهي ڪَرَ اِلَاهِيِ نَہ تَہ ڪُنَنِ ۾ ڪيرُ گهڙي (شاهہ، سهڻي VI، 13)

3) ضمير اشارو- اِجهوَ:

اِجهوَ فقط فاعلي واحد ۽ جمع ۾ استعمال ٿيندو آهي. بظاهر اهو بنياد اِ ۽ سنسڪرت ضمير سَهۡ جو مرڪب آهي ۽ سنڌيءَ ۾ س بدران ج ۽ ڪٿي جهہ بہ لڳائي وجي ٿي. (ڏسو تعارف نمبر 11، 2).

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | اِجهوَ (مذڪر)، اِجهَا (مونث) |
| | جمع |
| فاعلي | اِجهي (مونث ۽ مذڪر ٻنهي لاءِ ساڳيو) |

- اِجهي ٿا اَچَنِ ڪَاڪَ ڪَڪَوَرِيَا ڪَاپَڙِي (شاهہ، مومل راڻو II، 3)

4) ضمير اشارو ڏور:

هُو يا هو (جن کي لاڙ ۾ اُو يا اوَ اچاريو ويندو آهي) ضمير اشارو ڏور آهن. ان ضمير جو بنياد هو سنسڪرت ۾ استعمال نہ ٿيندو آهي. جڏهن تہ پراڪرت ۾ ان جي باقيات هي جي اضافت واري صورت ۾ موجود آهي. ان جي بناوٽ سٌوَ مان هوندي، جنهن منجهان هُو قاعدي موجب نهي ٿو. (بوپ جي ڪمپيريٽو گرامر نمبر 341 موجب). ان جو ڦيرو بہ هِي سان ملندڙ آهي ۽ فقط تشڪيلي صورت ۾ هِي جي جاءِ تي هُو ڪتب ايندو آهي.

سمجهائي: مراٺي ٻوليءَ ۾ اهو ضميري بنياد موجود ڪونهي. اتي فقط توُ جو استعمال ٿيندو آهي، جيڪو سنڌي ۾ سوٌ جي برابر آهي.

پنجابيءَ ۾ اُهہ، اُن ۽ اُس ملن ٿا، جيڪي جمع ۾ اُهہ ۽ اُنان جي صورت وٺن ٿا.

هندستانيءَ ۾ وُہ ۽ اُس استعمال ٿيندا آهن ۽ جمع ۾ وِي ۽ عام صورت اُن ڪتب ايندي آهي.

هندوئي- وَاهہ، تشڪيلي صورت وَا، جمع وِي، تشڪيلي صورت اُن).

گجراتي مراٺيءَ وانگر فقط تي جي بناوٽ رکي ٿي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | هُو، هوَ، اوَ (مذڪر) |
| | هُو، هُوءَ، اُو، اُوءَ |
| تشڪيلي صورت | هُنَ، اُنَ |
| مفعولي ثاني | هُن کي |
| مفعولي | هُنَ کي، هُو، هُوءَ |
| اپادان | هُنَان، هُنهَان، اُنَان، هن کان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | هُو، هوَ، هُوءِ، اُوءِ، هوَءِ |
| تشڪيلي صورت | هُنَنِ، اُنَنِ، هُنِ، اُنِ (زور پرائيندڙ هُنِين) |
| مفعولي | هُنَنِ کي، هُو، هوَ |
| اپادان | هُنَنِ کَان |

**مثال:**

- پَرڏِيهَان پَنڌُ ڪَري هَلِي آيوَ هُو (شاهه، سورٺ I، 3)
- هُوءِ جَا پَائِنِ پيرَ ۾ تَنهن آن جُتِيَ نَہ جيهي (شاهه، ڪوهياري III، 8)
- اُن دَرَ سيئِي اَگهيَا جَنِ وِڃَايوَ وُجُودُ (شاهه، سريراڳ I، پڇاڙي 2)
- هُوءِ مَحَلُ هُوءِ مِهِتِئُون هُوءِ قَصَرَ قَاضِئَنِ (مج 137).
- کُوهَا ڪَالهَہ ڪَٽِي اُنِ وِڏَا اوَتَرَ آسِرِي (شاهه، سريراڳ III)

**5) زور پرائيندڙ ضمير اشارو ڏور- اُهو:**

زور پرائيندڙ ضمير اشارو ڏور آهي **اُهو**. ان جو نهڻ بلڪل **اِهوَ** وانگر آهي ۽ هن صورت ۾ اِ جي جاءِ تي اُ لڳايو ويندو آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | اِهُوَ ۽ اُئُوَ (مذڪر) |
| | اُهَا ۽ اُئَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | اُنهي، اُنهِيَ، اُنِهَ |
| اضافت | اُنهي جوَ |
| مفعولي | اُنهي کي، اُهوَ (مذڪر) ۽ اُهَا (مونث) |
| اپادان | اُنهي کَان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | اُهي |
| تشڪيلي صورت | اُنَهَنِ، اُنهِنِ، اُنهين |
| اضافت | اُنَهَنِ جوَ |
| مفعولي | اُنَهَنِ کيَ، اُهي |
| اپادان | اُنَهَنِ کَان |

ان ضمير ۾ زور پرائيندڙ اِي جو اضافو بہ ڪري سگهجي ٿو. مثال: **اُهوئِي** (مذڪر) ۽ **اُهَائِي** (مونث)، جڏهن تہ ان جي تشڪيلي صورتون **اُنهيئِي**، **اُنهِي** يا **اُنهِين** آهن. جمع ۾ **اُهيئِي**: تشڪيلي صورت **اُنَهَنِي** ۽ **اُنهِين**. مثال:

- اَڳي ٿي سُئِي اُنهِي سَنڌِي ڳَالهَڙِي (شاهہ، ڪاهوڙي I، II)
- اِنهِي گهر ۾ اچِي انهي ٻار ڪي ۽ اُنهَہ جي مَاءُ مَريَمَ ڪي ڏِسِي هُنَ ڪي پيرِين پَئِي پُوڄَائُون (II، II ميٿيو)
- هي چَنڊ اُهوَئِي جوَ هِتُ پَسي ٿُوَ پِريِنءَ ڪي (شاهہ، ڪنيات I، 3)
- سَندَا اُهيئِي توَ ڪي سَارِنِ
- جي نَہ ڪَڏِهِن مَنجهُہ گَامَ گُذَارِين (شاهہ، سارنگ II پڇاڙي).
- اُنهِين ڏَان اَحْمَدِ چَوِي آهِہِ سِڪَ سَرَسُ (شاهہ، عمر مارئي x[1]).

6) **ضمير اشارو ڏور - اُجهوَ:**

**اُجهوَ** اهڙي ئي ضمير **اِجهوَ** وانگر فقط فاعلي واحد ۽ جمع ۾ استعمال ٿيندو آهي. اهو سنسڪرت ضمير سَهہ ۽ اُ جي مرڪب طور ٺهيل آهي (ڏسو **اِجهوَ**).

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | اُجهوَ (مذڪر)؛ اُجهَا (مونث) |
| فاعلي | اُجهي |

نمبر - 33

# III. THE RELATIVE PRONOUN

# ضمير موصول

سنڌيءَ ۾ جوَ (جيڪو) موصول ضمير آهي، جڏهن تہ سنسڪرت ۾ يوَ ۽ پراڪرت ۾ جو جي صورت ۾ هوندو آهي. تشڪيلي صورت واحد جَنهِن پراڪرتي اضافت جَسَّ = جَهَہ جي برابر آهي. ان جو فاعلي جمع جي آهي (پراڪرت ۾ پڻ جي) ۽ تشڪيلي صورت جِنِ يا جَنِ پراڪرت اضافت جَاڻ سان ملي ٿو، جت سنڌيءَ ۾ آ ڪي ننڍو ڪيل آهي.

سمجهاڻي: جاٽڪي لهجن ۾ سنڌيءَ کان وڌو ڪو فرق ڏسڻ ۾ نٿو اچي؛ مراٺي- واحد جوَ ۽ جمع جي؛ گجراتي ۾ واحد جي ۽ جمع جيوَ؛ هندستاني واحد جوَ ۽ جَنُ جنهن جي تشڪيلي صورت جِسَ هوندي آهي. جمع ۾ جوَ، تشڪيلي صورت جِنَ يا جِنهہ؛ پنجابي جوَ ۽ جن، عام صورت جِس؛ جڏهن تہ جمع ۾ جوَ ۽ تشڪيلي صورت ۾ جِنَان استعمال ٿين ٿا. بنگاليءَ ۾ جي ۽ جِنِ ۽ تشڪيلي صورت جَائهَا (پراڪرت جَاسَ) ۽ جمع جَائهَارَا.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | جوَ (مذڪر) ۽ جَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | جَنهِن |
| اضافت | جَنهِن جوَ |
| مفعولي | جَنهِن ڪي، جَنهِن جَا |

[1] اهو بيت شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل بيت کان مختلف آهي.

| واحد | حالت |
|---|---|
| سوَ؛ (مونث) سَا | فاعلي |
| تَنهِن | تشڪيلي صورت |
| تَنهِن جوَ | اضافت |
| تَنهِن کي؛ سوَ، سَا | مفعولي |
| تَنهان؛ تَنهِن کان | اپادان |

| جمع | حالت |
|---|---|
| سي | فاعلي |
| تَنِ، تِنِ، تِنَنِ، تِنِنِ، تِنهَنِ، تِنهِنِ | تشڪيلي صورت |
| تَنِ جوَ وغيره | اضافت |
| تَنِ کي، سي | مفعولي |
| تِنئان، تَنِ کان وغيره | اپادان |

ان ضمير ۾ زور پرائيندڙ اِين جو اضافو بہ ڪري سگهجي ٿو.

مثال: فاعلي واحد: **سوئِي**، مونث: **سَائِي**؛ تشڪيلي صورت: **تَنهِين**، فاعلي جمع: **سيئِي**، تشڪيلي صورت: **تَنِي** يا **تَنهِين**، مثال:

- سوَ هيءُ سوَ هُو سوَ اَجَلُ سوَ اَللهُ
- سوَ پِرِين سوَ پَساهُ سوَ وِيرِي سوَ وَاهُرُو (شاهہ، ڪلياڻ I، 19)
- سُومِرَا سَاهي تَنهِن سَتِيَ وِجهُہ مَ سَنگهَرُون (شاهہ، عمر مارئي III)،
- تَنهِين وِيلهَہ ڪِئَرُ مِ وَڃَنُ ويڙهيچَنِ سين (شاهہ، عمر مارئي I، 1)
- جڏهِن سُتِيُون جي پَٿَرِ پِيرَ ڏِگهَا ڪَري
  تَڏهِن تَنهِين کي سَاڻُ سُتِيئِي ڇَڏِئُو (شاهہ، ڪوهياري I، 8)
- جَنهِين سَنڌي مُنهَہ ۾ سَرِين سَهَسَ نَڪَنِ
  تِنئَان وَڍِئُوَ هيڪَڙو تَہ ڪَهڙوَ تُوَروَ تَنِ (شاهہ، مومل VI، 22)

نمبر - 35

## V- INTERROGATIVE PRONOUN

## ضمير استفهام

1) ضمير استفهام- ڪيرُ:

اهو ضمير استفهام فقط يقيني صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي. اهو فاعلي بنياد ڪيرُ سنسڪرت **ڪِيتَرشَ** مان نڪتل آهي. (پراڪرت **ڪيرِسَ**) (ڏسو تعارف نمبر 2، 6)؛ ۽ تشڪيلي صورت واحد **ڪَنهِن** ۽ تشڪيلي صورت جمع **ڪَنِ** سنسڪرت **ڪَهَ** ۽ اضافت واري واحد **ڪَسيَہ** مان نڪتل پائڻجن ٿا. (پراڪرت

**كسَ= كَهَ)؛** ۽ پراڪرت ۾ اضافت وارو جمع **ڪاهَ** آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ آ ڪي ننڍو ڪيل آهي.

سمجهاڻي: ڄاتل لهجن جا اهڙا ضمير سنسڪرت بنياد واري **ڪَهُ** (कः) مان نڪتل آهن (يعني ان جي مفعولي واحد **ڪَنْ** कं مان).

مراٺي ۽ گجراتي: **ڪوَن**، هندستاني : **ڪَوَن**، تشڪيلي صورت: **ڪِيس**، جمع: **ڪَوَن**، تشڪيلي صورت: **ڪِن**، **ڪِنهه** ۽ **ڪِنوَ**، پنجابي: **ڪَوَن**، تشڪيلي صورت: **ڪِس**، جمع: **ڪَوَن**: تشڪيلي صورت: **ڪِنَان**، بنگالي: **ڪي**، تشڪيلي صورت: **ڪَانُهَان** ۽ ان جو جمع **ڪَانُهَارَا**.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | ڪيرُ، ڪيرَ (مونث) |
| تشڪيلي صورت | ڪَنهِن |
| اضافت | ڪَنهِن جوَ |
| مفعولي | ڪَنهِن کي، ڪيرُ، ڪيرَ |
| اپادان | ڪَنهِن کَان |

| حالت | جمع |
|---|---|
| فاعلي | ڪيرِ |
| تشڪيلي صورت | ڪَن، ڪِن، ڪِنَن، ڪِنِن، ڪِنهَن، ڪِنُهن. |
| مفعولي | ڪَنِ کي، ڪيرِ |
| اپادان | ڪَنِ کَان |

- ڪيرُ آنهين ڪِتَّان هَلين ڪُجَاڙوَ نَالوَءِ (مج 167).
- ڪيرُ ٻانُئِڙِ ڪَنِ جِي ڪيرُ ڄاڻي ڪيڏاسِ (شاهه، معذوري I، 14)
- ڪير هُنا ڪيڏانهن ونا ڪهڙي هُنا جات (مج 659)

2) **ضمير استفهام- ڇَا:**

اهو ضمير استفهام فقط بي جنس طور ڪتب ايندو آهي ۽ ان جو ڪو بہ جمع نہ ٿيندو آهي. ان جي اضافت واري حالت **ڇا جوَ** مان مراد آهي **ڪهڙي قسم جو** ۽ جڏهن ان ۾ حرف جر مثلاً **کي**، **ڪَاڻِ** ۽ **ڪان** لڳل هجن تہ انهن مان مراد هوندي **ڪهڙي ڪم لاءِ** ، يا **ڇوَ**؟ اهو ضمير سنسڪرت جي لفظ **ڪِم** مان نڪتل آهي.

سمجهاڻي: هندستانيءَ ۾ ان لاءِ **ڪِيَا** استعمال ٿيندو آهي. جڏهن تہ پنجابيءَ ۾ **ڪِي** ۽ **ڪيا**، تشڪيلي صورت: **ڪَاس**، مراٺي: **ڪَاڻي**، تشڪيلي صورت **ڪَسَا**، بنگالي: **ڪِي** ۽ انجي تشڪيلي صورت **ڪَاهَ**، هندوئي: **ڪَهَا**، تشڪيلي صورت **ڪَاهِي**. مثال:

- جي لُوڻَ جوَ سَوَادُ وَجي تَہ ڇَا سَان سَلُوڻوَ ٿئي (13، 5 ميٿيو).

3) **ضمير استفهام- ڪوَهُ:**

اهو ضمير استفهام بہ ڇا وانگر بي جنس ٿيندو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن قسم جو ڦيرو نہ ايندو آهي. ان

مان مطلب چو ۽ چا جي لاءِ جو نڪرندو آهي. شاعريءَ ۾ اڪثر ڪري ان کي ننڍو ڪري ڪُھُ جي صورت ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

ان جو ڏاتو ڇَا جي ڏاتو يعني ڪَا = ڪَاهَا سان ملي ٿو، جتي آ بدران اوَ استعمال ڪيل آهي. هندوئي بوليءَ ۾ بہ ساڳي ريت ڪَوَن جي تشڪيلي صورت ڪَا، ڪوهي يا ڪَاهي ذريعي ٺهندي آهي. مثال:

- جِئارِيَس سَنۡيَارَ ڪوهُ ڪَرِيندُم گَڏِجِي (شاهہ سهڻي IV، 7)
- سِڌِڙِيَا سَرِي جون ڪُهُ پَچَارُون ڪَنِ (شاهہ ڪلياڻ II، 25)

4) ضمير استفهام- ڪيهوَ، ڪُجَاڙوَ ۽ ڪيهَروَ:

اهي ٽئي ضمير استفهام بنيادي اسم سان پنهنجي حيثيت يا صفت طور استعمال ڪري سگهجن ٿا. لاڙ ۾ ڪيهوَ بدران ڪيئوَ بہ ڪتب ايندو آهي. ڪيهَروَ کي ڪِهَرو جي صورت ۾ بہ لکي سگهجي ٿو ۽ ننڍو ڪري ڪيرهوَ طور بہ لکي سگهجي ٿو. انهن جي اشتقاق بابت معلومات لاءِ ڏسو تعارف نمبر 2 (6). اهي باقاعدگي سان ڦيرو بہ ڪائيندا آهن. ڪُجَاڙو جي مفعولي ثاني واحد صورت ڪُجَاڙِي کي ۽ مونث اپادان واحد صورت ڪُجَاڙِئان (جنهن کي ڪُجَاڙِئا بہ لکبو آهي). عام طرح سواليہ/ استفهام واري ظرف طور استعمال ڪيو ويندو آهي. جيئن چو، چا لاءِ.

- ڪيهيَ پَرِ پَرين ڏُکِي ڏَاتَارَنِ رِي (شاهہ جمن ڪلياڻ، 16، IV)
- ٿِئوَ ڪُجَاڙوَ ڦَيَسَ کي اُجِئوَ اِئين چَوَنِ (مج 39).
- ڪُجَاڙي کي توَ ڪِئوَ هِيئَن پَنۡهَن جوَ حَالُ (مج 655).

نمبر - 36

# VI- INDEFINITE PRONOUN

## ضمير مبهم

1) ضمير مبهم- ڪوَ:

ان ضمير مبهم جو بنياد ضمير استفهام وانگر سنسڪرت لفظ ڪوہِ آهي: انڪري بنهي ضميرن ۾ تشڪيلي صورت جا واحد ۽ جمع هڪجهڙا ۽ ساڳيا رهندا آهن.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | ڪوَ، ڪَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | ڪَنۡهِن |
| اضافت | ڪَنۡهِن جوَ |
| مفعولي ثاني | ڪَنۡهِن کي |
| مفعولي | ڪَنۡهِن کي، ڪوَ، ڪَا |
| اپادانَ | ڪَنۡهِن کَان |

* هِتوَنيين هَمَرَاهُ ٿِيڏُءِ ڪُتَنبَ مَنجهُون ڪوَ نہ ڪوَ (مينگهو)

جڏهن ڪوَ جي پٺيان معاون فعل آهي موجود هجي ۽ نفيءَ جو نشان بہ هجي تہ ان کي نٿيو ڪيو ويندو آهي ۽ لفظ ڪوَنُهي وجود ۾ اچي ٿو. (ڪو نہ آهي). مثال: ڪوَنُهي (مذڪر) ۽ مونث ڪَانُهي؛ ڪوَنُهيڪوَ ۽ مونث ڪانهيڪَا (ٻي جنس ڪِينهيڪِي).

2) مرڪب ضمير مبهم- جيڪوَ:

ان ضمير جي اصلي صورت جوَڪوَ (مذڪر) ۽ جَاڪَا (مونث) آهن، جيڪي فقط تشڪيلي صورت واحد ۽ جمع ۾ استعمال ٿيندا آهن. جڏهن تہ فاعلي واحد ۽ جمع ۾ جيڪو وڌيڪ استعمال ٿيندو آهي، اهو جي ۽ ڪوَ جي گڏجڻ سان ٺهيو آهي. جيڪو ۽ جوَڪوَ بدران ان جي ٻٽي صورت جوَجوَ (۽ انجو هم نسبت/ سوَسوَ) جو استعمال بہ تشڪيلي آهي. ان جو گردان اڪيلي جوَ (۽ سوَ) وانگر ئي ٿيندو آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | جيڪوَ؛ جيڪَا (مونث) |
| تشڪيلي صورت | جَنهِن ڪَنهِن |
| اضافت | جَنهِن ڪَنهِن جوَ |
| مفعولي | جَنهِن ڪَنهِن کي، جيڪوَ، جيڪَا |
| اپادان | جَنهِن ڪَنهِن کان |
| **حالت** | **جمع** |
| فاعلي | جيڪي |
| تشڪيلي صورت | جَنِ ڪَنِ؛ جِنِ ڪِنِ |
| اضافت | جَنِ ڪَنِ جوَ |
| مفعولي ثاني | جَنِ ڪَنِ کي |
| مفعولي | جَنِ ڪَنِ کي، جيڪي |
| اپادان | جَنِ ڪَنِ کان |

* جيڪَا هُوئِس هينئي ۾ تَان سَا ڪَالِ سُئيس (مج 43).
* جيڪِي جِيئِنڊين جَڳِديسَ کي سوُ سَنڳِي ٿِينڊُءِ سَاڻُ (مينگهو 9)

جوَ ڪوَ جي جاءِ تي شاعر اڪثر ڪوَجوَ استعمال ڪندي انهن ٻنهي ضميرن جي ترتيب کي بدلائيندا آهن. مثال:

* ڪَاجَا ڳَالهِ ڪَرِي بيجَلَ ٻُڌَاءِ مُون (شاهہ، سورٺ II، 17).
* جي جي وَڻُ چَڱوَ ڦَلُ نہ ٿَا ڏِئَنِ سي سي وَڍِي ٻَاهِ ۾ ٿَا وِجهِجَنِ (ميٿيو 9، 7)

ان ضمير جي هڪ ٻٽي صورت جيڪوَڪوَ آهي، پر اهو فقط فاعلي واحد ۽ جمع ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | جيڪوَڪوَ؛ جيڪاڪا (مونث) |
| حالت | جمع |
| فاعلي | جيڪيڪي |

ان جي بي جنس صورت **جيڪيڪي** آهي. مثال:

- جيڪوَڪوَ پَنهن جي پَاءَ تي بي سَبَبِ تَوَ ڪَاوِڙجي سوَ عَدَالَتَ جوَ ڏُهَارِي ٿِيندَوَ (2- 5 ميٿيو).

سمجهاڻي: **ڪوَ** جو هڪ ٻيو مرڪب **هَرَڪوَ** (هندستاني **هَرَڪوَئِي**) آهي ۽ فقط واحد صورت ۾ ڪتب ايندو آهي جڏهن ته ان ۾ باقاعدگي سان ڦيرو ايندو آهي. مثال:

فاعلي: **هَرَڪوَ؛ هَرَڪا** (مونث).

تشڪيلي صورت: **هَرَ ڪَنهن** (بي جنس)

نمبر - 37

# VII- REFLEXIVE PRONOUN

## مشترڪ ضمير

پَاڻَ:

سنڌيءَ ۾ پَاڻَ مشترڪ ضمير آهي، جيڪو **پَاڻُ** جي صورت ۾ به موجود آهي. اهو سنسڪرت لفظ **آتّمَا** مان نڪتل آهي، جيڪو پراڪرت ۾ **اَپّا** يا **اَپَاڻ** جي صورت ۾ هوندو آهي ((Var III, L: 45 & 48). ان پراڪرت صورت **اَپَاڻ** مان شروعاتي پد اَپ حذف ٿي سنڌيءَ جو **پَاڻَ** وجود ۾ آيو آهي.

سمجهاڻي: مراٺي مشترڪ ضمير **آپَڻ** مان به پراڪرت **اَپَاڻ** ڏانهن اشارو ملي ٿو. جڏهن ته هندستاني **آپ** (اضافتي: **اَپّنَا**) جو لاڙو پراڪرت **اَپّا** ڏانهن لڳي ٿو. ساڳيءَ ريت پنجابيءَ ۾ به **آپ** ۽ اضافتي صورت **اَپّڻَا**. گجراتيءَ ۾ پراڪرت جون ٻئي صورتون نظر اچن ٿيون. جيئن **آپ** ۽ **آپڻو**.

*پَاڻَ (معنيٰ روح) جي اصلي اهميت مان ان جي استعمال کي چڱي طرح سمجهائي سگهجي ٿو. ڪنهن به جملي ۾ ان جو اشارو يا مقصد خود فاعل (ڳالهائيندڙ) ڏانهن هوندو آهي، پوءِ چاهي اهو صاف طرح چيو ويو هجي يا مبهم هجي. اضافتي حالت (**پَانهَن جوَ**) ۾ جيتوڻيڪ اهو ضمير مالڪي ڏيکاريندڙ طور ڪم اچي ٿو، پر ساڳئي وقت اهو own جو ترجمو ٿي سگهي ٿو يا ان فاعل ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

### واحد ۽ جمع

| | |
|---|---|
| فاعلي: | پَاڻَ (مونث ۽ مذڪر) |
| تشڪيلي صورت: | پَاڻَ |
| اضافت: | پَانهَن جوَ؛ پَنهَن جوَ؛ پَانَ جوَ (لاڙ ۾ استعمال). |
| مفعولي: | پَاڻَ کي |
| اپادان: | پَاڻَان؛ پَاڻَ کَان. |

ان جي هڪ ظرفي (adverbial) صورت پَاڻُهِين آهي، جيڪا ان ئي مطلب سان اپادان حالت ۾ پاڻان طور به استعمال ٿيندي آهي.

- پَاڻُهِين سُڃَاڻي پَاڻَ پَاڻُ ڪَرَ پَاڻُ لَهي
  پَاڻُهِين پَسي پَاڻَ کي پَاڻُهِين هِيءَ مَحْبُوبُ (شاهه، ڪلياڻ I، 18)
- پَاڻُهِن جوُ آهين پَاڻَ آڏوُ عَجِيبَن کي (شاهه، آبري V، 2)
- پُوڄَا ڪَرِ مَ پَاڻَ کي جوُڳِي رَکِج جوُڳُ (شاهه، رامڪلي VII، 20)
- تُون پَنهَن جي پَاءُ کي ڪيئن چَوَنْدِين تَہ مُون کي پَنْهَن جي اَکِ مُون ڪَنَرُ ڪَڍڻ ڏِي (4، 7 ميٿيو).

اِن آخري جملي ۾ مشترڪ ضمير جو اشارو جنهن فاعل ڏانهن آهي، ان کي ڳالهائيندڙ جي حساب سان يا متن جي حوالي سان سمجهڻ گهرجي.

ڏُرِ هڪ مشترڪ ضمير نہ آهي (جيئن ڪيپٽن جارج اسٽئڪ سمجهيو آهي)؛ اهو دراصل ڏُرُ جو حالت مڪانيءَ جو روپ آهي معنيٰ حد، خاص مقام وغيره، (پنجابي ڏُر- ظرف) جنهن کي ظرف طور استعمال ڪيو ويو آهي، ساڳي صورتحال پِنڍِ جي آهي، جيڪو پِنڊُ جي حالت مڪانيءَ جو لفظ آهي ۽ جنهن مان مطلب پاڻ جو نڪري ٿو ۽ ان ڪري ان جي اضافتي حالت پِنڍِ جوَ آهي.

- پَرَ پُڄُ پِنْڊِ پَانْهَن جوَ مَنْجِهِس مُنْهُ پَاتِو (سون ورني الف ب)
- هِيئنئا هيڪَڙَا پِئَنِ کي سَڏَائِين سَارِين (مج 200)

نمبر - 38

# VIII- PRONOMINAL ADJECTIVE

# ضميري صفت

هن بحث ۾ اسان فقط انهن صفتن جو ذڪر ڪنداسون جيڪي تقريباً ضمير وانگر آهن ۽ انهن ۾ ڦيرو بہ قاعدي موجب نٿو ٿئي ۽ اهي ضميري بناوٽن مان پيدا ٿيل آهن. انهن ۾ اهڙيون صفتون جيڪي جملن ۾ ضمير بدران استعمال ٿين انهن جو ذڪر نہ ڪنداسون. مثلاً: فَلَاڻوَ، هِڪِڙو، ٻِئوَ، سَڀوَ. چاڪاڻ جو انهن جي بناوٽ باقاعدي صفتن جهڙي آهي.

## 1) Indefinite pronominal adjective

### مبهم ضميري صفت

هت اسان ضميري صفت سَڀُ جو ذڪر ڪنداسون، جنهن جي زور پرائيندڙ صورت سَيوَئِي آهي، ۽ مرڪب سَيڪوَ، مِڙيوَئِي يا مِڙوَئِي.

i) ضميري صفت- سَڀُ:

اها سنسڪرت جي سَرْوَ مان نهيل آهي. پراڪرت ۾ سَوَّ: هندستانيءَ ۾ سَبْ (مراٺي ۾ سَرْوُ) سنڌي ۾ ب وسرڳجي ٿي، چاڪاڻ جو ر جي چاٽني ٿي وڃي ٿي. (پنجابيءَ ۾ بہ سَبھ: تفصيل لاءِ ڏسو تعارف نمبر 15، B، C)

| حالت | واحد |
|---|---|
| فاعلي | سَڀُ؛ سَڀَ (مونث) |
| تشڪيلي صورت | سَڀَ |

نمبر - 39

# IX- PRONOMINAL SUFFIXES

## (attached to nouns and postposition)

## ضميري پڇاڙيون

### (اسمن ۽ حروف جر سان لڳندڙ)

خالص ۽ اضافتي ضميرن جي گرداني حالت بدران سنڌيءَ ۾ پڇاڙين جو استعمال تمام گهڻو ڪيو ويندو آهي، جيڪي اسم، حرف جر (ظرف) ۽ فعل ۾ جوڙ طور استعمال ٿين ٿيون. انهن پڇاڙين جو استعمال سنڌيءَ جي هڪ خاصيت آهي، جيڪا ان ڪي هندستان جي پينر بولين جي پيٽ ۾ هڪ خاص درجو ڏئي ٿي، چاڪاڻ ته ٻين بولين ۾ ضميري پڇاڙيون موجود ئي نه آهن، پر ساڳئي وقت انهن پڇاڙين جي استعمال سبب ٻوليءَ ۾ جملا ناهڻ جو عمل ايترو ته مشڪل ٿيو وڃي جو نئون ماڻهو هن ڪي سمجهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندو آهي. ان حوالي سان سنڌيءَ جو پشتو ۽ فارسي ٻولين سان هڪجهڙائي وارو رشتو آهي، جو ته اهي ٻوليون هندستان ۽ ايران جي وچ ۾ لاڳاپي جون اهم ڪڙيون آهن.

هتي اسان اسم ۽ حرف جر ۾ پڇاڙين جي لڳائڻ جو طريقو بيان ڪنداسون. فعلي پڇاڙين جو ذڪر مناسب جڳهه تي ڪيو ويندو.

اسم ۽ ظرف ۾ لڳندڙ ضميري پڇاڙيون هن ريت آهن:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم- | مِ | اوُن يا هُون |
| ضمير غائب- | سِ | نِ ۽ نَ |

ضمير متڪلم واحد مِ پراڪرت اضافتي واحد مي جي برابر آهي؛ فارسي پڇاڙي اَم آهي جڏهن ته پشتو ۾ سنڌي وانگر مِ آهي. ضمير حاضر واحد جي پڇاڙي ۽ سنسڪرت اضافتي واحد تي مان ڦٽي نڪتي آهي ۽ سنڌي ۾ ت حذف ٿي وئي آهي، جيڪو عمل پراڪرت قاعدي موجب ٿيندو آهي (ڏسو تعارف نمبر 7). فارسيءَ ۾ آخري اِي حذف ٿيندي آهي، (اَت) جڏهن ته پشتو ان ضمير جي اصلي صورت قائم رکي آهي. فقط ان فرق سان ته tenuis بدلجي media يعني د ٿيو وڃي.

ضمير غائب واحد جي پڇاڙي سِ جو تعلق پراڪرت اضافتي سي (جيڪو اَسِيَہ مان نندو ڪيل آهي) سان آهي. فارسيءَ ۾ اهو اَش آهي. جڏهن ته پشتو ۾ س کي ه ۾ (زند ۾ هي) بدلائي ۾ بدلائي پوءِ مڪمل طور حذف ڪيو ويو آهي = ئي.

ضمير متڪلم جمع جون پڇاڙيون اُون يا هُون فقط حرف جر تي لڳنديون آهن ۽ ضمير متڪلم جمع جي ڪابہ پڇاڙي اسم سان نہ لڳندي آهي، اها پراڪرت اضافتي جمع اَمُهو جي تصغيري يا ننڍي ٿيل صورت آهي. ان جي فارسي صورت مَا آهي ۽ پشتو ۾ مُو يا اُم آهي.

ضمير حاضر جمع پڇاڙي وَ سنسڪرت پراڪرت اضافتي جمع وو مان نڪتل آهي. فارسيءَ ۾ اُها شُما آهي (جنهن مان سنسڪرت اضافتي جمع يُشمَا ڪَرَ ڏانهن اشارو ٿو لڳي)، جڏهن ته پشتو ۾ اهو مُو آهي.

ضمير غائب جمع پڇاڙي نِ يا نَ بظاهر هڪ پراڻي ضميري بنياد نَ مان نڪتل آهي، جيڪا پالِيءَ ۾ سو جي جاءِ تي متبادل طور ايندي آهي؛ ان جي پراڪرت اضافتي جمع صورت ڻِيهِمَ ٿيندي (پيٽ لاءِ ليسن صفحو 325، VI. Var، 4). جڏهن تہ ننڍو ٿيل نَ يا نَ ڻاڻَ مان نڪتل ٿي سگهن ٿا.

اهي پڇاڙيون پنهنجي اشتقاق جي حوالي سان جڏهن اسم سان گڏجن ٿيون تہ اهي اضافتي ضمير جي جڳهہ ٻڌائين ٿيون، پر جڏهن اهي ظرف يا حرف جر سان گڏ هجن تہ ان صورت ۾ اهي ڪنهن بہ ڦرندڙ خالص ضمير جي جاءِ وٺي سگهن ٿيون. جيتوڻيڪ اهي پڇاڙيون اسم سان ئي سڄاتيون وڃن ٿيون، پر اهي فعل سان فعلي جوڙ طور بہ لڳي سگهن ٿيون، جيئن اسان اڳتي هلي سمجهاڻي ڏينداسون.

**نمبر - 40**

## I- PRONOMINAL SUFFIXES (attached to nouns)

## اسمن سان لڳل ضميري پڇاڙيون

جڏهن اسم ۾ ڪا پڇاڙي لڳندي آهي تہ ڪجهہ حالتن ۾ ان جي آخري سُر ۾ تبديلي ايندي آهي. ان ڳالهہ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ اسم ۾ پڇاڙيون بي قاعدي نہ لڳايون وينديون آهن ۽ گهڻو ڪري ڪنهن ماڻهوءَ جي حوالي سان استعمال ٿينديون آهن.

**فاعلي واحد صورت ۾:**

1) اُ تي ختم ٿيندڙ اسمن ۾ پڇاڙي لڳڻ جي ڪري ڪابہ تبديلي نہ ايندي آهي.

2) اوَ تي ختم ٿيندڙ اسم گهڻو ڪري ان کي ننڍو ڪندي اُ ۾ تبديل ڪندا آهن، پر ڪن جاين تي اوَ برقرار بہ رهندو آهي.

3) اِي تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسم اچار کي نرم ڪرڻ لاءِ ان کي يُ يا يَ ۾ تبديل ڪندا آهن.

4) اِي تي ختم ٿيندڙ مونث اسم ان کي يَا ۽ ننڍو ڪري اِ ۾ تبديل ڪندا آهن.

5) اِي (اِ) تي ختم ٿيندڙ اسمن ۾ ڪابہ تبديلي نہ ايندي آهي.

**تشڪيلي صورت واحد:**

هن ۾ پڇاڙيون آخري سُر تي لڳي انهن ۾ ڪا تبديلي آڻينديون آهن. سواءِ اوَ تي ختم ٿيندڙ اسمن جي جيڪي تشڪيلي صورت واحد پڇاڙين کان اڳ اَ ۾ ختم ٿيندا هجن ۽ نہ ڪي اِي ۾.

**فاعلي جمع:**

هن ۾ آخري ڊگهو سر ننڍو ڪيو ويندو آهي ۽ آخري انوسوار ن پڇاڙيءَ کان اڳ حذف ڪيو ويندو آهي؛ پر مذڪر اسمن ۾ آخري اِي کي يَا (يءَ) ۾ بدلايو ويندو آهي (جيئن فاعلي واحد ۾ ٿيندو آهي).

**تشڪيلي صورت جمع:**

هن ۾ پڇاڙيون آخري نِ ۾ بنان ڪنهن تبديليءَ جي لڳنديون آهن.

اُ (اُون) ۽ آ تي ختم ٿيندڙ اسمن ۾ پڇاڙي ورلي ڪو نظر ايندي آهي، جڏهن تہ اَ تي ختم ٿيندڙ ڪجهہ اسمن ۾ ائين ٿيندو آهي. خاص ڪري شاعريءَ ۾ ڏٺو وڃي تہ سراسري طرح پڇاڙيون گهٽي ياڳي اهڙن اسمن ۾ لڳنديون آهن. جيڪي اُ ۽ اوَ تي ختم ٿيندا آهن ۽ ڪجهہ صورتن ۾ اِي (مذڪر ۽ مونث) ۽ اِي ۾ لڳنديون آهن.

هيٺ ڏنل مثالن مان پڇاڙين جي اسمن ۾ لڳڻ کي آسانيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿو.

### واحد پيءُ (فاعلي ۽ تشڪيلي)

واحد

ضمير متڪلم پئُم، پئَامِ، پٺَهَمِ، پٺِهِمِ (منهنجو پيءُ)

ضمير حاضر پيءُ، پئَاءِ، پٺِهي (تنهنجو پيءُ)

ضمير غائب پئُس، پئَاسِ، پٺَهَسِ (هن جو پيءُ)

### فاعلي پئَر، تشڪيلي پئرن؛ يا پيئن

جمع

ضمير حاضر پئُوَ، پئَاوَ، پٺَهوَ (توهان جو پيءُ)

زمان غائب پئُنَ، پٺُهُنِ (هنن جو پيءُ)

واحد

ضمير متڪلم: پئُرَمِ پئُرَنِمِ، پئُنِمِ (منهنجا پيءُ)

ضمير حاضر: پئُرَيُ پئُني (تنهن جا پيءُ)

ضمير غائب: پئُرَسِ پئُنِسِ (هن جا پيءُ)

جمع

ضمير حاضر: پئُرَوَ پئُنِوَ (توهان جا پيءُ)

ضمير غائب: پئُرَنَ پئُنِنِ (هنن جا پيءُ)

### ياءُ (فاعلي ۽ تشڪيلي)

واحد

ضمير متڪلم ياٺُمِ، يامِ، ياٺِمِ، ياٺِمِ (منهنجو ياءُ)

ضمير حاضر ياءِ، ياٺي (تنهنجو ياءُ)

ضمير غائب ياسِ، ياٺِسِ (هن جو ياءُ)

جمع

ضمير حاضر: ياٺُوَ، ياٺُوَ (توهان جو ياءُ)

ضمير غائب: ياٺُنَ، (هنن جو ياءُ)

فاعلي- ياٺُرَ، تشڪيلي- صورت: ياٺُرَنِ، ياٺُنِ.

جمع

زمان متڪلم: ياٺُرَمِ ياٺُرَنِمِ، ياٺِنِمِ (منهنجا ياٺَرَ)

ماءُ (فاعلي ۽ تشڪيلي)

❖ ويروَ تَارَ وُجُودَ ۾ پريَم جِي پَچَارَ (شاهه، سهڻي IV، 7)

❖ ڏٺِيَم ڪَرمَ ڏَارَ پَاڙوَ تَن پِرينَ ڪَان (شاهه، بروو III، 5)

❖ جيڏَان سَڏَرُ سُڪَڻِيَاسِ تيڏَان وَهي وَهه سَامهُون (شاهه، سريراڳ III، 6)

**4) اِي تي ختم ٿيندڙ اسم (مونث):**

اهي اسم پڇاڙي لڳڻ کان اڳ واري اِي کي ڇوٽو ڪري اِ يا انکي يا ۾ تبديل ڪندا آهن. صفت ۽ اسم جيڪي اِي تي ختم ٿيندا هجن ته اهي به ان کي يا ۾ تبديل ڪندا آهن. پڇاڙين کان اڳ فاعلي جمع ۾ اُون کي اوُ ۾ ننڍو ڪري آخري انوسوار خارج ڪيو ويندو آهي.

**واحد**

**فاعلي: ٻَائِي؛ تشڪيلي صورت: ٻَائِيَ (ٻائيءَ)**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| ضمير متڪلم: ٻَائِمِ، ٻَايَمِ (منهنجي ٻائي) | ٻَايَمِ |
| ضمير حاضر: ٻَايِي، ٻَائِيِه (تنهنجي ٻائي) | ٻَائِيِه |
| ضمير غائب: ٻَائِسِ، ٻَايَسِ (هن جي ٻائي) | ٻَايَسِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: ٻَائِوَ، ٻَايَوَ (توهان جي ٻائي) | ٻَايَوَ |
| ضمير غائب: ٻَائِنِ، ٻَايَنِ (هنن جي ٻائي) | ٻَايَنِ |

**جمع**

**فاعلي: ٻَايُون؛ تشڪيلي صورت: ٻَايُنِ**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: ٻَايُمِ (منهنجون ٻايون) | ٻَايُنِمِ |
| ضمير حاضر: ٻَايُئِه (تنهنجون ٻايون) | ٻَايُنِي |
| ضمير غائب: ٻَايُسِ (هنن جون ٻايون) | ٻَايُنسِ |
| **جمع** | |
| ضمير حاضر: ٻَايُوَ (توهان جون ٻايون) | ٻَايُنوَ |
| ضمير غائب: ٻَايُنِ (هنن جون ٻايون) | ٻَايُنِنِ |

شاعريءَ ۾ آخري اِي ڪن صورتن ۾ يا ۾ نه بدلبي آهي ۽ رڳو اَ ۾ بدلجندي آهي. مثال:

❖ جيڪَا پُڄَنَدَمِ سَا. (شاهه، ڪيڏارو IV، 9)

| | |
|---|---|
| ضمير حاضر: جوَئي، جوَيي، جوَيَيءِ، جوُٺي، جُوَٺهي | جوَئي، جوَيي، جوَيَيءِ، جوُٺهي، جُوَٺهي |
| ضمير غائب: جوَئِس، جوَيَسِ، جُوَٺَسِ، جوُٺهسِ | جوَئِسِ، جوَيَسِ، جُوَٺَسِ، جوَٺُهسِ |
| ضمير حاضر: جوَئُوَ، جوَيَوَ، جوَٺُوَ، جوُٺهوَ | جوَئُوَ، جوَيَوَ، جوَٺُوَ، جوَٺهوَ |
| ضمير غائب: جوَئِنِ، جوَٺَنِ، جوَٺُهَنِ | جوَئُوَ، جوَيَوَ، جوَٺُوَ، جوَٺهوَ |
| | جوَئِنِ، جوَٺَنِ، جوَٺُهَنِ |

جمع

| | |
|---|---|
| ضمير حاضر: جوَيُمِ | جوَيُنِمِ وغيره وغيره |

- جَڏهين هُو عَدَالَتَ جي گَادِيَ تي وينوَ تڏهين جوُٺَسِ چَوَائي موَڪلِيُسِ (ميتيو 19، 27)

ٻيا اهڙا اسم جيڪي اُو، آ، اَ تي ختم ٿيندا آهن، انهن ۾ تشڪيلي طرح پڇاڙيون نہ لڳنديون آهن، جيتوڻيڪ هڪ اڌ جڳهہ تي انهن ۾ پڇاڙي لڳندي آهي. اهڙي صورت ۾ اُو فاعلي صورت ۾ اُ ۾ تبديل ٿيندو آهي، جڏهن تہ تشڪيلي صورت ۾ اهو اُهُ ٿيندو آهي. آ ۽ اَ سر پڇاڙين لڳڻ باوجود برقرار رهندا آهن.

❖ جي ڪَا جَمَارَانِ[1] سَا مَنجهِ گوَنڌَرَ گُذِري (شاهہ، رامڪلي III، 4)

نمبر - 41

# II- PRONOMINAL SUFFIXES

## (attached to Postpositions and Adverbs)

## ضميري پڇاڙيون

### (حرف جر ۽ ظرف سان ڳنڍجندڙ)

جن اصولن تحت اسم ۾ ضميري پڇاڙيون لڳنديون آهن، اهي حرف جر ۽ ظرف ۾ لڳندڙ پڇاڙين تي بہ لاڳو ٿيندا آهن. حرف جر ۾ ڪا بہ پڇاڙي لڳي سگهي ٿي، پر تشڪيلي طرح رڳو ضمير غائب واحد ۽ جمع واريون پڇاڙيون ئي لڳندي ڏسجن ٿيون. البت سنڌيءَ ۾ ان ڳالهہ جي آزادي آهي تہ حرف جر ۾ ڪا پڇاڙي لڳائي وڃي يا وري تشڪيلي صورت ۾ خود ضمير لڳائجي، پوءِ ان ۾ حالت اضافت واري نشاني جي سان يا ان کان سواءِ بہ لڳائي سگهجي ٿو. مثال: وَٽِسِ يا هُنَ وَٽِ

ا) حرف جر- سَنْدوَ:

لفظ سَنْدوَ اصل ۾ حرف جر نہ پر صفت آهي تنهنڪري ان ۾ ڦيرو اچي سگهي ٿو. ساڳئي وقت ان کي اضافتي حالت جي نشاني جوَ بدران بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو. (ڏسو نمبر 18)، ان جي برابريءَ ۾ پنجابي ۾ سَنْدَا استعمال ٿئي ٿو (سنسڪرت سَنْت = سَنَ) ۽ ڪنهن شيءِ جو تعلق ۽ لاڳاپو ڏيکاريندو آهي. اهو هاڻ اڪثر حرف جر طور استعمال ٿئي ٿو، خاص ڪري اهڙن اسمن سان جن ۾ پڇاڙيون لڳل نہ هجن يا آخري سر لاءِ يا وضاحت لاءِ؛ جيئن شاعريءَ ۾ بحر وزن لاءِ پڇاڙي لڳائي ويندي هجي.

[1] شاعري ۾ ضرورت آهر نندي اَ کي آ ۾ ڊگهو ڪري سگهبو آهي.

**واحد**

**سَنڌوَ (مذڪر)**

## فاعلي: سَنڌوَ؛ تشڪيلي صورت: سَنڌَ

**واحد:**

| | |
|---|---|
| | **واحد** |
| ضمير متڪلم: سَنڌُمِ (منهنجو) | سَنڌَمِ |
| ضمير حاضر: سَنڌُءِ (تنهنجو) | سَنڌَءِ |
| ضمير غائب: سَنڌُسِ (هن جو) | سَنڌَسِ |
| | **جمع** |
| ضمير متڪلم: سَنڌُون (اسان جو) | سَنڌَئُون |
| ضمير حاضرل سَنڌُوَ (توهان جو) | سَنڌَوَ |
| ضمير غائب: سَنڌُنِ (هنن جو) | سَنڌَنِ |

**جمع:**

| | |
|---|---|
| | **واحد** |
| فاعلي | تشڪيلي صورت |
| ضمير متڪلم: سَنڌُمِ | سَنڌَمِ |
| ضمير حاضر: سَنڌُءِ | سَنڌَءِ |
| ضمير غائب: سَنڌُسِ | سَنڌَسِ |
| | **جمع** |
| ضمير متڪلم: سَنڌُون | سَنڌَئُون |
| ضمير حاضر: سَنڌُوَ | سَنڌَوَ |
| ضمير غائب: سَنڌُنِ | سَنڌَنِ |

جمع: فاعلي- سَنڌَا؛ تشڪيلي صورت- سَنڌَنِ

واحد:

| | |
|---|---|
| | **واحد** |
| ضمير متڪل: سَنڌَمِ | سَنڌَنِمِ |
| ضمير حاضر: سَنڌَءِ | سَنڌَنِي |
| ضمير غائب: سَنڌَسِ | سَنڌَنِسِ |

**جمع**

| | |
|---|---|
| ضمير متڪلم: سَنُڌُون | سَنُڌِنُون |
| ضمير حاضر: سَنُڌَوَ | سَنُڌِنوَ |
| ضمير غائب: سَنُڌَنِ | سَنُڌَنِ |

اسان اهو اڳ ۾ چئي آيا آهيون (ڏسو اوّ تي ختم ٿيندڙ اسم: نمبر 40، 2) تہ پڇاڙين کان اڳ اوّ ۽ اَ ساڳي صورت ۾ برقرار رهي سگهن ٿا. مثال:سَنُڌوَمِ، سَنُڌَاسِ وغيره.

**سَنُڌِي (مونث)**

**واحد:**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: سَنُڌيَمِ | سَنُڌيَمِ |
| ضمير حاضر: سَنُڌيَءِ | سَنُڌيَءِ |
| ضمير غائب: سَنُڌيَسِ | سَنُڌيَسِ |
| **جمع** | |
| ضمير متڪلم: سَنُڌيَئُون | سَنُڌيَئُون |
| ضمير حاضر: سَنُڌيَوَ | سَنُڌيَوَ |
| ضمير غائب: سَنُڌيَنِ | سَنُڌيَنِ |

**جمع:**

| فاعلي | تشڪيلي صورت |
|---|---|
| **واحد** | |
| ضمير متڪلم: سَنُڌيُمِ | سَنُڌيُنِمِ |
| ضمير حاضر: سَنُڌيُءِ | سَنُڌيُنِي |
| ضمير غائب: سَنُڌيُسِ | سَنُڌيُنِسِ |
| **جمع** | |
| ضمير متڪلم: استعمال نہ ٿيندو آهي | استعمال نہ ٿيندو آهي |
| ضمير حاضر: سَنُڌيُوَ | سَنُڌيُنِوَ |
| ضمير غائب: سَنُڌيُن | سَنُڌيُنِي |

سَنُڌوَ جو جمع تمام گهٽ استعمال ٿيندو آهي. سَنُڌوَ جمع ۾ اسم کان اڳ هجي تہ عام طرح واحد طور ٿي ڪتب ايندو آهي.

❖ سوَٽِي سَاٽِيھُ مُنھُن جوَ سَاڄَنُ جِتِ سَنڌوَمِ (مج 86)

❖ رَاڄُ پَرَتوَ رَبَّ کي سُومَرَا سَنڌوَءِ (شاھ، عمر مارئي VI )

❖ مَاڙھُون ڏِيَنڌا مِيھَڻَا جيڪي سِيڻَ سَنڌاءِ (مج 292)

❖ زَالِن مَٽي بَہ چوَٽِيُون
مُڙسَنِ مٽي وَارَ
هَٽين سوَٽِيُون
مَٽين چوَٽِيُون
اِهي سَنڌَنَ آچَارَ (ماموئين جا بيت)

❖ جَنَّتَ سَنڌيَنَ جُوءِ فَائِقَ هَلِيَا فِردوَسَ ڏِي (شاھ، ڪيڏارو IV، 5)

شاعريءَ ۾ ڪن جاين تي سندوَ پڇاڙين کان سواءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ اهڙي صورت ۾ پڇاڙي جملي ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ ڏنل ٿي سگهي ٿي.

❖ لَڏَائِي لَطِيفُ چَوِي سَنَدَا ڏَاڻَ ڏِسَنِ (شاھ، سورٺ I، 14)

2) اُ - تي ختم ٿيندڙ حرف جر: سَاڻُ

| | واحِد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | سَاڻُمِ | سَاڻُھون |
| ضمير حاضر | سَاڻُئِي | سَاڻُوَ |
| ضمير غائب | سَاڻُسِ | سَاڻُنِ |

سيڻُ سان بہ پڇاڙيون ان ئي طريقي سان ڳنڍبيون آهن. ضمير غائب جمع ۾ شاعري ۾ سيڻُنِ بدران سيڻَانَ ۽ سيڻَانِ استعمال ۾ آهن.

❖ جَان جَان سَاڻُئِ سَاھُ تَان پَاڙِج ڪوَ مَ پُنھُونءَ سَان (شاھ، معذوري V، 5)

❖ مُنھُن جوَ سَاھُ وِٺوَ سيڻَانِ آيَلِ وِهَان ڪِيئَن پَنھوَرَ ۾ (شاھ، حسيني XI پڇاڙي)

3) اِ يا اِي (اِين) تي ختم ٿيندڙ حرف جر: ڪَڻِ يا ڪَنِ

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | ڪَڻِمِ | ڪَڻِئُون |
| ضمير حاضر | ڪَڻِي | ڪَڻِوَ |
| ضمير غائب | ڪَڻِسِ | ڪَڻِنِ |

ڪَڻِ جي اشتقاق لاءِ ڏسو نمبر 16، 4

ان قسم جا ٻيا حرف هن ريت آهن: ڳِرِ، وَٽِ، مَنجھِ، هيٺِ، زمان غائب واحد جي پڇاڙيءَ کان اڳ آخري اِ کي اڪثر ڊگهو ڪري اِين ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. جيئن وَٽِينسِ ۽ ضمير غائب جمع جي پڇاڙيءَ کان اڳ اِي لڳايو ويندو آهي. مثال مَنجھِينَ.

❖ اِيڪَ ڦَصَرِ دَرَ لَکَ سَھسين ڪَڻِسِ ڳوَڪِيُون (شاھ، ڪلياڻ I، 23).

## حصو ٽيون

## THE VERB

# فعل

جديد هندستاني ٻولين ۾ جيترو بگاڙ آيو آهي، اهو انهن جي متصل ڦيرن واري عمل مان صاف ظاهر ٿيندو آهي. انهن مان تقريباً سڀئي سنسڪرت جا زمان غائب ٿي ويا آهن. خاص ڪري جيڪي ماضيءَ بابت آهن. ڇاڪاڻ ته عام اڻپڙهيل ماڻهوءَ لاءِ اهي لفظ تمام گهڻا ڏکيا هئا ۽ ان ڪري انهن مجبور ٿي انهن زمنن جي پورائيءَ لاءِ مختلف قسمن جا گهاڙيٽا ٺاهيا آهن ۽ ان عمل ۾ ضابطي ۽ طريقي ۾ ايترو ته فرق آهي جو هر بناوت ۾ ڪي نيون خصوصيتون ظاهر ٿين ٿيون جيڪي ٻين ٻولين ۾ نٿيون ملن.

# باب ٻارهون

## نمبر - 42

## Formation of the Verbal Themes, the Imperative and the Participles

## فعلي بناوتن جي جوڙجڪ - امر ۽ ڪردنت (اسم مشتق)

**فعلي بناوتن جي جوڙجڪ:**

اسان اڳيئي (نمبر 7، 2) ۾ ڏسي آيا آهيون ته سنڌي فعلن جا اهڙا مصدر جيڪي اَڻُ تي ختم ٿيندا هجن، اهي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي فعلي اسمن سان نهڪي اچن ٿا. ان ڪري سنڌي فعل جو ڌاتو مصدر ۾ ڳولهڻ بدران امر ۾ ڏسبو، جنهن ۾ فعل جي اصلي صورت بنان ڪنهن اضافي جي ملندي، سواءِ ان آخري سر جي جيڪو فعل جي ڌاتوءَ جو حصو نه آهي.

ڏنو وڃي ته سنڌيءَ ۾ فقط هڪ قسم جا فعل آهن، ڇاڪاڻ جو سڀئي فعل هڪ ئي طريقي سان ڦيرو کائيندا آهن: ۽ انگريزي سنسڪرت جي برعڪس ان ۾ مختلف متصل ڦيرا نه هوندا آهن جو ته فعل جي گردان لاءِ هڪ ئي قاعدو استعمال ٿيندو آهي.

ڪجهه زبانن ۾ بي جنس ۽ معروف فعلن ۾ وڏو فرق هجڻ ڪري، عملي طرح سنڌيءَ ۾ فعلن کي فعل معروف (Active) ۽ بي جنس (Neuter) ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

| | |
|---|---|
| بَجهَڻُ | بَنڌَڻُ |
| بُجهَڻُ | بُنڌَڻُ |
| پَچَڻُ | پَچَڻُ |
| پُچَڻُ | پُچَڻُ |
| ڦاٽَڻُ | ڦاڙَڻُ |
| ڄاپَڻُ ۽ ڄَمَڻُ | ڄَٽَڻُ |
| ڄُپَڻُ | ڄُهَڻُ |
| چِجَڻُ | چِنَڻُ |
| ڏَرَپَڻُ | دَوَئِڻُ |
| ڏُپَڻُ | ڏُهَڻُ |
| ڏُجهَڻُ | ڏُهَڻُ |
| ڊِراپَڻُ | ڊِرائِڻُ |
| رَجهَڻُ | رَنڌَڻُ |
| زَهَڻُ | رَڪَڻُ |
| سُڄَڻُ | سُٽَڻُ |
| ڪُسَڻُ | ڪُهَڻُ |
| ڪاجَڻُ | ڪائِڻُ |
| ڪامَڻُ | ڪانئِڻُ |
| ڪَچَڻُ | ڪَٽَڻُ |
| ڳَسَڻُ | ڳَهَڻُ |
| لَبَڻُ | لُٽَڻُ |
| لِپَڻُ | لَهَڻُ |
| مَاپَڻُ، مَامَڻُ | مَائِڻُ |
| مُسَڻُ | مُهَڻُ |
| وِسامَڻُ | وِسائِڻُ |
| وِڪامَڻُ، وِڪَڻُ | وِڪَٽَڻُ |
| وَهامَڻُ | وِهائِڻُ |
| هَپامَڻُ | هَپائِڻُ |
| يِپَڻُ | يَهَڻُ |

سمجهاڻي: پراڪرت ۾ بالواسطہ فعل ٺاهڻ لاءِ اِپي (سنسڪرت اَپي) يا آوِي (سنسڪرت آپي = آپي= آوِي: ڏسو ورار VII، 26، 27) جو اضافو ڪيو ويندو آهي. جديد هندستاني ٻولين ۾ فقط آوِي جو اضافي استعمال ملي ٿو، جنهن کي سنڌي هندستاني ۽ بنگاليءَ ۾ ننڍو ڪري آ ڪيو ويو آهي ۽ وِي کي حذف ڪيل ڏسجي ٿو.

گجراتيءَ ۾ بالواسطہ ٺاهڻ لاءِ آوَ (۽ وَاوِ جڏهن فعل جي آخر ۾ سر موجود هجي) جو اضافو ڪيو ويندو آهي. پنجابيءَ ۾ اهو ڪم آ مان ورتو ويندو آهي ۽ مراٺيءَ ۾ آوَ کي ننڍو ڪري اَوَ طور لڳايو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ اڪري ملاپ طور ر (هندستاني ۽ پنجابي ۾ ل) جو مثال اڳ ۾ ل جي صورت ۾ موجود هئي، جيڪا ڪجهہ سنسڪرت بالواسطہ بناوتن ۾ لڳائي ويندي هئي.

هندستانيءَ ۾ ٻنو بالواسطہ فعل ٺاهڻ لاءِ سادي بالواسطہ اضافي آ کان اڳ و لڳائي ڪيو ويندو آهي. پنجابيءَ ۽ گجراتيءَ ۾ بہ اهو ئي طريقو رائج آهي.

IV: تقريباً هر ٻي جنس، معروف ۽ بالواسطہ مان مجهول صورت ڪيئي سگهجي ٿي ان جي فعلي ڌاتوءَ ۾ اضافي جَڻُ لڳائڻ سان ڪجهہ فعل، خاص ڪري (Denominatives) فقط مجهولي صورت ۾ ئي هوندا آهن. مثلاً: اُڪَنِجَڻُ، اَنگُرِجَڻُ، ڏمرِجَڻُ وغيره.

ڪو بہ ٻي جنس فعل پنهنجي اصلي حيثيت کي برقرار رکندي بہ مجهولي صورت وٺي سگهي ٿو. ٻي جنس ۽ لازمي فعلن جي مجهولي صورت فقط ضمير غائب واحد ۾ ڪتب آڻبي آهي. جڏهن تہ فعل معروف ۽ بالواسطہ فعل جون مجهولي صورتون هر زمان ۾ ڦيرو ڪائي سگهن ٿيون.

مجهول جي نشاني جَڻُ فعلي ڌاتو ۾ تڏهن گڏي ويندي آهي، جڏهن اهو وينجن تي ختم ٿيندو هجي، پوءِ ان ۾ ڳنڍيندڙ سر اِ موجود هجي يا نہ هجي، پر جيڪڏهن فعلي ڌاتو ڪنهن سر تي ختم ٿيندو هجي تہ ڳنڍيندڙ سر اِ جو استعمال ضروري آهي. مثال:

| | |
|---|---|
| پُورَڻُ- | (بالواسطہ) پُورَجَڻ |
| گهَٽَڻُ- | (بالواسطہ) گهَٽَجَڻُ |
| وِجَائڻُ- | (بالواسطہ) وِجَائِجَڻُ |

اهڙا فعل جيڪي سخت اَ ۽ اَمر وري اُ تي ختم ٿين (ڏسو نمبر 43) مثال: چَوَڻُ- اَمر چَوُ. مجهولي صورت جي اضافي کان اڳ مصدر مان و حذف ڪندا آهن. جيئن: چَئِجَڻ؛

پَوَڻُ- امر پَوُ- پَئِجَڻُ

اهڙا فعل جيڪي مصدر جي اضافي کان اڳ پنهنجي آخري ڌاتو سر (اِي، اُو، اوَ) کي چوٿو ڪندا آهن، اهي پنهنجي مجهولي پڇاڙي جَڻُ کان اڳ پنهنجي ڊگهي سر کي قائم رکندا آهن. مثال:

| | |
|---|---|
| پِئَڻُ- | (امر) پِيءُ- مجهول پِيجَڻُ |
| پوئڻُ- | (امر) پُوُ- مجهول پُوئِجَڻُ |
| ڌُوئَڻُ- | (امر) ڌوءِ- مجهول ڌوئِجَڻُ |

ان جي ابتڙ قاعدي جو پورائو نہ ڪندي هي مثال ڏسو:

| | | |
|---|---|---|
| ٿِئَڻُ- | (امر) ٿِيءُ- مجهول | ٿِجَڻُ |
| ڪَرَڻُ- | (امر) ڪَرِ- مجهول | ڪِجَڻُ |

سمجهاڻي: سنسڪرت ۾ مجهول ٺاهڻ لاءِ فعل جي ڌاتوءَ ۾ ي جو اضافو ڪيو ويندو آهي؛ پراڪرت ۾ ان ي بدران اِجّ ۽ اپڀرنش ۾ اِجَ يا اِجُ لڳايو ويندو اهي (Lassen, P:467). تنهنڪري سنڌيءَ ۾ مجهول جو

اضافو ج آهي، جيڪو فعلي اسم يا مصدر جي جوڙ سان ڳنڍيو ويندو آهي، يعني ڄَ+ اَڻُ = ڄَڻُ. سنڌي (۽ ڪنهن حد تائين پنجابي) واحد ٻولي آهي، جنهن ۾ باقاعده مجهول موجود آهي، جڏهن ته ٻين سيني ٻين ٻولين کي مجهول ناهڻ لاءِ مختلف گهاڙيٽن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. انهن ٻولين ۾ مجهول ناهڻ جو عام طريقو اهو آهي ته اسم مفعول کي فعل جاتا سان مرڪب ڪيو ويندو آهي. مثال جيئن هندستاني ۾ "ميَن مَارَا جَاتَا هُون". تنهنڪري ڏٺو اهو ويو آهي ته جاٽڪي لهجن ۾ جيڪڏهن ڇنجي ته مجهول موجود آهي ته ان لاءِ انهن وٽ فعلن (مجهول ۽ ٻي جنس) جو وڏو انگ موجود آهي.

نمبر- 43

## THE IMPERATIVE

## امر

امر سنڌي فعل جي ڌاتوءَ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ جيئن ته سمورن فعلي ڦيرن جو دارومدار ان تي آهي، تنهنڪري ان جي جوڙجڪ کي سمجهائڻ ضروري آهي.

1) ٻي جنس ۽ مجهول فعلن جو امر هميشه اُ[1] تي ختم ٿيندو آهي. مثال:

مَرَڻُ- امر: مَرُ
اَڇَڻُ- امر: اَڇُ
ڳَڏِجَڻُ- امر: ڳَڏِجُ

اهڙا فعل جن ۾ مصدر ۾ و لڳندو آهي، اهو امر ۾ حذف ٿي ويندو آهي. مثال:

نَوَڻُ- امر: نَوُ

جڏهن مصدر ۾ آخري سر ننڍو ڪيو ويو هوندو آهي ته امر ۾ اهو واپس اچي ويندو آهي. مثال:

ٿِيَڻُ- امر: ٿِيءُ
ڇُوَئَڻُ- امر: ڇُوءُ
رُوئَڻُ- امر: رُوُ (رُوءِ)
وِهَڻُ- امر: وِيهُ

هيٺ ڏنل فعل پنهنجا امر قاعدي موجب ۽ قاعدي کان سواءِ ناهيندا آهن.

اَچَڻُ- امر: اَچُ ۽ آءُ[2]
وَڃَڻُ- امر: وَڃُ ۽ وَنءُ

2) فعل معروف ۽ بالواسطه جا امر اِ تي ختم ٿيندا آهن. مثال:

پَالَڻُ- امر: پَالِ
گهَٽَائڻُ- امر: گهَٽَاءِ

اهڙا گهڻا ئي فعل لازم آهن، جن جا امر اِ تي نه پر اُ تي ختم ٿيندا آهن. ڪن ۾ ٻئي پڇاڙيون به هونديون آهن. مثال:

---

[1] ان قاعدي جي خلاف ورزي فقط هڪ جڳهه تي ڏسجي ٿي. پَاٻُوهَڻُ جنهن جي امر ۾ پَاٻُوهُ ڪانسواءِ پَاٻُوهِ به ٿيندو آهي.

[2] اهو پراڻي ڌاتو آ مان آيو آهي، جيڪو هاڻ سنڌيءَ ۾ استعمال نه ٿيندو آهي، پر هندستانيءَ ۾ آهي. مثال: آنَا.

| فعل | امر |
|---|---|
| اُپٽڻُ (چاڙهڻ) | اُپٽُ |
| آڪڻُ | آڪُ ۽ آڪ |
| اَگهڻُ | اَگهُ |
| اَلڻُ | اَلُ |
| ٻُجهڻُ | ٻُجهُ |
| ٻَنڌڻُ | ٻَنڌُ |
| ٻُنڌڻُ | ٻُنڌُ |
| ٻَچڻُ | ٻَچُ |
| ٻِچڻُ | ٻِچُ |
| ٻُچڻُ | ٻُچُ |
| ٻُرجهڻُ | ٻُرجهُ |
| ٻَرُوڙڻُ | ٻَرُوڙَ |
| پَڙهڻُ | پَڙهُ |
| پَسڻُ | پَسُ |
| پِنڻُ | پِنُ |
| پُوڻُ | پُوءُ |
| پِهڻُ- پيهڻُ | پِهُ- پيهُ |
| پِئڻُ | پيءُ |
| جاڻڻُ | جاڻُ |
| جَهڻُ | جَهُ |
| جهٽڪڻُ | جهٽڪُ |
| چُپڻُ | چُپُ |
| چَرڻُ | چَرُ |
| چَڪڻُ | چَڪُ |
| چُگڻُ | چُگُ |
| چُگهڻُ | چُگهُ |
| چُمڻُ | چُمُ |

| | |
|---|---|
| چَرَڻُ | چَرُ |
| ڇُهَڻُ | ڇُهُ |
| ڇِنَڻُ | ڇِنُ |
| ڇُوَڻُ، ڇُهَڻُ | ڇُوءِ، ڇُهُ |
| ڏَائِڻُ | ڏَاءُ |
| ڏُکَڻُ | ڏُکُ |
| ڏَنوَڻُ | ڏَنءُ ۽ ڏَنءِ |
| ڏوئڻُ | ڏوءِ |
| ڏَرَڻُ | ڏَرُ |
| ڏِسَڻُ | ڏِسُ |
| ڏَهَڻُ | ڏَهُ |
| ڏُهَڻُ | ڏُهُ |
| رَکَڻُ | رَکُ |
| سِبَڻُ | سِبُ |
| سِکَڻُ | سِکُ |
| سَلَڻُ | سَلُ |
| سَمُجهَڻُ | سَمُجهُ |
| سَنْپِرَڻُ | سَنْپِرُ |
| سُڃَاڻَڻُ | سُڃَاڻُ |
| سِٽِڪَڻُ، سُٽِڪَڻُ | سِٽِڪُ، سُٽِڪُ |
| سِنگهَڻُ | سِنگهُ |
| سُنگهَڻُ | سُنگهُ |
| سُڻَڻُ | سُڻُ |
| سَهَڻُ | سَهُ |
| ڪَتَڻُ | ڪَتُ |
| ڪَڍَڻُ | ڪَڍُ |
| ڳَائِڻُ | ڳَاءُ |
| ڪَٽَڻُ | ڪَٽُ |

| | |
|---|---|
| کَهَڻُ | کَهُ |
| ڪُهَڻُ | ڪُهُ |
| کَٽَڻُ | کَٽُ |
| کَنهَڻُ | کَنهُ |
| کيڏَڻُ | کيڏُ |
| کِئَڻُ | کِيءُ |
| گِنهَڻُ | گِنهُ |
| گهَرَڻُ | گهَرُ |
| گهَڻُ | گهُ |
| گِهَڻُ | گِهُ |
| لَکَڻُ | لَکُ |
| لِکَڻُ | لِکُ |
| لِنبَڻُ | لِنبُ |
| لَٽَڻُ | لَٽُ |
| لَهَڻُ | لَهِج |
| لَهڻَڻُ | لَهَڻُ |
| مُڇَڻُ | مُڇُ |
| مَڇَڻُ | مَڇُ ۽ مَڇ |
| مَگَڻُ | مَگُ |
| مَنَڻُ | مَنُ |
| وَٽَڻُ | وَٽُ |
| وِجهَڻُ | وِجهُ |
| وِڪٽَڻُ | وِڪڙُ |
| هَٽَڻُ | هَٽُ |
| يَهَڻُ[1] | يَهُ |

[1] ڪنهن اسٽنڪ پنهنجي سنڌي وياڪرڻ ۾ هيٺ ڏنل فعلن کي ٻـ فعل معروف ۾ شامل ڪيو آهي، جن جا امر اُ تي ختم ٿين ٿا. ٻڪڻ، پلڻ، چنبڙڻ، جهڪڻ، رڃڻ، سنهڻ سنهائڻ، وچڙڻ، وسهڻ، وَنڻ، پر اهي سڀئي لازم فعل آهن ۽ انهن جا امر قاعدي موجب نهندا آهن.

هيٺ ڏنل فعل معروف اهي آهن، جن جا امر بنان قاعدي جي ٺهندا آهن:

ڏيَڻُ- (امر) ڏي (ڏيءُ بدران)

نِئَڻُ- (امر) ني (نيءُ بدران)

اهي فعل جن جا امر واحد اُ تي ختم ٿيندا آهن، اهي جمع ۾ اوُ (يا يوُ، اکري ملاپ لاءِ ي جيڪو فعل اَ ۽ اُ کان علاوه ٻئي ڪنهن سر تي ختم ٿيندو هجي) تي ختم ٿيندا ۽ اهي جن جا امر واحد اِ تي ختم ٿين انهن جا جمع يوُ يا اِوُ تي ختم ٿيندا آهن. مثال:

| امر | جمع |
|---|---|
| اَچ | اَچوُ |
| ڏوَءُ | ڏوَيوُ |
| پَڙهُ | پَڙهوُ |
| ڏِي | ڏِئوُ |
| جهَلِ | جهَليوُ ۽ جهَلِيوُ |

ضمير حاضر جمع جي هڪ پراڻي شڪل پڇاڙي هوُ جي صورت ۾ آهي، جيڪا پڻ استعمال ٿيندي آهي. مثال: جهَلِهوُ.

امر جا ٻيا زمان سَگهَہ ڏيارينڌڙ مرڪب فعل مان ڪڍيا پوندا.

امر جي هڪ ٻي صورت جي[1] تي ختم ٿيندي آهي، جيڪا پڻ ٻي جنس ۽ فعل معروف ۾ ڳِنڊي ويندي آهي. امر جو اهو قسم دراصل هڪ دعائيہ Precative آهي، جنهن مان مفهوم ڪنهن التجا، عرضن يا دُعا وارو نڪرندو آهي[2] مثال:

موَٽڻُ- امر: موَٽُ، دعائيہ موَٽج

وِيٺڻُ، ،امر: وِيٺِ، دعائيہ وِيٺج

جڏهن ڪو فعل اِ يا اِي تي ختم ٿيندو هجي تہ اِج جو شروعاتي سر اِ خارج ڪيو ويندو آهي. مثال:

ڪِئَڻُ- امر: ڪِيءُ- دعائيہ ڪِج.

ٿِئَڻُ- امر ٿِيءُ، دعائيہ: ٿِيج يا ٿِج.

هڪ ٻئي فعل ۾ ٻي قاعدگي ڏسجي ٿي:

ڪَرَڻُ- (امر) ڪَرُ، دعائيہ ڪِج يا ڪَج

ڪجهہ فعل ( ٻي جنس ۽ معروف) جيڪي امر ۾ اُ تي ختم ٿيندا آهن، اهي اڪثر ۽ خاص ڪري شاعريءَ ۾ پڇاڙي اِج بدران اِجُ استعمال ڪن ٿا. مثال:

سُڻَڻُ- امر: سُڻُ؛ دُعائيہ: سُڻجُ

اها پڇاڙي ڪن صورتن ۾ اهڙن معروف فعلن ۾ بہ لڳندي آهي، جن جا امر اِ تي ختم ٿين، مثال:

پَائڻُ- امر: پَاءِ، دعائيہ: پَائِجُ

---

[1] شاعري ۾ اڪثر ڪري اِج کي ڊگهو ڪري اِيج ڪيو ويندو آهي، پوءِ اهو فعل معروف هجي يا ٻي جنس. جنهن جو امر اُ يا اِ تي ختم ٿيندو هجي. مثال ڪَرَڻُ مان ڪَرِيج- امر ڪَرُ؛ وَڃَڻُ مان وَڃِيج- امر وَڃُ.

[2] سنڌي وياڪرڻ ۾ انهيءَ کي "امر نيازي" چيو/ لکيو ويندو آهي. (ايڊيٽر)

التجا يا دُعائيہ لفظ جي جمع ۾ پڇاڙي اِجوَ (۽ اِيجوَ) لڳندي آهي. مثال:

پُورِڄ (پُوريڄ)- جمع پُورِجوَ (پُوريجوَ)

اِجوَ ۽ اِيجوَ کانسواءِ اِجَا، اِجَاءِ (اِجَانئِہ)، اِجَاهُہ (اِجَاءُ) ۽ اِجَاهَہ جهڙيون پڇاڙيون استعمال ۾ آهن ۽ عام طرح عزت واري ۽ مان ڏيڻ واري معنيٰ جي ڪري فقط فاعلي حالت لاءِ استعمال ٿينديون آهن. مثال:

وَرِجُ- جمع وَرِجَا

وَڃِجُ- جمع وَڃِجَاءِ

سُڻِجُ- جمع سُڻِجَاهَہ

پَڙهِجُ- جمع پَڙهيجَاءُ

سمجهاڻي: پراڪرت ۾ سنسڪرت جا مختلف متصل ڦيرا خارج ڪندي فقط هڪڙو استعمال ٿيندو آهي. امر جو ضمير حاضر واحد پراڪرت ۾ اَ تي ختم ٿيندو آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ بدلجي اُ ۽ اِ ٿي ويو آهي. ضمير حاضر جمع هَا تي ختم ٿيندو آهي. (سنسڪرت ڏا) ۽ سنڌيءَ ۾ اوَ تي ختم ٿيندو آهي. ڄاٽڪي لهجن ۾ حاضر جمع ۾ امر جو آخري سر مڪمل طور خارج ٿي ويو آهي. جمع ۾ امر سنڌيءَ وانگر اوَ تي ختم ٿئي ٿو. جڏهن تہ مراٺي ۾ جمع امر آ تي ختم ٿيندو آهي.

سنڌي دعائيہ جو تعلق پراڪرت پڇاڙي اِجَ ۽ اِڄَ سان آهي، جيڪي زمان حال، مستقبل ۽ امر ۾ فعل جي ڌاتوءَ ۽ ڦيري وارين پڇاڙين جي وچ ۾ لڳندا آهن. (Varrar VII, 21)، ليسن (P:357) جي خيال ۾ اهو اضافو پراڪرت دعائيہ مان آيو آهي. گجراتيءَ بہ سنڌيءَ وانگر دعائيہ ناهڻ لاءِ فعلي ڌاتوءَ ۾ اَجي (جمع اَجوَ) لڳائيندي آهي. هندستانيءَ ۾ اِيِ فعل جي ڌاتوءَ ۾ لڳائي ضمير غائب واحد (عام طرح آپ) ناهيندي آهي ۽ ڪنهن کي عزت سان سڏڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ اِيوَ ضمير حاضر ۽ غائب جمع لاءِ لڳندو آهي، جِيي فقط تڏهن لڳندو آهي، جڏهن ڌاتو اِي يا اوَ تي ختم ٿيندو هجي. پنجابيءَ ۾ فعل جي ڌاتوءَ ۾ ضمير حاضر واحد لاءِ اِين ۽ زمان حاضر جمع لاءِ اِيوَ لڳايو ويندو آهي. ساڳيءَ ريت بنگالي ۾ اوَ فعل جي ڌاتوءَ ۾ ضمير حاضر واحد ۽ جمع ٻنهي ۾ لڳندو آهي.

نمبر - 44

## The Participle Present

## اسم حاليہ

امر يا فعلي ڌاتوءَ مان اسم حاليہ حاصل ڪرڻ لاءِ طريقو هيٺ ڏجي ٿو:

1) ٻي جنس فعل جن جا امر اُ تي ختم ٿين اهي ڌاتوءَ ۾ جوڙ اَندوَ (ڏسو نمبر 8، 11) لڳائيندا آهن. مثال:

هَلَڻُ- امر: هَلُ- اسم حاليہ: هَلَندوَ

ساڳيءَ ريت فعل معروف جنهن جا امر اُ تي ختم ٿين انهن ۾ بہ اسم حاليہ ائين ٺهندا آهن. مثال:

هڻَڻُ- امر: هَڻُ- اسم حاليہ: هڻَندوَ

ڪجهہ صورتن ۾ ٻي پڇاڙي اِيندوَ لڳندي آهي. مثال:

سُڻَڻُ- امر: سُڻُ- اسم حاليہ: سُڻَندوَ ۽ سُڻِيندوَ

اهڙا فعل جيڪي آ تي ختم ٿين ۽ انهن جو امر اُ تي ختم ٿئي، اهي اچار کي نرم رکڻ لاءِ اسم حاليہ ۾ آندوَ جي جاءِ تي اِيندوَ جوڙ لڳائيندا آهن. مثال:

نمبر - 46

## The Participle of the Future Passive or the Gerundive[1]

## اسم استقبال يا اسم مصدر

اسم استقبال يا اسم مصدر فعلي ڌاتوءَ ۾ جوڙ اِڻوَ لڳائي ٺاهيو ويندو آهي. جڏهن فعل اِ يا اِيِ تي ختم ٿيندو هجي تہ اتي اَڻوَ ۾ فعل جي اُ يا اوَ تي ختم ٿيندو هجي تہ اِڻوَ ۾ اَڻوَ مان ڪو بہ هڪ استعمال ڪبو آهي. اسم مصدر فقط فعل معروف مان ٺهندو آهي. فعل ٻي جنس بہ اِڻوَ لڳائي هڪ قسم جو ڪردنتي (مشتق) اسم (participle noun) ٺاهيندو آهي، پر ان کي اسم مصدر نہ سمجهڻ گهرجي. ڏسو نمبر 9، 12.

فعلي ڌاتوءَ جي آخري سر ۾ اسم مصدر جي جوڙ کان اڳ اهي تبديليون ايندیون آهن، جيڪي مصدر جي جوڙ لڳڻ کان اڳ اينديون آهن. (ڏسو نمبر 42) ۾ ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ اصول اهو ٿيو تہ مصدر جي پڇاڙي اَڻُ اسم استقبال ٺاهڻ لاءِ اَڻوَ (اِڻوَ) ۾ تبديل ٿيندي آهي. اِڻوَ پڇاڙي جي اصليت لاءِ ڏسو نمبر 8، 12.

| | | |
|---|---|---|
| وِجهَڻُ- | اسم مصدر | وِجهڻو |
| ڏِئَڻُ- | اسم مصدر | ڏِئڻوَ |
| ڏوَئَڻُ- | اسم مصدر | ڏوَئڻوَ يا ڏُئڻوَ |
| ڪائِڻُ- | اسم مصدر | ڪائِڻوَ |

نمبر - 47

## Indeclinable Past Participle

## اڻ ڦرندڙ اسم مفعول

سنڌيءَ ۾ مختلف ماضي معطوفي ۾ اڻ ڦرندڙ اسم مفعول استعمال ٿيندا آهن.

ا) سيني کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ اهي آهن، جيڪي اِيِ (اوَ) ۾ اِيِ تي ختم ٿيندا آهن.

الف) ٻي جنس يا اهڙا فعل معروف جيڪي امر ۾ اُ تي ختم ٿين، اهي پنهنجا معطوفي/ اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ فعلي ڌاتوءَ ۾ جوڙ اِيِ لڳائيندا آهن. مثال:

وَرَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي، وَرِي

سُڻَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي، سُڻِي

اهڙا فعل جيڪي ختم ئي اِيِ تي ٿين تہ اهي ماضي معطوفي جي جوڙ سان گڏجي ويندا آهن. مثال:

ٿِئَڻُ- امر ٿِيءُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي- ٿِي

جيڪي فعل اُو تي ختم ٿيندا هجن، انهن ۾ اُو کي ڇوٽو ڪرڻ ڪانپوءِ جوڙ اِيِ لڳندو آهي. مثال:

پُوئَڻُ- امر: پُوُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي پُئِي

۾ اهڙا فعل جيڪي مصدر ۾ آخري اوَ کي اُ ۾ تبديل ڪندا آهن، اهي ماضي معطوفي/ اسم مفعول

---

[1] اسم مستقبل معروف جو هڪ قسم جوڙ هَارُ مصدر ۾ لڳائي حاصل ڪبو آهي. مثال: هَلَڻهَارُ، (ڏسو نمبر 9، 33)

۾ ان کي ٻيهر بحال ڪري اوَ واري صورت ۾ آڻيندا آهن. مثال:

رُوئڻُ- امر: روَ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي روَئي

جيڪڏهن مصدر ۾ ان جي جوڙ ۽ فعلي ڌاتو جي وچ ۾ اکري و وڌل هجي ته اهو اسم مفعول/ ماضي معطوفي ۾ حذف ڪيو ويندو آهي. مثال:

چَوَڻُ- امر: چوُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي چَئي

پَوَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي پَئِي ۽ پيئي

فعل اَچَڻُ جو اسم مفعول/ ماضي معطوفي قاعدي موجب اَچِي ۽ بنان قاعدي اَچِي جي صورت وٺندو آهي. فعل ڏئڻُ (امر: ڏِي) ۽ نِئڻُ (امر: نِي) جا ماضي معطوفي ڏيئي ۽ نيئي جي صورت ۾ هوندا آهن.

مجهولي فعل پوءِ اهي بي جنس يا معروف بناوت مان آيل هجن، اهي به ساڳي ريت اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهيندا آهن ۽ ان لاءِ مجهولي بنياد ۾ جوڙ اِي (اوَ) لڳندو آهي. مثال:

وَڻجَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي لوَڻِجِي ۽ لوَڻِجوَ

ب) اهڙا فعل معروف ۽ فعل بالواسطه جيڪي امر ۾ اِ تي ختم ٿين، اهي اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهڻ لاءِ فعلي ڌاتو ۾ اِي لڳائيندا آهن. مثال:

مَلَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: مَلِي

لَڳائِڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: لَڳائي

2) ٻيو اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهڻ لاءِ فعل جي ڌاتو ۾ (پوءِ اهو متعدي هجي يا لازم) جوڙ يوَ (يا اِئوَ) لڳايو ويندو آهي. اها صورت فقط حال، مستقبل يا امر سان استعمال ٿيندي آهي ۽ اڪثر جاين تي ان لاءِ اسم حاليه وانگر استعمال ٿي سگهي ٿو. مثال:

موَٽڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي موَٽِيوَ (موَٽِئوَ)

سِٽڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي سِٽِئوَ

جڏهن فعل اِ (۽ اِي) تي ختم ٿئي ته اهو جوڙ اِئوَ سان ڳنڍجي ويندو آهي. مثال:

ڏِئڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: ڏِئوَ

پِئڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: پِئوَ

اهڙا فعل جيڪي پنهنجي مصدر ۾ اوَ کي ڇوٽو ڪري اُ ڪندا آهن، اهي اسم مفعول/ ماضي معطوفي ۾ ان کي بحال ڪندا آهن. مثال:

ڌوَئڻُ- (امر: ڌوَءُ)- اسم مفعول/ ماضي معطوفي ڌوَيوَ

رُوئڻُ- (امر: روَ)- اسم مفعول/ ماضي معطوفي روَيوَ

اهڙا فعل جيئن ڪَٽَڻُ، هَڻَڻُ، ڪَرَڻُ پنهنجي اسم مفعول ۾ جوڙ يوَ کان اڳ آخري بنيادي اکر (Radical) حذف ڪندا آهن. مثال:

ڪَٽَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: ڪَٽيوَ يا ڪَيوَ

هَڻَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: هَڻيوَ يا هَيوَ

ڪَرَڻُ- اسم مفعول/ ماضي معطوفي: ڪَيوَ يا ڪِيوَ

3) ٽيون اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهڻ لاءِ فعل معروف جي ڌاتوءَ ۾ **جي** (۽ **اِجي**) ۽ فعل بي جنس جي ڌاتو ۾ **جِي** (يا **اِجِي**) لڳائيندا آهن.

اهي صورتون عام طرح زمان حال ۽ زمان ماضيءَ سان ڪتب اينديون آهن.

**ڪَٽَڻُ**: (امر: ڪَٽُ) اسم مفعول/ ماضي معطوفي **ڪٽِجي**

**وِڙَهَڻُ**: (امر: وڙهه) اسم مفعول/ ماضي معطوفي **وِڙهِجي**

4) چوٿون اسم مفعول/ ماضي معطوفي ٺاهڻ لاءِ **اِي** ۽ **اِي** تي ختم ٿيندڙ اسم مفعول/ ماضي معطوفي جي پٺيان **ڪَري** لڳائي ويندي آهي. اها مرڪب صورت عام طرح زمان حال، ماضي، مستقبل ۽ امر ۾ استعمال ٿيندي آهي. مثال:

**وَرِي ڪري**- مصدر: **وَرَڻُ**

**مَلِي ڪري**- مصدر: **مَلَڻُ**

**لوَئِجي ڪري**- مصدر: **لوَئِجَڻُ**

سمجهاڻي: سنسڪرت ۾ اڻ ڦرندڙ اسم مفعول ٺاهڻ ۾ **تْوَا** ۽ **يَا** استعمال ٿيندا آهن. پراڪرت ۾ **ٿوَا** بدلجي **تُوڻَ** ۽ پوءِ ت جي ڇانٽي جي ڪري **اُوڻَ** تي ويندو آهي ۽ **يا** بدلجي **اِيئَہ** تي ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ اسم مفعول (ماضي معطوفي) جي پهرين صورت **اِي** ۽ **اِي** تي ختم ٿئي ٿي، جيڪا پراڪرت جوڙ **اِيئَہ** جي برابر آهي. ٻي صورت جيڪا **يُو** تي ختم ٿئي ٿي اها پهرين صورت جهڙي آهي ۽ ساڳي صورتحال ٽين صورت جي به آهي، جيڪا **جِي** يا **جي** تي ختم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو سنسڪرت جوڙ **يا** ۽ پراڪرت جوڙ **اِيئَہ** سنڌيءَ ۾ بدلجي جا ۽ **جي** ٿيا آهن، جيڪو مجهول صورت ۾ واضح آهي. ڇاتل لهجن ۾ به اهڙي ئي صورتحال نظر اچي ٿي. هندستانيءَ ۾ اسان کي اسم مفعول (ماضي معطوفي) جون اهڙيون صورتون ملن ٿيون. مثال: (مصدر- **مَرْنَا**)، **مَارْ**، **مَارِي**، **مَارڪي**، **مَارڪَرڪي**.

پهرين صورت **مَار** ۾ جوڙ **ايئَہ** مڪمل طور خارج ٿيل آهي. جڏهن ته ٻي صورت **مارِي** ۾ جوڙ **ايئَہ** کي ننڍو ڪري **اِي** ڪيو ويو آهي. **مَارڪي** جو جوڙ **ڪي** سنڌيءَ ۾ جي سان ملي ٿو. **مَارڪَر** ۽ **مَارڪَرڪي** مرڪب اسم مفعول آهن. ساڳيءَ ريت اسان کي پنجابيءَ ۾ به اها ئي صورت نظر اچي ٿي. (مصدر **گهَلنَا**- **گهل** ۽ **گهلڪي**)

گجراتيءَ ۾ اسم مفعول (ماضي معطوفي) جون به صورتون ڏسجن ٿيون. هڪ **اِي** (خاص ڪري مرڪب فعلن ۾) جيئن **لَکِي** ۽ ٻيون **اِينِي** مثال: **لَکِينِي**. پهرين صورت بلڪل سنڌيءَ وانگر آهي. جڏهن ته ٻي صورت **اِينِي** پراڪرت جي **اُوڻَ** سان ملي ٿي، جتي **اُو** جي جڳهه تي **اِي** استعمال ٿيو آهي. مراٺي فقط هڪ قسم جو معطوفي اسم مفعول ٺاهي ٿي، جيڪو **اُونَ** تي ختم ٿئي ٿو. جيئن **ڪَرُون**. اهو جوڙ پراڪرت جوڙ **اُوڻَ** جهڙو آهي.

بنگالي جوڙ **يا** (۽ **اِيَا**) استعمال ڪري ٿي. مثال: **ديکِيَا** (**ديکي** ۽ **ديکِي** به استعمال ٿيندا آهن) ۽ اسم مفعول جو حالت مڪانيءَ وارو لفظ **ديکِتِي** هوندو آهي.

# باب تيرهون

## نمبر - 48

# FORMATION OF TENSES AND PERSONS

# زمانن ۽ شخصي ضميرن جي جوڙ جڪ

زمانن کي سمجھڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته سادن ۽ مرڪب زمانن ۾ فرق کي سمجھيو وڃي.

## I- Simple Tense

## ساده زمان

فعل جي معروف ۽ مجهول صيغن ۾ ٽي سادا زمان هوندا آهن، يعني فعل امڪاني (Potential)، مضارع (Aorist) ۽ مستقبل (Future).

1) امڪاني يا متشڪي فعل (Potential) اهي ٿيندا آهن جن مان مطلب امڪان، غير يقيني يا خواهش جونڪرندو آهي، اهي فعلي ڌاتوءَ ۾ گرداني پڇاڙيون لڳائڻ سان ٺهندا آهن. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي اهميت ڏيکارڻي هجي ته فعل کان پهرين خالص ضمير به لڳائي سگھجي ٿو، پر جيڪڏهن ان جي ضرورت نه هجي ته شخصي ضمير ڏانهن خود گرداني پڇاڙيءَ ذريعي اشارو ٿي ويندو آهي.

فعل ٻي جنس ۽ لازم جيڪي امر ۾ اُ تي ختم ٿيندا هجن ۽ سيني مجهول فعلن ۾ ساڳيون ضميري پڇاڙيون لڳنديون آهن. جڏهن ته متعدي فعل جيڪي امر ۾ اِ تي ختم ٿين انهن جو متڪلم ۽ ڪنهن حد تائين ضمير حاضر واحد ۾ ۽ جمع جي سيني ضميرن کان فرق اهو آهي ته اهي گرداني پڇاڙيءَ کان اڳ پنهنجي پڇاڙي اِ کي برقرار رکندا آهن.

## 1- Personal Terminations of the Potential

## متشڪي (امڪاني) فعل جون ضميري پڇاڙيون

| امر ۾ اِ تي ختم ٿيندڙ فعل | | امر ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ فعل | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| ضمير متڪلم- يَان- اِيئَان | يُون، اِئُون | آن | اُون |
| ضمير حاضر- اِئين، يين، اِين، اِين | يوَ، اِئو | اِين، اِين | اوَ |
| ضمير غائب- اِي | اِيِن، اِنِ | اِي | اَنِ |

امر ۾ اُ تي ختم ٿيندڙ فعلن جي حوالي سان اهو ڏسڻ ضروري آهي ته:

(الف) سيني ضميري پڇاڙين کان اڳ آخري ڊگهو سر هميشه ننڍو ڪيو ويندو آهي، جيئن مصدر جي جوڙ کان اڳ ڏنو ويو هو. مثال:

رُئڻ- امر: روُ- متشڪي (امڪاني) فعل ضمير متڪلم: رُئان. (معنيٰ ٿي سگهي ٿو آءٌ رُئان)[1]

پئڻ- امر: پيءُ- مرڪب فعل ضمير متڪلم: پئان

پُوَڻُ- امر: پُوُ- مرڪب فعل ضمير متڪلم: پُئان

شاعريءَ ۾ ضمير متڪلم واحد ۾ اصلي ڊگهو سر واپس بحال ٿي سگهي ٿو، جتي ضميري پڇاڙي اِي کي ساڳئي وقت ننڍو ڪري اِ ڪيو ويندو آهي. مثال: روُءِ (روئي بدران).

ب) اُ تي ختم ٿيندڙ فعل جي ڌاتوءَ ۽ مصدر جي جوڙ جي وچ ۾ لڳندڙ و عام طرح برقرار رهندو آهي، جڏهن ته جمع ۾ ضمير غائب ۾ به برقرار رهندو آهي. پر ضمير متڪلم ۽ حاضر (جمع) ۾ حذف ڪيو ويندو آهي. مثال:

| | | | |
|---|---|---|---|
| مصدر: پَوَڻُ- متشڪي (امڪاني) | فعل | ضمير متڪلم واحد: پَوَان |
| مصدر: پَوَڻُ- متشڪي (امڪاني) | فعل | ضمير حاضر واحد: پَوين |
| مصدر: پَوَڻُ- متشڪي (امڪاني) | فعل | ضمير غائب واحد: پَوي |
| مصدر: پَوَڻُ- متشڪي (امڪاني) | فعل | ضمير غائب جمع: پَوَن |
| مصدر: پَوَڻُ- متشڪي (امڪاني) | فعل | ضمير متڪلم جمع: پَئُون |
| مصدر: پَوَڻُ- متشڪي (امڪاني) | فعل | ضمير حاضر جمع: پَئُوَ |

ضمير متڪلم ۽ حاضر واحد ۾ به و حذف ڪري سگهجي ٿي. مثال: چَئين (چئي[2])

ٻ) ضمير غائب ۾ فعل جمع جيڪي اُ (اُو يا اَوُ) ۽ اَ (و جي اضافي سان گڏ) تي ختم ٿيندا هجن، اهي پنهنجي گرداني پڇاڙين اَئِنِ ۽ اَوئِنِ کي ڇوٽو ڪري اُونِ ڪري ڇڏيندا آهن. مثال:

رُوئِنِ بدران رُونِ

پَوَنِ بدران پُونِ

چَوَنَ بدران چُونِ

جڏهن فعل اِ (اِي) تي ختم ٿئي ته به ضمير متڪلم واحد ۽ ضمير غائب جمع ۾ ننڍي ٿيڻ جو عمل ڏٺو ويندو آهي. مثال:

ڏئين بدران ڏِينُ

ڏئِنِ بدران ڏِينِ

نِين بدران نِينِ

پِئِنِ بدران پِينِ

ڪِئِنِ بدران ڪِينِ

جيتوڻيڪ انهن جي عام صورت (بنان ننڍي ٿيڻ جي) به عام طرح استعمال ٿيندي آهي.

پ) اهڙا فعل جيڪي آ تي ۽ امر ۾ اُ تي ختم ٿين اهي ضمير متڪلم واحد ۽ جمع ۾ اڪري و ملائيندا آهن ۽ ضمير حاضر جمع ۾ اڪري ي گرداني پڇاڙي کان اڳ ملائيندا آهن. مثال:

ٻُڌايَان- ٻُڌايُون- ٻُڌايوَ

---

[1] ترجمو I may weep جو، ان کي سنڌي وياڪرڻ جا ماهر 'متشڪي' پڻ لکن ٿا (ايڊيٽر).

[2] چئي کي ڇي جي صورت ۾ به استعمال ڪيو ويندو آهي. خاص ڪري جڏهن ڳالهائيندڙ جي ڳالهه برزبان ٻڌائڻ جو اشارو ڏجي (يعني "هن جي چواڻي).

ساڳيءَ ريت ضمير غائب جمع ۾ اچار کي نرم رکڻ لاءِ اهي اَنِ بدران اِنِ تي ختم ٿيندا آهن. **مثال:** **ڳائنِ** ان قاعدي جي فقط هڪ جڳهه خلاف ورزي نظر اچي ٿي. اها آهي **ڳايَان** بدران ڳان.

اهڙا فعل جيڪي امر ۾ اِ تي ختم ٿين انهن جي حوالي سان اهو سمجهڻ گهرجي ته:

1) امر جي مخصوص پڇاڙي اِ ضمير متڪلم ۽ حاضر واحد ۽ جمع جي گرداني پڇاڙين سان نندي ٿيڻ جي عمل مان ٿيندي يَان، يين (يِين)، يُون، يوَ ٿي سگهن ٿيون. اهو عمل فعل جي وينجن تي ختم ٿيڻ جي صورت ۾ لاڳو نه ٿيندو آهي، پر ننڍو ٿيڻ جو عمل فعل جي ڪنهن سر تي ختم جي صورت ۾ ممڪن آهي. مثال: **ڇڏِيَان** يا **ڇڏِئَان**، **ڇڏِيين** ۽ **ڇڏئين** يا **ڇڏِيين** ۽ **پائڻُ** مان **پَايَان** ۽ **پَايين**. شاعريءَ ۾ البت ان جي هلڪي صورت به استعمال ٿيندي آهي. مثال **پَائِئَان** يا **پَائِيَان**. ضمير حاضر جمع ۾ گرداني پڇاڙي **يين** يا **يِين** کي ننڍو ڪري **اِين** يا **اِين** ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. مثال: **سَائِيِين** يا **سائِيين**

ٻي جنسءِ معروف فعلن ۾ فرق رکڻ لاءِ ضمير غائب جمع ۾ اِ کي گهٽو ڪري ڊگهو ڪري **اِي** ڪيو ويندو آهي ۽ گرداني پڇاڙي اَنِ جو شروعاتي اَ حذف ڪيو ويندو آهي. پر جڏهن فعل ڊگهي آ تي ختم ٿيئي ته **اِينِ** اڪثر ڪري اِنِ طور لکيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي. جيئن **ڳالهَائِنِ**.

2) **فعل ڪَرَڻُ** پنهنجو ضمير غائب جمع قاعدي موجب **ڪَرِينِ** ۽ بنان قاعدي **ڪَنِ** ۽ **ڪِنِ** ٺاهيندو آهي.

سمجهاڻي: سنسڪرت جو متشڪي (امڪاني) فعل پراڪرت ۾ تقريباً غائب يا خارج ٿي ويو آهي، پر ان حقيقت جي باوجود سنڌيءَ جو متشڪي (امڪاني) فعل پراڪرت جي زمان حال سان واسطو رکي ٿو. سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن، جن مان پراڪرت جي قديم زمان حال سان سنڌي امڪاني فعل جو تعلق نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته اڪثر ڪري ۽ خاص طور تي شاعريءَ ۾ ان کي حال جي لاءِ مخصوص ٿو ڪان سواءِ به استعمال ڪن ٿا. جڏهن اهو رواج پئجي ويو ته زمان حال کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٿو جو استعمال ڪجي ته قديم زمان حال هڪ متشڪي (امڪاني) فعل جو تاثر ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو. سنڌي متشڪي (امڪاني) فعل جون گرداني پڇاڙيون گهٽي ياڳي پراڪرت زمان حال جي برابر آهن. مثال:

پراڪرت ضمير متڪلم واحد آءِ (سنسڪرت آمِ) ۽ سنڌيءَ ۾ آن.

پراڪرت ضمير حاضر واحد اَسِي (سنسڪرت اَسِي)- سنڌيءَ ۾ اِين (يا اِين) ٿيو وڃي ڇو ته اَ (ملائيندڙ سر) حذف ٿيو وڃي ۽ س پهرين هه ۾ بدلجي پوءِ مڪمل حذف ٿيو وڃي.

ضمير غائب واحد اَتِ يا اَدِ (سنسڪرت اَتِ) جنهن منجهان ت يا د جي ڇانٽيءَ سان اَءِ يا سنڌي اِي وجود ورتي ٿو. ضمير متڪلم جمع لاءِ پراڪرت ۾ پڇاڙيون آموَ (سنسڪرت آمَهَ)، آمُ، آمَ، اَمُوَ، اَمُو وغيره موجود آهن. انهن آخري ٻن پڇاڙين منجهان سنڌي پڇاڙي م کي ڇانٽي ڪندي اُون حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ آخري سُر اُ کي اُون ۾ ڊگهو ڪندي انوسوار اچار ڏنو آهي. ضمير حاضر جمع لاءِ جوڙ اَهَ (سنسڪرت اَٿَ) جڏهن ته سنڌي ۾ اوَ آهي. هت هه کي حذف ڪيو ويو آهي ۽ اَ کي ڊگهو ڪري اوَ ڪيو ويو آهي. ضمير غائب جمع اَنتِ (سنسڪرت اَنتِ) جي صورت ۾ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ت حذف ٿي اَنِ ٿي سگهي آهي. هندستاني پنجابي ۽ گجراتي ان حوالي سان سنڌيءَ سان سهمت آهن، جت اهي پنهنجا امڪاني فعل ڪجهه ترميمن سان سنڌيءَ وانگر ئي ٺاهين ٿيون. مراٺيءَ جو اصلي امڪاني فعل جنهن کي اڄڪلهه جا وياڪرڻي ماهر ماضي مدامي(Past habitual[1]) سڏين ٿا، اهو به پراڻي پراڪرت زمان حال ڏانهن مائل ڏسجي ٿو. فقط بنگاليءَ پنهنجو قديم زمان حال برقرار رکيو آهي، جيڪو فعلي ڌاتوءَ ۾ گرداني پڇاڙيون لڳائي ٺاهيو آهي، بنگالي ۾ حال

---

[1] مراٺي گرامر مطابق، جيڪا آمريڪي مشن بمبئي 1854ع ۾ ڇپائي.
ڪي امڪاني فعل جي مفهوم ۾ به استعمال ڪبو آهي.

ڳنيچندي آهي. مثال: هَلِئَاسين، هَلِئُونسِين (مونث)، ڏِنَاسين، ڏِنِئُونسِين.

ضمير حاضر مذڪر ۾ گرداني پڇاڙي اُ ڪان اڳ جمع جي آخري آ نندي ٿيندي آهي = اَئُ. مثال هليئُ، ڏنيئُ. ضمير حاضر مونث ۾ ڪابہ گرداني پڇاڙي نہ لڳندي آهي ۽ هتي فقط اسم مفعول جو مونث جمع استعمال ٿيندو آهي ۽ جنهن جي فاعل کي واضح ڪرڻ لاءِ خالص ضمير لڳائي سگهجي ٿو يا لکت مان ڪڍيو ويندو آهي. اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري اهي گرداني پڇاڙيون نہ لڳنديون آهن ۽ اهڙي صورت ۾ فاعل جي نشاندهي (ڪنهن خالص ضمير وغيره يا) لکت مان ڪرڻي پوندي آهي.

سمجهاڻي: سنسڪرت جا ٿئي Praeterite (ماضي) زمان سواءِ هڪ ٻن جاين جي (ورار VII، 23) پراڪرت مان خارج ٿي ويا آهن ۽ اهو شايد ان ڪري ٿيو جو انهن جي جوڙجڪ هيٺين طبقن جي لاءِ غير موزون ۽ سمجهہ کان ٻاهر هئي. انهن جي جاءِ تي اسم مفعول کي مضارع جي حيثيت ۾ گرداني پڇاڙين سان يا انهن کانسواءِ استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ماضي بعيد کي متشڪي (امڪاني) زمان سان سڃاتو ويو آهي. جيڪي گرداني پڇاڙيون سنڌيءَ ۾ اسم مفعول سان ڳنڍجن ٿيون، اهي سنسڪرت جي بنيادي يا اساسي فعل اَسُ (هئڻ، ٿيڻ) مان آيل آهن، پر اهي ايترو تہ بگاڙ جو شڪار ٿيون آهن ۽ پراڪرت ۾ استعمال ٿيندڙ پڇاڙين کان ايتريون تہ مختلف آهن، جو هاڻ انهن جي سڃاڻپ بہ مشڪل لڳي ٿي (Lassen, P: 45)، ضمير متڪلم واحد جي پڇاڙي س سنسڪرت پڇاڙي اَسُمِ (پراڪرت اَمهِ) جي برابر آهي. سنڌيءَ ۾ م مڪمل طور خارج ٿي وئي آهي.

ضمير حاضر (سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ اَسِ) س = هہ حذف ٿي ويا آهن ۽ آخري اِ کي مذڪر ۾ اِين جي صورت ۾ ڊگهو ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ مونث ۾ اَسِ جو شروعاتي اُ برقرار رهيو آهي ۽ آخري حصو حذف ٿي ويو آهي. مذڪر پڇاڙي اِين البت ڪن جاين تي مونث تي بہ لڳائي وڃي ٿي. ضمير متڪلم جمع ۾ سنسڪرت سَمَاهہ (پراڪرت اَمهوَ) کي بدلائي سِين (سين) ۽ سُون ڪيو ويو آهي. ضمير حاضر مذڪر ۾ سنسڪرت جو سَٿَ پهرين ٿَ ۾ تبديل ٿيو ۽ پوءِ هہَ ۽ آخر ۾ هہ جي ڇانٽي ڪري اُ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

هندستاني، پنجابي ۽ گجراتيءَ ۾ مضارع اسم مفعول جي ذريعي ڪنهن گرداني پڇاڙيءَ کان سواءِ ٺهندو آهي، پر مراٺيءَ ۾ سنڌيءَ وانگر، اسم مفعول ۾ گرداني پڇاڙيون لڳنديون آهن. بنگاليءَ ۾ بہ ائين ئي ڪيو ويندو آهي، فرق فقط اهو آهي تہ ان ۾ مضارع جو معروف نہ رڳو ٻي جنس پر معروف فعل مان بہ ٺهي سگهي ٿو، جڏهن تہ مجهول لاءِ ان کي جوڙجڪ ڏانهن رجوع ڪرڻو پوي ٿو.

## 3) The Future

## مستقبل

سنڌيءَ ۾ مستقبل فقط ايندڙ زماني لاءِ نہ پر امڪان ۽ غير يقيني حالت لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ ان جي ٺهڻ لاءِ بہ صورتون ٿين ٿيون:

الف) فعل جي معروف حالت ۾ اسم حاليہ ۾ اهي گرداني پڇاڙيون لڳايون وڃن ٿيون، جيڪي مضارع ۾ لڳنديون آهن.

ب) فعل جي مجهول حالت ۾ مجهول اسم حاليہ ۾ اهي ساڳيون گرداني پڇاڙيون لڳائي ناهيو وڃي ٿو، جيڪي معروف صورت ۾ اسم حاليہ ۾ لڳن ٿيون.

سمجهاڻي: مستقبل جي ٺاهڻ لاءِ سنڌي پراڪرت کان تمام پري ٿي وئي آهي ۽ گهر ٿيل زمان مستقبل جي پورائيءَ لاءِ جوڙجڪ جو سهارو ورتي ٿي، ان ڏس ۾ اها سنسڪرت کي وڌيڪ ويجهي آهي، جيڪا پڻ معروف حالت جو مستقبل ٺاهڻ لاءِ اساسي فعل اَسُ جي گرداني پڇاڙين کي تا (ٽ) تي ختم

ٿيندڙڪردنتي اسم ۾ ڳنڍي ٿي. جديد آريائي لهجا مستقبل ناهڻ جي قاعدن ۾ هڪ ٻئي ڪان تمام گهڻا مختلف آهن. هندستاني ۽ پنجابي مستقبل جو اظهار هڪ مرڪب فعل ذريعي ڪن ٿيون. ان لاءِ اهي امڪاني فعل ۾ اسم مفعول گا (عام طور استعمال ٿيندڙ گيا بدران) کي جوڙين ٿا، جيڪو ڌاتو گَمَ (وڃڻ) مان نڪتل آهي ۽ جنهن جي جنس جو فاعل سان مطابقت ۾ هجڻ ضروري هوندو آهي. ان کي هڪ تمنائي صيغو (Desiderative) چوڻ وڌيڪ مناسب آهي نه ڪي مستقبل. پر سنسڪرت ۾ اڪثر تمنائي (Desiderative) کي مستقبل جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ انڪري هندستانيءَ ۾ اسان کي ڪَرُونگا (مذڪر) ۽ ڪَرُونگي (مونث) صورتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ساڳيءَ ريت پنجابيءَ ۾ لفظ ڪَرَان گا (مذڪر) ۽ ڪَرانْ گِي (مونث) ملن ٿا.

ان ڏس ۾ گجراتي پراڪرت ڏانهن وڌيڪ مائل ڏسجي ٿي. پراڪرت جو ڳنڍيندڙ سر اِ ضمير متڪلم واحد ۽ جمع ۾ ڊگهو ڪيو وڃي ٿو ته جيئن س جي ٻني ٿيڻ کي سمجهائي سگهجي ۽ فقط هڪ س استعمال ٿئي (ڏسو تعارف نمبر 19). مثال: لَکِيس (آءٌ لکندس)، جمع لَکِيسُن (اسين لکنداسين).

ضمير حاضر ۽ غائب واحد ۽ جمع ۾ اهو سر مڪمل طور حذف ڪيو ويو آهي. مثال: ضمير حاضر واحد لکسي (تون لکندين)..

مراٺيءَ جو مستقبل ان حوالي سان مخصوص حيثيت رکي ٿو ته اها پراڪرت ۾ استعمال ٿيندڙ مستقبل جون مختلف پڇاڙيون ڪتب آڻي ٿي.

ضمير متڪلم واحد جي پڇاڙي اِين (اِين) پراڪرت پڇاڙي هِمِ مان نڪتل لڳي ٿي (Varar VII ،12) ۽ ضمير متڪلم جمع اوُن پراڪرت پڇاڙي سِسِ (= هِسِ: ليسن صفحو 352) جنهن جي آخري اِ حذف ٿي وئي آهي ۽ ان جي برابري لاءِ اِ کي ڊگهو ڪري سِيس ۽ آخري س کي سخت ڪري ر ۽ پوءِ ل ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو. ضمير حاضر جمع آل تي ختم ٿيندو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ پراڪرت پڇاڙي سَهُ جنهن جو آخري حصو اَهُ شايد خارج ڪيو ويو آهي ۽ سَ کي سادي س ۾ تبديل ڪرڻ ڪان اڳ ان ڪان اڳيون سر ڊگهو ڪيو ٿو وڃي. جيئن آس: س وري به سخت ٿيندي پهرين ر ۽ پوءِ ل ۾ تبديل ٿئي ٿي. اها ئي ساڳي حالت ضمير غائب واحد جيڪا اِيل (۽ اِيل) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان جي پراڪرت پڇاڙي هِدِ (برابر= سِدِ) آهي، جنهن مان شروع واري هه ڇانٽي ٿيو وڃي ۽ اِدِ ڊگهو ٿي اِيدِ ٿيندي آخري د (جيڪو اسم مفعول ۾ عام طرح ٿيندو آهي) ل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ضمير غائب جمع جيڪو تِيل تي ختم ٿيندو آهي، اهو ڪافي منجهائيندڙ آهي. هت اسان ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪنداسون ته پراڪرت ۾ هِسٌ جي بدران هَتٌ به ڪتب ايندو آهي (ليسن ص: 353، ورا، VII، 15)، جيتوڻيڪ اهو فقط ضمير متڪلم جمع ۾ ٿيندو آهي. مراٺيءَ ۾ ائين ٿو لڳي ته تهُ ضمير غائب جمع ۾ به ڪتب آيو آهي ته جيئن ضمير غائب جمع مناسب طريقي سان هِتِنتِي تي ختم ٿئي، جنهن مان شروعاتي هِي ڇانٽي ٿي ۽ وسرڳ ٿ گهٽجي ت ٿيو وڃي. مراٺيءَ ۾ ضمير غائب جمع جي پڇاڙي منجهان ن هميشه حذف ٿيندو آهي ۽ ان جي ڪري ان ڪان اڳيون سر اِ ڊگهو ٿي ويندو آهي. ان مان اسانکي تِيت ملي ٿو، جنهن مان آخري ت بدلجي ل ٿيندي تِيل ٿيو آهي.

بنگاليءَ ۾ مستقبل ناهڻ لاءِ فعل جي ڌاتوءَ ۾ گرداني پڇاڙي اِبَ جو اضافو ڪيو آهي، اهو عمل انتهائي غور طلب آهي ۽ ڪنهن به پراڪرت لهجي سان ان جي مناسبت نٿي ملي. ان مان اسان کي لاطيني پڇاڙي بو ڏانهن اشارو ملي ٿو جيڪا ضمير متڪلم ۽ حاضر جي ڦيرن سان معروف مستقبل ناهيندي آهي، جيڪا بوپ (Comp: Grammar II-No 526, 623) جي چواڻي سنسڪرت ڀُو مان نڪتل آهي. هت بهتر اهو ٿيندو ته ان جئ پيٽ سنڌي جوڙ ٻوُ سان ڪجي، جيڪو مجهول اسم حاليه ناهڻ ۾ ڪم ايندو آهي، پر حقيقت ۾ ان جي ڌاتو جي اصليت ڪڏهن به ڪا اهڙي جوڙجڪ ٿيڻ ڪانه ڏيندي.

# II- Compound Tenses

# مرڪب زمان

## 1) The Compound Potential

### مرڪب امڪاني فعل

الف) اسم حاليہ ۽ معاون فعل جي امڪاني فعل سان ملڻ سان مرڪب امڪاني (متشڪي) فعل ٺهن ٿا.

مثال: **هُئَڻُ** جنهن مان ڪنهن عمل جي جاري رهڻ جي معنيٰ نڪري مثال:

**آءٌ پڙهندو هُئَان.** (I may be reading)

ب) اسم مفعول ۽ معاون فعل جي امڪاني فعل سان ٺهيل مرڪب مثال:

**هُئَڻُ- آءٌ رُلئَوَ هُئَان** (I may have wandered about)

**مُون ڏِٺو هُئِي** (I may have seen it)

## 2) The Present Tense

### زمان حال

سنڌيءَ ۾ زمان حال جا ٻہ قسم هوندا آهن.

**الف) عام (indefinite) زمان حال:**

ان مان مراد اها آهي تہ ڪو ڪم شروع ٿيو آهي يا ان وقت هلندڙ آهي ۽ ان کي ٺاهڻ لاءِ امڪاني فعل (Potential) ڪانپوءِ (۽ ڪن حالتن ۾ ان کان اڳ) **ٿوَ**[1] لڳايو ويندو آهي، جنهن جو جنس سان ٺهڪي اچڻ ضروري آهي. مثال:

**آءٌ هَلَان ٿوَ ۽ آءُ هَلَان ٿِي** (مونث).

**ب) مطلق زمان حال** (Definite Present):

ان مان مطلب عادتي استعمال يا اهڙو ڪم جيڪو ڳالهائڻ وقت هلندڙ هجي، وارو هوندو آهي ۽ ان کي ٺاهڻ لاءِ اسم حاليہ کي معاون فعل جي زمان حال سان مرڪب ڪجي. مثال:

**هُئَڻُ- آئُون لِکَندو آهِيَان يا آئُون رُوئندوَ آهِيَان**[2].

شاعريءَ ۾ معاون فعل (Auxiliary Verb) اڪثر خارج ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو اسم حاليہ استعمال آهي، جنهن جي فاعل جو تعين اسم يا ضمير ڪندو آهي.

سمجهاڻي: امڪاني فعل جيڪو زمان مضارع جي ترجماني ڪري ٿو، اهو هاڻ زمان حال جي اظهار لاءِ ڪافي نٿو سمجهيو وڃي ۽ انڪري ٿوَ جي اضافي ذريعي حال جي معنيٰ کي وڌيڪ اثرائتو ٺاهيو وڃي ٿو. اهو سنسڪرت صفت سَٿَ مان نڪتل آهي، جيئن اهو مرڪبن جي آخر ۾ استعمال ٿيندو آهي، جنهن مان مطلب بيٺل جو نڪرندو آهي. مثال: **آئُون پَسَان ٿوَ** (I see). (معنيٰ تہ آءٌ بيٺو ڏسان يا ڏسڻ جي عمل ۾ آهيان)

هندستانيءَ ۾ ٿا ماضي بعيد جي نشاني طور استعمال ٿيندو آهي، جڏهن تہ عام زمان حال رڳو اسم حاليہ ذريعي ظاهر ڪبو آهي ۽ مطلق (definite) زمان حال مداميءَ لاءِ معاون فعل هوَنا جو اضافو ڪيو ويندو آهي. پنجابي ۾ بہ اها ئي صورتحال آهي. رڳو ان فرق سان تہ سنسڪرت سَٿَ پنجابي ۾ مدغم ٿي سَا ٿي

---

[1] ٿوَ جي جاءِ تي پئو (مونث پيئي) بہ استعمال ٿيندو آهي، ان فرق سان تہ هتي هڪ وڌيڪ طويل دورانيي جي ڪم جو ظاهر ڪرڻ ضروري هجي. ڏسو نمبر 53، 2)

[2] هن ڏس ۾ سنڌ جا وياڪرڻي ماهر اهڙي زمان کي 'حال مدامي' لکن ٿا (مترجم).

## 5) The Perfect[1]

### ماضي قريب (مڪمل زمانو)

ان مان مراد ”اهو ڪم جيڪو گذريل وقت ۾ ٿي گذريو“ آهي ۽ ان کي ڏاهڻ لاءِ معاون فعل آهِيَان کي اسم مفعول سان ملائبو آهي. مثال: آئُون وِيو آهِيان، آئُون جَهلِئوَ آهِيَان.

سمجهاڻي: سيئي ٻينر ٻوليون مڪمل زمان سنڌيءَ وانگر معاون فعل جو حال اسم مفعول ۾ ڳنڍي ناهينديون آهن.

## 6) The Pluperfect

### ماضي بعيد

ان مان مراد اهڙو ڪم جيڪو گهڻو اڳ مڪمل ٿيو هجي، ۽ ان گذريل زماني کي سمجهڻو يا ان جو اظهار مقصود هجي. ان کي ڏاهڻ لاءِ معاون فعل هُئَڻ جو مضارع اسم مفعول ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. مثال:

هَلِئوَ هوَس، هَلِي هُيس (مونث).

سمجهاڻي: هندستاني ۽ پنجابيءَ ۾ ماضي بعيد ڏاهڻ لاءِ اسم مفعول ۾ ٿا ۽ سَا لڳايو ويندو آهي. مرائيءَ ۾ مضارع هوَتوَن کي اسم مفعول ۾ ڳنڍيو آهي ۽ گجراتيءَ ۾ هَتوَ وغيره. بنگالي (جنهن ۾ متعدي فعل جي صورت ۾ مجهولي جوڙجڪ نه ڪئي ويندي آهي) معاون فعل چِلاَم جي مضارع کي اسم مفعول ۾ تڏهن ملائيندي آهي، جڏهن اهو يا تي ختم ٿيندو هجي.

## 7) The Compound Future Tenses

### مرڪب زمان مستقبل

سنڌيءَ ۾ ٻه مرڪب زمان مستقبل ٿيندا آهن.

الف) پهرئين ۾ معاون فعل هُئَڻُ جو مستقبل، اسم حاليه (حال) ۾ ڳنڍيو ويندو آهي، جنهن کي مستقبل مدامي سڏي سگهجي ٿو، مثال:

ڏِسَنْدوَ هُونْدُس.

ب) ٻئي ۾ معاون فعل هُئَڻُ جو مستقبل اسم مفعول (ماضيءَ) ۾ ڳنڍيو آهي ۽ ان کي مستقبل ماضي چئي سگهجي ٿو. مثال:

هَلِئوَ هُونْدُس، هُو ٻَئوَ هُونْدوَ.

اهي ٻئي فعل نه صرف استقباليه ڏانهن سختيءَ سان اشارو ڪن ٿا، پر لڪل مطلب امڪان، غير يقيني ۽ شڪ وارو اٿس.[2]

---

[1] جديد انگريزيءَ ۾ Perfect جا هن قسم جا ٻه زمان هوندا آهن. Present Perfect (ماضي قريب) ۽ Past Perfect (ماضي بعيد). . . ۾ ٽرومپ انهن جا نالا Perfect ۽ Pluperfeet ڏنا آهن (ايڊيٽر)

[2] اهو ئي سبب آهي جو سنڌي وياڪرڻ ۾ انهن لاءِ اصطلاح زمان حال متشڪي ۽ ماضي متشڪي ڪتب اچن ٿا (ايڊيٽر).

# باب چوڏهون

نمبر - 49

## THE AUXILIARY VERBS

## معاون فعل

فعلي ڦيرن جي قاعدن کي ڄاڻڻ کان اڳ، اهو ضروري آ هي ته معاون فعل هُئَڻُ جي گردان جو ذڪر ڪجي، جنهن مان بين فعلن جا مرڪب زمان نهندا آهن.

مصدر Infinitive: هُئَڻُ

**امر Imperative**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر | هوَ يا هوُءُ | هوَ يا هُئو |

**تمنائي/ دعائيہ Precative**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر | هُئِج، هوئِج، هُجُ، هوَج | هُجو |

**ڪردنت/ اسم مشتق Participles**

1) اسم حاليہ: هوُندوَ

2) اسم مفعول: هوَ، هُئوَ

**Verbal noun**

**فعلي اسم (هُئَڻوَ)**

## I- THE POTENTIAL

## امڪاني فعل

1) ساده امڪاني فعل (THE SIMPLE POTENTIAL):

| | واحد | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | آئُون هُئان، هُجَان | I may be |
| ضمير حاضر: | تُون هُئين، هُجين | Thou mayst be |
| ضمير غائب: | هو هُئي، هُجي | He may be |

# II- THE PRESENT

## زمان حال

1) **عام زمان حال** (The Indefinite Present):

ٿو سان امڪاني فعل:

**(I am being)**

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئَان ٿو | هُئَان ٿِي |
| ضمير حاضر: | هُئين ٿو | هُئين ٿِي |
| | هُئي ٿو | هُئي ٿِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُون ٿا | هُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | هُئو ٿا | هُئو ٿِئُون |
| ضمير غائب: | هُئَن ٿا | هُئَن ٿِئُون |

سنسڪرت اساسي فعل **اَسْ** (آهِيان) جي پراڻي حال واري صورت:

| | **واحد** | **جمع** |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | آهِيَان | آهِيُون |
| ضمير حاضر: | آنهين، آنهِين | آهِيو |
| ضمير غائب: | آهي | آهِن، آنهِن، آنهِينِ |

اها صورت زمان حال ۾ اڪثر ملي ٿي ۽ سو بہ امڪاني زمان ۾ جڏهن تہ **هُئَان ٿو** تمام گهٽ ملي ٿو ۽ ڪڏهن بہ امڪاني زمان ۾ استعمال نہ ٿيندو آهي.

شروعاتي سر آ اڪثر ڪري اٿوسوار ڪان سواءِ نظر اچي ٿو يعني **آنهِيَان** بدران فقط **آهِيَان**. جڏهن بہ **آهي** ڪان اڳ **ڪوئہ**، **ڪِي** نہ، **ڪَاڻ** وغيره موجود هجن تہ اهي **سُبِي ڪوَنهي**، **ڪِينهي**، **ڪانهي** ٿي ويندا آهن ۽ **آهي** ڪان **اڳ** ايندڙ نہ ان سان گڏجي سگهي ٿي يعني **ناهي** جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿي.

2) **زمان حال مطلق**[1] (The Definite Present):

معاون فعل **آنهِيَان** اسم حاليہ سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندو آنهِيَان | هُوندِي آنهِيَان |
| ضمير حاضر: | هُوندو آنهين | هُوندِي آنهين |
| ضمير غائب: | هُوندو آهي | هُوندِي آهي |

---

[1] هن بناوت جي فعلن ڪي سنڌي وياڪرڻ ۾ زمان حال مدامي لکيل آهي پر هتي ٽرومپ ان کي مطلق (definite) سڏي ٿو (مترجم).

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُونڊَا آنهيُون | هُونڊِئُون آنهيُون |
| ضمير حاضر: | هُونڊَا آهيوَ | هُونڊِئُون آهيوَ |
| ضمير غائب: | هُونڊَا آهِن | هُونڊِئُون آهِن |

## III- THE IMPERFECT

## نا مڪمل يا ماضي جاري

اسم حاليہ معاون فعل هوَسِ جي مضارع سان[1]:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندوَ هوَسِ | هُوندِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | هُوندوَ هُئين | هُوندِي هُئِئَن يا هُئئين |
| ضمير غائب: | هُوندوَ هوَ | هُوندِي هُئِي يا هِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُونڊَا هُئَاسِين | هُونڊِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | هُونڊَا هُئَوُ، هُئوَ | هُونڊِئُون، هُيُون |
| ضمير غائب: | هُونڊَا هُئَا، هَا | هُونڊِئُون هُيُون |

## IV- THE AORIST

## مضارع

1) **سادو مضارع** (The Simple Aorist):

اسم مفعول هوَسِ ۽ هُئَاسِين جي گرداني پڇاڙين سان[2]:

**(I was, Have been)**

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هوَسِ | هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | هُئين | هُئِئَن، هُئئين |
| ضمير غائب: | هوَ | هُئِي |

---

[1] سنڌيءَ ۾ هنن بناوتن کي ماضي مدامي چيو ويو آهي، پر هتي ڊاڪٽر ٽرومپ منڌل ئو لڳي (ايڊيٽر).

[2] هنن بناوتن کي ٻ سنڌيءَ ۾ ٻيا نالا ڏنل آهن.

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئَاسِين | هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | هُئَوُ، هُئو، هوَ | هُيُون |
| ضمير غائب: | هُئَا، هَا | هُيُون |

هُئَاسِين جي جڳهه تي هُئَاسُون، هَاسِين، هَاسُون جهڙيون سُسيل صورتون به استعمال ۾ آهن. ڪن صورتن ۾ گرداني پڇاڙيون مڪمل طور تي خارج ٿينديون آهن، پر اهڙي صورت ۾ خالص ضمير هميشه ڳنڍڻ گهرجي. مثال: آئُون هوَ (I Was) وغيره.[1]

2) مدامي مضارع (The Habitual Aorist):

ٿي سان سادو مضارع:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هوَسِ ٿي وغيره | هُيَسِ ٿي وغيره |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُئَاسِين وغيره | هُيُونسِين ٿي وغيره |

V. مڪمل زمانو PERFECT ۽ VI. ماضي بعيد PLUPERFECT استعمال ۾ نه آهن.

# VII- THE FUTURE

# زمان مستقبل

گرداني پڇاڙين سان اسم حاليه (هُوندُسِ).

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُوندُسِ | هُوندِئَسِ[2] |
| ضمير حاضر: | هُوندِين | هُوندِئَن[3] |
| ضمير غائب: | هُوندوَ | هُوندِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هُونداسِين | هُوندِئُوسِين |
| ضمير حاضر: | هُوندَؤُ، هُوندوَ | هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | هُوندَا | هُوندِئُون |

---

[1] اها بناوت پڻ سنڌي گرامر موجب غلط لڳي ٿي (ايڊيٽر)

[2] هُوندِئَسِ جي جاءِ تي هُونديَسِ ۽ هُونديَسِ به استعمال ۾ آهن.

[3] هُوندِئين به استعمال ۾ آهي.

مرڪب زمان مستقبل استعمال ۾ نہ آهن.

بي جنس فعل وانگر معاون فعل مان بہ مجهولي صورت ٺاهي سگهجي ٿي. مثال:

- ضمير غائب واحد (حال): **هوَئجي ٿوَ**
- ضمير غائب واحد (مستقبل: **هوَئبوَ**

سمجهاڻي: ڌاتو **هوَ** (مصدر **هُئَڻُ**) سنسڪرت ڌاتو **ڀُو** جي برابر آهي، جيڪو پراڪرت ۾ **هوَ** سان مدغم ٿيندو آهي ۽ انجو اسم مفعول پراڪرت ۾ **هُئوَ** يا **هُوَ** آهي، ان مان سنڌي **هُئوَ** حاصل ٿيو. متشڪي فعل **هُجَان** جي حوالي سان اهو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ پراڪرت ۾ اڳئين حال (۽ مستقبل لاءِ) **هوَجُہ** ۽ **هوَجَا** جهڙيون صورتون موجود آهن، جن کي ليسن سنسڪرت دُعائيہ **ڀُيَاتَ** مان ڪنيل سمجهيو آهي. (ڏسو ليسن صفحو 357). ڌاتو **هوَ** سيني ڀينر ٻولين ۾ استعمال ٿيندو آهي.

پراڻي زمان مضارع جو **آنهيَان** سنسڪرت اساسي فعل جي حال واري صورت **اَسٔ** مان آيو آهي. پراڪرت ۾ **اَمُهہ**. ان جي مراٺي صورت **آهين** سنڌي سان ڪافي حد تائين ملي ٿي. هندستاني (**هَان، هين، هَي**) ۾ شروعاتي اَ (جيڪا سنڌي ۽ مراٺي ۾ ڏکهي ٿيندي آهي)، خارج ڪيل آهي. بلڪل اهو ئي طريقو پنجابي ۾ نظر اچي ٿو. گجراتي ۾ بہ جتي شروعاتي اَ خارج ٿي آهي، اتي اسان کي **ڇُئُون، ڇي** وغيرہ جهڙيون صورتون ملن ٿيون، جيڪي پراڪرت صورت **اَڇَ** سان ٺهڪي اچن ٿيون (ليسن صفحا 266 ۽ 346)، بنگاليءَ ۾ بہ اسانکي قديم صورت **اَڇِي** ملي ٿي.

**نمبر - 50**

b) **معاون فعل ٿِئَڻُ:**

فعل **ٿِئَڻُ** ڪنهن حد تائين معاون فعل طور بہ استعمال ٿيندو آهي ۽ ان جا مرڪب زمان معاون **هُئَڻُ** جي ذريعي ٺهندا آهن.

مصدر: **ٿِئَڻُ.**

**امر**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | ٿِيءُ | ٿِيئو، ٿِئوَ |
| **نيازي/دعائيہ** Precative | | |
| ضمير حاضر: | ٿِجِ، ٿِيجِ | ٿِجوَ، ٿِيجوَ |

**مشتق اسم**

1) اسم حاليہ: **ٿِيندَوَ**
2) اسم مفعول: **ٿِئوَ**
3) ماضي معطوفي جا ڪردنت: **ٿِي، ٿِئوَ، ٿِي ڪَرِي**
4) فعلي اسم: **ٿِئَڻوَ**

# I- THE POTENTIAL

# امڪاني فعل

1) **سادو مرڪب فعل** (The Simple Potential):

ٿي سگهي ٿو (May become)

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿئان | ٿئون |
| ضمير حاضر: | ٿين، ٿئين | ٿئو |
| ضمير غائب: | ٿئي | ٿئن، ٿين |

2) مرڪب امڪاني فعل (Compound Potential):

(الف) هُئڻ جو امڪاني فعل اسم حاليه سان: (May be becoming)

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيندو هُئان[1] | ٿيندي هُئان |
| ضمير حاضر: | ٿيندو هُئين | ٿيندي هُئين |
| ضمير غائب: | ٿيندو هُئي | ٿيندي هُئي |

جمع

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيندا هُون | ٿينديون هُون |
| ضمير حاضر: | ٿيندا هُئو | ٿينديون هُئو |
| ضمير غائب: | ٿيندا هُئن | ٿينديون هُئن |

ب) هُئڻ جو امڪاني فعل اسم مفعول سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيو، هُئان يا هُجان | ٿي هُئان يا هُجان |
| ضمير حاضر: | ٿيو هُئين | ٿي هُئين |
| ضمير غائب: | ٿيو هُئي | ٿي هُئي |

جمع

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيا هُون | ٿيون هُون |
| ضمير حاضر: | ٿيا هُئو | ٿيون هُئو |
| ضمير غائب: | ٿيا هُئن | ٿيون هُئن |

# II- THE PRESENT

## زمان حال

1) سادو زمان حال (The Present Indefinite):

ٿيڻ سان امڪاني فعل:

---

[1] يا هُجانُ

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئَان ٿَوَ | ٿِئَان ٿِي |
| ضمير حاضر: | ٿِئين ٿَوَ | ٿِئين ٿِي |
| ضمير غائب: | ٿِئي ٿَوَ | ٿِئي ٿِي |

جمع

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئُون ٿَا | ٿِئُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | ٿِئو ٿَا | ٿِئو ٿِئُون |
| ضمير غائب: | ٿِئَنِ ٿَا | ٿِئَنِ ٿِئُون |

2) **زمان حال مطلق** (The Present Definite):

آهِيَان سان اسم حاليہ:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندوَ آهِيَان | ٿِيندِي آهِيان[1] |
| ضمير حاضر: | ٿِيندوَ آهين | ٿِيندِي آهين |
| ضمير غائب: | ٿِيندوَ آهي | ٿِيندِي آهي |

جمع

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندَا آهِيُون | ٿِيندِئُون آهِيُون |
| ضمير حاضر: | ٿِيندَا آهِيوَ | ٿِيندِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | ٿِيندَا آهِنِ | ٿِيندِئُون آهِنِ |

# III- THE IMPERFECT

# ماضي مدامي

هوَسِ سان اسم حاليہ

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندوَ هوَسِ | ٿِيندِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | ٿِيندوَ هُئين | ٿِيندِي هُئَن/ هُئين |
| ضمير غائب: | ٿِيندوَ هوَ | ٿِيندِي هُئِي |

[1] اهي بناوتون حال مداميءَ جون آهن (ايڊيٽر)

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِيندَا ھُئاسِين | ٿِيندِئُون ھُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | ٿِيندَا ھُئَوُ/ ھُئَوَ | ٿِيندِئُون ھُيُون |
| ضمير غائب: | ٿِيندَا ھُئَا | ٿِيندِئُون ھُيُون |

# IV- THE AORIST

# مضارع

1) **سادو مضارع** (The Simple Aorist):

اسم مفعول گرداني پڇاڙي ٿِئُس:

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئُسِ[1] | ٿِئَسِ |
| ضمير حاضر: | ٿِئين | ٿِئَن يا ٿِئين |
| ضمير غائب: | ٿِئُو | ٿِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئَاسِين | ٿِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ٿِئَو، ٿِئَوُ | ٿِئُون |
| ضمير غائب: | ٿِئَا | ٿِئُون |

2) **مضارع مدامي** (The Habitual Aorist):

ٿي سان سادو مضارع:

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئُسِ ٿي | ٿِئَسِ ٿي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿِئَاسِين ٿي | ٿِئُونسِين ٿي |
| وغيره | وغيره | وغيره |

# V- THE PERFECT

# مڪمل زمانو (ماضي قريب)

اسم مفعول معاون فعل آهِيَان سان:

---

[1] شاعري ۾ اڪثر ٿِئُوسِ ۽ ٿِئَاسِ (مونث)

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿينداسين | ٿينديونسين |
| ضمير حاضر: | ٿيندؤ (ٿيندوَ) | ٿينديون |
| ضمير غائب: | ٿيندا | ٿينديون |

2) **مرڪب زمان مستقبل** (Compound Future Tenses):

**(الف) زمان مستقبل مطلق** (The Definite Future):

اسم حاليه، مستقبل **هُوندَس** (وغيره) سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيندوَ هُوندُس | ٿيندي هُوندِئَس |
| ضمير حاضر: | ٿيندو هُوندين | ٿيندي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | ٿيندوَ هُوندوَ | ٿيندي هُوندِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيندا هُونداسين | ٿينديون هُونديونسين |
| ضمير حاضر: | ٿيندا هُوندؤ | ٿينديون هُونديون |
| ضمير غائب: | ٿيندا هُوندا | ٿينديون هُونديون |

**(ب) مستقبل ماضي متشڪي** (The Past Future):

مستقبل **هُوندُس** (وغيره) اسم مفعول سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيوَ هُوندُس | ٿي هُوندِئَس |
| وغيره | وغيره | وغيره |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ٿيا هُونداسين | ٿيون هُونديونسين |

# باب پندرهون

نمبر - 51

## A) INFLEXION OF THE REGULAR VERBS

## باقاعده فعل جو گردان

**(الف) فعل بي جنس ۽ فعل لازم جو گردان:**

سيئي بي جنس فعل امر ۾ اُ تي ختم ٿيندا آهن. (نمبر 43) ۽ اسم حاليه ۾ اَندوَ تي ختم ٿيندا آهن (نمبر 44)، پر متعدي فعلن جو ٻه هڪ وڏو انگ امر ۾ اُ تي ختم ٿيندو آهي ۽ اسم حاليه ۾ اَندوَ تي، ان ڪري انهن ۾ ڦيرو ٻه بي جنس فعلن وارو ٿي ايندو آهي، سواءِ زمان ماضيءَ ۾ جنهن لاءِ انهن کي مجهولي جوڙ جڪ ڪرڻي پوندي آهي.

هاڻ اسان باقاعدي بي جنس فعل جي گردان جو بيان ڪنداسون،

**مصدر: هَلَڻُ**

**امر** (Imperative):

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير حاضر: | هَلُ | هَلوَ |

**دعائيہ/ نيازي** (Precative)

| | |
|---|---|
| هَلِج ۽ هَلِجُ | هَلِجو |

**ڪردنت/ مشتق اسم** (Participles):

1) اسم حاليہ: هَلَندوَ
2) اسم مفعول: هَلِئوَ
3) ڳنڍيندڙ/ معطوفي: هَلِجي، هَلِي، هَلِئو، هَلِي ڪَري

فعلي اسم: **هلڻوَ**

## I- THE POTENTIAL

## امڪاني فعل

1) **سادو مرڪب فعل** (The Simple Potential): هَلان وغيره.

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | آئون هَلان | اَسين هَلون |
| ضمير حاضر: | تون هَلين | اَهين هَلوَ |
| ضمير غائب: | هُو هَلي | هُو هَلَن |

2) مرڪب امڪاني فعل (Compound Potential):

(الف) اسم حاليہ امڪاني (ماضي متشڪي) فعل هُئَان (وغيره) سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ هُئَان | هَلَندِي هُئَان |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ هُئين | هَلَندِي هُئين |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ هُئي | هَلَندِي هُئي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا هُون | هَلَندِئُون هُون |
| ضمير حاضر: | هَلَندا هُئوَ | هَلَندِئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | هَلَندَا هُئَنِ | هَلَندِئُون هُئَنِ |

ب) اسم مفعول مرڪب فعل هُئَان سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئوَ هُئَان | هَلِي هُئَان |
| ضمير حاضر: | هَلِئوَ هُئين | هَلِي هُئين |
| ضمير غائب: | هَلِئوَ هُئي | هَلِي هُئي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَا هُون | هَلِئُون هُون |
| ضمير حاضر: | هَلِئَا هُئوَ | هَلِئُون هُئوَ |
| ضمير غائب: | هَلِئَا هُئَنِ | هَلِئُون هُئَنِ |

# II- THE PRESENT
# زمان حال

1) عام زمان حال (The Present Indefinite):

امڪاني فعل ٿوَ سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلان ٿوَ | هَلان ٿِي |
| ضمير حاضر: | هَلين ٿوَ | هَلين ٿِي |
| ضمير غائب: | هَلي ٿوَ | هَلي ٿِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلُون ٿَا | هُلُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | هَلوَ ٿَا | هَلوَ ٿِئُون |
| ضمير غائب: | هَلَن ٿَا | هَلَن ٿِئُون |

2) **زمان حال مطلق**[1] (The Present Indefinite):

اسم حاليہ آنهيَان سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ آنهيَان | هَلَندي آنهيَان |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ آنهين | هَلَندِي آنهِين |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ آهي | هَلَندِي آهي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا آنهيُون | هَلَندِئُون آنهِيُون |
| ضمير حاضر: | هَلَندَا آهِيوَ | هَلَندِئُون آهِيوَ |
| ضمير غائب: | هَلَندَا آنهِن | هَلَندِئُون آنهِن |

# III- THE IMPERFECT

## ماضي مدامي/ جاري

اسم حاليہ **هوَس** (وغيره) سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ **هوَس** | هَلَندِي هُيَس |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ هُئين | هَلَندِي هُئِئَن |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ هوَ | هَلَندِي هُئِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا هُئَاسِين | هَلَندِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلَندَا هُئَوْ | هَلَندِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | هَلَندَا هُئَا | هَلَندِئُون هُيُون |

---

[1] سنڌيءَ وياڪرڻ ۾ مدامي.

# IV- THE AORIST

## مضارع

1) سادو مضارع (The Simple Aorist):

گرداني پڄاڙي سان اسم مفعول. مثال: هَلِڻُ

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِڻس | هَلِڻس |
| ضمير حاضر: | هَلِئين | هَلِئِن ۽ هَلِئين |
| ضمير غائب: | هَلِئَو | هَلِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | هَلِڻَاسين | هَلِڻُونسين |
| ضمير حاضر: | هَلِيَوُ | هَلِڻُون |
| ضمير غائب: | هَلِڻَا | هَلِڻُون |

2) مدامي مضارع (The Habitual Aorist):

سادو مضارع پڄاڙي ٿي سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِڻس ٿي | هَلِڻس ٿي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِڻَاسين ٿي | هَلِڻُونسُون ٿي |
| وغيره | وغيره | وغيره |

# V- THE PERFECT

## مڪمل زمانو (ماضي قريب)

اسم مفعول آنهيان سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَو آنهيَان | هَلِي آنهيَان |
| ضمير حاضر: | هَلِئَو آنهين | هَلِي آنهين |
| ضمير غائب: | هَلِئَو آهي | هَلِي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَا آنهيُون | هَلِئُون آنهيُون |
| ضمير حاضر: | هَلِئَا آهيوَ | هَلِئُون آهيوَ |
| ضمير غائب: | هَلِئَا آنهِن | هَلِئُون آنهِن |

# VI- THE PLUPERFECT

# ماضي بعيد

اسم مفعول مضارع هوَسِ سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئوَ هوَسِ | هَلِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلِئوَ هُئِين | هَلِي هُئِئَن |
| ضمير غائب: | هَلِئوَ هوَ | هَلِي هُئِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَا هُئَاسِين | هَلِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلِئَا هُئَوُ | هَلِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | هَلِئَا هُئَا | هَلِئُون هُيُون |

# VII- THE FUTURE

# زمان مستقبل

1) **سادو مستقبل** (The Simple or Indefinite Future):

اسم حاليہ گرداني پڇاڙي **هَلَندُسِ** (وغيره) سان:

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندُسِ | هَلَندِئَسِ، هَلَنديَسِ |
| ضمير حاضر: | هَلَندِين | هَلَندِئَن ۽ هَلَندئين |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ | هَلَندِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَنداسِين | هَلَندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلَندوُ | هَلَندِئُون |
| ضمير غائب: | هَلَندَا | هَلَندِئُون |

2) مرڪب زمان مستقبل (Compound Future Tenses):

الف) مستقبل مدامي (The Definite Future):

اسم حاليه هُوندس سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندوَ هُوندُس | هَلَندِي هُوندِئَس |
| ضمير حاضر: | هَلَندوَ هُوندِين | هَلَندِي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | هَلَندوَ هُوندوَ | هَلَندِي هُوندِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلَندَا هُونداسِين | هَلَندِئُون هُوندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلَندَا هُوندَؤُ | هَلَندِئُون هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | هَلَندَا هُوندَا | هَلَندِئُون هُوندِئُون |

ب): ماضي مستقبل (The Past Future[1]):

اسم مفعول سان مستقبل هُوندُس گڏيل:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئوَ هُوندُس | هَلِي هُوندِئَس |
| ضمير حاضر: | هَلِئوَ هُوندِين | هَلِي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | هَلِئوَ هُوندوَ | هَلِي هُوندِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | هَلِئَا هُونداسِين | هَلِئُون هُوندِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | هَلِئَا هُوندَؤُ | هَلِئُون هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | هَلِئَا هُوندَا | هَلِئُون هُوندِئُون |

بي جنس فعل اڪثر ڪري پنهنجي امڪاني فعل ۽ زمان حال ۾ مجهول صورت اختيار ڪندا آهن. پر انهن جو مفهوم ۽ حيثيت بدلجندو نه آهي ۽ اهي مجهول فعلن وانگر ٿي ڦيرو ڪائيندا آهن. (ڏسو مجهولي فعلن جو گردان). مثال:

پهَرَڻُ- پهَرَجَڻُ
لُوهَڻُ- لُوهجَڻُ
ڪَاوڙَڻُ- ڪَاوڙجَڻُ
اَچَڻُ- اَچجَڻُ
پَوَڻُ- پَئِجَڻُ

---

[1] سنڌيءَ ۾ ان کي ماضي متشڪي چئبو (ايڊيٽر)

| | |
|---|---|
| تو ڇڏِئو هُئي | تو ڇڏي هُئي |
| هُن ڇڏِئو هُئي | هُن ڇڏي هُئي |
| اَسان ڇڏِئو هُئي | اَسان ڇڏي هُئي |
| اَهان ڇڏِئو هُئي | اَهان ڇڏي هُئي |
| هن ڇڏِئو هُئي | هُن ڇڏي هُئي |

**جمع**

| | |
|---|---|
| مُون ڇڏِئا هُئَنِ | مُون ڇڏِئُون هُئَنِ |

# II- THE PRESENT
# زمان حال

1) **عام زمان حال** (The Present Indefinite):

**ٿوَ سان امڪاني فعل (وغيره).**

**واحد**

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِئان ٿو | ڇڏِئان ٿي |
| ضمير حاضر: | ڇڏِئين ٿو | ڇڏِئين ٿي |
| ضمير غائب: | ڇڏي ٿو | ڇڏي ٿي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِئُون ٿا | ڇڏِئُون ٿِئُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏِئو ٿا | ڇڏِئو ٿِئُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِين ٿا | ڇڏِين ٿِئُون |

2) **زمان حال مطلق**[1]: (The Present Definite):

اسم حاليہ+ آنهِيان سان:

**واحد**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِيندو آنهيان | ڇڏِيندي آنهيان |
| ضمير حاضر: | ڇڏِيندو آنهين | ڇڏِيندي آنهين |
| ضمير غائب: | ڇڏِيندو آهي | ڇڏِيندي آهي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِيندا آنهيُون | ڇڏِيندِئُون آنهيُون |
| ضمير حاضر: | ڇڏِيندا آهيو | ڇڏِيندِئُون آهيو |
| ضمير غائب: | ڇڏِيندا آنهِن | ڇڏِيندِئُون آنهِن |

[1] سنڌي وياڪرڻ ۾ ان بناوت لاءِ 'مدامي' مروج آهي.

# III- THE IMPERFECT

## ماضي جاري

اسم حاليہ مضارع هوَسِ سان:

واحد

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيندوَ هوَسِ | ڇڏيندي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | ڇڏيندوَ هُئين | ڇڏيندي هُئَئَن |
| ضمير غائب: | ڇڏيندوَ هوَ | ڇڏيندي هُئي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيندا هُئاسين | ڇڏينديُون هُيُونسين |
| ضمير حاضر: | ڇڏيندا هُئَئُو/ هُئوَ | ڇڏينديُون هُيُون |
| ضمير غائب: | ڇڏيندا هُئَا/ هَا | ڇڏينديُون هُيُون |

# IV- THE AORIST

## مضارع

1) سادو مضارع (The Simple Aorist):

اسم مفعول (مجهولي) ۽ مجهول جي فاعل وسيلو ڏيکاريندڙ حالت (Instrumental) سان:

واحد

| | |
|---|---|
| مذڪر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون ڇڏِئوَ | مُون ڇڏِي |
| توَ ڇڏِئوَ | توَ ڇڏِي |
| هُنَ ڇڏِئوَ | هُنَ ڇڏِي |
| اَسَان ڇڏِئوَ | اَسَان ڇڏِي |
| (اوهَان) اَهان ڇڏِئوَ | (اوهَان) اَهَان ڇڏِي |
| هُنِ ڇڏِئوَ | هُنِ ڇڏِي |

جمع

| | |
|---|---|
| مُون ڇڏِئا | مُون ڇڏِئُون |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

2) مضارع مدامي (The Habitual Aorist):

سادو مضارع ٿي سان:

واحد

| | |
|---|---|
| مذکر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون ڇَڏِيَوَ ٿي | مُون ڇڏِي ٿي |

جمع

| | |
|---|---|
| مُون ڇَڏِيَا ٿي | مُون ڇَڏِيُون ٿي |

# V- PERFECT

# مڪمل زمانو

اسم مفعول (مجهولي) آهي ۽ آنهِن سان – (فاعل وسيلو ڏيکاريندڙ حالت (Instrumental) ۾:

**By me, has been given up**

واحد

| | |
|---|---|
| مذکر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون ڇَڏِيَوَ آهي | مُون ڇَڏِي آهي |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

جمع

| | |
|---|---|
| مُون ڇَڏِيَا آنهِن | مُون ڇَڏِيُون آنهِن |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

# VI- THE PLUPERFECT

# ماضي بعيد

هو، هُئا وغيره سان اسم مفعول (مجهول):

واحد

| | |
|---|---|
| مذکر مفعول لاءِ | مونث مفعول لاءِ |
| مُون ڇَڏِيَوَ هو | مُون ڇَڏِي هُئِي |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

جمع

| | |
|---|---|
| مُون ڇَڏِيَا هُئا | مُون ڇَڏِيُون هُيُون |
| وغيره وغيره | وغيره وغيره |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِبا هُون | ڇَڏِبيُون هُون |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِبا هُئو | ڇَڏِبيُون هُئيو |
| ضمير غائب: | ڇَڏِبا هُئَن | ڇَڏِبيُون هُئَن |

ب) اسم مفعول- امڪاني فعل هُئَان سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِيو هُئَان | ڇَڏِي هُئَان |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِيو هُئين | ڇَڏِي هُئين |
| ضمير غائب: | ڇَڏِيو هُئي | ڇَڏِي هُئي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِيا هُون | ڇَڏِيُون هُون |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِيا هُئو | ڇَڏِيُون هُئو |
| ضمير غائب: | ڇَڏِيا هُئَن | ڇَڏِيُون هُئي |

# II- THE PRESENT

## عام زمان حال

1) سادو زمان حال (The Indefinite Present):

امڪاني فعل ٿو سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِجان ٿو | ڇَڏِجان ٿي |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِجين ٿو | ڇَڏِجين ٿي |
| ضمير غائب: | ڇَڏِجي ٿو | ڇَڏِجي ٿي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇَڏِجُون ٿا | ڇَڏِجُون ٿِيُون |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِجو ٿا | ڇَڏِجو ٿِيُون |
| ضمير غائب: | ڇَڏِجَن ٿا | ڇَڏِجَن ٿِيُون |

2) زمان حال مطلق[1] (The Definite Present):

آنهيَان سان اسم حاليہ:

| | واحد | |
|---|---|---|
| | مذڪر | مونث |
| ضمير متڪلم: | چَڏِبوَ آنهيَان | چَڏِبي آنهيَان |
| ضمير حاضر: | چَڏِبوَ آنهين | چَڏِبي آنهين |
| ضمير غائب: | چَڏِبوَ آهي | چَڏِبي آهي |
| | جمع | |
| ضمير متڪلم: | چَڏِبا آنهيُون | چَڏِبُون آنهيُون |
| ضمير حاضر: | چَڏِبا آهيوَ | چَڏِبِئُون آهيوَ |
| ضمير غائب: | چَڏِبا آنهِن | چَڏِبِئُون آهِن |

# III- THE IMPERFECT

# ماضي جاري

اسم حاليہ هوَس سان:

| | واحد | |
|---|---|---|
| | مذڪر | مونث |
| ضمير متڪلم: | چَڏِبوَ هوَس | چَڏِبي هُيَس |
| ضمير حاضر: | چَڏِبوَ هُئين | چَڏِبي هُئِيَن |
| ضمير غائب: | چَڏِبوَ هوَ | چَڏِبي هُئِي |
| | جمع | |
| ضمير متڪلم: | چَڏِبا هُئاسين | چَڏِبِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | چَڏِبا هُئوُ، هُئوَ | چَڏِبِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | چَڏِبا هُئا | چَڏِبِئُون هُيُون |

# IV- THE AORIST

# مضارع

1) سادو مضارع (The Simple Aorist):

اسم مفعول گرداني پچاڙين سان:

[1] سنڌي وياڪرڻ ۾ 'مدامي' (ايڊيٽر)

واحد

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيُس، (ڇڏيس ۽ ڇڏيَسِ) | ڇڏيُسِ |
| ضمير حاضر: | ڇڏئين | ڇڏئين |
| ضمير غائب: | ڇڏئين | ڇڏي |

جمع

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏياسين | ڇڏيونسين |
| ضمير حاضر: | ڇڏيوَ | ڇڏيون |
| ضمير غائب: | ڇڏيا | ڇڏيون |

2) **مضارع مدامي** (The Habitual Aorist):

سادو مضارع ٿي سان

واحد

| | |
|---|---|
| ڇڏيُس ٿي | ڇڏيُس ٿي |
| وغيره | وغيره |

# V- THE PERFECT

## مڪمل زمانو (ماضي قريب)

اسم مفعول آنهيان سان:

واحد

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيو آنهيان | ڇڏي آنهيان |
| ضمير حاضر: | ڇڏيو آنهين | ڇڏي آنهين |
| ضمير غائب: | ڇڏيو آهي | ڇڏي آهي |

جمع

| | مذکر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏيا آنهيون | ڇڏيون آنهيون |
| ضمير حاضر: | ڇڏيا آهيو | ڇڏيون آهيو |
| ضمير غائب: | ڇڏيا آنهن | ڇڏيون آنهن |

# VI- THE PLUPERFECT

## ماضي بعيد

**واحد**

| | مذكر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇَڏِيُو هوسِ | ڇَڏِي هُيَسِ |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِيُو هُئين | ڇَڏِي هُئِئَن |
| ضمير غائب: | ڇَڏِيُو هو | ڇَڏِي هُئِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇَڏِئا هُئاسِين | ڇَڏِئُون هُيُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِئا هُئُو | ڇَڏِئُون هُيُون |
| ضمير غائب: | ڇَڏِئا هُئا | ڇَڏِئُون هُيُون |

# VII- THE FUTURE

## زمان مستقبل

1) **سادو مستقبل** (The Simple or Indefinite Future):

اسم حاليه گرداني پڇاڙين سان:

**واحد**

| | مذكر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇَڏِبُسِ | ڇَڏِبِئَسِ |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِبين | ڇَڏِبِئَنِ |
| ضمير غائب: | ڇَڏِبوَ | ڇَڏِبِي |

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متكلم: | ڇَڏِبَاسِين | ڇَڏِبِئُونسِين |
| ضمير حاضر: | ڇَڏِبؤ | ڇَڏِبِئُون |
| ضمير غائب: | ڇَڏِبَا | ڇَڏِبِئُون |

2) **مركب زمان مستقبل** (Compound Future):

الف)   زمان مستقبل مدامي (متشكي) (**The Definite Future**):

اسم حاليه + هُوندُسِ سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِبوَ هُوندُس | ڇڏِبي هُوندِئَس |
| ضمير حاضر: | ڇڏِبوَ هُوندِين | ڇڏِبي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | ڇڏِبوَ هُوندوَ | ڇڏِبي هُوندِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | ڇڏِبا هُونداسين | ڇڏِبيُون هُونديُونسين |
| ضمير حاضر: | ڇڏِبا هُوندَؤ | ڇڏِبيُون هُونديُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِبا هُوندا | ڇڏِبيُون هُونديُون |

**ب) مستقبل ماضي (متشڪي)** (The Past Future):

اسم مفعول + **هُوندُس** سان:

واحد

| | مذڪر | مونث |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِئوَ هُوندُس | ڇڏِي هُوندِئَس |
| ضمير حاضر: | ڇڏِئوَ هُوندِين | ڇڏِي هُوندِئَن |
| ضمير غائب: | ڇڏِئوَ هُوندوَ | ڇڏِي هُوندِي |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | ڇڏِئا هُونداسين | ڇڏِئُون هُوندِئُونسين |
| ضمير حاضر: | ڇڏِئا هُوندَؤ | ڇڏِئُون هُوندِئُون |
| ضمير غائب: | ڇڏِئا هُوندا | ڇڏِئُون هُوندِئُون |

# باب سورهون

## نمبر - 53

# COMPOUND VERBS

# مرڪب فعل

سنڌيءَ ۾ ڪنهن فعل کي ٻئي فعل سان مرڪب ناهي ان فعل کي مختلف معنائون ڏيڻ جي خاص صلاحيت رکيل آهي.

1) هڪ فعل کي ٻئي سان مرڪب ڪرڻ لاءِ سيني کان عام طريقو اهو آهي ته فعل کان پهرين (۽ شاعري ۾ ڪن صورتن ۾ مستقل فعل کانپوءِ) **اِي يا اِيِ** (۽ ڪن صورتن ۾ اِئوَ) تي ختم ٿيندڙ معروف يا مجهول حالت جو اسم مفعول عطف (ماضي معطوفي) لڳايو ويندو آهي ۽ اُنکري اهڙي مرڪب فعل جي جوڙجڪ جو دارومدار ڪنهن به صورت ۾ اسم مفعول عطف تي نه پر مستقل فعل تي هوندو آهي ۽ ان طريقي سان ٺهندڙ فعل سيٺ ڏجن ٿا.

**الف) زور پرائيندڙ فعل** (Intensities):

جيڪي اڳيان لڳل اسم مفعول عطف جي ڪري ڪنهن فعل کي هڪ مخصوص معنيٰ ڏيندا آهن. مثال:

**مَري وَڃَڻُ؛ چِڙهِي وَڃَڻُ؛ وَلِي وَڃَڻُ؛ ڪُلِي پَوَڻُ؛ جِي پَوَڻُ؛ وَهِي پَوَڻُ؛ وَڍِي وِجهَڻُ، سوڙِي ڪَڍَڻُ، چاڙهي آڻَڻُ؛ لوڙهي ڇڏَڻُ؛ ٽاٽِئو جهِٽَڻُ؛ موٽائي نِڪَڻُ** وغيره وغيره.

هت اهو ڏسڻ ضروري آهي ته **ڪَڻَڻُ** جو اسم مفعول عطف **ڪَڻِي** هر قسم جي فعل ۾ لڳي ان جي اهميت کي زور پرائيندو آهي، جنهن مان معنيٰ ڪنهن ڪم جو ٿي وڃڻ نڪرندو آهي. **مثال:**

**ڪَڻِي لَکَڻُ؛ ڪَڻِي اُجارَڻُ، ڪَڻِي وَڃائِڻُ، ڪَڻِي وَڃَڻُ.**

ساڳيءَ ريت **پَوَڻُ** جو اسم مفعول عطف **پَئِي** يا **پيئِي** ڪنهن فعل کان اڳ لڳائي ان جي معنيٰ کي وڌيڪ زور پرائيندو آهي. مثال **پَئِي ڪئَڻُ**. جڏهن ته زمان حال جي اضافي **ٿوَ** کي حذف ڪري **پيئي** يا **پئي** شامل ڪيو ويندو آهي.

- سوَ جَڏهِن وَڏوَ ٿِئوَ تَڏهِن مَري وِئوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 2)
- سُونَهَن جي صَلاحِ وَٺُ تَه وِير لَنگهي وَڃِين (شاهه، سريراڳ، V، 7)
- لَڙِئو پوَنِ لَطِيفَ کي ڳَوڙَا مَٿي ڳَلُ (مج 459)
- سَانڌارِي سَمُونڌَ جي نَهوَڙي نِٿَا (شاهه، ساسوندي I، 11)
- آٿي پَاڻُ اَڙَاءِ ڪَٿي ڪورِي وِچَ ۾ (شاهه، جمن ڪلياڻ III، 13)

3) تسلسل جي مفهوم جي اظهار لاءِ فعلن رَهَڻُ ۽ وَتَڻُ کان اڳ اسم حاليہ لڳايو ويندو آهي. مثال: وِيندوَ رَهي، چَارِيندوَ وَتي.

- وِينڌوَ رَهَندوَ وِرَچي مَنجهَان مِصرَ شَامَ (مج 357).
- سَنڌُس پيءُ شاهُ حَبيبُ ڪيس ڳُولِيندوَ ڦُولِيندوَ ٿِي رَهِئوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 9)
- ٻيجَلُ گهوَڙَا چَارِيندوَ وَتي (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص: 2)

4) ٻن فعلن کي ڳنڍڻ جو ٻيو طريقو اهو آهي تہ ڪنهن فعل جو تشڪيلي صورت وارو مصدر فعل کان اڳ لڳايو وڃي. مثال: لَڳَڻُ، اَچَڻُ، وَڃَڻُ. ان طريقي سان شروعات يا آرنڀ ڪندڙ فعل (inceptives) ٺاهيا ويندا آهن. مثال: رُوئَڻَ لَڳَڻُ، وَسَڻَ اَچَڻُ، سَڏَڻَ وَڃَڻُ.

- وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون سَارَنگُ چَڙهِئوَ سيجَ (شاهہ، سورٺ[1] IV، 13)
- پوءِ جيسِين هوَ ڳِنهَڻَ وِيئُون تيسِين گهوَٽَ اَچي سَهَڙِيوَ (10، 25 ميٽيو).

[1] سر سارنگ جو هي بيت ترومپ سر سورٺ مان ڄاڻايو آهي شايد پروف جي غلطي هجي (ايڊيٽر)

# باب سترهون

## نمبر - 54

## THE VERB WITH PRONOMINAL SUFFIXES

## ضميري پڇاڙين سان فعل

سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال اسم جي پيٺ ۾ فعل ۾ وڌيڪ ٿيندو آهي. (ڏسو نمبر 30). انهن پڇاڙين جي لڳڻ سان فعل فقط مفعولي سببي (Accusative)، مفعولي ثاني (Dative) حالت ظاهر ڪندو آهي. جيتوڻيڪ اهي اسم مفعول مجهول ۽ وسيلو ڏيکاريندڙ حالت Instrumental سان به لڳندي ڪنهن به حالت ۾ ظاهر ڪري سگهجن ٿا. سواءِ فاعلي حالت جي.

فعلن ۾ لڳندڙ ضميري پڇاڙيون اسم ۾ لڳندڙ پڇاڙين جهڙيون ئي آهن، فرق رڳو اهو آهي ته ضمير متڪلم جمع جي پڇاڙي اُون جيڪا اسم ۾ استعمال نه ٿيندي آهي (ظرف ۽ حرف جر سان ٿيندي آهي) اها فعل ۾ عام طرح استعمال ٿيندي آهي. هڪڙي ٻي مخصوص وسيلو ڏيکاريندڙ حالت (Instrumental) جي پڇاڙي يعني واحد لاءِ اِين ۽ جمع لاءِ اُون اسم مفعول مجهول سان لڳندي آهي ۽ اسم ۽ ظرف ۾ ڪڏهن به استعمال نه ڪئي ويندي آهي.

ائين محسوس ٿئي ٿو ته پڇاڙي اِين اصل ۾ وسيلي واري (Instrumental) واحِد جي پڇاڙي اِنَ (هِي منجهان) ۽ اُون Instrumental جمع جي پڇاڙيءَ اُنِ (هُو منجهان) مان آيل آهن.

ضمير متڪلم واحد ۽ جمع ۾ ساڳئي ضمير جي پڇاڙي ڪڏهن به نه لڳائي ويندي آهي ۽ اهڙي صورت ۾ ضمير مشترڪ (Reflexive pronoun) پَاڻَ ڪي استعمال ڪرڻ ضروري آهي. مرڪب ٿيل فعل ۽ مرڪب زمان ۾ جيتوڻيڪ پڇاڙي جو اصل تعلق مرڪب جي پهرئين حصي سان هوندو آهي، پر لڳندو هميشه مرڪب جي آخري حصي ۾ آهي. ساڳيءَ ريت پڇاڙي فعل ۾ لڳندڙ ٿوَ يا ٿي بدران خود فعل ۾ لڳندي آهي.

مجهول اسم مفعول ۾ ٻه پڇاڙيون به لڳي سگهن ٿيون، جنهن مان پهرين پڇاڙي وسيلي واري حالت Instrumental جي اظهار لاءِ ۽ ٻي مفعولي ثاني يا مفعولي سببي حالت لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي.

فعل جي گرداني جوڙن ۾ مختلف جوڙن جي لڳڻ جي طريقي کي بهتر سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل تفصيل کي ڏسڻ ضروري آهي.

## نمبر - 55

**I. معاون فعل هُئَڻُ ۽ ٿِئَڻُ سان لڳندڙ ضميري پڇاڙيون:**

۱) امر- امڪاني ٿيل فعل جي ضمير حاضر واحد ۽ جمع جهڙيون ساڳيون ٿينديون آهن.

3) **زمان حال جو آنهيَان:**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙِي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | **واحد پڇاڙي** | |
| | **واحد** | |
| | آنهِيَانيِ (آهيانءِ) | آنهِيَانسِ |
| آنهِيَمِ (آنهيم) | ------- | آنهيئَسِ |
| آهيمِ | آهيئِي | آهيسِ |
| | **جمع** | |
| | آنهِيُونيِ (آهيونءِ) | آنهِيُونسِ |
| آهِيوَمِ | ------- | آهِيوَسِ |
| آنهِنمِ | آنهِني (آنهِنئِي) | آنهِنسِ |
| | **جمع پڇاڙِي** | |
| | **واحد** | |
| | آنهِيانئوَ | آنهيانِ |
| آنهِيئنئُونِ | ------- | آهِيئنِ |
| آهيئُون | آهين | آهينِ |
| | **جمع** | |
| ------- | آنهِيُونئوَ | آنهِيُونِ |
| آهِيوَئُون | ------- | آهِيُونِ |
| آنهِنئُون | آنهِنوَ | آهِنِ |

سنڌيءَ ۾ **آهي** ۽ **آنهِنِ** بدران **اَٿَ** بہ استعمال ٿيندي آهي، پر اهو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن پڇاڙيون انهن ۾ لڳنديون هجن. اها پراڪرت جي پراڻي صورت **اَتِٿِ** جي برابر آهي (اساسي فعل **اَسُ** جي ضمير غائب واحد جي صورت ۾) جيڪا سنڌيءَ ۾ جمع ۾ بہ ڪتب اچي ٿي. اهي پڇاڙيون هيٺ ڏنل طريقي سان لڳنديون آهن.

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙِي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | **واحد** | |
| اَٿَمِ | اَٿِي، اَٿيئي | اَٿَسِ |
| | **جمع** | |
| اَٿوَن | اَٿوَ | اَٿَنِ |

زمان حال مطلق/ مدامي جي هوندڙ آنهيَان ۾ پڇاڙيون مرڪب جي آخري حصي ۾ لڳنديون آهن.

- سَرَتِنِ سَاڻُ سَمَنَ آهيمِ اُئي مِينهَڙي (شاهه، عمر مارئي V، 21)
- ڳُجهي اَتَمِ ڳَالهَڙي آءُ اوَرِي تَان اوَرِيَان (شاهه، سورٺ II، 22)
- تَڏهِن سُٺِي سَبَقُ سَرَهوَ ٿِئوَ نَاهِسِ ڪوَ نِيَاز (مَج 189)
- جي اُتِي سَڏَ پَسَڻَ ۾ تَہ ڪَڻُ مَ پيرَ پَرِي (شاهه، ڪلياڻ II، 4)
- بِنَان پَڃَنَ پَکوَانَ جي اَتيئِي ڀِي سَڀِ خُودِي خَامَ (مينگهو 4)
- مَنِي نَہ آهِئُون مَنَ ۾ اُوءِ جوَتَا مَارِنِ جَڪَ (مج 255)
- اَسَان ڪي اُنهِنِ پَاهَڻَنِ سَان ڪوَ ڪَمُ نَہ آهي مَگرِ پَنهِن جي ڏَٽِيَ سَان ڪَمُ اَٿُون (عبداللطيف جي زندگي ص: 20)
- سَاءُ نَہ اَٿوَ سُورَ جوَ هَاٿي ٿِئُون هَسوَ (شاهه، ساموندي III، پڇاڙي)
- مَنڊِي نَہ آهين مَنَ ۾ سُڄَاتَائُون ثوَابُ (مَج 218)

4) مضارع:

الف) مذڪر صورت هوَسِ

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | **واحد پڇاڙي** | |
| | **واحد** | |
| ------- | هوَسَائي (هوسانءِ) | هوَسَائسِ |
| هُئينَمِ | ------- | هُئينَسِ |
| هوَمِ | هوَءِ | هوَسِ |
| | **جمع** | |
| ------- | هُئَاسُونءِ | هُئَاسُونَسِ |
| هُئوَمِ | ------- | هُئوَسِ |
| هُئَمِ[1] | هُئَئِہ | هُئَسِ |
| | **جمع پڇاڙي** | |
| | **واحد** | |
| ------- | هوَسَائوَ | هوَسَانِ |
| هُئينئُون | ------- | هُئينِ |
| هوَسُون | هوَوَ | هوَنِ |

[1] شاعري ۾ ڏگهو آ اڪثر ڪري برقرار رکيو ويندو آهي. مثال: هُئَامِ، هُئَاءِ، هُئَاسِ

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | ٿِئُونسُونءِ | ٿِئُونسِيئَسِ |
| ٿِئُم (ءِ ٿِئُنمِ) | ------- | ٿِئُنسِ |
| ٿِئُومِ | ٿِئُونءِ | ٿِئُنسِ |

جمع پڇاڙي

واحد

| | | |
|---|---|---|
| ------- | ٿِيسَائوَ | ٿِيسَانِ |
| ٿِئِينسُون | ------- | ٿِئَنِ |
| ٿِيسُون | ٿِيوَ | ٿِيَنِ |

جمع

| | | |
|---|---|---|
| ------- | ٿِئُونسِيئوَ | ٿِئُونسِينِ |
| ٿِئُونسُون | ------- | ٿِئُنِ |
| ٿِئُونسُون | ٿِئُنوَ | ٿِئُنِ |

- جَڏهِن پِٽُس وَڃِي ڳَوَلي وَنِي آٽِيندوَ هوَسِ تَڏهِن ٻَاهَرِ اِيندوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص 3)
- جيترِوَ ڪهُربوَ هوَسِ تيترِوَ اُنَ ٻَرَتَنَ مَان ڪَڍَندوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 21)
- اِيَ سُٽِيندَهِي ڳَالَهڙِي ڄَرِئو ٿِئَڙُسِ ڄِتُ (مج 375).
- تَنِي ڀِرِي تَنُورَ ۾ ٿِئَمِ سُورَ سَرسو (مج 663).
- ڏِئَڙِي کي اُٿَاڙِي پَنهَن جي گهَرِ وِهَارِي پَاڙهِيندَا هُئَسِ (عبداللطيف جي زندگي ص: 46).
- جيڪي نُڪُرَ ڪَائِڻَ کان ٻَچَندَا هُئَنِ سي اُنَ لئِي جي ڏِنَيَرَ ۾ رَکَندَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 23).

5) **زمان مستقبل:**

الف) مذڪر صورت **هُوندُسِ:**

| ضمير متڪلم جي پڇاڙي | ضمير حاضر جي پڇاڙِي | ضمير غائب جي پڇاڙي |
|---|---|---|
| | **واحد پڇاڙي** | |
| | **واحد** | |
| ------- | هُوندوَسَانءِ | هُوندوَسَانسِ |
| هُوندِيئَمِ | ------- | هُوندِيئَسِ |
| هُوندُمِ[1] | هُوندُءِ[2] | هُوندُسِ |

[1] شاعري ۾ اڪثر هُوندوَ مِ ءِ هُوندَا مِ

[2] يا هُونديِ

**جمع**

| | | |
|---|---|---|
| ------- | هُوندِئُونسُونوَ | هُوندِئُ ـنسُونِ |
| هُوندِئُونسُون | | هُونڌيُنِ |
| هُوندِئُونسُون | هُونديُنوَ | هُونڌيُنِ |

**هُونڌسِ ۽ هُوندِئسِ وانگر مستقبل جي معروف ۽ مجهول ۾ ۽ انهن ٻنهي صورتن جي اسم حاليہ ۾ بہ ان ئي طريقي سان پڇاڙيون لڳنديون آهن.**

- مَتوَ ۾ ڪِيڪَارَ يارَ ڏَاڻُ ڏِيندوَسَانءِ مَگُڻَا (شاهہ سورٺ III پڇاڙي)
- سَڀَاجهوَ ٻَاجهَہ ڪري تَنهِين سين ميڙِينَدوَمِ (مج 182)
- هوَتُ گَڏِبُئِي حَبَّ ۾ رَهَبَرُ مَتي رَاهہَ (شاهہ معذوري V، 5)
- ٻَئوَ بہ جيڪي گهُرَندوَ سوُ ڏِبُسِ (راءِ ڏياج جي ڪهاڻي ص: 7)
- جيڪَڏِهِن ليلهِرَائِي ڪَبِي تَان پُڻُ ڪَالُ ڪِي نہ ڇَڏِيندوَسِين (سنڌي ڪتاب ص: 63)
- اُوهَان مُون سَان ڇڙَندَؤ ۽ ٻيلِپِي مَان ڪَڍَنَدوَمِ (سنڌي ڪتاب ص:51)
- اِڊِيُون عبدُالَّطِيفُ چَوِي سيڻَ لَهَندُمِ سَارَ (شاهہ عمر مارئي I پڇاڙي)
- تُون جَنُهِن جي نَڪَ تي وِيندِؤ ڏِسين سَا سُجَاڻي ڪَيِج تہ اُهَا هُوندِيسَانءِ (املهہ ماڻڪ ص:150)
- هَڪِئوَ هُجُ هُشِيَارُ ڪِوَڻِ ڪِوَندَئِي اوَچِتِي (شاهہ سريراڳ VI، 5)
- اِئين موَچَاروَ تہ مَينِ وَجِي پُئُون ۽ هِڪَ ٻئي جي وَاهَرَ سَاڻُ مَارِي مَجَائِيندِئُونسِين (سنڌي ڪتاب ص: 64)
- تہ چوَنْدِيُنسِ پَاتِشَاهَزَادِي رَاتِ تَمَاشي تي هَلي هُئِئَن.

**نمبر - 56**

**II. باقاعده فعل ۾ لڳندڙ ضميري پڇاڙيون:**

I) **امر (امڪاني فعل وانگر):**

- اَچِي چِيَائِين مَاءُ کي رُخصَتَ ڏِينمِ رَضَا (مج 77)
- مَاڙهُنِ چَيوَ مَاڻُسِ کي تہ تَان پَاڻ پُڇِينسِ (مج 42)
- سَا ڏِيکَارِئُون جُوءِ جِتَان لَاهُوتِي لَالُ ٿِئوَ (شاهہ مومل راڻو III، 9)
- رَبَّ پَسَايُون روَءِ اُنهِين جِي اِحسَانَ سَان (شاهہ ڪيڏارو IV، 5)
- ٿَازِي ڏِئوَسِ ٿَڪِڙوَ جوَهَرَ پَائِي زِينَ (شاهہ سورٺ I، 18)

**تمنائي/ دعائيہ** (The Precative)

| پڇاڙي | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم جمع: | ڇَڏِجَائمِ | ڇَڏِجوَمِ |
| ضمير غائب جمع: | ڇَڏِجَائسِ | ڇَڏِجوَسِ |
| ضمير متڪلم واحد: | ڇَڏِجَائُون | ڇَڏِجوَئُون |
| ضمير غائب واحد: | ڇَڏِجَانِ | ڇَڏِجوَنِ |

- اِها ڏِتڙي پڻ جڏهن ڳالهاءُ ان جوَ ٻُڌندي هُئِي تَڏهنَ پَنهَنَ جي سِر اُتِي نُڪرِ مَانِيءَ جوَ ڪٽي آٽي ڏِيندِي هُيَس (عبداللطيف جي زندگي ص: 46)
- جي هُيَوَ هوتُ پُنهُون سِينَ مُون ڪَا مُلاَقَاتَ (شاهه، حسيني XII، 6)
- هِنَ اَسَان جي حالَ جِي خَبَرَ تَان نہ پِئي (مج 229)
- تنهين جِي وائِي هوندَ نہ وِيَنُوَ وِسرِي (شاهه، حُسيني XII، 7)
- مُونَ کي چَڏي هَلِئا ڪَا پِيَيَن مٿي پٽي (شاهه، معذوري III، پچاڻي)
- جِيئَن آيُنسِ مَتئُون وَجِئو ٿِي وارِيس (مج 424)
- سِرِي ڪِي نہ ڪِئُونِ وِيڻ موڪِيءَ جي مارِئا (شاهه، يمن ڪلياڻ IV، 8)
- اَوَڳُڻَ رُسِي سَيَڪو ڳُڻين پِرِينَ رُنامِ (شاهه، آسا IV، 24)
- ڪَنهِينَ ڪامَڻَ ڪِياءِ ڪَئِين پَنيوَلَئِين ڪَرَهَا
- اَڪِنِ مٿي اَڪيا پڙَ ۾ پِيرَ ڪُناءِ (شاهه، ڪنيات II، 39)
- سنهي لَڪ نَڪ سَنَئين ڪَجَلَ پَرِيَنِ نيڻَ (شاهه، سامونڊي I، 35)

**ب) ٻن پڇاڙين سان اسم مفعول:**

اسم مفعول ۾ بہ پڇاڙيون بہ لڳائي سگهجن ٿيون، جنهن مان پهرين فاعل لاءِ ۽ ٻي مفعول (مفعولي- مفعولي ثاني) ڏانهن اشارو ڪنديون آهن. مثال: چڏئومانءِ= يعني مون توکي ڇڏيو).

ضمير حاضر واحد ۽ جمع ۾ ڪابہ وڌيڪ پڇاڙي نہ لڳندي آهي. اهڙي طرح بہ پڇاڙيون عام طرح ضمير غائب (واحد ۽ جمع) ۾ ۽ ورلي ڪڏهن ضمير متڪلم ۾ لڳنديون آهن.

ضمير متڪلم واحد لاءِ پڇاڙي آنئون بدران مان استعمال ٿيندي آهي چاڪاڻ تہ آنئُون ايتري مضبوطي نٿي رکي جو پويان ايندڙ پڇاڙيءَ کي سنڀالي سگهي. ضمير غائب واحد جي حالت Instrumental پڇاڙي اين اڳ ايندڙ آ سان سُسي آن ٿي ويندي آهي، پر ڪن صورتن ۾ اها قائم بہ رهي سگهي ٿي. ضمير غائب جمع ٻي ڪنهن پڇاڙيءَ کان اڳ پنهنجي جڳهہ تي قائم رهندو آهي يا ڪڏهن سُسي اُون (او) ٿي سگهي ٿو.

اسم ۾ جڏهن ضمير غائب جمع يا واحد جي پڇاڙي لڳندي هجي تہ ان ۾ جنس ۽ انگ جي ڪابہ تبديلي نہ ٿي اچي سگهي. پر جڏهن اسم ۾ ضمير متڪلم واحد يا جمع جي پڇاڙي موجود هجي تہ ان جو جنس ۽ انگ سان نهڪي اچڻ ضروري آهي.

**واحد**

## ضمير متڪلم واحد جي پڇاڙي

| مذڪر | مونث |
|---|---|
| چَڏِئوَمَانءِ | چَڏِيمَانءِ |
| چَڏِئوَمَانُسِ | چَڏِيمَانُسِ |
| چَڏِئوَمَانُوَ | چَڏِيمَانُوَ |
| چَڏِئوَمَانءِ | چَڏِيمَانِ |

## مذڪر ۽ مونث واحد ۽ جمع

ضمير غائب واحد جي پڇاڙيون

| | |
|---|---|
| ڇَڏِئانئِينمِ | ڇَڏِئانمِ |
| ڇَڏِئانئِينيءِ | ڇَڏِئانءِ |
| ڇَڏِئانئِينسِ | ڇَڏِئانسِ |
| ڇَڏِئانئِينسُون | ڇَڏِئانسُون |
| ڇَڏِئانئِنوَ | ڇَڏِئانوَ |
| ڇَڏِئانئِين | ڇَڏِئانِ |

متڪلم ضمير جمع جون پڇاڙيون

| | |
|---|---|
| ڇَڏِئوُسُونءِ | ڇَڏِيسُونءِ |
| ڇَڏِئوُسُونسِ | ڇَڏِيسُونسِ |
| ڇَڏِبوُسُونوَ | ڇَڏِيسُونوَ |
| ڇَڏِئوُسُون | ڇَڏِسونِ |

**ضمير غائب جون جمع پڇاڙيون**

ڇَڏِئانئُونمِ

ڇَڏِئانئُونءِ

ڇَڏِئانئُونسِ

ڇَڏِئانئُونسُون

ڇَڏِئانئُونوَ

ڇَڏِئانئُونِ

**جمع**

| مذڪر | مونث |
|---|---|
| ڇَڏِئا | ڇَڏِئُون |
| ضمير متڪلم واحد: ڇَڏِئامَانءِ | ڇَڏِئوُنمَانءِ |
| ضمير متلڪلم جمع: ڇَڏِئاسُونءِ | ڇَڏِئُونسُونءِ |

- تُنهن جي چيلَنِ وَٽِ وَنِي آندوَمانسِ پَر هُوَ چُنّائي نَہ سَگهَئَسِ (ميٿيو 17، 16)
- سِيدَا پَادَا ڏِنَائِينسِ (رَاءِ ڏِياچ جي ڪهاڻي ص:5)

[1] يا ان کي ننڍو ڪندي ڇَڏِئانئُنمِ ۾ آخري انوسوار حذف ڪري ڇَڏِئانئُمِ بہ استعمال ٿينديون آهن.

حصو چوٿون

ADVERB, POSTPOSTION, CONJUNCTION AND INTERJECTION

ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا

# باب ارڙهون

نمبر - 57

## Adverb

## ظرف

سنڌيءَ ۾ تمام ٿوري تعداد ۾ اصلي ظرف[1] موجود آهن. ظرف صفت جي صفت واري پڇاڙيءَ ۾ تبديلي آڻي نہ ٺهندا آهن ۽ صفت پاڻ (مذڪر واحد ۾) ظرف جي مفهوم ۾ استعمال ٿيندي آهي يا جڏهن موصوف سان جنس ۽ انگ ۾ صفت ٺهڪي ايندي هجي تہ اتي اسان ظرف جو استعمال فعل جي معاون طور ڪريون ٿا. مثال:

**گهڻو رُئي ٿو يا هو رُڳي ماني کائي ٿو.**

ڪافي تعداد ۾ اساسي لفظ فاعلي، وسيلي واري Instrumental، مڪاني يا اپادان حالت ۾ ظرف طور استعمال ٿيندا آهن. ساڳيءَ ريت مڪاني ۽ حالت اپادان ۾ ڪجهہ صفتن کي ظرف واري حيثيت ملندي آهي.

## I- Original adverbs[2]

## اصلوڪا ظرف

انهن ۾ سيني کان عام ظرف هيٺ ڏجن ٿا. (پيج نمبر 381 تي ترتيب آهي)

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَپاڪَ | بِنهَہ | شَايَدِ | نيٺ |
| اَپِرِ | پَٽِيَ | شَائِتَ/ شات | ويتر |
| اَتِ | ڦُٽِ | ڪَالهَہ/ ڪلهہ | هَاڻي/ هاڻيئي |

[1] عربي ۽ فارسي مان ڪئيل ظرف هتي انڪري ذڪر هيٺ آيل آهن ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌيءَ ۾ عام طرح استعمال ٿين ٿا.

[2] انگي ظرف لاءِ ڏسو نمبر 29

## III- Substantives used adverbially in the uninflected state

## اساسي لفظ جو اڻ ڦريل صورت ۾ ظرف طور استعمال

گهڻائي اساسي لفظ ظرف طور ۾ استعمال ٿيندا آهن. مثال:

اساسي مونث: اُپِرَ- اُپِرَ ۽ اُپِلَ

اساسي مونث: ٻُڃَان- ٻُڃَان

اساسي مونث: تَارِيخَ- تَارِيخَ

اساسي مذڪر: جوَرُ- زوَرُ ۽ جوَرُ

اساسي مونث: ڏِينهَاڙِي- ڏِينهَاڙِي

سُبَهَڻَ (اساسي مونث)- سُبَهَڻَ سُبَهان (سُپان)

اساسي مونث: سَوِيرَ- سَوِيرَ

- تَڏهِن سُمهَنديُون جوَ اوِيلَ سوَ اَٿيئِي سِجُ اُپِرِي وِيندُن (املهہ ماڻڪ ص: 145)
- مُحِبُ مُنهِنَ جوَ مَجَنوَ ٻُڃَان سوَ بيزَارُ (مج 294)
- ڏِينهَاڙِي جهَجهوَ پَاڱوَ اُنَ مَان سَنگَتِنِ ڪَاڻِ خَرچِيَائِين (سنڌي ڪتاب ص: 55)

## IV- Substantives and Adjectives used adverbially in the inflected state

## اساسي لفظن ۽ صفتن جو ڦريل صورت ۾ ظرف طور استعمال

1) اساسي (Substantives):

اَڳَ مان مڪاني زور پرائيندڙ هِين سان- اَڳهِين (اڳيهن بدران)

اَڳوَ مان مڪاني – اَڳِي

اَندَرُ مان مڪاني – اَندَرِ

اَندَرُ مان حالت اپادان – اَندَرَان ۽ اَندَروَن

اَڻَد مان حالت اپادان – اَڻَدَ

اوَڙَڪُ مان مڪاني – اوَڙَڪِ

ٻَاهَرَ مان مڪاني – ٻَاهَرِ

ٻَاهَرَ مان حالت اپادان – ٻَاهَرَان

پَارُ مان حالت اپادان – پَارَان

پَارُ مان مڪاني – پَارِ

پَاسو مان مڪاني – پَاسي

پُٺِ مان حالت اپادان پُٺِيَان

پوءِ مان حالت اپادان– پُٺَان[1]، پُٺوَن

[1] پوَٺَان بدران پُٺَان

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | اُئِين | | | | |
| | هُئين | | | | |
| جو | جِيئَن | جِتِ[1] | جيڏي | جيسين[2] | جَڏهِين |
| | جِئِن | جَتِ | | جَاسِين | جَان |
| سوَ | تِيئَن | تِتِ | تيڏي | تيسِين | تَڏهِين |
| | تِيئن | تَتِ | | تَاسِين | تَان |
| كوَ | ڪِيئَن | ڪِتِ | ڪيڏي | ڪيسِين | ڪَڏهِن |
| | ڪِئين | ڪَتِ | | ڪَاسِين | |

هنن مان ڪجهہ ظرف ٻيھر ظرفي پڇاڙين (۽ ڪجهہ اڳياڙين) سان مرڪب ٿيندا آهن. مثال:

**جَانڪِي- جَانڪِيتَان.**

**جَڏهَاڪوَ- جَڏهوَڪوَ- جَڏهَاڪُرَ**

**تَانڪِي- تَانڪِيتَان**

**تَڏهَاڪوَ- تَڏهوَڪوَ- تَڏهَاڪُرَ ۽ ڪَڏهَاڪوَ**[3] وغيره

**اِيڏِتي، اِيڏِتَائِين يا اِيڏِتَاهِين ۽ جيڪَڏهِن** وغيره.

اهڙا ظرف جيڪي طرف/ سمت يا جڳهہ جو مفهوم رکندا آهن اهي حالت اپادان ۾ بہ رکي سگهجن ٿا. جيئن:

**اِتَان- اِتَائُون ۽ اِتهُون، اِتَاهُون.**

ساڳي طرح **اُتَان- اُتُون، اُتهُون**

**تِتَان- تِتُون، تِتَائُون.**

**ڪِتَان- ڪِتُون، ڪِتَاهُون**

**اِيڏَان- اِيڏَائُون، اِيڏهُون، اِيڏَاهُون** وغيره.

زور پرائيندڙ پڇاڙيون **اِي** (اِين) يا **هِي** (هِين) اڪثر انهن ظرفن ۾ لڳنديون آهن مثال:

**اِئينئِي، اِتَئِي** يا **اِتهِي**[4]، **اِتَانئِي ۽ اِتَائهِي** ۽ ساڳي ريت ٻيو مثال ڏسو:

**اِيڏَئِي، اِيڏَهِين ۽ اِيڏَانئِي.**

- مُونَ اَڪِتُون تَنَ تِتِ جِتي جَنَبُ جيڏئين (شاهہ، عمر مارئي I، 12)
- ڪَالهوَڪوَ ڪَاڏي وِيوَ سَندُوَ جوَڳِيَنِ جوَشُ (شاهہ، رامڪلي I، 30)

---

[1] يا جِتي، جَتي، جِٿِ، جِٿي. ان جي ڏکهي صورت جاتي بہ استعمال ٿيندي آهي.

[2] حرف جر سِين بدران تَائِين، توَئِين، توَٽي وغيره بہ 'جي' ۾ گَڏي سگهجن ٿا. مثلاً جيتَائِين، تيتَائِين وغيره.

[3] جَڏهَاڪوَ وغيره اصل ۾ ٻٽا مرڪب آهن، يعني جَڏهَان ۽ ڪوَ يا ڪُون جي ملڻ سان ٺهي ٿو. ساڳي ريت جَڏهَاڪَرَ مرڪب آهي، جَڏهَان ۽ ڪَرَ جو.

[4] اچار کي بهتر ڪرڻ لاءِ اڪثر انهن ظرف جي آخري اِي تبديل ٿي اَ ٿي ويندي آهي پر ڪن صورتن ۾ اِي برقرار بہ رهندي آهي. مثال: اُتيئِي.

- أُتَان اوَنِي آئيوَ خَبَرَ اِيءَ كرِي (شاهہ عمر مارئي II، 6)
- جِنيءَ ٿُون گُهرِين تئينئِي ٽِئيئِي (ميٿيو 15، 28)
- آئُون توَ پُڇَان گهوَنِيا ڪيسِين عَقدُ ڪِيوَءِ
- تَان چي گهَارِيَان مَڪّي شَهَرَ ۾ هيسِئن قَصّدُ هوَمِ (مج 169، 168)
- جيسَتَائِين هُو سَنپِرَن تيستَائِين چَڙهِي وِيهجُ (املهہ ماڻڪ ص: 144)
- جَتَنِ سَانَ جَانڪُون سَرتِيُون مُون سَنگُ ٿِيوَ
- ڪَرِي ڪوَهيَاروَ وِيوَ تَنِ چِنِي تَانڪُون
- آئُون پُڻُ تَڏانڪُون اَدَ ڏُڪوَئِي آنهِيَان (شاهہ سر ديسي جاٽ 6)

# VI- Compound Adverb

## مرڪب ظرف

سنڌيءَ ۾ مرڪب ظرف[1] گهڻي انداز ۾ موجود آهن ۽ انهن کي ناهڻ لاءِ ظرف (يا اسم) کي ٻيهر ٻنو ڪيو ويندو آهي يا ساڳيو ظرف (يا اسم) ٻيهر لڳائي سگهبو آهي يا حرف جر يا ظرفي پڇاڙي لڳائي مرڪب ناهبو آهي.

**1) ٻٽا ظرف:**

(ڳنڍيندڙ سر سان يا ان کانسواءِ: ڏسو نمبر 12، 11، 2)

مثال: **پيرِي پيرِي، پَلِ پَلِ، ڏِينهُن ڏِينهُن، رَاتِئورَاتِ، سَرَاسَرِ، گهَڙِي گهَڙِي، نيئَانيٺِ، وَرهوَوَرِهَ، هَرَهَرَ، هَنَئو هَنَڌِ** وغيره وغيره.

**2) ملندڙ ظرف يا اسم سان مرڪب ٿيندڙ ظرف:**

مثال: **اَڄُ سُڀَان، جَڏهِن تَڏهِن، جِيئَن تِيئَن، رَاتوَڏِينهُن، ڪَڏِهِن ڪَڏاني، هيٺِ مَٿي** وغيره.

**3) ظرفي پڇاڙي يا حرف جر سان مرڪب ٿيندڙ ظرف:**

مثال: **اَڳِيَروَ، اَڳِتي، پوَئِتَاهوَن، پوَئِتي، رَاتَاڪَرَ، ڪَالهَاڪُون.**

(نوٽ: نمبر 58 تي ڏنل مرڪب ظرف سان ڀيٽ ڪريو).

- ڏُڪَ نَہ سَارِينِ ڏِيلَ ۾ وِيرَاوِيرَ وِهَسَنِ (مج 801)
- هيڪڙي سَيِيئِي هَڏَ هَنَڌوَهَنَڌِ ڪَنڍِي مَنڌُر پَڙهِي ڇَنڊوَ هَنيوَ (سنڌي ڪتاب ص:53)

[1] اهڙا مرڪب ظرف الڳ يا گڏ لکي سگهجن ٿا. جڏهن انهن ۾ ڳنڍيندڙ يا ملائيندڙ سر هجي ته اهي لکڻ ۾ به گڏي ڇڏبا آهن.

# باب اُوٹيهون

نمبر- 58

## POSTPOSITION

## حرف جر

سنڌيءَ ۾ اڳ ۾ حرف جر نہ ٿيندا آهن ۽ فقط حرف جر پويان ئي لڳندا آهن ڇاڪاڻ تہ اسم تي اثر ڪرڻ وارا سيئي ظرف يا حرف جر اسم جي پٺيان ئي لڳندا آهن. فقط ۾ي ۽ ۾يءَ ڪن جاين تي اڳيان يا پويان بہ لڳي سگهن ٿا[1].

سنڌيءَ ۾ اصلوڪن حروف جر جو تعداد تمام گهٽ آهي، جنهن لاءِ اسم جو تشڪيلي صورت ۾ هئڻ ضروري آهي. ۽ گهڻي ڀاڱي جيترا بہ حرف جر هاڻ استعمال ۾ آهن اهي اصل ۾ ظرف آهن. (يعني اساسي لفظ يا صفت جيڪي ظرف طور استعمال ٿيندا هجن: ڏسو نمبر 57، II, II & IV) جيڪي پنهنجي ظرفي اهميت ڪي برقرار رکن ٿا ۽ انڪري جي سان نهندا آهن يا جن ڪي حرف جر طور سمجهيو وڃي ٿو ۽ تنهنڪري ان لاءِ اسم ڪي تشڪيلي صورت ۾ رکڻ لاءِ بہ ڪم اچن ٿا. انهن مان گهڻا ئي ظرف جي سان يا ان کانسواءِ بہ ڳاهي سگهجن ٿا ۽ جيڪي جنهن اسم تي لاڳو هجن انهن کان اڳ يا انهن جي پٺيان لڳي سگهن ٿا.

باقاعده حرف جر جن لاءِ اسم تشڪيلي صورت ۾ هجي:

پَرَ يا پَرِ (سنسڪرت پَرَ: صفت[2])،
پَرِ (سنسڪرت اُپَرِ)
ٿائين يا تَوَنئِي (سنسڪرت سٿاني ۽ هندستاني)
ٿئين، توڙِي[3] يا توٽي.
تي[4] (سنسڪرت اُت)، ٿان ۽ تَوَن
جَان، جِڻَن، جِيڻَن ۽ جِئين (سنسڪرت پٿا)
ڏَان[5]، ڏَانهُ، ڏِي
ڏهَان، ڏهُون، ڏانهُون[6].

---

[1] شاعريءَ ۾ حرف جر جي جڳهہ شعر جي گهرج مطابق اڳيان يا پٺيان ٿي سگهي ٿي.

[2] هندستانيءَ ۾ پَرَ جي حيثيت حرف جر واري آهي. سنڌيءَ ۾ اساسي لفظ پَرُ بہ استعمال ۾ آهي، جنهن جو مڪاني لفظ پَرِ آهي.

[3] جيڪو شايد توڙ مان نڪتل ٿو ڀانئجي، توڙي ۽ توڙِلي.

[4] تي ۽ ٿان بدران پنجابيءَ جي صورتون اُتي ۽ اُتان بہ ڪڏهن ڪڏهن سنڌيءَ ۾ استعمال ٿينديون آهن.

[5] صورتون ڏهَن، ڏهُن ۽ ڏانهين بہ ڪتب اينديون آهن.

[6] اپادان حالت واري ڏانهن گهڻو ڪري مڪاني حالت طور استعمال ٿيندي آهي.

**پُٺِيَان**

**پَرَ پُٺِ**

**پَرِي**

**پُڄاڻُو ۽ پُڄاڻَان**

**پوءِ** (هميشہ ڪان سان جوڙيو ويندو آهي)

**پُٺَان**

**خاطِرِ**

**چوڌارِي، چوگِردِ**

**ڏارَان، ڏارِين** (ڪان سان جڙندو آهي)

**ڏارَ** (هميشہ جي سان)

**رُوبَرُو** (فارسي)

**سَامُهُون**[1]**، سَامُهُون، سَامُهُون**

**سَانگِي، سَانگَان**

**سِرِ**

**عِوَضِ** (عربي)

**ڪارَڻِ**

**ڪاڻِ، ڪاڻي**

**لَڳِ، لَڳِي** (گهٽو ڪري جي سان)

**مَٿي، مَٿَان**

**مَنجهارَان، مَنجهارَون**

**مُقَابِلِ** (عربي)

**مُوجِبِ** (عربي)

**مَهَنْدِ، مَهَندَان**

**وَاسطي**

**وَانگُرَ، وانگي، وَانگِيَان** (گهٽو ڪري جي سان)

**وِچِ**

**وِگهي**[2]

**وِيتَرِ**

**وِيجهو، وِيجهِڙو**

**هيٺِ، هيٺَان**

---

[1] سَامهُونَ ۽ سَامهُون

[2] وِگهي بظاهر وِگهن جي ننڍي صورت آهي. فاعلي صورت وِگهَنُ (سنسڪرت ويگهَن) ۽ عام طرح تڏهن استعمال ٿيندو آهي، جڏهن ڪا تڪليف يا عارضو ڏيکارڻو هجي.

- شَاهَ صَاحِبَ جي اکِيُوَن مُجِروَ پَرِي عَرضُ ڪَرِ (عبداللطيف جي زندگي ص: 34).
- مَرَٽا اڳِي جي مُئَا سي مَرِي ٿِيَنِ نَہ مَاٺُ (شاھ، معذوري IV، 7)
- هِنَ ٻَهَاڪي جوَ گُڻُ اِهوَ آهي تَہ آوَتِ پِنانڊَرِ جَاوَتِ ڪَرَڻُ گھُرجي (سنڌي ڪتاب ص: 58)
- ٿوَرِي گھَٽِي ڏِينهَنِ پُڄَاڻوَ مَخدُومَ صَاحِبُ وِصَالُ ڪِئوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 37)
- هِنَ مَهَلَ کَان پوِءِ تُون مُنهِن جِي مَاءُ پِيڻُ آهِين (عبداللطيف جي زندگي ص: 37)
- وَنِي مُنهِن ڪِهوَ وَڃَان وَطَنَ سَامُهوَن (شاھ، عمر مارئي V، 5)
- اُنَ هَنڌَ جي مَٿَان ڇَتِي ڏِنِي پيئِي آهي (عبداللطيف جي زندگي ص: 45)
- مُنهُن جِي ڏِيءُ ڀُوتَ وِگهي ڏاڍِي پيڙِيَلَ آهي (ميٿيو 15، 22)
- شَاهُ جَمَالُ گھوَڙِي تي چَڙهِيَلُ کَٿَ جي ويجهوَ اَچِي گھوَڙِي تَان لَٿوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 7)

# باب ايڪيهون

## نمبر - 60

## INTERJECTIONS

## حرف ندا

حرف ندا جي حوالي سان اهڙا اسم يا ننڍا جملا بحث هيٺ ايندا جيڪي حرف ندا جي مفهوم ۾ ڪتب ايندا آهن. مثال: مَاٺِ، چَڱو، سَچُ، الله اعلَمُ ۽ ڪجھ اهڙا حرف جر جيڪي هاڻي حرف ندا وانگر ندائي صورت اختيار ڪري چڪا آهن.

نمبر 16، 8 تي ڏنل ندائي نشانين کان علاوه عام استعمال ۾ ايندڙ ڪجھ صورتون هيٺ ڏجن ٿيون:

1) **اثباتي** (Assent):

**آنهِ، آنءِ، آنئين، هَان، هَائو، هَوُ، هَئو**: اهي سڀئي ها جي معنيٰ رکن ٿا.

**بَلي ۽ بَلَيٰ**: معنيٰ هائو، سچو.

**يَلَا، يَلِي**: سنو يا چَڱو

**جيءُ**[1]: ادب سان هائو ڪرڻ

**مَرُ ۽ وَرُ**: هائُو

- ڊيو تو کي چَوَندا تہ تون سُڃاڻندين تہ چَئجان هَوُ (املھ ماڻڪ ص: 150)
- يَلَا اُهي شَيُون مُون کي ڏيکارِ (املھ ماڻڪ ص: 147)
- ٿُندي مَتاهِين ڪُتَاءِ بِرُڏ چَوَنِي جِيءُ چَؤُ (شاھ، جمن ڪلياڻ VIII، 22)
- جَنِ کي عِشقُ اللهَ جو مَرُ ٿَا سي مَرَڪَنِ (مج 778)
- پَلَڪَ نَہ رَهي دِلِ تو رِي وَرُ مِيان صَاحِبَ پِرُوچَا (شاھ، آبري پڃاڻي 2)

2) **تعريفي** (Commendation):

**اَلوَ اَلوَ** – معنيٰ واھ واھ

**ڇَابَسِ، شَابَسِ** – واھ واھ (فارسي)

**عَشَقُ ۽ عِشقُ** – جنهن جي تعريف ڪجي (عربي).

**واهُ**

---

[1] جيءُ بظاهر جيئڻ جو امر آهي.

وَاهِ، وڙ، وِي

هَا، هَاءِ، هَئِي[1]، هَئي

هوَئي، هُوئي، هُئي

هَيَهاتِ

- حَيفُ مُنهُن جي حَالَ کي جَان بُڇي آئُون بيڪَارِ (مج 756)
- گهوَڙَا گهوَڙَا ڪَرَڻُ اُنهِي ڪَمَ ۾ جَنهن جوَ بلوَ ٻَيڪوَ نَاهي ڏَاهَپَ جي رِيتِ نَاهي (سنڌي ڪتاب ص: 56)
- وَو ڀينرَ آئُون جِتَندِيَس تَا نَہ جَتَنِ ري (شاهه، ديسي VII، پڇاڙي 2)
- هَئِي هَئِي ڪَٿَئوَ هَتَّرَا ڪَامِيوَ ڪَنيَائِين (مج 758)
- هَيَهَاتِ هَيَهَاتِ لِمَا توعَدُون سُڄِي ٿِي اوَطَاقَ.

[1] ننيڙ ڪري هي به ڪتب ايندو آهي.

# THE SYNTAX

# علم نَحو

علم نَحو کي اسان ٻن حصن ۾ ورهايون ٿا يعني تجزياتي (Analytical) ۽ ترڪيبي (Synthetical).

تجزياتي حصي ۾ ٻوليءَ جا بنيادي حصا جيڪي ابتدائي وياڪرڻ ۾ سمجهايا ويا آهن، انهن جي حقيقي معنيٰ، حيثيت ۽ استعمال تي نظر وجهنداسون. ترڪيبي حصي جي احوال ۾ غور سان ڏسبو ته ٻولي جا مختلف حصا پاڻ ۾ ڪهڙيءَ ريت ملي جملن جي شڪل وٺن ٿا ۽ ڪيئن ٻه يا وڌيڪ جملا هڪٻئي سان ملن ٿا.

---

## I. THE ANALYTICAL PART

## تجزياتي حصو

# حصو پهريون

# باب پهريون

### نمبر - 61

## NOUN THE

## اسم

### سنڌيءَ ۾ Article جزي يا حروف تنڪير جو موجود نه هئڻ[1]

سنسڪرت ۽ هندستان جي جديد آريائي لهجن وانگر سنڌيءَ ۾ ڪو پختو يا مستقل جزو يا حرف، تنڪير موجود نه آهي. ان ڪري اسم عام (indefinite) يا مخصوص (definite) يا مستقل به ٿي سگهي ٿو. مثال: زَالَ (ڪابه زال يا ڪا مخصوص زال).

ڪنهن اسم کي خاص يا عام نموني بيان ڪرڻ لاءِ ڪو قاعدو موجود نه آهي ۽ ان جو دارومدار جملي ۾ اسم جي بيهڪ تي هوندو آهي. بهرحال ان لاءِ ڪجهه ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

---

[1] انگريزي گرامر جي معيارن تي سنڌي گرامر کي پرکڻ جي نتيجي ۾ اهوسوال پيدا ٿئي ٿو ته ان ۾ آرٽيڪل آهن يا نه؟ ضروري ڪونهي ته هڪ ٻوليءَ ۾ موجود خصوصيتون ٻي ٻوليءَ ۾ به هجن. ان ڪري ان لفظ لاءِ متبادل سنڌي لفظ به ڪونهي. آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ 'حرف تنڪير' لکيو ويو آهي. (ايڊيٽر)

# باب پيو

## نمبر - 62

## On the Gender of Nouns

## اسم جي جنس بابت

سنڌيءَ ۾ فقط مونث ۽ مذڪر جنسون ٿينديون آهن جڏهن تہ وقت گذرڻ سان ٻي جنس غائب ٿي ويو آهي. جنس جي حوالي سان ڪجھ ڳالهيون غور طلب آهن:

1) مذڪر جنس مان مفهوم ڪنهن مرد ماڻهو، شيءِ يا خيال جو نڪرندو آهي.

الف) مذڪر جنس سان عام طرح سان ساھ وارن يا ماڻهن ڏانهن اشارو هوندو آهي (انهن ۾ مونث بہ شامل ڪيا ويندا آهن) مثال: **مَاڻهُو** (عام طرح مراد: مرد)، **ٻَچوَ، جَانوَرُ، گهوَڙو**. پر ڪجھ ننڍن جانورن لاءِ عام طرح مونث صورت ٻنهي جنسن جي لاءِ ڪم ايندو آهي. مثال: **ٻَلاَ، مَکِ، جُون** وغيره. پر جڏهن ڪنهن اسم جي جنس ڪي واضح ڏيکارڻو هجي تہ اسم کان اڳ **نَرُ** ۽ **مادِي** لڳائڻ ضروري آهي.

- ❖ مَاڻهُو مَڪي شَهَرَ جَا مِڙِيوَ ميڙَا ڪَنِ (مج 38)
- ❖ خُدَاءِ چِيوَ تہ ڌَرتِي اُپَجَائي جِئَرَا ۽نهِن جِي جَاتِ سَارُو ڍوَر ۽ وِڙهَندَڙَ جَانوَرَ (سنڌي ڪتاب ص: 14)
- ❖ نَرُ ۽ڪِي وِهَڻُ نَہ ڏِيُون ڇَڏِينِ (املھ ماڻڪ ص: 141)

اها هڪ عجيب ڳالھ آهي تہ اسم **بازُ، بَاشَ، شِڪِرو، چَرَگُ، سِيچَاڻوَ، بينسِروَ، لَڪَڙُ** جيتوڻيڪ مادي بازن جا مختلف قسم آهن، پر اهي مذڪر آهن. جڏهن تہ نر بازن جي قسمن جا نالا مثلاً: **ٻَشِينَ** ۽ **چِپَڪَ** مونث آهن.

ب) جڏهن ٻي جنس جي نشاندهي ڪرڻي هجي تہ اسم کي مذڪر ۾ رکڻ ضروري آهي يعني مذڪر ٻي جنس جي جڳھ تي استعمال ٿيندو آهي. مثال: **چڱو آهي**؛ مون چيو. پر اهو فقط واحد ۾ ٿيندو آهي ۽ صفت (يا اسم) جو مذڪر جمع ڪڏهن بہ ٻي جنس لاءِ استعمال نہ ٿيندو آهي. اها ڳالھ ياد رکڻ ضروري آهي تہ صفت جي مذڪر صورت ڪڏهن بہ مجرد اساسي لفظ[1] جي حيثيت ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي (جيئن لاطيني، يوناني ۽ جرمن ٻولين ۾ ٿيندو آهي) ۽ انڪري لاڳاپيل اساسي لفظ استعمال ڪرڻو پوندو آهي (ڏسو نمبر 9، I، l، 2) يا صفت سان گڏ ڪنهن شيءِ يا مواد[2] جو مفهوم رکندڙ اساسي لفظ لڳائبو آهي، فقط اسم مفعول مجهول جي مذڪر واحد کي ٻي جنس اساسي لفظ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.

- ❖ خُدَا جِهڙَا ٿِيندَوَ چڱائِي ۽ مَندَائِي جَا سُڃَاڻَا (سنڌي ڪتاب ص: 19)
- ❖ تِنِ کي هوَ چَڱِيُون شَيُون نہ ڏِيندوَ (ميٿيو 7، 12)

---

[1] چڱو ڪَرَڻُ رِهَندو (چڱو ڪرڻ جي اجازت آهي) جهڙن جملن ۾ **چڱو آهي** منسوب ٿئي ٿو، ڪرڻ سان.

[2] چڱو ڪَرَڻُ رِهَندو (چڱو ڪرڻ جي اجازت آهي) جهڙن جملن ۾ **چڱو آهي** منسوب ٿئي ٿو، ڪرڻ سان.

# باب ٽيون

## نمبر - 63

## Number

## عدد

سنڌيءَ ۾ فقط ٻه عدد يعني واحد ۽ جمع هوندا آهن جڏهن تہ پراڪرت وانگر عدد تثنيٰ يا ٻن وارو انگ (dual) اڳيئي حذف ٿي چڪا آهن. (ڏسو نمبر 15). انهن جي مخصوص استعمال لاءِ ڪجھ ڳالهيون غور طلب آهن.

1) اهڙا عربي اسم جيڪي جمع صورت ۾ پنهنجي مفهوم ڪي ظاهر ڪن انهن ڪي گڏيل يا مشترڪ اسم وانگر (collective) ڏٺو ويندو آهي ۽ تنهنڪري اهي فعل (يا صفت) جي واحد مان ناهيا ويندا آهن. عربي مونث جمع اَت ڪي بہ ساڳي ريت واحد طور سمجهيو ويندو آهي. ان جي باوجود ڪن صورتن ۾ عربي جمع ڪي فعل جي جمع صورت مان بہ ٺاهيو ويندو آهي يا ان ڪي سنڌيءَ جي جمع صورت ۾ رکيو ويندو آهي.

- پُڇُ تہ اَوْلَادُ ڪوَ مُون ڪي حَقَّ دَرگَاهَ مَوَن لِکِئَوَ آهي ڪِي نَہ (املھ ماڻڪ ص: 139)
- سَيَاڳَا سيئِي جي پَرچَائِڻوَارَا هِنَ وَاسطي جوَ خُدَا جوَ اَوْلَادُ چَئِبَا (ميٿيو 5، 9)
- تہ وَالِي ڏِيَارِيئِي وِيءُ جِتِ آهي جِنَاتِ عَدَنِ جِي (شاھ، سورٺ I، 9)
- نہ ڻَا ڏِسوَ جوَ سَردَارُ عَالَمَ جوَ مِڙنِي اَصحَابَنِ سَان ۽ سَيئِي نَبِي آيَا آهِنِ (عبداللطيف جي زندگي ص: 37)

2) عدد سان اسم جي واحد صورت استعمال ٿي سگهي ٿي البت جمع وڌيڪ عام طرح ڪتب آڻبا آهن (نمبر 23 ڏسو).

3) جمع جي صورت ۾ استعمال ڪنهن ڪي عزت ڏيڻ جي مفهوم ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي ۽ ان ڪري ڪو اسم واحد فعل (يا صفت) جي جمع مان بہ ناهي سگهجي ٿو، يا اسم ڪي ٿي جمع ۾ رکي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ مفهوم واحد جو مقصود هوندو آهي. اها صورت عام طرح هنن اسمن ۾ ڏٺي وڃي ٿي. مثال:

دوَسُ، هوَتُ، پِرِين، سُپَرِين وغيره.

۽ ان ٿي ڪري ڪنهن ڪي ادب ۽ پيار سان سڏڻ لاءِ ضمير حاضر جمع استعمال ٿيندو آهي. هندستانيءَ ۾ ائين نہ ٿو ڏٺو وڃي ۽ ماڻهو عام طرح هڪ ٻئي ڪي سڏڻ لاءِ ضمير حاضر واحد استعمال ڪندا آهن.

- عَبدُاللَطِيفُ نَنڍِپَڻَ ۾ ڪَڏهِن ڪَڏهِن ٻَاڙَ جيڏَنِ ڇوَڪَرَنِ سَان لَڪَ لِڪوَٽِي رَاندِ ڪَندَا هُئَا (عبداللطيف

جي زندگي ص: 9)

- ❖ وڙ پيئڙ آئُون نہ جيندِيَسِ تَا نہ جَتَنِ رِي (شاهه، ديسي VI، پڇاڙي، 2)
- ❖ پرِيَنِ جي پَچَارَ سيڻَنِ جي سَنيَارَ جَڏُڙوَ جيءُ جيارِيو (شاهه، جمن ڪلياڻ III پڇاڙي)
- ❖ شاهَہ وَتِ اَچِي عَرضُ ڪَيَائِين تہ سَائِين مُون ڪي پِي پِيَاريوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 32)

4) هيٺ ڏنل اسم پنهنجي جمع ۾ ٻوري معنوي شڪل مٽائين ٿا.

| جمع | واحد |
|---|---|
| اَمِيرَ (امامن جا محرم ۾ ماتام لاءِ تاوبت (تعزيا) | امِيرُ |
| پيڪَا | پيڪوَ |
| چَانوَرَ | چَانوَرُ |
| چوَڪَا | چوَڪوَ |
| زَرِديُون (گهوڙي جي ڏندن جا نشان) | زَردِي |
| | جردي |
| سَارِيُون | سَارِي |
| سَاهُرَا | سَاهُروَ |
| سيئيُون | سيئي |
| نَانَاڻَا | نَانَاڻوَ |

5) هي اسم فقط جمع ۾ ئي استعمال ٿين ٿا:

ٻَاٻُرِيُون، پِٽُون، ٽِيبون، جَورَا، چِٽُرا، جَندَا، جُندِڙَا، جهِندا (نندي ٻار جي مٿي جا وار) ڏَاٽِيُون، رَنِڙِيَا، ڪَتِيُون، ڪُرَ، گَنجَا، موَتِيَا، مُهَدَ ۽ مُهَدهَ، وَاپَٽَا، هَٽوَڙِيُون.

4) پر يا ان کان وڌيڪ اسمن جي هڪ ٻئي جي پٺيان اچڻ کان بچڻ لاءِ اصلي فاعلي حالت جو اڪثر استعمال ٿيندو آهي ۽ اسم کي جنهن حالت ۾ هجڻ کپي ان لاءِ ضمير يا ضميري صفت کان ڪم ورتو آهي. جڏهن جملي جي ڪنهن حصي تي زور ڏيڻو هجي ته ان کي اصلي صورت ۾ رکندي ان جي تعلق ڏيکارڻ لاءِ ضمير استعمال ڪبو آهي. ۽ خاص ڪري تڏهن جڏهن اسم فاعلي حالت ۾ ان جي لاڳاپيل اسم سان سمجهايل هجي.

- ميوَا مَجَرَ مَاکِيُون سَپِنِي چَکَنِ چَسَ (شاهه، عمر مارئي VI، 9)
- خُدَا جي پَاتِشَاهَ ۾ شَاهُوڪَارَ جوَ گهِڙَڻُ تَنهن کان سُئِيَ جي پَاکي ۾ اُٺَ جوَ ڪَنگهڻُ سَوَکوَ آهي (ميٿيو 19، 14)
- سَا سَائِينَ کيِ سَارِيندِي ڏُکَندِي ڦِرَندِي ڊِڄَندِي گَاٽَ مَٿي ڪَرِي مَاءُ ڪِيَائِين (ماءُ: سنڌي ڪتاب ص: 64)
- تَہ اَهِين پَنهِن جوَ پيءُ جو آسْمَانَ ۾ آهي تَنهن جَا پُٽَ ٿِيندَوُ (ميٿيو 5، 45)

نمبر - 65

## II- The Vocative

## حالت ندا

حالت ندا جو استعمال ڪنهن شخص، يا شيءِ کي ذاتي حيثيت ۾ سڏڻ لاءِ ڪبو آهي. تنهنڪري حالت ندا جو ٻين اسمن يا فعلن سا ڪو تعلق نہ هوندو آهي ۽ ان کي عام طرح جملي جي شروعات ۾ استعمال ڪبو آهي.

1) حالت ندا جي استعمال وقت جيڪڏهن ڪنهن شخص ڏانهن خاص طرح ڪو زور نہ ڏيڻو هجي تہ حرف ندا جي جزن جو استعمال نہ ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن شخص ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ مقصود هجي تہ اتي حرف ندا جا جزا يا اکر يَا، اِي، اَي، اوَ، هوُ مذڪر اسمن ۾ لڳايا ويندا آهن ۽ ڪنهن ننڍي کي سڏيندي يا گهڻي پيار سان ڪنهن سان مخاطب ٿيڻ لاءِ حرف ندا جا جزا ڙِي (ڙي) ۽ اَڙِي (اَڙي) مذڪر اسم ۾ لڳايا ويندا آهن. جڏهن تہ مونث سان ڙِي (ڙي) ۽ اَڙِي (اڙي) استعمال ٿيندا آهن. (ڏسو نمبر 16، 8، نوٽ)، پوءِ اهي ڀلي واحد يا جمع ۾ هجن. ٻَڙِي، ڙِي ۽ ڙِيُون اسم ڪانسواءِ بہ ڪنهن ننڍي (گهٽ ذات ) يا ويجهي دوست کي سڏڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن.

- جِيَس جيڏِيُون مُنهِن جَا آءُ پُنهُون پيهِي (شاهه، ديسي II، پڇاڙي)
- اَللهَ ڪَارَڻَ اوُٺِيَا ڪَرَهَا مَ ڪَاهِيوَ
  جَانِبَ جَڏِي جِيءُ جوَ آڳَانڊِوَ آهِيوَ
  لَاڳَاپِوَ لَاهِيوَ مَتَان مُنهُن جوَ سُپَرِين (شاهه، ديسي III، 1)
- يَا عَلِي عَلِي سِرِ يَتِيمَنِ جي، آئِي
- آيوَ حُڪُمُ اَللهَ جوَ يَا اِمَامَ (شاهه، ڪيڏارو V، پڇاڙي)
- ڙِي مَاٺهُوءَ جَا ٻَچَا تُون اَسَان جي مَاءُ کي مَارِي توُ وَڃِين (املهه ماڻڪ ص: 48)
- ڙِي بوُرچِيَاڻِي مَانِي آڻِ (املهه ماڻڪ ص: 144)

2) حالت ندا ۾ اسم کان پهرين يا پوءِ ايندڙ صفتون بہ حالت ندا ۾ ئي رکبيون آهن، پر جڏهن هڪ صفت ٻي صفت کي ظرف طور ظاهر ڪري تہ اها ڦيرو نہ ڪائيندي آهي.

ان جي مالڪ ڏانهن اشارو ڪندي هجي ۽ جڏهن اها مفعول (جنهن جي طرف فاعل اشارو پيو ڪري) ڏانهن اشارو ڪندي هجي ته ان کي معروضي (Objective) سڏيو ويندو آهي.

- سَنَمِ سَاهيڙنِ جَا طَعَنَا توَهِي لاءِ (شاهه، مومل راڻو I، پڇاڙي)
- آهِيَان جِنِ سَنَدَڙِي مُون کي سي نَہ ڇڏِينَدَا (شاهه، ڪوهياري II، پڇاڙي)
- پيرين هيٺ پِرينءَ جي آئُون وِڇَايَان وَارَ (مج 231)
- آهيمِ آرِيَ جَامَ جِي اَندَرَ مَنجهہ اُسَاتَ (شاهه، حسيني VIII پڇاڙي)
- فَرِيَادُون فِرَاقَ جُون پُنهَلَ کي چَوَنديَس مِيَان (شاهه، حسيني VIII پڇاڙي)

4) اڪثر هڪ اسم ٻئي اسم تي اضافت جي ذريعي انحصار ڪندو آهي. اتي انهن ٻنهي اسمن کي هڪ ئي حالت[1] (Apposition) ۾ سمجهڻ کپي. ان طريقي سان نالو ۽ اهڙا ٻيا اسم حالت اضافت ۾ لقب کي ماتحت ڪري رکندا آهن. ان ئي طريقي سان اضافت جو ماتحت ٿيڻ عمل ۾ تڏهن بہ ايندو آهي، جڏهن ڪنهن شيءِ جو خاص نسل سمجهائڻو هجي. مثلاً: انجير جو ٻوٽو يا جڏهن ڪو جاگرافيائي نالو يا لقب ڪنهن اسم خاص سان گڏ موجود هجي مثال: سنڌو درياهہ. ان ئي مثال وانگر انگريزي ۾ بہ اهڙي بناوت نظر اچي ٿي. مثال: لنڊن جو شهر وغيره.

- بِرهَ جِي بَانِي ڪَنهن ڳَان سِڪئين سُپرين (شاهه، بروو سنڌي II، 8)
- زَالَ نَالوَ رَوَڪَڙ جوَ هوَرِيَان وَردَائين (سنڌي ڪتاب ص: 68)
- اُهَا سُڪِي ٿُوڻِي سَائو وَڻُ لَئي جوَ وَڏوَ ۽ ٿُلهوَ ٿِي پِينوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 23)
- هِڪِڙو مَاڻهُو وَڏوَ مَانَائِتوَ رهاڪو ٿَنِي جِي ڳوٺَ جوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 45)

5) حالت اضافت ڪنهن شيءِ بابت اها ڳالهہ سمجهائيندي آهي تہ اها ڪهڙن جزن سان ٺهيل آهي. ان صورت ۾ اضافت حقيقت ۾ صفت وانگر ڪم اچي ٿي.

- يُحَنَّا جوَ وَڳوَ مِلِيَس جوَ هوَ ۽ چيلهہ ڏَارئين چَمَ جوَ پَٽِڪوَ (ميٿيو 3، 4)
- هُوَ ڇُوڙَا ٻِيڙَا ڍَڪي ڪَري موَتِنِ ۽ يَاقُوتَنِ جوَ وَڳوَ آڻَائِيندي (املهہ ماڻڪ ص: 144)

6) حالت اضافت اسم جي فطرت يا معيار جو اظهار ڏيکاريندي (معياري اضافت = genitivus qualitatis) آهي، پر ان صورت ۾ اضافت جو ڪنهن شيءِ سان منسوب هئڻ ضروري آهي پوءِ اها صفت، ظرف يا اضافتي حالت ۾ پيو ڪو اسم بہ ٿي سگهي ٿو. ڪنهن اسم جو بيهر استعمال بہ انتساب وانگر ڪتب اچي سگهي ٿو. شاعريءَ ۾ ۽ ڪڏهن عام تصنيف ۾ بہ حالت اضافت جي نشاني مڪمل طرح حذف ٿي سگهي ٿي ۽ تنهنڪري اهڙيون بناوتون حالت مڪاني (locative) کان فرق نہ رکنديون آهن (ڏسو نمبر 70، 4)

- اُنِ مَان هِڪِڙوَ نُوَنِ وَرهَنِ جوَ هوَ ٻِيوَ اَٺَنِ وَرهَنِ جوَ (سنڌي ڪتاب ص: 50)
- رِيَ ٻُڌِ وِديَا ڪَنهن ڪَمَ جِي نَہ آهي (سنڌي ڪتاب ص: 54)
- ڪيجَان آيوَ قَافِلوَ طَرَحَ موَچَارِيَ توَڏُ (شاهه، ديسي III، 8)
- ڪَپڙَا طَرحين طَرحين جَا ڏِيئي هَلَايَان (املهہ ماڻڪ ص: 140)

7) جڏهن حالت اضافت اهڙن اسمن جي ماتحت هجي جن مان حصي، مقدار يا ماپي جو مفهوم نڪرندو هجي تہ اضافت انهن سيني کي ظاهر ڪندي آهي جڏهن تہ اسم ان جو هڪ حصو ٿي ويندو آهي. پر

[1] (ڏسو نمبر 64، 1) (ان کي اردوءَ ۾ عطف تقابل چيو ويو آهي. (مترجم)

* مَحمُودَاڻِي مَجنوُن اَڄَنَ تَا نَہ جِهوَ (مج 719)
* جَائين ڦُلين جِهَڙَا ڏِنَس ڏَندَ ڏَاتَارَ (مج 54)
* جوَ سَڳُوَروَ سَپِين پِرِين سَندوَ توَ سُبحَانَ (مج 825)
* تَان تِرَ جيڏوَ توَ تَنَ سَرَ تِي سِرَڻُ نَہ آئيوَ (عجائب بيت 2؛)

12) جڏهن ڪو اسم، اضافت جي ذريعي بي جنس يا معروف فعل جي مصدر جو ماتحت هجي تہ حالت اضافت جي نشانيءَ کي حذف ڪري سگهجي ٿو.

* ڳوُنَاٺوَ اُنَ تَوَرِڙِي اَنَّ جي سوَرَڻَ مَنجِهِ رُنِيڻَلُ ٿِئوَ (سنڌي ڪتاب ص: 56)
* مُغَلَ تَرَارُون ڪَٿِي شَاهَ جي مَارَڻَ لَاءِ آيَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 15)
* هِنَ نِعَمَتَ ڏِسَڻَ ڪَانپوءِ جوَڳوَ شُڪُرُ مَڃِيَائِين (سنڌي ڪتاب ص: 55)
* آسَمَانِ ۾ ڏَرتِي وَڃَڻَ توَڻِي شَرَعَ جوَ هِڪَڙوَ تِرُ ڪَنهِن طَرَحَ نَہ وِيندَو (ميٿيو 5، 18)

**نمبر - 68**

# V- The Dative

# حالت مفعولي ثاني

1) حالت مفعولي ثاني وارو لفظ ان ٻورانهين مفعول ڏانهن اشارو ڪندو آهي، جنهن تي فاعل لاڳو ٿئي ٿو ۽ اهو حرف جر ڪي جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي (نمبر 16، 4) ۽ ان مان ئي اها حالت نهندي آهي[1] ۽ ان مان مفهوم نڪرندو آهي **ڪنهن جي لاءِ، ڪنهن جي ڪري ۽ ڪنهن حوالي سان.** عام تصنيف ۾ ڪي هميشہ اسم جي تشڪيلي صورت ڪان پوءِ رکبي آهي، پر شاعريءَ ۾ اها اڳ بہ اچي سگهي ٿي يا مڪمل طور خارج بہ ٿيندي آهي.

جڏهن اضافت مفعولي ثاني واري اسم (جنهن تي ان جو دارومدار هوندو آهي) جي فوراً پويان اچي تہ حرف جر **ڪي** جي حالت اضافت جي نشاني ڪانپوءِ لڳندو.

* آءَ اوَرَاهوُن سِپِرين ڏُکِيَ ڏُکُ مَ ڏِيج (شاهہ، آبري X، 4)
* تَان مَسَتِ نَازِ مَلُوڪَ ڪي اَچِي هِڻَن اُتو (عجائب بيت 90)
* اُسَ مَ لَڳِي اوَنِيئين ليڙن لُڪَ مَ لَڳُ
  اَلَا آرِيچَن ڪي ڪوَسوَ وَاءُ مَ وَڳُ (شاهہ، ديسي I، 25)
* بَڏِي دَڪِيدَارَ ڳوَٺَ جي ڪي ڏِنَاٺُونس (سنڌي ڪتاب ص: 69)

2) معاون فعل هُئَڻُ ۽ ٿِئَڻُ سان مفعولي ثاني لفظ مان ڪنهن شيءِ جي ملڪيت جو اظهار ٿيندو آهي.

* مُون ڪي آهي اُميدَ اَللهَ جِي (شاهہ، سورٺ I، پڇاڙي)
* مُون ڪي دُنيَا جِي ڪَمِي ڪَائِي ڪَانهي پَرَ اَوَلَادِ ڪِي نَہ ٿوَ ٿِيئِرِ (املهہ ماڻڪ ص: 139)

---

[1] شاعري ۾ حرف جر ڪَن، ڪَي، ڪَرِ بہ ڪي جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندا آهن.

3) حالت مفعولي ثاني ان ڏورانهين فاعل ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جنهن جي حوالي سان ڪو ڪم ٿئي ٿو. ان صورت ۾ حرف جر ڪي جو مفهوم لاءِ يا ان لاءِ هوندو آهي.

- ڪامي دل خمار ۾ هنئون ڪي هوتن (مج 728)
- ڪيچ تَنهين ڪي ڪوُٽِ ڪِي نَہ جَنهين جي ڪَچَ ۾ (شاهہ، معذوري II، 11)
- ڪَاٽي پَاٽِي گَاهَہ ڪي مَاٽهُو مُڪَانئُون (شاهہ، ڪيڏارو I، 5)
- سُورِهَہ مَرِينَ سوَيِ ڪي تَہ دِلِ جَا وَهَمَ وِسَارُ (شاهہ، ڪيڏارو VI، 9)

4) حالت مفعولي ثاني وارو لفظ ڪنهن جڳهہ جي سفر جو اظهار ڪري ٿو:

- ڪاهي رسيس ڪيچ ڪي جتي پاڻ پنهون (شاهہ، آبري V، 1)
- مُنڌَ مَرَٿَا پوَءِ پُهچَندِينءَ پُنهُون ڪي (شاهہ، معذوري IV، 5)
- ڪَاشِيدَاٽِي ڪَارِ ڪِي نَہ رَسَاٽِي ڪيچَ ڪي (شاهہ، آبري IV، 10)

5) حالت مفعولي ثاني لفظ ڪنهن اهڙي وقت ڏانهن اشارو ڪندو آهي، جڏهن وقت جو دوران اڻڄاتل هجي؛ ۽ جڏهن ڪنهن ڪم جو وقت مقرر ٿيل هجي تہ حرف جر ۾ يا مَنجهہ جو استعمال ڪبو آهي.

- قَيصَرِ چي ڪَلاتَ ۾ رَاتِ تَنهين ڪي رَسُ (شاهہ، سارنگ IV، 3)
- پِريَان ڏِي پِريَاتِ وَوُن ڏِينَارِي ڏِينهَن ڪي(شاهہ، سهڻي چوٿ 11)
- وَهندَوَ تَنهِين وِيرَ ڪي فَرَاشين فَرَمَائشَ ٿِي (عجائب بيت 15)

نمبر - 69

## VI- The Accusative

## حالت مفعولي سببي

حالت مفعوليءَ جا سنڌيءَ ۾ ٻہ قسم آهن. اها فاعلي يا مفعولي ثانيءَ جهڙي ٿي سگهي ٿي يعني مفعولي حالت جي اثر جو اظهار حرف جر ڪي ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو.

1) مفعولي حالت اڪثر فاعليءَ جي هڪ صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي، جڏهن فعل مفعول تي اثر رکندڙ هجي پر ساڳئي وقت حالت مفعولي ثانيءَ تي ڪو اثر نہ هجيس.

- سوَ جَڏهِن پَنهِن جَا گهوڙَا ٻيڙَا سِپَاهِي رَکِي ۽ پَنهِن جَا آچَارَ وِيچَارَ ڪَرِي (املهہ ماڻڪ ص: 139)
- جي پَرٽِيندُسِ تَہ اِهَا حُسِنِ پَرِي پَرٽِيندُسِ (املهہ ماڻڪ ص: 141)

2) ۽ جڏهن جملي ۾ فاعل ڪو ساهوارو اسم (فاعلي حالت ۾) هجي تہ مفعول (مفعولي سببي حالت ۾) جي حرف جر ڪي سان نشاندهي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ڪنهن غلطيءَ کان بچي سگهجي. جڏهن فاعل ساهہ واري شيءِ ۽ مفعول بي جان هجي تہ مفعول بہ عام طرح اڻ ڦريل صورت ۾ رهندو آهي (يعني بنان حرف جر جي) تہ جيئن ڪا غلط فهمي نہ ٿئي. جڏهن فاعل ۽ مفعول ٻئي بي جان هجن تہ مفعول ساڳيءَ ريت اڻ ڦريل رهندو.

6) جڏهن ڪو فعل معروف ڪنهن ويجهي ۽ ڏور فعل کي ساڳئي وقت ماتحت ڪري (حالت مفعولي ۽ مفعولي ثاني) تہ مفعولي حالت (اڻ ڦريل صورت ۾) مفعولي ثاني حالت ڪانپوءِ ايندي آهي. جڏهن مفعولي حالت تي خاص طور تي زور پرڻو هجي تہ اهڙي صورت ۾ اها مفعولي ثاني کان اڳ رکي سگهجي ٿي.

- ڪَامِلِ ڏِينهَاڙِي قِيسَ کي چَڱَا ڪَاڙِي ٿِي چَاڪَ (مج 223)
- هَٿَ اَسَان کي ڏِيڻڙي ڏُڏَاڙِي (عبداللطيف جي زندگي ص: 48)
- هِڪِڙوَ هَتوَن نَہ ڏِينِ هَٿَ سَاڻُ ٻئي کي پَنگُ وِجهي پَائِي (مينگهو 11)

نمبر - 70

## VII- The Locative

## حالت مڪاني

مڪاني يا جڳهہ ٻڌائيندڙ حالت جو اظهار فقط اُ تي ختم ٿيندڙ مذڪر اسمن جي واحد صورت ۾ ڪري سگهجي ٿو. ٻين سڀني اسمن ۽ سڀني جمع صورتن ۾ حالت مڪانيءَ جي اظهار لاءِ حرف جر ۾ ۽ منجهہ لڳايا ويندا آهن. شاعريءَ ۾ اهي حرف جر اڪثر حذف ڪيا ويندا آهن، پر اتي مڪانيءَ حالت لاءِ رڳو اسم جي تشڪيلي صورت استعمال ٿيندي آهي. جڏهن تہ جمع ۾ (اين يا آن تي ختم ٿيندڙ) تشڪيلي صورت کي نديو ڪري ڪتب آڻڻ ضروري آهي. اڪثر محاوراتي طور تي لکت ۾ حرف جر ۾ يا منجهہ خارج بہ ڪيا ويندا آهن. خاص ڪري اهڙا اسم جن جو تعلق وقت سان هجي.

جڏهن مڪاني حالت ۾ ڪو اساسي لفظ اُ تي ختم ٿيندڙ صفت سان گڏ استعمال ٿئي تہ صفت کي بہ مڪاني حالت ۾ رکڻ ضروري آهي، ۽ ٻين پڇاڙين تي ختم ٿيندڙ صفتن، ضميرن يا انگن کي فقط تشڪيلي صورت ۾ رکڻو پوندو آهي.

1) سنڌيءَ ۾ مڪاني حالت رڳو مڪان نہ پر ان جي رستي ۽ ان ڏانهن هلڻ جي بہ نشاندهي ڪندي آهي. ان ڪري اها حالت اهڙن فعلن ۾ استعمال ڪبي آهي، جيڪي ڪنهن مڪان ڏانهن هلڻ يا سفر جو مفهوم رکندا هجن مثلاً: اَچَڻُ، وَڃَڻُ وغيره.

- وَڻِ نَہ وِيئَا ڪَانگَ، وِچِين ٿِي وِيلاَ ڪَرِي
  گِهڙِي گُهڙوَ هَٿِ ڪَرِي سُٽِي سَانجِهيَ ٻَانگَ (شاهہ، سهڻي I، 14)
- ڏِيگِين دوَڳُ ڪَرِهنِ جتِ ڪُنينَ ڪَٽِڪوَ نَہ لَهي (شاهہ، ڪلياڻ II، 27)
- اُونهي نِينهِن اَتِ گَهڻي سَهَا ۽ سِيَارَ (مج 548)
- مَتَان ڪَا ٻَڙِي ٻوَلِ ٻَروَچِي وِسَهِي (شاهہ، ديسي چوٿ 7)
- وَڃَان ٿِي وَٽڪَارِ ڏِنُرِ پِيرُ پُنهُونءَ جوَ (شاهہ، حسيني V، 4)
- ٻِيَا دَرَ ڏِيئي ٻِيَنِ کي آيُسِ تُنهِن جي دَرِ (شاهہ، سورٺ I، 11)

2) مڪاني حالت اهڙن اسمن لاءِ بہ استعمال ٿيندي آهي، جيڪي ڪنهن ڪم جي ٿيڻ جي وقت يا مهل لاءِ ڪتب ايندا آهن.

- جَڏهِن ڪٺِيڪَ اُنَ جي مَرَڻَ جي اُنَ جي ڪَنَ تي رَسِي (سنڌي ڪتاب ص: 64).
- ٿُون مُڙسِ آهِين هُوءَ مِهرِي (املھ ماڻڪ ص: 147)
- هُنَ ڪي رَاتِ رُوحَ ۾ هِي ٿَا پَائِنِ هيءَ (مج 34)
- تَوَ ڪي ڊِيوَ تَوَ لَڪوَ هَارُ ڏِنوَ سوَ پِي مُون جَهپي هَٿَ ۾ ڪَيوَ (املھ ماڻڪ ص: 147)
- هِي مِڙئِي مينهُون مَنجهانئُسِ ٿِيُون آهِنِ سي پَنهَن جِيُون وَٽُ (سنڌي ڪتاب ص: 61)

2) ضمير اشارو اِهوَ ڪنهن ويجهي مفعول ڏانهن زور پرائيءَ وارو اشارو ڪندو آهي يا جنهن جو ويجهڙ ۾ ذڪر ڪيل هجي يا فوراً پوءِ ذڪر ڪيل هجي. جڏهن ته اُهو ڪنهن ڇاڻايل شيءِ ڪان وڏيڪ پري واري شيءِ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اِجهوَ ۽ اُجهو فقط ويجهڙائپ جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندا آهن.

- جيڪڏهن اِهَا ڳَالِ ڪُتَنِ جوَ بَادِشَاهُ ٻُڌَندوَ (سنڌي ڪتاب، ص: 63)
- اُهَا تَہ مُنهُن جي پيڻُ آهي (املھ ماڻڪ ص: 149)

3) مفعولي حالت ۾ ضمير اشارا عام طرح حرف جر ڪي گڏ لڳائيندا آهن. جڏهن ڪنهن شخص (يا ساھ واري مفعول) ڪي وڏيڪ ظاهر ڪرڻو هجي ۽ جڏهن ڪنهن ضمير اشاري تي ڪو بہ زور پرائڻو نہ هجي تہ پوءِ ان جي اڻ ڦرندڙ صورت ۾ ئي استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن ضمير اشارو ڪنهن ٻئي اسم ڪان اڳ صفت واري معنيٰ ۾ اڻ ڦرندڙ صورت ۾ هجي، تہ اهي مفعولي حالت ۾ بہ اڻ ڦرندڙ صورت ۾ رهندا آهن، ۽ ان صورت ۾ انهن ڪي حرف جر ڪي جي ضرورت نہ رهندي آهي (سبب لاءِ ڏسو 69، 3)

- تَنهن هِنَنِ ڪي ڏِسِي ڪَٺِي دَرُ پَاتوَ (املھ ماڻڪ ص: 149)
- جَڏهِن هوَ لَهوَ تَہ مُون ڪي اَچِي خَبَرَ ڏُجوَ (ميٿيو 2، 8)
- پوءِ اُهوَ آن ڏَسَندِيَسِ تَہ توَ ڪي ٻَانُهي ڏِيَارِي موَڪِلِينديَسِ (املھ ماڻڪ ص: 150).
- هِي وَڻَ نَہ لَهَندَاءُ هُوءَ وَڻَ اوڏَانهِين گهٽَا.

**نمبر - 74**

# III- The Relative and Correlative Pronoun

# ضمير موصول ۽ ضمير جواب موصول

1) سنڌيءَ ۾ ضمير موصول[1] جوَ ۽ جواب موصول سوَ آهي، جيڪو ضمير موصول سان اڪثر گڏ استعمال ٿيندو آهي. ان موصول جوَ ڪان علاوه ضمير مطلق جيڪوَ، جوَڪوَ بہ آهن، جيڪي پويان ايندڙ جواب موصول سوَ سان لاڳاپيل هوندا آهن. ضمير موصول جي جڳهہ تي لاڳاپيل ظرف بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ ضمير جواب موصول سوَ بدران ڪو ضمير اشارو بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿو ۽ خاص ڪري تڏهن جڏهن ڪنهن شيءِ تي زور پرائڻو مقصود هجي.

ڪو جملو جڏهن ضمير موصول سان شروع ٿيندو هجي، اهو اهڙي جملي، جيڪو ضمير جواب موصول سوَ سان شروع ٿيو هجي، ان جي اڳيان يا پٺيان لڳي سگهي ٿو ۽ ان جو دارومدار ان ڳالھ تي آهي

[1] جڏهن بہ ساڳئي جملي ۾ جوَ جي پٺيان خالص ضمير لڳل هجي تہ ان مان جيئن جي معنيٰ نڪرندي آهي. مثال: حَيفُ مُنهُن جي حَالَ ڪي جَا ٻُڌِي آٿُون بِيڪَارِ (مج 756)

تہ ڪھڙي ضمير تي زور پرائڻو آهي. زور پرائڻ لاءِ ضمير جواب موصول ٻيھر بہ استعمال ٿي سگھي ٿو.

جڏھن ضمير موصول (يا جواب موصول) جو اشارو ضمير متڪلم يا ضمير حاضر ڏانھن ھجي، تہ ان جملي جو فعل گھڻو ڪري ضمير غائب واري صورت ۾ ھوندو آهي.

شاعريءَ ۾ اهي ضمير خارج بہ ڪري سگھجن ٿا.

- جَنھن گِيدِي ٻِلِي ھوَڪَارِئُو سوَ ٻُڻُ ٻَچِي وَيوَ (سنڌي ڪتاب ص: 64).
- جي تُون بَيتَ ٻَائِيين سي آيَتُون آھِنِ (شاھ، سھڻي IX، 6)
- سَنگِي ٿِيندُءِ سڻ جيڪِي جَپِيندين جَڳدِيسَ کي (مينگھ 8)
- سوَئِي سَاٿِيھُ مُنھُن جوَ سَاجَنَ جِتِ سَندوَمِ (مج 86)
- لَاھِيَان جي نَہ چِتان اَلَا اُنِ مَ وِسِرَان (شاھ، ساموندي II، 4)
- جي جي وَڻَ چِڱو ڦَلُ نَہ ٿَا ڏِيَنُ سي سي وَڍِي بَاھِ ۾ ٿَا وِجھجَنِ (ميٿيو 7، 19)
- آن جَا جَڏِي چِپِرين سَا ڪيچِ رَسَندِي ڪِيئَن (شاھ، ديسي III، پچاڙي)

2) ضمير موصول (۽ ضرورت آھر ضمير جواب موصول) عام طرح جنھن اساسي لفظ ڏانھن اشارو ڪري ٿو، ان جي اڳيان ايندو آهي، پر جڏھن اساسي لفظ ھڪ يا وڌيڪ گُڻ ھجن تہ ضمير موصول ان جي پويان بہ لڳي سگھندو آهي. ڪنھن جملي جي مضمون کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اڪثر شروع ۾ ضمير اشارو استعمال ٿيندو آهي ۽ ان کي وڌيڪ واضح ۽ زور پرائڻ لاءِ ضمير موصول ۽ جواب موصول استعمال ٿيندا آهن.

- جَا ٻِلِي پَنھِن جي ٻَارَ کي لِي ڪائي سَا ڪُئي کي ڪِيئَن ڇڏِيندِي (سنڌي ڪتاب ص: 53)
- سوَ سوُدوَئِي چَڏِ جَنھَن جوَاھِرُ ٿَاھي ڪوَ (شاھ، سريراڳ IV، 8)
- فَقِيرَ جوَ پُچِتَاتِي وَاروَ ھوَ تَنھِن کي خَبَرَ پَئجِي وَئِي (املھ ماڻڪ ص: 147)
- دَردُ دِيوانوَ ڏَاريوَ جوَ ٻَرَڏِيھِي ٻَڙھي
- سوَ تُنھُن جي ڏِيءُ سين ڪِلِئوَ ھَٿَ ھَٿِي (مج 240، 241)
- ھوَ جي وَڏَا وِيرَ وَرِيَامَ سي سَڪِئَا وِيَا سَنسَارَ موَن (مينگھو 4)

3) ساڳئي جملي ۾ ضمير موصول ۽ جواب موصول فاعل ۽ مفعول ٿي سگھن ٿا، جنھنڪري اھڙو جملو ٻنھي جواب موصول وارو ٿي ويندو آهي ۽ ضمير غائب واري مفعول کي بہ ضمير موصول ۽ جواب موصول سان ظاهر ڪري سگجي ٿو.

- جي جَنِ جَا سيڪَڙُو سي ميڙِين کي تَنِ (مج 203)
- سوَ وَڙُ سيئِي ڪَنِ جوَ وَڙُ جُڙِي جَنِ سَان (شاھ، سريراڳ IV، 4)

4) اھڙو جملو جنھن ۾ بہ ضمير جواب موصول ھجن انھن ۾ پھريون (يا ٻيو) حصو سادي ضمير موصول جو بدران سوَجوَ جي صورت ۾ ظاهر ڪيو آهي.

- تَنِ جَنھِين جِي ٿَانگھَہ سي سَجَڻَ ھَلِئَا سَفَرِ (شاھ، ساموندي I، 24)
- سي قَادِرَ اِيندَا ڪَڏِھين تَنِ جَنِ جِي تَاتِ (مج 457)

5) جواب موصول طور ظرف (Correlative Adverb) سان ضمير جواب موصول يا صفت بہ ساڳئي جملي ۾ لڳي سگھن ٿا.

❖ وَحدَہُ لَا شَرِيڪَ لَہُ جَڏهِن چَيوَ جَنِ
تَنِ مَڃيوَ مُحَمَّدُ ڪَارَڻي هيجَان سَانُ هِنئَنِ
تَڏهِن مَنجهَان اُنِ اَوَتَڙَ ڪَنهِينِ نَہ اوُلِئوَ (شاهہ، ڪلياڻ I، 3)

❖ جِتي جيتِرِيُون لِکِيُون لوَهَہ قَلَمَ ۾
تِتي تيتِرِيُون گهَڙِيُون گهَارَڻَ آيُون (شاهہ، معذوري V، 9)

7) جڏهن بہ جواب موصول طور صفت ۽ ظرف هڪ ٻئي پٺيان لڳل هجن تہ ان مان مفهوم هڪ مطلق حالت جو نڪرندو آهي. اها ساڳي صورت ضمير موصول جي ضمير استفهام سان موجود هئڻ ۾ ملي ٿي.

❖ ٻلي ڪُئَنِ مَنجَهان جيتِرَا ڪيتِرَا سَرهَائِيَ سَان کائِي وَئِي (سنڌي ڪتاب ص: 64).

❖ ٻَاتِشَاهَزادِي جيئَن تِيئَن ڇَٽَ ٻَڌِي دِلِ وَنِي ڪَدَايُسِ (املهہ مالڪ ص: 147)

نمبر - 75

## IV- The Interrogative Pronouns

## ضمير استفهام

1) شخصن يا فردن لاءِ ڪيرُ جڏهن تہ ڇا ۽ ڪوَهُ ٻيجان شين لاءِ ڪتب ايندا آهن. اهي ٽيئي ضمير اصلي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن ۽ ٻئي ڪنهن اسم[1] ۾ صفاتي طور نہ لڳندا آهن. جنهن صورت ۾ صفت استفهام ۾ ڪيهوَ، ڪيهَرَوُ ۽ ڪيهَڙوُ استعمال ٿيندا آهن.

ضمير استفهام سواليہ جملن ۾ سڌا سنوان استعمال ٿيڻ ڪانسواءِ اڻ سڌن سواليہ جملن ۾ بہ ڪتب ايندو آهي. جڏهن جملي ۾ انڪار يا نهڪاري معنيٰ مقصود هجي ۽ جڏهن جملو اثباتي هجي تہ ضمير موصول جو ڪي ترجيح ڏني ويندي آهي. اهو ئي قاعدو سواليہ صفت ۽ ظرف تي بہ لاڳو ٿيندو آهي.

❖ پَڪِي سُڌِ نَہ اَٿمِ تَہ ڪيرُ آهي (عبداللطيف جي زندگي ص: 13)

❖ آن ٻِي اَوَهَان کي نَہ ٿوَ چَوَان ڪهِڙِي حُڪُمَ سَان هي ٿوَ ڪَرِيَان (ميٿيو 21، 26)

❖ آن بَہ چَوَندوَ سَائوَ جَنهِن حُڪُمَ سَان هي ٿوَ ڪَرِيَان (ميٿيو 21، 24)

2) ضمير استفهام (صفت ۽ ظرف) اڪثر تڏهن بہ استعمال ٿيندا آهن، جڏهن ڪنهن منفي جواب جي توقع هجي.

❖ قِسمَتَ قَيدُ ڪِيَاسِ نَہ تَہ ڪيرُ اَچي هِنَ ڪوَٽَ ۾ (شاهہ، عمر مارئي I، 8)

نمبر - 76

## V- The Indefinite Pronouns

## ضمير مبهم

1) ڪوَ جڏهن اڪيلي سر موجود هجي تہ ساهہ وارين شين لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ۽ ٻيجان شين لاءِ ڪِي ڪتب ايندو آهي. جڏهن ڪوَ صفت طور استعمال ٿئي تہ اهو ڪنهن بہ اسم ۾ لڳي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت ڪنهن حصي يا مقدار جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڪِي استعمال ٿيندو آهي (ڏسو نمبر 61، 3)

[1] ڪيرُ صفاتي طور تي شاعريءَ ۾ لڳي سگهي ٿو. مثلاً: ڪيرُ مُنِجون ڪَرَهِ تي بانڪو ٻَلا ڇِنِ (نانگ جي ڪهاڻي ص: 59)

2) ڪوَ ڪن صورتن ۾ خالص ضمير ۾ زور پرائڻ لاءِ سواليه ۽ منفي جملن ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ ساڳي ريت ڪِي بہ ان ئي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي.

- ❖ ڇَڏِي ٽُون ڪوَ ڇِپَرِين وِينڌِين هوّتَ نَہ پائيَرِ هِيئن (شاهہ، ديسي III، پڇاڙي)
- ❖ ڪِوَ ڇوِي پِئَسِ جِنُ جُسي ۾ ڪوَ ڇَئي عَقُلُ ڦِرِيوَسِ (مج 40)

نمبر - 77

# The Reflexive Pronoun

## ضمير مشترڪ

1) ضمير مشترڪ پَاڻُ (واحد ۽ جمع) هميشہ جملي جي فاعل ڏانهن اشارو ڪندو آهي: ان جي اضافتي حالت جي ضمير مشترڪ واري صفت پنهن جو جو استعمال هڪ مخصوص حيثيت رکي ٿو. جڏهن جملي جو فاعل ضمير متڪلم ۾ حاضر هجي (پوءِ ان کي پٽرو ڪيل هجي يا فقط ان جو مفهوم نڪرندو هجي) تہ ان جو استعمال ڪافي ظاهر هوندو آهي، پر جڏهن فاعل ضمير غائب ۾ ظاهر ٿيل هجي تہ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ مالڪي ڏيکاريندڙ ضمير هُن جو، هِن جو وغيره جملي جي مڪيہ فاعل ڏانهن حوالو ڏيکاري ٿو يا ڪنهن ٻئي فاعل ڏانهن! پهرين صورت ۾ ضمير مشترڪ جو استعمال ضروري هوندو آهي. جڏهن تہ ٻي صورت ۾ ضمير اشاري کان ڪم ورتو ويندو آهي.

- ❖ اُٿي ڪِيڪَارِي وَڏِي آڌَرَ پَاوَ سَان گَڏِجِي پَاڻَ ۾ وِيئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 36)
- ❖ بِرمَلَ نِظَارو ڀيِءَ پَسَايوَ پَنهَن جوَ (شاهہ، سورٺ I، 10)
- ❖ پَنهَن جَنِ ٻيلِنِ سُودَوَ مَنجِهہ خِدمَتَ شَاهَ صَاحِبَ جي اَڳي حَاضُرُ ٿِئوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 31)
- ❖ اُنَ پَاڳِي اُنَ جي سُڄَاڻَ تي اَڄرجُ ڪَرِي پُڇِئَانسِ (سنڌي ڪتاب ص: 61)

2) ڪجهہ صورتن ۾ ڪنهن کي مخاطب ٿيڻ لاءِ ضمير مشترڪ واري صفت پنهن جوَ جو استعمال ڪيو ويندو آهي (جيئن هندستاني ۾ آپ ڪَا) ۽ هڪ مخصوص ضمير جنهن جي ضرورت هوندي آهي، جنهن کي هن مثال ۾ ڏسي سگهجي ٿو. يعني "سائين هي پنهن جو مال آهي"، جنهن جي ڪن صورتن ۾ معنيٰ اها بہ ٿي سگهي ٿي تہ "سائين هي اسان جو مال آهي" جنهن ۾ ڳالهائيندڙ پاڻ کي بہ شامل ڪري ٿو. مثال:

- ❖ ڪَيِي مَنجوَ مُوشَ ڪِي پَنهَن جي ڏِيهَہ دَوَارَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 35)

3) ضمير مشترڪ واري صفت پنهن جو بلڪل پوءِ ايندڙ مفعول ڏانهن بہ اشارو ڪري سگهي ٿي (اسم حرف جر سان، يا مفعولي ثاني ۽ مفعولي سببي صورت ۾).

- ❖ پُٽَ پَنهَن جي پيءُ سَان ڏِيءُ پَنهَن جِي مَاءُ سَان وِيڙهَائِڻَ آيوَ آهِيَان (ميٿيو 10، 35)

4) جڏهن جملي جو فاعل خالص ضمير سان گڏ لڳل اسم هجي تہ مخصوص خالص ضمير استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ڪي پَنْهَنَ جوَ ڇاڪاڻ تہ پَنهَن جوَ جو استعمال هڪ مختلف مفهوم پيش ڪري ٿو. ساڳيءَ ريت جڏهن ڪنهن جملي جو فاعل ڪو خالص ضمير هجي ۽ جڏهن پوءِ ايندڙ جملي ۾ ڪو اسم خالص ضمير سان گڏيل هجي (خاص ڪري جڏهن ڪو ملائيندڙ حرف جر موجود هجي) تہ مٿي ڄاڻايل سبب جي ڪري خالص ضمير جو استعمال ضروري ٿي وڃي ٿو.

❖ ڪوَ مُنهُن جوَ مُنهُن جي مُلڪَ ۾ هُجي پَهَلَوَانُ (شمشاد جي ڪهاڻي بيت: 40).

❖ آئُون حُڪُمِي ماڻهُو آهِيَان ۽ مُنهُن جي هَٿَ هيٺِ سِپَاهِي آهِنِ (ميٿيو 8، 9)

5) ڪن صورتن ۾ پنهن جو جنهن فاعل ڏانهن اشارو ڪري ٿو اهو جملي جي حوالي سان سمجهڻ گهرجي ۽ جڏهن ڪنهن خاص فاعل ڏانهن ظاهر اشارو موجود نہ هجي تہ ان مان ضمير متڪلم جي معنيٰ نڪرندي آهي (واحد ۽ جمع)

❖ ڏِيهَہ پَنهَن جي ڪوَن ڏُورِ ٿِي وَڃِي ڪٿَئِين ڪَجي قِسمَتَ (ڪئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 20)

6) پَنهَن جوَ ڪي اساسي لفظ طور ملڪيت، دوستن ۽ ماڻهن لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو جنهن مان منهنجو تنهنجو جي معنيٰ نڪري سگهي ٿي.

❖ پَنهَن جوَ وَٽُ ۽ وَڄُ (ميٿيو 20، 14)

## حصو ٻيو

# THE VERB

## فعل

# باب ڇهون

### نمبر - 78

## The Infinitive

## مصدر

1) فعل معروف (بالواسطہ) جو مصدر ۽ ٻي جنس سنڌيءَ ۾ باقاعده اساسي لفظ طور سمجهيو ۽ لکيو پڙهيو ويندو آهي. معروف فعل جو مفعول مصدر جي ماتحت هجڻ لاءِ حالت اضافت ۾ ۽ حالت مفعولي سببيءَ ۾ ان جي اڻ ڦرندڙ صورت ۾ يا حرف جر **کي** جي طابع هوندو آهي.

- جيئڻُ جَتَ ڏَارَان مَعذُورِ جوُ مَسَ ٿِئي (شاهہ آبري V، 9)
- مُغَلَ تَرَارُيون کَڍِي شَاهَ جي مَارَڻَ لَاءِ آيَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 15)
- سُورِيَ چَڙهَڻُ سيجَ ڀَسَڻُ اِيُ کَمُ عَاشِقَنِ (شاهہ، ڪلياڻ II، 8).
- تَنهِن کي مُورَهِين جهُڳي مَنجِهہ رَکَڻُ جوُڳُ نَاهي (سنڌي ڪتاب ص: 65)

3) مصدر ڪڏهن پرتيءَ طور (expletive) مفعول جي صورت ۾ ڪجهہ فعلن ۾ لڳندو آهي. جهڙوڪ ڏِيَڻُ، ڇَڏَڻُ، گهُرَڻُ، سَگهَڻُ. ۽ جڏهن فعل جنهن جي ماتحت مصدر هجي ان کي مفعول جي ضرورت هوندي تہ ان کي حالت مفعولي ۾ رکي ان فعل کي مڪمل فعل (finite verb) جي حيثيت ملندي آهي.

- لُڙڪ لکڻ نہ ڏِين ڪِريو پِيون قلم تي. (عمر مارئي II، 9)
- مُغَلَ شَاهَ صَاحِبَ کي اَچَڻُ نَہ ڏِيندَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 15)
- تَرُ پَکِي وَهَڻُ نَہ ڏِيُون ڇَڏِينِ (املهہ ماڻڪ ص: 141)
- اِنهي کي گهڻَنِ نَبِيُنِ ۽ دَرمِينِ ڏِسَڻَ گهُريوُ هوُ (ميٿيو 13، 17)

2) مصدر کي حالت اضافت واري نشاني جوَ لڳائي صفت ۾ بہ تبديل ڪري سگهجي ٿو. ان صورت ۾ مصدر کي قاعدي سان اساسي لفظ سمجهڻ گهرجي ۽ **جوَ کي جِهڙَ ۽ جِهڙوَ** جي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي (ڏسو نمبر 67، 11)

- پَرَ مَنگَرَ مَڇَنِ جي ڪِئَڻَ جوَ ڪِي نَہ هوَ (راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي ص: 1)
- هِيَ ڳَالهِہ رُڳِي چَرچي ۽ نَہ ٻُڌَڻَ جِي آهي.

# باب ستون

## نمبر - 79

## The Gerundive

## اسم مصدر

1) سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل معروف جي مصدر منجهان باقاعده اسم مصدر يا مجهول اسم استقبال حاصل ٿيندا آهن (ڏسو نمبر 8، 12، B ۽ نمبر 46) جيڪي اُن جي فاعل سان جنس ۽ عدد ۾ ٺهڪي ايندا آهن، سواءِ اهڙين جاين تي جتي جوڙجڪ دوران حرف جر ڪي جو استعمال ٿيل هجي (ڏسو نمبر 94، 5). متعدي مجهول جي فاعل (Agent) کي (لاطينيءَ وانگر) مفعولي ثاني حالت ۾ رکيو ويندو آهي. يا ضميري پڇاڙيءَ ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

- تو کي جيڪو فَرِيَادُ ڪَرِڻو هُيئِي سو تُون اَچِي ڪَرِ. (املهه ماڻڪ ص: 150)
- مُون ڪَان جيڪِي تو کي پَائِڻو آهي سو خَيرَاتَ آهي (ميٿيو 15، 5)
- هَاٿي جيڪِي چَرِڻو هُيئِي چَرُ (املهه ماڻڪ ص: 143)

2) جڏهن ڪنهن جملي ۾ ڪي لڳائي ان کي غير شخصي (impersonal) حيثيت ملي يا جڏهن جملي ۾ مفعولي ثاني حالت موجود هجي ته متعدي مجهول جي فاعل کي وسيلي واري حالت Instrumental سان ظاهر ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪي جي ٻه دفعا استعمال کان بچي سگهجي.

- هِنَ گهوڙِي کي تو جهلِيو هو
- جو تو کي مُون لَهڻو آهي سو ڏِينِمِ (ميٿيو 18، 28)

# باب اٺون

## Participles
## اسم مشتق يا ڪردنت

### نمبر - 80
### I- The Participle Present
### اسم حاليہ

1) اسم حاليہ مڪمل فعل (Finite Verb) جي فاعل سان باقاعده صفت جي حيثيت ۾ نهڪي ايندو آهي. ان جو استعمال تڏهن ڪيو ويندو آهي جڏهن ڪو ڪم پائيدار يا مستقل ٿيندڙ هجي ۽ جنهن مقصد لاءِ ان ڪي ٻيهر بہ استعمال ڪري سگهجي.

* سَڄي شهَرَ جوَ شَئِلُ ڪَرِي گهُمندَا گهُمندَا پَاتِشَاهَ جِي گِهٽِينِ ۾ آيَا (املهہ ماڻڪ ص: 140)
* مَٿِنَ ٽُبِڪَ ٽُبِڪِڙَا چِنگهندَا اَچَنِ (شاهہ عمر مارئي VI، 12)

(مٿن تي ننڍيون وڏيون ٽوڪريون ڪٽي، ڪنجهندا پيا اچن)

2) اسم حاليہ اڪثر واحد مڪاني حالت ۾ اِي تي ختم ٿي يا زور پرائڻ لاءِ اِي، هِي، اِيئِہ ۽ اِيهِي[1] تي ختم ٿيندي اهڙي ڪم جي اظهار لاءِ ڪم ايندو آهي، جيڪو مڪمل يا مطلق فعل سان نهڪي ايندو هجي.

جيستائين اسم حاليہ جي مڪاني جي فاعل جو تعلق آهي، اهو هڪ تہ ساڳيو فعل جهڙو ٿي سگهي ٿو يا اهو جملي ۾ موجود ڪنهن ٻئي اسم ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿو (اهو حالت اضافت، مفعولي ثاني يا مفعولي سببي وغيره ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ عام طرح ضميري پڇاڙيءَ سان ظاهر ڪيو ويندو آهي.) يا ان ڪي اصل ئي ظاهر نہ ڪيو آهي ۽ مطلب جملي مان ڪڍيو ويندو آهي.

جڏهن حالتِ مڪانيءَ واري اسم حاليہ جو فاعل فعل کان مختلف هجي تہ ان ڪي تشڪيلي حالت سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. اها ئي صورت تڏهن بہ ٿيندي آهي، جڏهن اسم حاليہ جي فاعل سان ڪا ڳالهہ منسوب ٿيل هجي. ۽ جڏهن اسم حاليہ جي مڪاني حالت ڪي مفعول جي ضرورت پوي تہ اهو عام مروج قاعدي موجب ڪيو ويندو آهي.

---

[1] ڪڏهن ڪڏهن ايهي ڪي اَهِي ۾ ننڊو ڪيو ويندو آهي جيئن سٽينديهي بدران سٽيندهي.

* اِينڊي وِينڊي هِي حَرفَ چَوَندوُ هوُ (عبدالطيف جي زندگي ص: 47)
* ٻُکَ مَرَنڊي ٻُکِيَا ڪَنهن ڪَان ڪِي نَہ گهُرن (رامڪلي VII، 7)
* ڏَوَرِينڊي مَنجهہ ڏُونگرين ماٺهُو ڪوٌ مِڙئوُسِ (مج 122)
* تَان ڪيئنڊيئي خُمَارِي چَرِئُو ٿُنُس چِٺُ (مج 178)
* جُٺَائِي جي جوءِ ۾ چوَڪَرَنِ کي گُهرَ مَنجهِہ هُونڊي پُٺُ گهَرَ ۾ نَہ جَاٿِج (سنڌي ڪتاب ص: 52)
* پَسَنڊِي پِرَ کي ڏُکَ سَڀِ ڏُورِ ٿِئَنِ (مج 818)
* مَيوٌ تُون موٌئَاءِ مُون رُوئنڊي رَاتِ وِهاءِ (شاهہ، مومل راڻو 1 پچاٽي)

**نمبر - 81**

# II- The Participle Past

# اسم مفعول

1) بي جنس فعل جو اسم مفعول فاعل سان جنس، عدد ۽ حالت ۾ ٺهڪي ايندو آهي. ان وقت الُ واري صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي تہ جڏهن اسم مفعول جي حيثيت صفت جهڙي ٿي ويندي آهي. معروف ۽ بالواسطہ فعلن جا اسم مفعول پنهنجي فاعل سان انگ، جنس ۽ حالت ۾ هميشہ ٺهڪي ايندا آهن. سواءِ انهن صورتن ۾ جتي جملي جي جوڙجڪ کي حرف جر کي ذريعي غير شخصي (impersonal) حيثيت ڏنل هجي.

2) معروف فعل (۽ ڪنهن حد تائين بالواسطہ فعل) جا اسم مفعول جن جي مجهول حيثيت هجي اهي اساسي لفظ طور بہ استعمال ٿيندا آهن. (ڏسو نمبر 62، 2) ۽ تنهنڪري انهن کي حرف جر لڳائي بہ ناهي سگهجي ٿو.

* چَارِيَنِ جوَ چَيوَ ڪَرِي قَاضِي ٿِيوَ قَهَارُ (مج 296)
* پَڳي پُڇَاڻَاءُ پَدَمَانِئي پِرِي ٿِئو (شاهہ، سريراڳ IV، 17)

3) معروف ۽ بالواسطہ فعلن جا اسم مفعول گهڻو ڪري مڪاني واحد حالت ۾ ڪتب ايندا آهن. (ڏسو نمبر 80، 2)، جڏهن اسم مفعول جو فاعل فعل جي فاعل کان مختلف نہ هجي تہ ان کي ظاهر نہ ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن اهو مختلف هجي تہ ان جو تشڪيلي صورت ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي، ۽ جڏهن اسم مفعول جو فاعل ڪنهن ڏورانهين مفعول ڏانهن اشارو ڪندو هجي تہ ان جو اظهار نہ ڪيو ويندو آهي. جنهن صورت ۾ مڪاني حالت خالص طور تي استعمال ٿيندي آهي. اسم مفعولي جي غير شخصي (impersonal) جي جوڙجڪ حرف جر کي ذريعي برقرار رکي ويندي آهي حالانڪ اسم مفعول مڪاني حالت ۾ هوندو آهي.

مڪاني حالت ۾ اسم معفول اساسي طور استعمال ٿيندو آهي ۽ ان تي دارومدار رکندڙ اسم فقط محاورتاً تشڪيلي صورت ۾ رکيا ويندا آهن ۽ اضافتي حالت جي نشاني جي جي ماتحت نہ هوندا آهن.

* اَچي عِزرَائِيلَ سُتي جَاڳَائي سَسُئي (شاهہ، آبري VIII، 5)
* اَلَا اَچَنِ اُوءِ جَنِ آئي مَنُ سَرَهوَ ٿِئي (شاهہ، ديسي III، 5)
* مُون اَبِني هَلِيَا بَندَرَ جي تَڙَنَ (شاهہ، سامونڊي II، 2)

4) ماضي معطوفي ڪن جاين تي لاطيني خالص حالت اپادان جي معنيٰ ۾ بہ ڪتب ايندا آهن، جڏهن فعل جو فاعل ماضي معطوفي جي فاعل کان مختلف هجي پر اهڙيون صورتون تمام گهٽ آهن.

❖ اِبي پَرِ مِڙَئِي بِلِيُون مَرِي پَاڇِي سَارِي گِوُٺَ مَنجهہ بَہ بِلِيُون بَچِيُون (سنڌي ڪتاب ص: 63)

5) ڪجهہ ماضي معطوفي ظرف جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيندا آهن. مثال:

- ورِي – وَرَائي
- موَٽِي – موَٽَائِي
- وِئِي – کان لڳائي، کان وَئِي.
- جَالِي بُجهِي يا جَالِي وَالِي يا جَالِي وِيڙِي، هت وَالِي ۽ وِيڙِي تجنيس حرفي طور آيل آهن.

❖ پِرِين وَڄُ مَ پَرڏيهڙِي موَٽِي چَيُسِ مَاءُ (مج 83)

❖ هُنَ گهڙِيَ کَان وَئِي تَنهن جِي ڌِيءَ چَڱِي ڀَلِي ٿِي (ميٿيو 15، 28)

# باب نائون

## THE TENSES OF THE VERB

## فعل جا زمان

نمبر - 83

## I- The Present

## زمان حال

سنڌي ۾ زمان حال ٻن قسمن جو هوندو آهي. هڪ امڪاني فعل جهڙو جنهن ۾ گرداني اضافي طور ٿوَ يا ٿِي ڳنڍيا آهن ۽ سادو زمان حال سڏجندو آهي ۽ ٻيو جيڪو اسم حاليہ ۽ معاون فعل آهيان سان مرڪب ٺهندو آهي جنهن کي (Definite) يعني زمان حال مطلق سڏبو آهي.

مجهول فعل (Passive voice) جو زمان حال فعل معروف (Active voice) وانگر ٺهي ٺهندو آهي، پر ان جي استعمال تي ڪافي روڪ آهي ۽ ان جي جاءِ تي ٻي جنس فعل جتي ممڪن هجي اتي استعمال ٿيندو آهي. زمان حال جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ سادا ۽ مرڪب امڪاني فعل بہ هوندا آهن، جيڪي مجهول ۽ معروف فعلن لاءِ هوندا آهن. (ڏسو نمبر 90).

2) زمان حال جي پهرين صورت يعني سادو (Indefinite) زمان حال عام رواجي حال کي ظاهر ڪندو آهي. يعني ڪو ڪم شروع ٿي ۽ حال ۾ هلندڙ هجي ان ۾ اضافي ٿوَ فعل[1] جي اڳيان يا پويان لڳي سگهي ٿو. جڏهن جملو فعل سان شروع ٿيندو هجي تہ اهو اضافو فعل کانپوءِ لڳندو آهي (سواءِ شاعريءَ جي). شاعري ۾ ٿو فعل کان اڪثر الڳ ٿي وچ ۾ ڪجهہ لفظ موجود هوندا آهن.

جڏهن فعل ۾ منفي ظرف نہ لڳندو هجي تہ نَہ ٿو کان پهرين لڳندو آهي ۽ فعل[2] کان بہ پهرين لڳندو آهي. ڪنهن منفي معنيٰ واري جملي ۾ يا جڏهن فعل تي ڪو خاص قسم جو زور پرائڻو هجي تہ اهي فعل کان پوءِ بہ لڳي سگهن ٿا.

شاعري ۾ ٿوَ کي اڪثر خارج ڪيو ويندو آهي ۽ انڪري زمان حال ۽ امڪاني فعل هڪجهڙائي ۾ هئڻ جي ڪري جملي جي بيهڪ مان اها خبر پوندي تہ حال مطلق يا مرڪب فعل جو اظهار مقصود آهي. عام لکڻين ۾ جڏهن بہ فعل کان اڳ ضمير استفهام ڇا يا ظرف ڇَاِن موجود هجن تہ ٿوَ کي حذف ڪيو ويندو آهي.

ٿوَ جي جاءِ تي اسم حاليہ پيوَ بہ ڪتب ايندو آهي، پر ان فرق سان تہ اهڙين صورتن ۾ ڪنهن وڏي عرصي تي محيط ڪنهن عمل ڏانهن اشارو هجي

---

[1] جڏهن ڪنهن جملي ۾ ڪو ضمير استفهام يا ظرف موجود هجي تہ گهڻو ڪري ٿو ڪتب ايندو آهي.

[2] ۽ جڏهن ڪنهن جملي ۾ نَہ — نَہ استعمال ٿيل هجي تہ ظرف نَہ ان اسم کان پهرين لڳندو آهي، جنهن تي اظهار جو زور هجي.

بي جنسن فعل جي مضارع جي هڪ معروف (Active) حيثيت هوندي آهي. البت ڪجهه بي جنس فعلن (جن جي مجهولي صورت هجي) کي متعدي مجهول جي فاعل (Agent) سان حالت Instrumental ۾ به رکي سگهجي ٿو.

مضارع ۾ معروف فعل کي مجهولي نموني به ناهي سگهجي ٿو (ماضي قريب ۽ ماضي بعيد (Pluperfect and Perfect) ۾ رکجي ٿو ۽ اسم مفعول فاعل سان (حقيقت ۾ مفعول سان) عدد، جنس ۽ حالت ۾ لهڪي ايندو آهي، (ڏسو نمبر 92، 2) يا وري ان کي ٺاهڻ لاءِ حرف جر کي جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. ان ڪري اها ڳالهه سمجهي وئي آهي ته مجهول فعل جو مضارع غير شخصي حيثيت ۾ به استعمال ٿي سگهي ٿو، جنهن صورت ۾ هو پنهنجي فاعل (جنهن کي گرداني پڇاڙين سان ظاهر ڪيو ويندو آهي) سان عدد ۽ جنس ۾ لهڪي ايندو آهي.

- آئُون سُتِي هوَءِ هَليَا ڪَاهِيَائُون ڪَنُوَاٽَ (شاهه، حسيني IV پڇاڙي)
- مَارُوئڙِنِ آئُون جيڪُسِ وِيَسِ وِسرِي (شاهه، عمر مارئي V، 13)
- پَاٽ پِهرِينءَ رَاتِ جوُ ڳُڙهَه پَاسي ڳَانڍِ (شاهه، سورٺ II، 1)
- رُجِنِ رَاتِ رَهِي ڏُونگرَ جَنهِين ڏوَرِيَا (شاهه، ڪاهوڙي I، 3)
- هُوءِ جي ڪَاڪَ ڪَڪوَرِيَا تَنِ لَهي نَه لَالِي (شاهه، مومل راڻو II، 4)

2) مرڪب يا مدامي مضارع (The Compound or Habitual Aorist):

اڻ ڦرندڙ اضافي ٿي سان مرڪب مضارع مان سپني ڪان پهرين اهو اظهار ڪيو ويندو آهي ته ڪو ڪم ماضيءَ ۾ بار بار ٿيندو رهيو هو يا ڪنهن به دورانيي لاءِ ٿيندو رهيو هو. ان ڪري ان جو استعمال خاص ڪري ان وقت ڪيو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن پيشي، عادت يا طريقي جو ذڪر ڪرڻو هجي. ان جو ٻيو استعمال تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن ڪم جي ماضيءَ ۾ شروع ٿيڻ ۽ ذڪر ڪرڻ جي وقت تائين جاري هئڻ جو اظهار مقصود هجي ۽ ان صورت ۾ اهو تقريباً ماضي استمراري جهڙو لڳي ٿو، سواءِ ان فرق جي ته ان صورت ۾ سادو مضارع استعمال ٿيندو آهي.

ٿي جو اضافو عام طرح فعل کان اڳ ڪيو ويندو آهي، پر ان جي پويان به لڳائي سگهجي ٿو. ان کي فعل کان ڪجهه لفظن جي ذريعي الڳ به رکيو وڃي ٿو. جيئن ٿو ۾ ڏنو ويو هو. ٿي بدران پيئي به استعمال ٿيندو آهي جيڪو ڪم جي شروعات ۽ هلندڙ رهڻ جو اشارو ڏيندو آهي. (پيئي بدران پئو جي مڪاني حالت ۾ زورائتي اِي سان).

- جِتي رَاتِ ٿي پيئسِ تِتي سُمهِي ٿي رَهيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 11)
- ڪَارڻِ ڦوَت پَنهِن جي ٿي لَکين ڏِنَائِين لَاهَ (ڪٿي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 13)
- ڪَڪِرَا ڪَربَلَا جَا مَادَرِ ٿي ميڙِيَاسِ
  ڦَتِن تَان رَتَ ڦُڙَا عَلِيَ ٿي اُگهِنَاسِ (شاهه، ڪيڏارو V، 2)
- تَنبُورَ خِجرَنِ ۾ پَاڻهِين پَاڻَ مُرَادَا پِئي وَڳَا ۽ مَنجَهاڻُن هِيَ تَنوَارَ پِئي آئِي (عبداللطيف جي زندگي ص: 36)
- جَڏهِن شَاهَ جَمَالُ پَنهِن جي ڳَوٺَ ڏِي ٿي وِيوَ تَه پِئي ڏِينهَن شَاهُ صَاحِبُ وِصَالُ ڪِيوَ. پوءِ جَڏهِن شَاهَ جَمَالُ شَاهَ صَاحِبَ جي لَاڏَاڻي جِي ڳَالهه ٻُڌِي تَڏهِن مَوٽِي پُٺتي ٿي آيوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 6).

نمبر - 86

# IV- The Perfect

# ماضي قريب

1) ان مان مراد اهڙي ڪم جي هوندي آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ شروع ۾ ختم ٿيو ۽ حال تائين هلندڙ جي معنيٰ نڪري.

- نَہ ڪِي ٿِي جِيَان نَہ ڪِي مُئَي آهِيَان (شاھ، حسيني IX، 16)
- اُٺَ مَ اوڙي آڻِ آئُون ڏاگهن ڏُڏِي آهيَان (شاھ، ديسي I، 14)

2) ماضي قريب ڪن صورتن ۾ اهڙي ڪم ڏانهن اشاري لاءِ ڪتب ايندو آهي جت ڪم ٿي چڪو هجي ۽ ان جو اڳتي ٿيڻ/ هلڻ مقصود هجي تہ اهو پڪ سان ٿي ويندو.

- پَرِيَ ڏِنُوَ تَہ هَاٿي هَلَاڪُ ٿِئُوَ آهي (املھ ماڻڪ ص: 151)

نمبر - 87

# IV- The Pluperfect

# ماضي بعيد

ان سان ڪنهن اهڙي ڪم کي ظاهر ڪيو ويندو آهي، جيڪو ڪڏهن ماضيءَ ۾ ٿيل ڪنهن ڪم کان اڳي ٿيو هجي، پر ان جي استعمال جي سختيءَ سان پابندي نہ ٿيندي آهي ۽ اڪثر ان جي جاءِ تي مضارع کي استعمال ڪيو ويندو آهي.

- ڪَنهِينَ شَهَرَ ۾ ڀِيوُ هوَ ڪَڪَنِ جوَ ڪَالُ
  اُهي مَاڻهُو ڪَاهي مَالُ ڪَنهن اَوَسَرَ سَاڻُ اُٿِي وِيَا (ڪُنَي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 5، 6)
- اُهوَ وِينديوَ جِنيءَ پَرِيَ چِئوَ تِنيءَ ٻَانِهيَ جِي گهڙِي ۾ وَڏَانئِين (املھ ماڻڪ ص: 150)
- اَوان ڪَا ڏِنِي ڏَوَتِيَا هوُتَنِ وَتِ هُئِي (شاھ، حسيني VI، پڇاڙي 2)

2) ماضي بعيد سنڌيءَ ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي، جتي هونئن ماضي قريب يا ماضي استمراري استعمال ٿئي ها. جڏهن ڪو ڪم ڳالهہ ڪندڙ جي حوالي سان ماضيءَ ۾ ٿيل هجي ۽ ان جا نتيجا بہ ان وقت ظاهر ٿيل هجن يا جڏهن مراد اها هجي تہ ڪنهن ڪم جي ماضيءَ ۾ ٿيڻ ڪانپوءِ پيو ڪو واقعو يا ڪم ٿي ويو هجي تہ اتي مضارع يا ماضي قريب بدران ماضي بعيد استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ معنيٰ جي مختلف زاوين کي ظاهر ڪرڻ جي صلاحيت انگريزيءَ کان وڌيڪ آهي ۽ ان ڪري ان زمان جي ڪتب آڻڻ ۾ نهايت ذهانت جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

- هِڪِڙِي ڏِينهَن شَاهُ جَمَالُ شَاهَ صَاحِبَ وَٽِ وِيئوَ ۽ ٻِيَا ٻُڌُ گهڻَا فَقِيرَ وِئَا هُئَا (عبداللطيف جي زندگي ص: 5)
- مَخدُومُ صَاحِبَ کي سُڌَ پيئِي تَہ مِيَان نُورِ مُحَمَّدِ شَاهَ صَاحِبَ جي دَرشَنَ ڪَرَڻَ لَاءِ وِيئوَ هوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 29)

نمبر - 88

# V- The Future and Future Past

# زمان مستقبل ۽ متشڪي

1) سنڌيءَ ۾ ٻن قسمن جو زمان مستقبل ٿيندو آهي، هڪ سادو يا مستقبل مبهم (indefinite future) ۽ ٻيو مستقبل مطلق (Definite Future)، پهريون قسم عام رواجي طرح مستقبل ۾ ٿيڻ واري ڪنهن عمل لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ۽ ٻئي قسم مان مطلب نڪرندو آهي تہ مستقبل ۾ ٿيندڙ اهو عمل ڪجهہ وقت تائين هلندو رهندو.

- اُتَ چَارِينديَس اُنَ جَا مِيَان جَهلي مَهَارَ (شاهہ، حسيني IX پنجاٿي)
- اُنهي مَهَلَ سُفيدَ ڍيو وَٽِ سَوَ پَريُون نَچَنديُون هُونديُون (املهہ ماڻڪ ص: 144).

2) سادو مستقبل ڪنهن امڪان، لاڙي يا شڪ لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي.

- پاتشاهہ توکي آئُون هڪڙي ڳالهہ ڪندس (املهہ ماڻڪ ص: 143).
- اِي چوکر کو ڪٿو اسان کي ڏيندين (عبداللطيف جي زندگي ص: 17)

3) سادو مستقبل (Indefinite Future) يا مبهم مستقبل، مبهم امر لاءِ بہ ڪتب ايندو آهي، جڏهن ڪو حڪم سختيءَ سان نہ ڏنو ويو هجي ۽ ڪم جي ٿي وڃڻ جي اميد ۽ امڪان هجي. تنهنڪري اهو قسم امر سان متبادل طور بہ ڪتب اچي سگهي ٿو.

- پَنهَن جي مَاءُ پيءُ کي آدَرُ ڏي ۽ پَنهَن جي پَاڙيسرِيءَ کي پَاڻَ جهڙوَ گهُرَندين (ميٿيو 19، 191)

4) ماضي متشڪي اهڙي عمل لاءِ ڪتب ايندو آهي جڏهن ان عمل کي ٿي وڃڻ گهرجي ۽ ان ڪانپوءِ ٻيو ڪو عمل ٿيڻ ممڪن هجڻ کي ظاهر ڪرڻو هجي، پر عام طور تي ان مان غير يقيني، شڪ يا امڪان جو ڪنهن ماضيءَ ۾ ٿيل عمل جي حوالي سان ڏيکارڻ مقصود هجي. مثال: **هو آيوَ هُوندوَ**. ماضي متشڪيءَ جي جڳهہ تي سنڌي ۾ اڪثر مضارع استعمال ٿيندو آهي. ۽ خاص ڪري شرطيہ جملن ۾ ائين ٿيندو آهي (ڏسو نمبر 98، 6)

# باب ڏهون

# The Moods

# صيغا

نمبر - 89

## I- The Indicative

## بياني يا اظهاري

اظهاري لفظ اهڙي ڪم يا سوچ جي حقيقت يا اصلي هجڻ ڏانهن اشاري لاءِ ڪتب ايندا آهن ۽ ان ڪري انهن جو استعمال رڳو حقيقت نہ پر مفروضي (شرطيہ جملن) ۾ بہ ٿيندو آهي. (ڏسو نمبر 98، 3). انڪري اظهاري يا بياني لفظ اهڙن جملن ۾ استعمال ٿيندا آهن، جتي ڳالهائيندڙ ڪا موضوعاتي حقيقت جنهن ڪي هو اصلي ۽ سچي سمجهي ٿو ۽ ان جو اظهار ڪندو هجي. جڏهن تہ انگريزي ٻوليءَ ۾ انهن صورتن لاءِ شرطيہ صيغو (Subjunctive Mood) ڪتب ايندو آهي.

- إنهي ڪَان دَرِيَاهَ جي سِيرَ ۾ ٻوَرِجَڻُ سوَ چَڱوَ آٿِس (ميٿيو 18، 6)

نمبر - 90

## II- The Potential

## امڪاني فعل

امڪاني فعل، جيئن اڳ ڏنو ويو هو تہ اصل ۾ پراڻو حال آهي ۽ تنهنڪري حال جي اظهار لاءِ ئي ڪم ايندو آهي ۽ اسم حاليہ، اسم مفعول ۽ معاون فعل هُئَڻُ جي امڪاني فعل مان حال مطلق ۽ ماضي قريب جا امڪاني زمان ٺاهي سگهجن ٿا، پر اهي صورتون ورلي ڪو استعمال ٿينديون آهن.

1) امڪاني فعل پنهنجي وسيع اظهار منجهان غير يقيني حالت، امڪان ۽ شڪ جي معنيٰ ڏيکاريندو آهي.

- پوءِ پَانيَان توَ آئُون توَ سَان گڏُ مَانِي کَان (املهہ ماٽڪ ص: 146)
- جيڏِيُون ڪِيئَن ڪَرِيَان مُون اُنِ سِين (شاهہ آبري VIII، پچاڻي)
- مُون ڪي هِيَ ڪَانِي نَ ڪَڍِهين (املهہ ماٽڪ ص: 148)
- سَرَا ڏِيٺوَارَنِ جي هَٿِ ڏِنَائَسِ جيسِين هي مُنهُن جوَ لَهڻوَ سَبُ ڀُڃَائي نَ ڏِئي (ميٿيو 18، 34)

2) امڪاني فعل ڪنهن اڪثر ٿيندڙ يا دائمي ڪم جي اظهار لاءِ بہ ڪم ايندو آهي.

- پَاڻِي پِئُو پَٽُ ڪَري سَڀُ سُڪَائِي سَرُ (نانگ جو قصو بيت 40)
- پَاڇَائِي نَہ پَاڙِيَان سَرتِيُون سُئِيَ سَان (شاهہ، عمر مارئي VI، 18)
- مُون سين هَلي سَا جَا جِيءُ مَنو ٿِي نَہ ڪَري (شاهہ، آبري VI، 2)

3) امڪاني فعل مودبانہ قسم جي امر جي معنيٰ ۾ گهڻو استعمال ٿيندو آهي، خاص ڪري ضمير متڪلم ۽ ضمير غائب واحد ۽ جمع لاءِ.

- مِيَان مُحَبَّتِن کي هَادِي هوَتَ مِلَن (مج 817)
- هُئِي مُبَارَڪَ مِڙني کي حَاصُلُ ڪَمُ ٿِئُو سَا حَاجَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي آکاڻي بيت 52)
- اَلَا اوَنِي آڳِيين جي نِيَاپَا نِيَن (شاهہ، عمر مارئي II، 9)
- سِگها آئِين سيگهَہ ۾ اِهَا خَبَرچَارَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 38)

4) امڪاني فعل حرف ندا شال، مان، حرف جملن مَ[1]، مَتَان، مَڇَڻُ، جِمَ، تَہ، جِيَ، جَان، جِيئَن، تَوڙِي، جي، جيڪَرَ، جيڪَڏِهِن (ڏسو نمبر 6، 98، 1) ۽ ظرف سان مثلاً هُوندَ، جيڪُسِ وغيره سان جڏهن جملو مبهم هجي تہ اهي سڀ استعمال ٿي سگهن ٿا.

- وِيجَ مَ ٻُڪِي ڏِي اَلَا چَڱِي مَ ٿِئَان (شاهہ، جمن ڪلياڻ II، 13)
- موَتِي مَگَڻهَارَ شَالَ نَہ اَچِين ڪَڏِهِين (شاهہ، سورٺ II، 9)
- ڪَاتِ تَہ پَوِين قَبُولَ ۾ مَچَڻُ پَوِيئِي گهٽِ (شاهہ، جمن ڪلياڻ II، 17)
- اِيئِين اَتَ اَنَاءِ جِيئَن هُوندِيَ رَاتِ هُتِ مَڙَان (شاهہ، ڪنيات II، 15)
- اِهَڙوَ ڪوَ چَالُ ڏِيوَ جوَ وَجِي اُنهي وَڳِي تي پيوَ (املهہ ماڻڪ ص: 150)
- ڏِيئِي جَانِ جَبَّارَ کي هُندَ ٿِئين پرِيَان پَارَ (شاهہ، سريراڳ III، پڄاڻي)

## نمبر - 91

## III- The Imperative

## امر

امر جو استعمال ضمير حاضر واحد ۽ جمع تائين محدود آهي، ٻين سڀني ضميرن ۾ امڪاني فعل (Potentials) کي ڪتب آڻڻ ضروري آهي. امر جا بہ قسم هوندا آهن، هڪ خالص امر ۽ ٻيو تمنائي/ دعائيہ (Precative) (ڏسو نمبر 44). امر مان حڪم جو اظهار ٿيندو آهي. جڏهن تہ دعائيہ مان عرض ڪرڻ جي معنيٰ نڪرندي آهي.

جڏهن امر سان گڏ انڪاري نشاني نہ لڳندي آهي تہ اتي ڪنهن ڪم لاءِ سختيءَ سان منع ڪرڻ مقصود هوندو آهي. جڏهن تہ مَ ڪنهن ڪم ڪان پرهيز يا روڪڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. تمنائي يا دعائيہ سان اڪثر مَ گڏ لڳندو آهي، پر تَہ بہ لڳي سگهي ٿو، جڏهن ارادو سختيءَ سان منع وارو هجي.

---

[1] نہ سان بہ مرڪب فعل استعمال ٿي سگهي ٿو.

شِينهَنِ چَيوَ تُون اَلڪوَ نَہ ڪَرِ (املهہ ماڻڪ ص: 151)

- ❖ سُومَرَا سَاهي تُنهن سَتِيَ وِجُهہ مَ سَنگهرُون (شاهہ، عمر مارئي III، 9)
- ❖ آءُ اوَرانهُون سُپرِين ڏُکِي ڏيج مَ ڏاگهُہ (شاهہ، آبري X، 5)
- ❖ جيڪِي پَاڪُ آهي سوَ ڪُتَنِ کي نہ ڏِجوُ (ميٿيو 7، 6)

2) جڏهن بہ امر حرف جملي تہ يا ٿان جي ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن تہ پهرئين امر جي حيثيت مفروضي واري (hypothetical) هوندي آهي.

- ❖ سِڳهَا موَتوَ سُپرِين وَجوَ تَان وَرِجَاهَ (مج 439)

# II- THE SYNTHETICAL part

## ترڪيبي حصو

## CONSTRUCTION OF THE SENTENCE AND CONJUNCTION OF SENTENCES

### جملن جي تشڪيل ۽ جملن جو ميلاپ

### حصو ٽيون

## THE SIMPLE SENTENCE

### سادو جملو

# باب يارهون

### نمبر - 92

## Subject and Predicate

### فاعل ۽ خبر (ڏيندڙ لفظ)

هر جملي ۾ هڪ فاعل ۽ ان جي خبر ڏيندڙ جو هئڻ لازمي آهي. فاعل اهو شخص يا شيء جنهن بابت ڪا ڳالهه ڪئي پئي وڃي ۽ خبر معنيٰ اهو جيڪو چيو پيو وڃي.

1) فاعل کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اساسي لفظ (اسم) يا صفت، ضمير ۽ انگ استعمال ڪري سگهجن ٿا. ان کي ان وقت ظاهر نہ ڪبو آهي. جڏهن اهو خالص ضمير (Personal Pronoun) هجي ۽ ان جي خبر ڏيندڙ (Predicate) فعل هجي، سواءِ اهڙي صورت جي جنهن ۾ ان تي زور پرائڻو ضروري هجي. مثال: ڏِسان تون ۽ آئُون ڏِسَان ٿو. فاعل کي هميشہ فاعلي حالت ۾ رکڻ گهرجي.

2) خبر ڏيندڙ (Predicate) جي اظهار لاءِ فعل، صفت (ڪردنت)، اساسي لفظ يا معاون فعل هُئَڻُ ۽ ٿِيَڻُ سان ڪنهن انگ جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.

خبر ڏيندڙ لفظ فاعل سان ٽن طريقن سان ملائي سگهجي ٿو.
الف) بياني جي صورت ۾ (Assertion): مثال: نينگر ٿي رُئي.
ب) سواليہ صورت ۾ (Interrogation): مثال: ڪير آيوَ؟
پ) حڪم (يا خواهش) جي صورت ۾ (Command): مثال وَڃُن (وڃ).

3) جڏهن فاعل ۽ خبر وارو لفظ اساسي لفظ يا ضمير هجن تہ انهن جي بهتر تشريح لاءِ ڪو اهڃاڻ (attribute) استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهو عام طرح صفت جو هوندو آهي، پر اضافتي حالت ۾ ڪو اساسي لفظ بہ ٿي سگهي ٿو، جنهن تي اضافتي حالت ۾ ٻئي ڪنهن اسم جو دارومدار بہ ٿي سگهي ٿو. مثال:

- وَڏو مَاڻهُو آيو يا هِيءُ وَڏو مَاڻهُو آهي.
- مُلڪَ جو ڏَڻِي مَرِي وِيو.
- مُلڪَ جي ڏَڻِيَ جو پُٽُ مَرِي وِيو.
- مَغرِبَ مُلڪَ جَا وِيندَا سَبُ مَرِي (نانگ جو قصو بيت 51)

4) جڏهن فاعل ۽ خبر ڏيندڙ لفظ اسم خاص، اساسي لفظ يا ضمير هجن تہ انهن جو بهتر اظهار ڪنهن ساڳئي قسم جي اسم لڳائڻ ذريعي ڪري سگهجي ٿو. مثال:

- چِينَ وِلاَيَتَ ڏُورِ آهي.
- هِيُ شَهَرُ ڪَرَاچِي آهي.

# باب ٻارھون

## نمبر - 93

## Concord of the Subject and Predicate

## فاعل ۽ خبر ڏيندڙ لفظ جو نهڪي اچڻ

1) جڏهن خبر ڏيندڙ لفظ فعل هجي تہ ان جو فاعل سان ضمير، جنس ۽ عدد ۾ نهڪي اچڻ ضروري هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان قاعدي جي سختيءَ سان پابندي ڪئي ويندي آهي، ايتريقدر جو جڏهن فاعل واحد صورت ۾ جمع جي معنيٰ رکندڙ هجي تہ بہ (ڏسو نمبر 63، 1، 2). واحد حالت ۾ فاعل البت خبر سان تڏهن ملائي سگهجي ٿو جڏهن انتهائي احترام ۽ ادب سان اظهار ڪرڻو هجي. (پيٽ لاءِ ڏسو نمبر 63، 3).

- مَاءُ پيءُ جوَ چوَڻُ آئُون نَہ ٿِي مونَٿايان (املھ ماڻڪ ص: 142)
- اُيَا پُڇَنِ پِرَ تَہ ڪِٿي مُحَمَّدُ ڪَارَڻي (نانگ جو قصو ص 15)

2) جڏهن خبر ڏيندڙ لفظ ڪو صفت، اسم، ضمير يا اساسي لفظ هجي ۽ جنهن مان مونث بہ نڪري سگهندو هجي تہ ان کي پنهنجي فاعل سان جنس، عدد ۽ حالت ۾ نهڪي اچڻ ضروري آهي. (ڏسو نمبر 14). (ساڳيءَ ريت هر منسوب ٿيل لفظ بہ پنهنجي اساسي لفظ سان جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو جنس، انگ ۽ حالت ۾ نهڪڻ گهرجي)

- تُنهُن جِي ڪَهڙِي مَرضِي آهي (املھ ماڻڪ ص: 140)
- مَٿون هِڪڙِي ٻَانهِي لَٿِي (املھ ماڻڪ ص: 140)
- سَيِنِي صَحَابَنِ سي ڏِٺَا جَڏَا اُوءِ جُوانَ (نانگ جو قصو بيت 17)
- ڪَا ٻِلي ٻَارَنِ سَانڍِي هُئِي ڪَنهِن رَنگَ وَڏي سين رَسَ (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 8)

# باب تيرهون

## نمبر - 94

## Enlargement of Sentences by a Near and Remote Object

## ڪنهن ويجهي يا ڏور مفعول سان جملي جو وڌاءُ

1) اهڙو فعل جيڪو پنهنجي فاعل جي خبر ڏيندڙ لفظ طور موجود هجي ان جا ٻه قسم هوندا آهن. جڏهن فاعل معروف صيغي ۾ هجي تہ فعل بہ معروف هوندو ۽ جڏهن فاعل مجهول هجي تہ فعل بہ مجهولي صيغي ۾ هوندو آهي.

فعل جي معروف صيغي جي ٽيڻي حيثيت ٿي سگهي ٿي: هڪ بي جنس (فعل لازم)، ٻيو فعل معروف (متعدي) يا ٽين حيثيت بالواسطہ ٿي سگهي ٿي. جڏهن ڪو عمل فاعل تائين محدود هجي تہ فعل بي جنس سڏائبو. مثال: **هُو وَيو ٿو.**

جڏهن فعل کي ڪنهن ويجهي مفعول يا مفعولي حالت جي ضرورت هجي تہ اهو معروف صورت ۾ هوندو. مثال: **هُنَ کي ٿو جهَلي.**

جڏهن فعل کي هڪ يا ٻن مفعولي حالتن جي ضرورت هجي تہ اهو بالواسطہ ٿيندو.

2) بي جنس عام طرح ڪنهن ڏورانهين مفعول يا مفعولي ثاني حالت تي حاوي هوندو آهي. مثال: **مُون کي ئہ ٿو وَڻي** پر ڪجهہ بي جنس فعل ڪنهن ويجهي مفعول (مفعولي حالت ۾) تي بہ حاوي ٿي سگهن ٿا. مثال:

- رَمِي هَلِيوَ سَا رَاهَ (عجائب بيت 44).

3) معروف فعل هڪ ويجهي مفعول (مفعولي حالت) تي حاوي ٿيندا آهن ۽ حالت جي مناسبت سان ڪڏهن ڏورانهين مفعول (مفعولي ثاني) تي بہ حاوي ٿي سگهن ٿا. مثال: **اُنَ کي مَانِي ڏِي.** معروف فعل ڪنهن ٻنهي مفعولي حالت تي حاوي ٿي سگهن ٿا، جنهن مان پهرئين مان ڪنهن ويجهي مفعول ۽ ٻئي مان منسوب ٿيل لفظ جي معنيٰ نڪرندي هجي. ان حالت ۾ پهريون مفعول عام طرح حرف جر **کي** سان ظاهر ڪيو ويندو آهي، جنهن جي ڪري اها هڪ رسمي جوڙجڪ جي صورت وٺي ٿي ۽ مفعول ۽ ان سان منسوب لفظ جو نهڪي اچڻ غائب ٿي ٿو وڃي. اهڙي ريت منسوب لفظ واحد جي بنا گردان صورت وٺي ٿو. حالانڪ جنهن مفعول ڏانهن اهو اشارو ڪري ٿو. اهو جمع صورت ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. ڪجهہ فعل ٻنهي حالت سببيءَ تي ضابطو رکن ٿا، هڪڙي ڪنهن شخص بابت ۽ ٻي ڪنهن شئي جي لاءِ مثال **پُڇَڻُ**. جيتوڻيڪ اهي حرف جر **کان** ۽ **کي** سان بہ ٺاهي سگهجن ٿا.

* ڪوڙهيَن کي سُنوَ ڪجوَ (ميٿيو 10، 3)
* جَانسِين ٿِي جِيَان ڪَاندڙ نَہ ڪَنديَس ڪوَ ٻيوَ (شاھ، عمر مارئي VII، 6)
* رَکِج روَزَا رَمضَانَ جَا زَرِ ڏَڪَاتُون ڏِيج (سون ورني الف ب 4، 7)

4) ٻي جنس فعل مان حاصل ڪيل بالواسطہ فعل گهٽو ڪري ويجهي، پر حالت پٽاندڙ ڏورانهين مفعول تي حاوي ٿي سگهن ٿا (ڏسو نمبر 69، 6) ۽ معروف فعل مان حاصل ڪيل بالواسطہ ٻن ويجهن مفعولن (ٻٽي مفعولي سببي حالت) کي پنهنجي ماتحت ڪندا آهن، جنهن مان پهرئين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ حرف جر کي استعمال ٿيندو آهي ۽ ٻيو اڻ ڦريل حالت ۾ رهندو آهي. (ڏسو نمبر 69، 5).

* وَئِي وَاٿهڙِنِ کي تُون پِيَارِي پَرَڪُ (شاھ، جمن ڪلياڻ IV، 7)

5) باقاعده مجهول فعل فقط معروف يا بالواسطہ فعلن مان ئي حاصل ٿيندا آهن. ڪجهہ ٻي جنس فعل ڪن صورتن ۾ مجهولي شڪل وٺي سگهن ٿا، پر انهن جي حيثيت ۾ فرق نہ ايندو آهي.

مجهولي جملي ۾ ويجهو مفعول (مفعولي حالت) کي فاعل ٺاهيو ويندو آهي. ۽ معروف جملن ۾ وري فاعل کي (Instrumental)[1] ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ ڏورانهون مفعول (مفعولي ثاني) حسب معمول پنهنجي جڳهہ قائم رکندو آهي.

جڏهن تہ مجهول فعل جي حال، ماضي استمراري ۽ مستقبل ۾ Instrumental جو استعمال نہ ڪيو ويندو آهي ۽ جي ممڪن نہ هجي تہ متعدي مجهول جي فاعل کي حرف جر ڳان جي مدد سان ظاهر ڪيو ويندو آهي.

مجهول فعلن ۾ فقط زمان ماضيءَ جو استعمال عام آهي ۽ جتي ممڪن هوندو آهي، اتي ٻيا زمان ٻي جنس فعل ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن. اسم مفعول (مجهول) پنهنجي فاعل سان عدد، حالت ۽ جنس ۾ نهڪي ايندو آهي. (ڏسو نمبر 93، 2) ۽ ٻي صورت ۾ سڄي جوڙجڪ کي رسمي طور ٺاهي سگهجي ٿو، جتي اسم مفعول ساڳئي وقت فاعل ۽ خبر ڏيندڙ (predicate) رکي سگهي ٿو ۽ اهڙي صورت ۾ مجهولي جملي جي اصل فاعل کي ڏورانهين مفعول طور حرف جر کي ذريعي ماتحت ڪرڻ ضروري آهي.

اهڙي رسمي فاعل جي جوڙجڪ هميشہ مجهول ۾ ٿيندي آهي، جتي هڪ معروف فعل هڪ ٻٽي مفعولي حالت تي حاوي هوندو آهي. (پهرين ويجهي مفعول ۽ ٻي ان جي منسوب لفظ تي)، ان صورت ۾ ويجهي مفعول کي حرف جر کي ذريعي ماتحت ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ ٻيو مفعول حالت ٻڌائيندڙ لفظ جي حيثيت ۾ واحد ۾ اڻ ڦريل رهي ٿو ۽ اسم مفعول سان نهڪي اچي ٿو.

۽ جڏهن ٻن ويجهن مفعولن تي بالواسطہ فعل حاوي هجي تہ پهرئين (جنهن ۾ شخص ڏانهن اشارو هجن) کي ڏورانهين مفعول طور ماتحت رکڻ لاءِ حرف جر کي لڳائڻ ضروري آهي، جڏهن تہ ٻئي کي فاعل جو درجو ملندو آهي، جيڪو اسم مفعول سان انگ ۽ جنس ۾ نهڪي ايندو آهي.

* تِيئَن مَاٿهوءَ جوَ پُٽُ ٻِ هِٿَنِ ڳَان ڏُڪوَئِبو (ميٽيو 17، 12)
* مَوتُ قَبُولِيوَ اُنِ ڏِنوَ جَنِ ڏُکِيءَ کي (شاھ، معذوري VII، 16)
* ڪِهَڙِي سَبَبَ سَڦِيَرُ ڪِئوَ اَوهَان کي آزَارَ (نانگ جو قصو بيت 24)
* پَاتِشَاهَ اَچِي صَيفُلَ وَزِيرَ کي اِهَا سَچِي ڳَالهِ ٻُڌَائِي (املھ ماڻڪ ص: 142)

[1] ڪنهن ڏگهي جملي ۾ جتي متعدي مجهول جو فاعل فعل کان ڪجهہ لفظن ذريعي الڳ ٿيل هجي تہ متعدي مجهول جي فاعل کي واضح رکڻ لاءِ ضميري پڇاڙيءَ سان ٻيهر لکيو ويندو آهي.

# باب چوڏهون

نمبر - 95

## Enlargement of the Sentence by a Nearer Definition of the Verb as Predicate

## فعل جي خبر ڏيندڙ لفظ (PREDICATE) خود فعل هجي تہ ان جي سمجهاڻيءَ سان جملي جو وڌڻ

ڪو بہ سادو جملو خبر ڏيندڙ لفظ جي سمجهاڻيءَ ذريعي چڱي ريت ڏگهو ڪري سگهجي ٿو.

1) گهڻو ڪري فعل جي سمجهاڻي هڪ يا وڌيڪ حالتن ذريعي ڪري سگهجي ٿي. مثال حالت مفعولي (Instrumental)، مفعولي سببي (وقت بابت) (Accusative)، اپادان (Ablative) ۽ مڪاني (Locative) ۽ ان ڪانسواءِ حرف جر لڳل اسمن ذريعي بہ لڳائي سگهجي ٿو

- ڪَنهن ٿاڻي مَنجهہ ڪوُ مَاڻهُو دَرِيَاهَ جي ڪَپَ تي پَنهِنجي ٻَاگَ سَاڻُ وِيٺوَ هو. (سنڌي ڪتاب ص: 59)
- اُهوَ پَنهَن جي وَڏِي ٻَاءُ ڪَان هِڪَڙِي وَرِهَ ڪَان پوءِ خُتَّابَ ۾ وَجَڻُ لڳوَ (سنڌي ڪتاب ص: 60).

2) فعل جي تشريح عام طرح ظرف سان بہ ڪري سگهجي ٿي (خاص ڪري وقت، مڪان ۽ طريقي جي معنيٰ وارا ظرف) ۽ ضمير سان حرف جر لڳائي بہ ڪري سگهجي ٿي.

- مُون ڪي هَاٿي ڪَا مَصْلَتَ ڏِي (املهہ ماڻڪ ص: 147).
- اِيئَن اَوَرِيَاڻُون پَاڻَ ۾ چوَڪَا مَهِينَا چَارِ (مج 235)
- سوَ بہ مُون وَٽِ آهي (املهہ ماڻڪ ص: 147)

# باب پندرهون

## نمبر - 96

## Omission of the Verb as Predicate

## خبر ڏيندڙ فعل جو حذف ٿيڻ

1) معاون فعل آهِيَان جيڪو صفت سان يا ان کانسواءِ خبر ڏيندڙ لفظ طور موجود هوندو آهي، اهو ڪن حالتن، خاص ڪري شاعريءَ ۽ ننڍن محاوراتي جملن ۾ حذف بہ ڪري سگهجي ٿو.

- جَا تُنهُن جي مَنَ ۾ سَا مُون ڳَالهِ سُڻاءِ (مج 45)
- اُونهوَ کُوهُ اُتِهين تَنهِن جوُ لَيِي نَہ تَرُ (نانگ جو قصو بيت 38)
- گِيدِي بِلوَ ڪَاٽي گِيدِي بِلوَ ڪَاٽي (سنڌي ڪتاب ص: 62)

2) اهڙا جملا جن ۾ ڪا بددعا يا پٽ جو اظهار هجي تہ خبر ڏيندڙ لفظ طور فعل عام طرح خارج ڪيو ويندو آهي، اهڙن جملن ۾ پَوَڻُ جو امڪاني فعل (Potential) استعمال ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

- کُهِ آتَڻُ بَنِ جيڏِيُون ڏِيرَاڻِيُون ڏُڻَارِ (شاه، سهڻي IX، پڃاڻي)
- کُهِ سي جِيئَڻُ ڏِينهَڙَا جي پِريَانِئي ڏَارَ (شاه، ديسي VII، پڃاڻي)

## حصو چوٿون

# THE COMPOUND SENTENCE

## مرڪب جملو

ٻن يا وڌيڪ جملن کي ملائي هڪ مرڪب جملو ٺاهي سگهجي ٿو. اهو ڪرڻ لاءِ هم آهنگي ۽ رابطي (coordination) يا ماتحتي (subordination) جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

# باب سورهون

## نمبر - 97

## I- Coordination of Sentences

## جملن جي هم آهنگي

1) ٻه يا وڌيڪ جملا پاڻ ۾ اهڙي ريت ملائي سگهجن ٿا جو اهي هڪ ٻئي کان آزاد رهي سگهن. ائين ڪرڻ لاءِ حرف عطف (copulative)، مخالفانہ (adversative)، ڌار ڪندڙ حرف جملو (disjunctive) ۽ فيصلہ ڪن (conclusive) جزن (ڏسو نمبر 59) ۽ منفي ظرف نہ نہ کي استعمال ڪندي يا انهن کان سواءِ بہ ٺاهي سگهجن ٿا.

- سَاجَنُ ميڙِيْسِ سُورَ سُکَ نہ ميڙِيْسِ سُپِرِينِ (شاهہ، آبري VII، 13)
- گهوَڙَا کٽِي هيٺِ بَڌوَ ۽ اُوهِين چَڙهِي هلو (املهہ ماڻڪ ص: 149)
- يَا لَنگهَائِنِ لَطِيفُ چَئي يَا ڌُرَان کَنِ دَانهَن (شاهہ، سهڻي VIII، 2)
- سُڌِ اَئَمِ پَرَ شَاهَہ صَاحِبَ ڳَالهِ کَرَڻَ کَان جَهلِيوُ آهي. (عبداللطيف جي زندگي ص: 44).

2) جملن ۾ ڪنهن ڌار ڪندڙ سوال (Disjunctive Question) ذريعي بہ رابطو پيدا ڪري سگهجي ٿو. ان جي پهرين حصي ۾ سوال کي جزي (particle) سان ظاهر نہ ڪيو ويندو آهي ۽ فقط ڳالهائيندڙ جي آواز مان اهو اظهار ٿيندو آهي. جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ جزو ڪِي يا ڪِ ان ڏانهن اشارو ڪندو آهي.

- سوَ تُونئِي آهِين ڪِ ٻئي جِي وَاٽَ ڏِسُون (ميٿيو 11، 3)

# باب سترهون

## نمبر - 98

## هم آهنگ جملن جو سسي هڪ جملو ٿيڻ: ٻن يا وڌيڪ فاعلن ۽ خبر ڏيندڙ لفظن جو نهڪي اچڻ

1) جڏهن ٻن يا وڌيڪ جملن ۾ ساڳيو فاعل (Subject) يا خبر ڏيندڙ لفظ (Predicate)، يا ساڳيو مفعول (Object) يا ٻوليءَ جي ڪا ٻي مشترڪ صنف موجود هجن تہ اهي ڳنڍيندڙ جزي (Conjunctive Particle) سان يا اُن کان سواءِ هڪ جملي ۾ ننڍيا ڪري سگهجن ٿا.

- سَائين سَلاَمَتَ سُپرِين موٽِي مُحِبَّ مِلَنِ (نانگ جو قصو بيت 21)
- جِنُ نَہ پُوتُ پَري آهِيَان آتُون اِنسَانُ (مج 639)
- ڪَهڙوَ تَہ وَڏوَ ٻَلِ ڪِ وِيڏِي (ميٿيو 23، 19)

  (معني: ڪهڙو وڏو هو ٻلُ (شڪتي) يا ويڏي (آسڻ)

- پَرَ گوَشَ اِهَا گُفتَارَ پيئِي حَسَنَ مِيرَ حُسِينَ جي (نانگ جو قصو بيت 75)

2) جڏهن جملي ۾ ٻہ يا وڌيڪ فاعل هجن جيڪي ساهہ وارين شين جو اظهار ڪندا هجن، تہ خبر ڏيندڙ فعل يا صفت (معاون فعلن هئڻ ۽ ٿيڻ سان) ڪي جمع ۾ رکيو ويندو آهي. جيڪڏهن فاعلن جي جنس ساڳي آهي تہ خبر ڏيندڙ لفظ انهن سان نهڪي ايندو ۽ جمع ۾ رکبو آهي، پر جڏهن اهي مختلف جنسن جا هجن تہ مذڪر ڪي فوقيت ڏني ويندي آهي.

جڏهن ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ فاعل ٻي جان شين (يا خيالن) جي معنيٰ ۾ هجن تہ خبر ڏيندڙ لفظ واحد صورت ۾ رکيو ويندو آهي، جنهن صورت ۾ اهو آخري فاعل سان نهڪي ايندو آهي يا ٻي صورت ۾ ان ڪي جمع صورت ۾ رکيو ويندو آهي. جڏهن اهي مختلف جنس جا هجن تہ مذڪر يا مونث جو جمع استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ ڪهڙي فاعل ڪي وڌيڪ اهميت ڏيڻي آهي.

۽ جڏهن ڪو منسوب لفظ (attribute) مثال صفت وغيره مختلف جنس جي اسم ڏانهن اشارو ڪندو هجي تڏهن بہ اهو ئي ساڳيو قاعدو لاڳو ٿيندو آهي.

- نَرُ ۽ مَادِي سِرجِيَا اُتَّسِ (سنڌي ڪتاب ص: 15)
- مَاءِ ۽ ڀَائُرَ ٻَاهِرِ بيٺَا آهِنِ (ميٿيو 12، 47)
- هِنَ ڍَنڍَ ۾ ڀَاڻِي ۽ مَڇِي ٿِيندِي (عبداللطيف جي زندگي ص: 17)
- پَرَ لاَئِق لشڪَرَ ڪي نَہ ٿوَ وِيرَ ٿِئي وِيسَاهُ (نانگ جو قصو بيت 72)

❖ هَنئَ حَويلِيُون حُجِرَا ڏُورَان جَان ڏِنَامِ (عجائب بيت 72)

❖ وِڄِڙِينِ وِيسَ وَسَڻَ جَا ڪِيتَا سَرَ سَاوَلِ ٿِيَا سَاوَا وِي (شاهه، سارنگ، IV پهاڻي)

❖ اَکِيُون مُنهُن مِهَارَ ڏِي جَنِ رَکِيُون جوَڙِي (شاهه، سهڻي V، 9)

❖ پوُکُون گُذِرگَاهَ عَالَمَ جَا اُنَ آبَ تي (نانگ جو قصو بيت 36)

3) جڏهن مختلف ماڻهن جا ٻه يا وڌيڪ فاعل ڪنهن جملي ۾ هجن ته ضمير متڪلم کي حاضر (يا غائب) کان اڳ رکيو ويندو ۽ ساڳيءَ ريت ضمير حاضر ضمير غائب کان اڳ رکندي فعل کي جمع صورت ۾ رکيو ويندو آهي.

❖ اَسِين ۽ فَرِيسِي گهڻَا رُوزَا ٿَا رَکُون (ميٿيو 9، 14)

# باب ارڙهون

نمبر - 99

## II- Subordination of Sentences

## جملن جي ماتحتي

ٻه يا وڌيڪ جملا اهڙي طرح سان ٻه جوڙي سگهجن ٿا جو اهي هڪ ٻئي کان آزاد نه هجن ۽ هڪ جملو ٻئي جي ڪنهن ڪميءَ جو پورائو ڪندڙ هوندو آهي. اهڙو جملو جيڪو ٻئي تي ان طريقي سان انحصار ڪندو هجي ته ان کي ماتحت جملو (subordinate sentence) سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪو جملو ان ذريعي مڪمل ٿيندو هجي ان کي مکيه جملو (main sentence) سڏيو ويندو آهي.

ڪنهن ماتحت جملي سان ڳنڍيندڙ جزن جي مدد سان ڪو ٻيو جملو ٻه ملي سگهي ٿو يا اهو ٻئي ڪنهن جملي کي پنهنجي ماتحت ڪري سگهي ٿو.

ماتحت جملي کي مکيه جملي سان ملائڻ لاءِ شرطيه جزي (subjunctive particle)، ضمير موصول ۽ ظرف يا ضمير استفهام ۽ ظرف استفهام ٻه استعمال ڪري سگهجن ٿا.

نمبر - 100

1) شرطيه جزي (Subjunctive Particle) ذريعي جملن جو ماتحت ٿيڻ:

اهڙا جزا (Particles) جن سان جملي کي ماتحت ڪري سگهجي ٿو، اهي آهن، شروعاتي حرف جملو (concessive)، مسلسل (هڪ ٻئي پويان) (consecutive)، بالواسطه (casual)، حتمي (final) ۽ شرطيه جزا (conditional).

الف) انهن مان پهرين ٽن جزن سان اظهاري يا بياني لفظ (indicatives) تڏهن ڪتب آڻڻ گهرجن جڏهن ڪو مثبت پهلو اجاگر ڪرڻو هجي جڏهن ته اظهار اگر مبهم ۽ غير يقينيءَ وارو هجي ته امڪاني فعل (Potential) استعمال ٿيندو ۽ حتمي جزن سان هميشه امڪاني فعل ئي استعمال ٿيندو آهي.

- تَوڙي ڪُسَن ڪَاتِ تَہ پِي سَاڳِي سَلِنِ ڪِي نَہ ڪِي (شاهہ ڪلياڻ II، 8)
- بَاتَاڙَ جوَ مَتوَ اِيترَوَ يُونءَ تي هَنيَائِين تَہ سَندُس مِجُ[1] مُنجِهيوَ (سنڌي ڪتاب ص: 58)
- اَللهَ اوَلاَ لاَهئين جَان سُجَاڻُون سَجُ (مج 205)

ب) شرطيه جملن (conditional sentences) ۾ ماتحت جملو (subordinate sentence) مکيه جملي کان اڳ ايندو آهي، پر جملي جو شرطيه حصو آخر ۾ ٻه اچي سگهي ٿو. ماتحت جملي جي شناخت لاءِ جزا جي، جيڪر ۽ جيڪڏهن جڏهن ته مکيه جملي لاءِ جزا ته ۽ تان استعمال ٿيندا آهن، پر انهن جو ترجمو نه ڪيو ويندو آهي.

---

[1] ميڃالو- مغز

5) جڏهن شرط کي ڪنهن ماضي متشڪي (Past Future) جي حوالي ۾ ٿيڻو هجي ته ان شرط جي پوري ٿيڻ کان اڳ ڪنهن ڳالهه جي اظهار لاءِ ماتحت جملي ۾ مضارع ۽ مکيه جملي ۾ زمان مستقبل جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

❖ جيڪَڏهِن مَخدُومُ صَاحِبُ شَاهُ صَاحِبَ کَان اَڳي وِصَالُ ڪَيوَ ته شَاهُ صَاحِبُ اَچي مَخدُوم صَاحِبَ جي جَنَازِي سَان حَاضِرُ ٿِيندوَ (عبداللطيف جي زندگي ص: 37)

❖ جي ڪنهن اچي سجاتس ته ان کي آئون ڏيندس (سنڌي ڪتاب ص: 59)

6) ماتحت جملي ۾ اڪثر شرطيه جزو جي خارج ڪيو ويندو آهي ۽ مکيه جملي کانسواءِ جيڪر جو خاموشيءَ سان استعمال ڪيو ويندوآهي؛ ۽ ان ڪري جيڪر جي معنيٰ تقريباً حرف ندا جي جزي مَانَ جهڙي ٿي ويندي آهي.

❖ پِرِيَمِ تُنهُن جي گُهاءِ مَرَان ته مَان لُهَان (شاهه، جمن ڪلياڻ I، 6)

❖ جيڪَرَ ڳُوٺِ هَلُون (املهه ماڻڪ ص: 151)

2) جملي کي ماتحت ڪرڻ لاءِ ضمير موصول (۽ ضمير مبهم جيڪو، جوڪو) ۽ ظرف جو استعمال، گهڻو ڪري ضمير جواب موصول جي برابر ٿيندو آهي. (نمبر 74 sq)

## نمبر - 101

ماتحت جملو مکيه جملي کان اڳ يا ان کان پوءِ به لڳي سگهي ٿو.

❖ وَرُ توئِيَ جوَ لُون ڏَاڏَاڻِ ڏِنَم جَا (شاهه، عمر مارئي VII، 3)

❖ جيڪوَ جُتَا توَ ڪيڏِي اُنَ جي گهرَ مَنجهه هُوندِ نَه تِي ٿِڪي (سنڌي ڪتاب، ص: 52)

❖ جِيئَن جِيئَن ٽَپي ڏِينهُن تِيئَن تِيئَن تَاٿِيَان پَنڌَ ۾ (شاهه، حسيني II، 14)

❖ جِتِ نَه پَکِي پيرُ تِتِ ٿِمکي بَاهَڙِي (شاهه، ڪاهوڙي II، 11)

❖ جَان ڪي ڪَنڌِيَ ڪَانهَ تَان تَاڻي ٻَڌِج تُرَهوَ (شاهه، حسيني VIII، 3)

## نمبر - 102

3) ضمير استفهام يا جزي ذريعي جملي جو ماتحت ٿيڻ:

ماتحت جملن جو تعارف عام طرح جزن ته، جو ۽ ڪِ سان ڪيو ويندو آهي، جن جو ترجمو نه ڪيو ويندو آهي.

❖ هَمِيرَن حِسَابُ، ڪهُ جَاڻَان ڪِيئَن ٿِئوَ (شاهه، عمر مارئي II)

❖ مُون شَادِيَ جوَ جَوَابُ ڏِي ته ڪِيئَن ڪَرِي اِئين (املهه ماڻڪ ص: 142)

❖ پَنهَن جي جِيءَ جوَ فِڪِرُ نَه ڪَرِيوَ جوَ ڇَا ڪَائِينداسِين ڇَا پِيئَنداسِين نَه پَنهَن جي سَرِيرَ جوَ ڪِ ڇَا پَهَرِينداسِين (مبتيو 6، 24)

# باب اوٺيھون

## نمبر - 103

## Abbreviation of Subordinate Sentences
## ماتحت جملن جا مخفف

**ڪنهن بہ ماتحت جملي ۾ تخفيف ڪرڻ لاءِ:**

1) اسم حاليہ يا اسم مفعول (نمبر 80، 81) کي صفت طور استعمال ڪري يا وڌيڪ عام طرح واحد مڪاني لفظ (Locative Singular) جي استعمال ذريعي ماتحت جملي ۾ تخفيف ڪري سگھجي ٿي ۽ ضرورت آھر لاڳاپيل يا ڳنڍيل ماتحت جملن جي مڪاني حالت لاءِ اسم استعمال ٿي سگھن ٿا، جنهن ۾ ھو جذب ٿي ويندا آھن.

- ❖ رُوئندي رَاتِ وِهَاءِ چِڪَاڻيندي ٻَنِيون (شاھ، جمن ڪلياڻ IV، 25)
- ❖ وَٽِتي ڏاڍي ڏُکَ ڪَنهِن ڪَنڌِيَ پَاسِ ڪِري پئي (ڪُئي ۽ ٻلي جي ڪهاڻي، بيت: 29)

2) ماضي معطوفي اسم مفعول عطف (Past Conjunctive Participle) جي استعمال ذريعي بہ ماتحت جملي ۾ تخفيف ٿي سگھي ٿي.

- ❖ هوَتُ پُنهُون ٿا نِينِ ٻَاروَچِي ٻوَلِي ڪِئوَ (شاھ، ديسي II، 13)

# باب ويهون

## نمبر - 104

## Indirect Oration[1]
## بيان جو اڻ سڌو انداز

جڏهن ڪنهن شخص جا لفظ يا خيال ان ئي انداز ۾ ظاهر ڪجن جيئن هن چيا هئا تہ بيان جو اهو انداز سڌو سنئون سڏائبو آهي. (Direct Oration) پر جڏهن ان جو اظهار ان جي مفهوم جي حوالي سان هجي تہ اهو (Indirect Oration) انداز سڏبو آهي.

سنڌيءَ ۾ اڻ سڌو بيان مروج نہ آهي ۽ ڪنهن شخص جي خيالن يا لفظن جو اظهار سڌو سنئون ڪيو ويندو آهي، جنهن لاءِ عام طرح جزو تہ استعمال ڪيو ويندو آهي.

- يَانيَانئِين ٿي تَہ ڪَنهِن پَرِ گُسَائي نِڪِري وَڃَان (عبداللطيف جي زندگي ص: 20)
- جَان ڏِسي تَہ پِٽَ وَٽِ بِينو آهيان (عبداللطيف جي زندگي ص: 21)
- جي پَائِين تَہ پرِينِ مِڙَان تَہ سِڪَ ڇوَرَائِڪِي لَاتِ (شاھ، جمن ڪلياڻ II، 8)

[1] جديد انگريزي گرامرن ۾ Indirect Speech لکيل آهي (مترجم)

# APPENDIX-2 ضميمو-2

## سنڌي ڪئلنڊر (جنتري)

سنڌ جا مسلمان محمّد (صلعم) جي مڪي کان مديني ڏانهن هجرت کان قمري مهينن جي سلسلي جو استعمال ڪندا آهن ۽ ان ڪري ان زماني جي سالن لاءِ لفظ 'هِجرِي'[1] استعمال ٿيندو آهي. معتبر ترين ذريعن ۾ ان جي شروعات 18 جولائي 622 عيسوي جي تاريخ ٻڌائي وڃي ٿي. انهيءَ جا مهينا هر نئين چنڊ جي نظر اچڻ تي شروع ٿيندا آهن ۽ هڪ مهينو 30 ڏينهن جو ۽ ايندڙ 29 ڏينهن جو ٿيندو آهي، جيڪو ڪل 354 ڏينهن ۽ 9 ڪلاڪن ۾ پورو ٿيندو آهي؛ ۽ انڪري هر (عيسوي) نئين سال جو پهريون ڏينهن اڳئين سال جي ساڳئي ڏينهن کان يارنهن ڏينهن پهرين ايندو آهي.

موسمن سان پورو اچڻ لاءِ سنڌي هر ٽئين سال ڪانپوءِ هڪ اضافي مهينو جنهن کي 'لُنڊُ' مهينو چيو ٿو وڃي ان جو اضافو ڪندا آهن، جيڪو اهڙي مهيني ۾ ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ راس منڊل (Zodiac) ۾ ڪو نئون سج داخل نہ ٿيندو هجي.

انهن قمري مهينن جي نالن لاءِ پڙهيل مسلمان عربي نالن جي سرشتي جي پوئواري استعمال ڪندا آهن، پر عام ماڻهو انهن مان فقط انهن مهينن جي نالن جو ڪندا آهن، جن جي ڪا مذهبي اهميت هجي ۽ باقي مهينن کي هندو مهينن سان ئي ياد ڪندا آهن.

**عربن جا قمري مهينا**

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1) مُحَرَّمُ يا مَحَرَمُ | = | 30 | ڏينهن |
| 2) صَفَرُ | = | 29 | ڏينهن |
| 3) رَبِيعُ الْاَوّلُ | = | 30 | ڏينهن |
| 4) رَبِيعُ الثّانِي/ ربِيعُ الآخِرُ | = | 29 | ڏينهن |
| 5) جمادي الاول | = | 30 | ڏينهن |
| 6) جمادي الثاني/ جمادي الآخر | = | 29 | ڏينهن |
| 7) رجب | = | 30 | ڏينهن |
| 8) شعبان | = | 29 | ڏينهن |
| 9) رمضان | = | 30 | ڏينهن |
| 10) شوال | = | 29 | ڏينهن |
| 11) ذي القعد/ ذي قعده | = | 30 | ڏينهن |
| 12) ذي الحجّه/ ذي حجّ | = | 29 | ڏينهن |

[1] هڪ ٻيو زمانو جنهن جو اثر هندستان جا مسلمان استعمال ڪندا آهن، اهو "فَصلِي" زمانو سڏبو آهي ۽ اهو پرنسپ (Prinsep) موجب سال 592 3/4 عيسويءَ کان شروع ٿيندو آهي.

هندو شمسي (solar) سال ۽ قمري- شمسي (luni-solar) مهينن جي سرشتي جي پوئواري ڪندا آهن. اهي وِڪرماجيتُ تي هلندا آهن، جنهن کي سَنبَتُ (سنسڪرت سنوت) سڏبو آهي، جيڪو عيسوي سال 57 ۾ ڪَتِي جي مهيني سان شروع ٿئي ٿو يا وري شَالِوَاهَڻَ زماني جنهن کي شَاڪُ (سنسڪرت شاڪ) چئبو آهي، ان جي پيروي ڪندا آهن. اهو زمانو سال 78 عيسويءَ کان هلي ٿو ۽ چيٽ جي مهيني کان شروع ڪندا آهن.

هندو سال ٻارنهن برابر حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪو اسانجي شمسي مهينن سان تقريباً ملندڙ جلندڙ آهي. (هندو توڙي مسلمان) هر هڪ مهينو ٻن حصن ۾ ورهائيندا آهن يعني (ڀُکُ ۽ ڀُڄُ _ قمري 15 ڏينهن) جيڪي ڀهرين کان پوري چنڊ تائين (سُدِي) ۽ پوري چنڊ کان نئين چنڊ تائين (ٻَدِي) ۾ ورهايل آهن. انهن ٻنهي حصن جون تاريخون (تِٿِ يعني قمري تاريخ) هر هڪ 15 ڏينهن تي مشتمل هونديون آهن.

**هندن جا شمسي مهينا**

- **چيٽُ**: مارچ جي وچ کان اپريل جي وچ تائين.
- **وِيسَاکُ**: وچ اپريل کان وچ مئي تائين
- **جيٺُ**: وچ مئي کان وچ جون تائين
- **آکَاڙُ**: وچ جون کان وچ جولاءِ تائين
- **سَاوَڻُ/ سرَاڻُ**: وچ جولاءِ کان وچ آگسٽ تائين
- **بَڊِرو**: وچ آگسٽ کان وچ سيپٽمبر تائين
- **اَسُو**: وچ سيپٽمبر کان وچ آڪٽوبر تائين
- **ڪَتِي**: وچ آڪٽوبر کان وچ نومبر تائين
- **نَاهَرِي/ نَهَرِي/ مَنگهِرُ**: وچ نومبر کان وچ ڊسمبر تائين.
- **پوَهُ**: وچ ڊسمبر کان وچ جنوري تائين.
- **مَاگهُ**: وچ جنوري کان وچ فيبروري تائين.
- **ڦاڳُ يا ڦَڳڻُ**: وچ فيبروري کان وچ مارچ تائين.

هندو اسان وانگر ڏينهن جي شروعات اڌ رات (12 بجي رات) جو ڪندا آهن. جڏهن ته مسلمان اڳين شام کان ڏينهن جي شروعات ڪندا آهن. ان ڪري ڪنهن مسلمان لاءِ ڪنهن ڏينهن جي رات دراصل ان کان اڳئين ڏينهن جي رات هوندي آهي. مثال جمعي جي رات جو مطلب اسان جي مطابق خَميس جي رات ٿيندي. هفتي جي مختلف ڏينهن جا نالا ٻہ هندن ۽ مسلمانن ۾ ڪجهه فرق رکن ٿا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

| انگريزي | هندو | مسلمان |
|---|---|---|
| SUNDAY | آرتَرُ¹ | آچَرُ |
| MONDAY | سُومَرُ | سُومَرُ ۽ سُومَارُ |
| TUESDAY | مَنگلُ | آگارو |
| WEDNESDAY | ٻُڌُرُ | اَربَع |
| THURSDAY | وِسپَتِ | خَميسَ |
| FRIDAY | شُڪرُ، ٿارُو يا ٿانورُ | جُمعو، جُمَوَ |
| SATURDAY | ڇَنڇَرُ | ڇَنڇَرُ |

¹ يا آڏتوارُ، آئتوارُ يا آرتوارُ

# APPENDIX II.

## SURVEY OF THE DIFFERENT SINDHI-ARABIC ALPHABETS.

| The Alphabet used in this Grammar (Hindūstānī). | The Government Alphabet. | The old Sindhi Alphabet. | Roman Characters. |
|---|---|---|---|
| ا | ا | ا | a |
| ب | ب | ب | b |
| ٻ | ٻ | ٻ | b̄ |
| بھ | ڀ | ڀ | bh |
| ت | ت | ت | t |
| تھ | ٿ | ٿ | th |
| ٹ | ٽ | ٽ | ṭ |
| ٹھ | ٺ | ٺ | ṭh |
| ث | ث | ث | ʂ |
| پ | پ | پ | p |
| پھ | ڦ | ڦ | ph |
| ج | ج | ج | j |
| ڄ | ڄ | ڄ | j̄ |
| جھ | جھ | ڃ | jh |
| نج | ڃ | نج | ń (ny) |
| چ | چ | چ | č |
| چھ | ڇ | ڇ | čh |
| ح | ح | ح | ḥ |
| خ | خ | خ | χ |
| د | د | د | d |
| دھ | ڌ | ڌ | dh |
| ڈ | ڊ | ڊ | ḍ |
| ڏ | ڏ | ڏ | ḏ |

| The Alphabet used in this Grammar (Hindūstānī). | The Government Alphabet. | The old Sindhī Alphabet. | Roman Characters. |
|---|---|---|---|
| ڐھ | ڍ | ڍ | ḍh |
| ذ | ذ | ذ | δ |
| ر | ر | ر | r |
| ڙ | ڙ | ر | ṛ |
| ز | ز | ز | z |
| س | س | س | s |
| ش | ش | ش | ś |
| ص | ص | ص | ṣ |
| ض | ض | ض | ẓ |
| ط | ط | ط | ṭ |
| ظ | ظ | ظ | δ̣ |
| ع | ع | ع | ʿ |
| غ | غ | غ | γ |
| ف | ف | ف | f |
| ق | ق | ق | q |
| ڪ، ک | ڪ | ک، ڪ | k |
| کھ | ک | ک | kh |
| گ | گ | ک | g |
| ڳ | ڳ | ک | ḡ |
| گھ | گھ | ک | gh |
| نگ | ڱ | نک | (ng) ṅ |
| ل | ل | ل | l |
| م | م | م | m |
| ن | ن | ن | n |
| ڹ | ڻ | ن | ṇ |
| و | و | و | v |
| ھ | ھ | ھ | h |
| ي | ي | ي | y |

هن گرامر ۾ ڪيترائي اهڙا انگريزي لفظ استعمال ٿيل آهن جن مان ڪي عام استعمال جا ۽ ڪي گرامر جا اصطلاح آهن جن جا مترادف ۽ متبادل لفظ پڙهندڙن جي سهولت لاءِ ڏجن ٿا.

## A

| | |
|---|---|
| Ablative | حالت اپادان |
| Ablative Termination | اپادان پڇاڙي |
| Absolute | مطلق، خالص، اصلي |
| Abstract Affix | مجرد ڳنڍ/ جوڙ |
| Abstract Noun | اسم ذات |
| Accusative Case | حالت مفعولي سببي |
| Active Verb | معروف فعل |
| Active Voice | معروف صيغو |
| Adjective | صفت |
| Adjective (Numeral) | عددي صفت |
| Adverbial Affix | ظرف ڏيکاريندڙ ڳنڍ/ جوڙ |
| Adverb | ظرف |
| Adversative | مخالفانہ |
| Affirmative | اثباتي |
| Affix | ڳنڍ/ جوڙ |
| Agent | متعدي مجهول جو فاعل |
| Agent Case | فاعلي حالت (متعدي مجهول جي) |
| Agent Plural | متعدي مجهول فاعلي جمع |
| Agent Singular | متعدي مجهول فاعلي واحد |
| Aggregate | مجموعي رقمي صورت، ڪل جوڙ |
| Alliteration | تجنيس حرفي |
| Alphabet | آئيوينا، الف ب |
| Alveolar | مهاروان (مهارن وارا) |
| Analogy | مشابهت، مناسبت |
| Analytic | تشريحي- تجزياتي |

| | |
|---|---|
| Anasvara | انوسوار (نڪ مان نڪرندڙ آواز، غني وارو) |
| Anasvara Principle | گھٽائڻ جا قاعدا |
| Annotation | سمجھاڻي، نوٽ |
| Antonym | ضد- متضاد |
| Appellation | لقب، نالو |
| Appellatives | اسم عام |
| Appendix | ضميمو- اضافي مواد |
| Apposition | ٻن اسمن جي هڪ حالت (عطف) |
| Arithmetics | انگي حساب |
| Article | حرف تنڪير (جزو) |
| Aspirated | وسرڳ |
| Aspirated Cerebral | موردني وسرڳ آواز |
| Aspiration | وسرڳائي |
| Assertive | اقراري |
| Assimilation | ادغام- سَنڌِي |
| Assimilation of Nasals | گھُٽن آوازن جو ادغام |
| Attribute | اهڃاڻ، منسوب ڪرڻ |
| Attributives | لاڳاپيل لفظ، منسوب لفظ |
| Auxiliary | معاون |
| Aversion of Aspirate | وسرڳ جو منجھڻ |

## B

| | |
|---|---|
| Banya Characters | واڻڪا اکر، لنڊا اکر |
| Base | بنياد، ڏاتو |
| Bilabial | ٻچپوان |

## C

| | |
|---|---|
| Cardinal Numerals | شماري انگ |
| Case | حالت |
| Case Affixes | حالتي نشانيون |
| Casual Verb | فعل بالواسطه |

| | |
|---|---|
| Cerebral | مورڌني |
| Co ordinate | ملائيندڙ بيهڪ، مساوي، هم آهنگ ڪرڻ |
| Collective | اجتماعي، گڏيل |
| Commendation | تعريف |
| Comparative | صفت تفضيل/ نسبتي |
| Completive | پورائي ڪندڙ فعل |
| Composition | تصنيف، بناوٽ، جوڙجڪ |
| Compound Letters | مرڪب اکر |
| Concessive | فقري- اڌ جملو |
| Conclusive | فيصلہ ڪن |
| Concord | مطابقت، نهڪڻ |
| Concordance | عدد، جنس وغيره جو نهڪڻ |
| Conditional | شرطيہ |
| Conjugation | متصل فعلي ڦيرا |
| Conjunct Consonant | ڳنڍيندڙ حرف صحيح |
| Conjunction | حرف عطف/ حرف جملو |
| Conjunctive / Conjunction | ميلاپ/ ڳنڍيندڙ |
| Conjunctive Participle | ماضي معطوفي يا اسم عطف |
| Consecutive | مسلسل، هڪ ٻئي پٺيان |
| Consonant | وينجن- حرف صحيح |
| Contraction | سسڻ، سوڙهو ٿيڻ، اڌ اکري |
| Coordination | ميلاپ/ هم آهنگي، رابطو |
| Copulative | حرف عطف ملائيندڙ |
| Co-Relative Pronoun | ضمير جواب موصول |
| Corresponding | لاڳاپيل- برابر |

## D

| | |
|---|---|
| Dative | مفعول ثاني (حالت) |
| Decimal | ڏهائي |
| Declention | گردان- اسم جو ڦيرو |
| Definitive | مستقل، مطلق، مدامي |

| | |
|---|---|
| Demonstrative Pronoun | ضمير اشارو |
| Demonstrative Proximate | ضمير اشارو ويجهو |
| Demonstrative Remote | ضمير اشارو ڏور |
| Dental | ڏندوان |
| Diacritical Marks | اعراب، زيرون، زبرون ۽ اهڙيون نشانيون |
| Diminutive | اسم تصغير- مخفف |
| Diminutive Affix | تصغيري اڳياڙي يا پڇاڙي |
| Disapprobation | ناراضگي- ناخوشي |
| Disjunctive | جدا ڪندڙ حرف جملو |
| Double Consonant | ٻٽو وينجن |
| Durative Future | زمان حال متشڪي |

## E

| | |
|---|---|
| Effeminate Population | هلڪا يا نسواني طرح جا اچار |
| Elision | ڇانٽي ڇيڻ، ڪر ڇي وڃڻ |
| Epenthesis | آواز جو مٽجڻ |
| Era | جُڳ، زمانو، دور |
| Etymology | لفظن جو بنياد/ ذاتو جو علم |
| Euphonic Insertion | اکري ميلاپ |
| Euphony | ادغام يا سَنڌي موجب آوازن جو اچار مٺو ڪرڻ |

## F

| | |
|---|---|
| First Person | متڪلم |
| Formative | تشڪيلي- جوڙجڪ ۾ ڪم ايندڙ |
| Fractional Numerals | ڀاڱن وارا انگ- جزوي انگ |
| Frequentive | وري وري ايندڙ جزا |
| Future Passive Participle | اسم استقبال مجهول |

## G

| | |
|---|---|
| Gender | جنس |

| | |
|---|---|
| Genitive | حالت اضافت |
| Gerund | اسم مصدر |
| Glottal | گلي وارا |
| Guna Vowels | گهٹا سر |
| Guttural | ڪنٺي، نڙيءَ مان نڪرندڙ |

## H

| | |
|---|---|
| Habitual Past | ماضي مدامي |
| Hiatus | وٿي- وچوٿي |

## I

| | |
|---|---|
| Idiomatic | محاوراتي |
| Imperative | امر |
| Imperfect | استمراري، جاري |
| Impersonal | غير شخصي |
| Inceptives | شروع/ آرنڀ ڪندڙ |
| Indeclinable | اڻ ڦرندڙ- بي گردان |
| Indefinite | غير مطلق، عام، سادو |
| Indefinite Article | غير معروف جزو |
| Indefinite Pronoun | ضمير مبهم |
| Indicatives | اشاري وارا- اظهاري- بياني |
| Indigenous | مقامي، اصلوڪو |
| Indirect | اڻ سڌو |
| Infinitive | مصدر |
| Inflective | گرداني |
| Inflexion | گردان (فعل جو) |
| Insertion of Vowel | سر جو اضافو |
| Instrumental | حالت مفعولي جيڪا ڪنهن وسيلي ذريعي ٿئي. |
| Intensives | زور ڀرائيندڙ |
| Intercalary | اضافي عمل- داخل ڪيل |

| | |
|---|---|
| Interjection | حرف ندا |
| Interjectional Adverb | حرف ندا طور ڪم ايندڙ ظرف |
| Interrogative | ضمير استفهام |
| Intonation | جهيلار |
| Intransitive | فعل لازمي |

**J**

| | |
|---|---|
| Junction Vowel | ملائيندڙ سر— ڳنڍيندڙ |

**K**

| | |
|---|---|
| Kindred Dialect | ڀينر ٻوليون/ لهجا |

**L**

| | |
|---|---|
| Liquid Pronunciation | روان آوازن جهڙوڪ ل ۽ ر جا اچار |
| Lunar (Month) | قمري (مهينو) |

**M**

| | |
|---|---|
| Mood | ڀيهڪ، حالت، حالت ٻڌائيندڙ / طريقو، صيغو |

**N**

| | |
|---|---|
| Nasal | انوناسڪ (نڪ مان پر گهٽا نه) |
| Nasalized | انوسوار (گهٽا- غنه) |
| Nominative Singular | حالت فاعلي واحد |
| Noun of Agency | متعدي مجهول جو اسم |
| Numerals | انگ/ عدد |

**O**

| | |
|---|---|
| Object | مفعول |
| Oblique Case | مفعولي حالت |
| Old Present | زمان مضارع (آڳاٽو زمان حال) |
| Optative | دعائيه- تمنائي |
| Oration | بيان، اظهار |

# P

| | |
|---|---|
| Palatal | سخت تارونءَ وارا چار |
| Palatal Sibilant | سخت تارون وارو گهڪيدار آواز |
| Participial Termination | ڪردنتن ناهڻ لاءِ پڇاڙيون يا نشانيون |
| Particle | حرف، جزو |
| Passive Verb | مجهول فعل |
| Passive Voice | مجهول وارو صيغو |
| Past Continuous | ماضي استمراري |
| Past Indefinite Tense | زمان ماضي |
| Past Participle | اسم مفعول |
| Past Perfect | ماضي بعيد |
| Past Perfect Continuous | مڪمل ماضي استمراري |
| Peninsula | اپپيٽ |
| Perfect (Past) | ماضي بعيد، ماضي مطلق |
| Personal Pronoun | ضمير خالص |
| Phonetic Change | صوتياتي تبديلي |
| Phrases | مختصر فقرا |
| Pluperfect | ماضي بعيد |
| Possessive | مالڪي ڏيکاريندڙ- اضافتي |
| Possessive Noun | اضافت وارو اسم |
| Post Velar | نرم تارون ڪان پويان اچار |
| Postposition | حرف جر |
| Potentials | امڪاني فعل |
| Preceding Vowel | اڳ ايندڙ سر |
| Predicate | خبر- خبر ٻڌائيندڙ لفظ |
| Preposition | حرف جر |
| Present Imperfect | حال استمراري |
| Present Partitiple | اسم حاليه |

| | |
|---|---|
| Present Perfect | ماضي قريب |
| Preterite Participle | ڪردنت (ماضيءِ وارو) |
| Principal Parts | مکيہ جزا |
| Pronominal Base | ضميري بنياد |
| Pronominal Suffixes | ضميري پڇاڙيون |
| Pronoun | ضمير |
| Proportional | نسبتي، مناسبت سان |
| Provincial | (گرامر ۾) علائقائي |

## R

| | |
|---|---|
| Reconjuctional Pronoun | متبادل ضمير |
| Reduplicative | ٻٽو ٿيندڙ، وري وري ايندڙ |
| Reflexive Pronoun | ضمير مشترڪ |
| Relative Pronoun | ضمير موصول |
| Remark | تبصرو |
| Root Vowel | ذاتو- سر |

## S

| | |
|---|---|
| Sandhi | سنڌي/ ادغام جي ڪم آڻڻ سان لفظن جي صورت ۾ تبديلي |
| Scythian | سٿين قوم |
| Second Person | ضمير حاضر |
| Sibilant | گهڪيدار آواز (س ش ز) |
| Simple Base | سادو ذاتو يا بنياد |
| Simple Sound | سادو آواز |
| Singular Ablative | حالت اپادان جي واحد صورت |
| Solar | شمسي |
| Sonant | ڌماڪيدار |
| Spiritus | وسرڳائي جي علامت هه |
| Sub-Dialects | ننڍا لهجا/ اپڀاشائون |
| Subject | فاعل |

| | |
|---|---|
| Subjunctive Mood | تمنائي صيغو |
| Subordination | ماتحت- ماتحتي، زيردستي |
| Substantive | اساسي- وجودي (اسم) |
| Suffix | پڇاڙي |
| Superlative | صفت مبالغو |
| Syllabic Division | پد جي ورهاست |
| Syllable | پد |
| Syntax | علم نحو، نحوي ترڪيب، جملن جي بناوٽ |
| Synthetical | ترڪيبي |

## T

| | |
|---|---|
| Tenuis- A consonant is a stop or affricate which is unvoiced and unglottalized. | اهڙو وينجڻ جيڪو اچارڻ ۾ نڙيءَ مان آواز نٿو ڪري. |
| Third Person | ضمير غائب |
| Transitive Verb | متعدي فعل |

## U

| | |
|---|---|
| Unadi Vowels | |
| Union Vowel | ملائيندڙ سر |

## V

| | |
|---|---|
| Velar | نرم تارون وارو آواز |
| Vocative | حالت ندا |

## Z

| | |
|---|---|
| Zodiac | راس منڊل- راس چڪر |

(اصل ڪتاب جو اندريون سر ورق)

# GRAMMAR

OF THE

# SINDHI_LANGUAGE.

COMPARED

WITH THE SANSKRIT-PRAKRIT AND THE
COGNATE INDIAN VERNACULARS,

BY

DR. ERNEST TRUMPP.

Reprint of the edition 1872

BIBLIO VERLAG · OSNABRÜCK · 1970

# GRAMMAR
## OF THE
# SINDHI _ LANGUAGE

COMPARED
WITH THE SANSKRIT - PRAKRIT
AND THE COGNATE INDIAN VERNACULARS

By

*Dr. Ernest Trumpp*

Translated by

*Dr. Amjad Siraj Memon*

Transliteration and Revision

*Vali Ram Vallabh & Dr. Fahmida Hussain*

**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY**

**HYDERABAD, SINDH**

2017 AD.

# GRAMMAR
## OF THE
# SINDHI LANGUAGE

Dr. Ernest Trumpp

*Sindhi Translation*

Dr. Amjad Siraj Memon

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

ISBN 978-9-6962507-9-1